# هاري انقلاب



باباءِ سنڌ

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

# هاري انقلاب

باباءِ سنڌ

**ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي**

مرتب:

**ڪامريڊ اظهر جتوئي**


پاران:

**سنڌ هاري ڪاميٽي**

حيدرآباد, سنڌ- 2012ع

حق ۽ واسطا سنڌ هاري ڪاميٽيءَ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: هاري انقلاب
مرتب: ڪامريڊ اظهر جتوئي
ڇاپو: پهريون
سال: 2012ع
ڇپائيندڙ: ڪامريڊ اظهر جتوئي
صدر سنڌ هاري ڪاميٽي
ايڊريس: باباءِ سنڌ هائوس بنگلو نمبر_10
غلام شاهه ڪلهوڙا ڪالوني حيدرآباد سنڌ پاڪستان
پاران: سنڌ هاري ڪاميٽي
قيمت: 500 روپيا

All rights reserved with Sindh Hari Committee

# Hari Inqilab

Compiled by: ***Azhar Jatoi***
Edition: First
Year: 2012
Published by Sindh Hari committee
Baba-e-Sindh House, Bungalow #10,
Ghulam Shah Kalhora colony Hyderabad Sindh Pakistan
jatoiAzhar@yahoo.com
Mobile# 0345-3489957 / 0300-9375419
Price: Rs. 500-00

# ارپنا

پهرين شهيد انقلابي هارياڻي

**عورت شهيد مائي بختاور**

جي نانءُ ڪتاب هاري انقلاب، جنهن سامراج سان تاريخي مزاحمت ڪندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو ۽ هاري مزدور طبقي لاءِ جدوجهد ڪندي شهادت پيش ڪئي.

- ڪامريڊ اظهر جتوئي

# سنڌاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | باباءِ سنڌ | ڪامريڊ اظهر جتوئي | 7 |
| 2. | هاري انقلاب | باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي | 21 |
| 3. | هاري ڪهاڻيون | مرتب: حيدر بخش جتوئي | 108 |
| 4. | هاري گيت | مرتب: حيدر بخش جتوئي | 249 |
| 5. | زميندار شاهي عرف ڪمدار جا ڪارناما | مرتب: حيدر بخش جتوئي | 311 |
| 6. | چونڊ يا غنڊا گردي | مرتب: حيدر بخش جتوئي | 358 |
| 7. | سنڌ هاري ڪاميٽي رپورٽ | | 366 |
| 8. | البم | | |

جيئي هاري ۽ مزدور جيئي هارياڻي پرنور،
پورهيو اندر صبح شام جيئي سنڌ جيئي سنڌ

# باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي

شاهہ لطيف ڀٽائي گهوٽ جي ماروئڙن جي سون جهڙي زرخيز سهڻي ڌرتي سنڌڙيءَ جي سيني تي جهڙي طرح دادلو سنڌو درياه محبت امن ۽ سک جون ويرون ۽ کيرون وڌايون ٻيو وڏائي تهڙي طرح ڌرتي ماتا جي سينڌ سنوارڻ لاءِ ازل کان اديب، عالم، ڏاها سرويچ، جوڌا دودا، دولهہ درياءَ خان، سورهيہ سالار، مخدوم بلاول،هوشو شاهہ عنايت شهيد، سچل ۽ سامي صدين ۾ پيدا ٿيندا رهيا تہ وري اڄ جي صدي ۾ اونداهي جيون گهاريندڙ مجبور بيوس پر سگهاري قوت رکندڙ هر ڪاهي تتي ٿڌيءَ زمين جو سينو چيري پوک اپائيندڙ هاري کي روشن دنيا ڏيکاريندڙ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جهڙا رهبر بہ پيدا ٿيا، جيڪي پاڻ ملهائي تاريخ جو امر ۽ سونهري باب ٻڌجي ويا. هي سنڌ جو اهو اڳواڻ هو جنهن تاريخ سان بغاوت ڪري پنهنجي ئي طبقي سان جنگ جوٽي، جاگيردار نواب، سردار ۽ وڏيري جي ڏاڍ، ظلم، جبر ۽ قهر خلاف محاذ سنڀاليو بک، بيماري، مفلسي ۽ ڏک ۾ پسجندڙ هارين کي سنڌو جي ڀلاري ڀونءِ تي شان ۽ مان سان جيون گهارڻ جو حوصلو ۽ پيغام ڏنو ڪلهہ جي ابوجهن هن ٻلواڻ جو پيغام ڪونہ سمجهو ۽ هارين ئي هاري سردار تي پٿر وسايا پر اڄ ۽ سياڻي جي تاريخ ۽ سوچ لاءِ حيدر جو

پيغام گهپ اوندهہ رات ۾ ڏيئي جي لاٽ وانگر روشني جي تجلي وانگر رهنمائي ڪري ويو.

اڄ سنڌ جي جهرجهنگ، واهڻ ۽ ڳوٺن ۾ جيڪي ٿورا گهڻا هارين حق حاصل ڪيا آهن، اهو سڀ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي محنت ۽ پگهر جي خوشبوءِ يا هنن جا سالن جا سال قيد ۽ بند ۾ سندر خواب آهن! "هاري حقدار" ۽ هاري سردار سندن سوچون، لوچون، نظريو خواب، ارمان ۽ عمل هئو اڄ جي تاريخ حيدر بخش جتوئي کي "باباءِ سنڌ" جي لقب سان سڏي ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ وري ايندڙ صبح جي تاريخ ۾ هاري انقلاب اچڻ بعد هن کي ٻيو بہ لقب ملي ڇاڪاڻ تہ سنڌ جو هي بهادر قائد ابوجهہ مسڪين هارين ۽ سنڌ جي سانگيئڙن جي حقن لاءِ بي خوف جدوجهد جي جنگ وڙهيو هو. هن وقت تائين سنڌ اهڙو تحريڪ ساز ۽ ڪرشمہ ساز رهبر پيدا نہ ڪيو آهي، هو تنظيم ۽ تحريڪ سان پر خلوص، صفا سچو شريف طبيعت، بي عيب ذاتي زندگي وارو اڳواڻ هو. هن پنهنجون سموريون جسماني، روحاني ذهني صلاحيتون ۽ قوتون صرف ۽ صرف سنڌ جي پيڙهيل مظلوم هاري لاءِ جهاد ۾ ڪتب آنديون، سنڌ جو هي سورمو تاريخ ساز قومي اڳواڻ تمام تر مصلحتن کان بي نياز سچو انسان، بيباڪ، دلير، اصول پرست، محب وطن هارين ۽ پورهيتن کي ڦرلٽ کان نجات جي نويد ڏياريندڙ آزادي ۽ چوٽڪاري جو دڳ لائيندڙ سنڌ ديس، پورهيتن سچائي، انقلاب، حق ۽ صداقت خاطر شاهي قلعي لاهور جون ڪاريون راتيون، مڇ جيل ڪوئيٽا جون گرمہ شامون، آمريت جا گهاءُ کائيندڙ ڏاڍ، ڏهڪاءُ، جيلن جي ڪال ڪوٺڙين،اذيتن ۽ عذابن برداشت ڪرڻ وارو هي آزاد ۽ روشن خيال، اڏول ۽ ارڏو انسان، هوش عقل ۽ جوش سان ڌرتيءَ وارثن لاءِ قومي جنگ جوٽيندڙ سنڌين لاءِ سوڀون ماڻيندڙ قومي قافلي جو قائد، جيئي سنڌ نعري جو خالق، عملي انسان، قومي شاعر، انقلابي اديب ليکڪ قانوندان ۽ سياستدان، وڏيرڪي ڦرلٽ ۽ بيگاري نظام جو دشمن. قومي تحريڪن ويلن ۽ مهلن جو مڙس، غلامي کان نجات ۽ آزادي جو پيغام ڏيندڙ انسانيت دوست، فلاسفر، ڏاهو پيرن ۽ پني اگهاڙن، ڪوڏن ٽوپي، پٽڪي، اجرڪ، بوڇڻ، ڏاٽي، ڪهاڙي، هر ڪاهيندڙ يڪتارو ۽ چنگ وڄائيندڙ هاري لاءِ جيون حوالي ڪندڙ حيدر بخش هڪ نيڪ مرد فقير الهداد خان جتوئي جي گهر ۾

شاهوڪار تهذيب ۽ ثقافت واري ماتري موهن جي دڙي لڳ خوش نصيب ڳوٺ بکو ديري اڳوٽي تعلقي ”لب درياءَ“ هاڻوڪو ڏوڪري لاڙڪاڻي ۾ تاريخ 7 آڪٽوبر 1901ع تي ڄائو. پاڻ اڃان ٻن سالن جي عمر جو هو تہ سندس امڙ وفات ڪري وئي، پوءِ والد، ڏاڏي ۽ ڦڦي کيس پاليو.

تعليم جي ڏس ۾ پهريان پرائمري اباڻي ڳوٺ بکي ديري پوءِ ڳوٺ پناڻ لڳ باقراڻي شهر ۾ سال 1911ع تائين حاصل ڪئي. سال 1918ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان سڄي سنڌ ۾ پهريون نمبر پوزيشن سان پاس ڪيائين. موٽ ۾ سرڪار کيس اسڪالر شپ ڏني ۽ هو سنڌ مدرسة الاسلام لاڙڪاڻو (هاڻوڪي گرلس ڪاليج) اسڪول ۾ داخل ٿيو هر سال جو ڪورس ڇهن مهينن ۾ پاس ڪري اڍائي سالن ۾ پنج درجا مڪمل ڪيا، تنهن بعد گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتائين. هتي پڻ هوشيار شاگرد جي حيثيت ۾ هاسٽل مفت، بورڊنگ مفت، اسڪول جي في معاف ۽ 12 رپيا ماهوار اسڪالرشپ حاصل ڪيائين. سال 1923ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين ۽ 1924ع ۾ ڊي جي ڪاليج ڪراچي ۾ داخلا حاصل ڪيائين. ڊي جي ڪاليج ڪراچي ۾ سندس ڪاليج في معاف هئي. ماهوار 30 رپيا هوشياري اسڪالرشپ کان علاوه مسلمانن ۾ پهريون نمبر هئڻ ڪري ماهوار 15 رپيا مسلم اسڪالرشپ پڻ حاصل ٿيندي هئس، ٻيا بہ ڪيترا انعام ماڻيائين. سال 1927ع ۾ بي.اي فارسي ۾ ممبئي يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. سرڪاري ملازمت بحيثيت هيڊ منشي سال 1928ع ۾ شروع ڪيائين، پر وري پگهار مختيارڪار جي ملڻي هئس. روينيو جي امتحان ۾ سڄي سنڌ جي اميدوارن ۾ پهريون نمبر آيو ۽ مختيارڪار ٿيو. لڳاتار پندرهن سالن جي نوڪري ڪرڻ بعد آخر پنهنجي عروج ۽ جواني ۾ سال 1945ع ۾ ڊپٽي ڪلڪيٽر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏنائين. ان وقت سنڌ ۾ انهن عهدن تي انگريز نوڪريون ڪندا هئا ۽ مسلمان اعليٰ عملدار ڪو نہ هوندو هو اڌ سنڌ نوڪرين لاءِ ڏڪا کائيندي هئي.

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي سال 1945ع ۾ سنڌ ”هاري ڪاميٽي“ ۾ شامل ٿيو. نوڪري ڇڏي سياست ۾ حصو وٺڻ جا هيٺيان خاص سبب هئا. جن کان هو تمام گهڻو متاثر ٿيو هو: پهرين تہ سنڌ ۾ وڏيرن جو ظالماڻو عمل،

وڏيرن ڪي مليل آسائشون سندن عياشيون، قوم دشمن زندگي گذارڻ، بيوروڪريٽ/ڪامورا شاهي جا ظالم ۽ رشوت خوري جي گرم بازار، ٿيون هارين جي مفلسي ۽ لاوارثي کان علاوه آزادي جي جنگ جو ٿيندڙ جوانن مٿان انگريز راڄ جو ڏاڍ، جبر، خاص طرح ڪامريڊ عبدالقادر ميوا خان کوکر جهڙن هاري اڳواڻن جي قيادت ۾ سنڌ جي جاگيردارن خلاف سنڌ هاري ڪاميٽي جي شاندار تحريڪ ۽ وڏيون هاري ڪانفرنسون شامل آهن. ڪامريڊ جو ٻيو رخ اهو هو تہ سائنس ۽ فلاسافي سان دلچسپي رکندو هو. ڪاليجي زماني ۾ لڳاتار مضمون پڙهڻ، ٿياسافيڪل سوسائٽي جا سونا اصول تہ "سڀ انسان ڀائر آهن ۽ سچ کان مٿي ڪو مذهب ڪونهي" جرمن فلاسافر وليم هيگل جي ٿيوري Dialectic materialism اسٽالن، ڪارل مارڪس، لينن ۽ اينگلس جي انقلاب جو طريقو ۽ زندگي، برطانيا جي جڳ مشهور سائنٽيسٽ چارلس ڊارون پڻ شامل آهن.

مسٽر جيٺمل پرسرام، جمشيد مهتا، عبدالقادر ميوا خان کوکر، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ سائين جي.ايم.سيد جي ڪوشش سان سال 1930ع ۾ ٺهيل سنڌي هاري ڪاميٽي جيڪا گهڻي عرصي کان غير موثر ٿي وئي هئي. سان سال 1945ع ۾ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي شموليت سان نئين رنگ روپ جوش جذبي ۾ وري نروار ٿي اڀري. باباءِ سنڌ پليٽ فارم تان پنهنجن خيالن يا نظريي کي عملي شڪل ۾ پيش ڪرڻ لاءِ هفتيوار اخبار "هاري حقدار" جاري ڪري سنڌ ۾ هاري انقلاب جي رستي ۽ منزل کي آسان بنائڻ، جاگيردارن ۽ وڏيرن پاران هارين تي ٿيندڙ ناانصافين ۽ حق تلفين خلاف آواز اٿارڻ کان علاوه هارين جي مسئلن کي ڪٽڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي ۽ باباءِ سنڌ جي اڳواڻي ۾ هاري ڪاميٽي يا هاري پارٽي هارين ۾ ايترو تہ شعور پيدا ڪيو جو هاري پنهنجا نمائندا صدين کان قابض وڏيرن سردارن ۽ نوابن جي مقابلي ۾ بيهاريا. نتيجي ۾ پاڪستان جي خالق جماعت مسلم ليگ ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي هاري پارٽي جي حمايتن کي اليڪشن ۾ ووٽ ملڻ لڳا. پهريون ڀيرو سنڌ جي تاريخ ۾ وڏيرن نوابن ۽ سردارن کي آرام وارن بنگلن مان ٻاهر نڪري ووٽن حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جي دروازن ڏانهن پنڌ ڪرڻو پيو نہ تہ اڳ هو ننڍين وڏيرن ۽ ڪامورن معرفت ووٽ حاصل ڪندا هئا. جاگيرداري ۽ وڏيرڪي سياست ۾ باباءِ سنڌ حيدر

بخش جتوئي هي پهريون انقلاب آندو هن اليڪشن ۾ سياست ۾ وڏيرن جو مقابلو ڀرپور ۽ شاندار نموني ڪيو پر جاگيرداري ماحول جي مضبوطي، هاري پارٽيءَ وٽ ناڻي جي کوٽ ۽ غريب طبقي ۾ تعليمي جهالت، گهٽ شعور ڪيس ڪنهن بہ اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيڻ جو موقعو نہ ڏنو هن ڏس ۾ سال 1950ع ۾ ضلعي دادو ۾ پير الاهي بخش جي خالي ٿيل سيٽ تي باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي ان دؤر جي جابر وزيراعليٰ مسٽر محمد ايوب کهڙي جي سالي سان اليڪشن مقابلي ۾ بيٺو ايوب کهڙو حڪومت جمهوريت دشمن طريقا استعمال ڪندي ڪيس اغوا ڪرايو ۽ نامينيشن فارم ڀرڻ نہ ڏنو. پنهنجي اميدوارن کي بنا مقابلي ڪامياب ڪرڻ جو اعلان ڪرايو سال 1951ع ۾ قمبر ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سردار سلطان احمد چانڊيي جي مقابلي ۾ فارم ڀريو پر ڪامياب تي نہ سگهيو هتي نواب سلطان احمد خان جي اشاري تي سندس راڄ جي ماڻهن (هارين) باباءِ سنڌ تي پٿر وسايا ۽ ورڪ ڪندڙ سيني جيپن جا ٽائر ڦاڙي ڇڏيا، ڪيس اغوا ڪري زخمي ڪرڻ بعد سڄ ۾ ڇڏيو ويو. سندس ساٿين سان پڻ ساڳيو سلوڪ ڪيو ويو. 10 مارچ 1951ع واري اليڪشن خلاف هاري پارٽي اپيل ڪئي ۽ سلطان احمد خان چانڊيو صاحب جي اليڪشن کي غلط قرار ڏنو ويو. چاڪاڻ تہ نواب چانڊيو صاحب جي عمر اليڪشن ۾ بيهڻ جي نہ هئي، ڪوڙو سرٽيفڪيٽ ڏيندڙ هيڊ ماستر کي بہ سزا ملي، پر سنڌ جي جاگيردارن ۾ وڏي ڪاوڙ پيدا ٿي ۽ هنن باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي کي گرفتار ڪرائي جيل اماڻيو.

سنڌ ۾ هاري ڪانفرنسون هارين ۾ اتحاد ۽ شعور پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون. سال 1948ع ۾ 30 ۽ 31 مئي تي رتوديرو ۾ سنڌ هاري ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ پهريون ڀيرو باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي صدر چونڊيو ويو جڏهن تہ ڪامريڊ عبدالواحد سومرو لاڙڪاڻو ضلعي صدر ۽ ميان علي محمد عباسي ضلعي نائب صدر چونڊيا. ميان علي محمد عباسي (وليد وارو) جو لاڙڪاڻي ضلعي هاري تحريڪ کي منظم ڪري عروج تي پهچائڻ ۾ وڏو هٿ آهي. هن کان بغير لاڙڪاڻي ۾ هاري تحريڪ نامڪمل آهي، چاڪاڻ تہ وڏيرڪي گهراڻي جو فرد هئو پر سندس پئسو صلاحيتون ۽ اوطاق هاري تحريڪ لاءِ وقف هيون، ڊسمبر 1951ع تي پڻ

رتوديرو ۾ هاري ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن جي صدارت ڪامريڊ عبدالقادر ميوا خان کوکر ڪئي.

هڪ تاريخي ڪانفرنس 15 مارچ 1953ع تي تجر باغ هاٽوڪو (هوشو پارڪ) لاڙڪاڻي ۾ ٿي صدارت باباءِ سنڌ حيدربخش باباءِ سنڌ ڪئي. هي سنڌ جي يادگار هاري ڪانفرنس هئي، جنهن کي محترم جي.ايم.سيد ميان افتخار احمد الدين، پير الاهي بخش، برڪت علي آزاد، جمال الدين بخاري، قاضي فيض محمد، غلام حسين سومرو، عبداالڪريم گداري، عبدالخالد آزاد، غلام محمد لغاري، رسول بخش پليجو، قادر بخش نظاماڻي ۽ ٻين خطاب ڪيو. وري ساڳي باغ ۾ 4 اپريل 1954ع تي ضلعي هاري ڪانفرنس زير صدارت باباءِ سنڌ حيدر بخش باباءِ سنڌ جي منعقد ٿي، ون يونٽ خلاف پڻ هاري ڪانفرنس مارچ 1957ع ۾ لالو رائنڪ وارهہ تعلقي ۾ ٿي، صدارت باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي ڪئي، باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي هڪ قانوني ۽ آئيني شخصيت جو مالڪ هئو. اهوئي سبب آهي تہ هو پنهنجا مقدما سنڌ جو ڪيس پاڻ وڙهيو هن سنڌ مٿان ٿيندڙ رياستي ڏاڍ ۽ حڪومت جي غير آئيني مسئلن بابت عدالتن ۾ تمام گهڻا مقدما داخل ڪيا. وڙهيا ۽ عدالتن مان آئيني فيصلا حاصل ڪيا. اهو ئي سبب آهي تہ وقت جا حاڪم، وزير ۽ اعليٰ ڪورٽن جا جج صاحب سندس پاران داخل ڪيل مقدمن ۾ پاڻ ئي دفاع ڪرڻ وقت ڪيس جي ڏس ۾ پنجاهہ ڪان وٺي بہ سئو صفحن تي پيش ٿيندڙ دليلن يا ڪنڊن وانگر چهنبدار تيز ۽ سچين حقيقتن تي مشتمل مواد مان گهڻو پريشان ٿيندا هئا. باباءِ سنڌ پاڪستان ۾ وڏن وڏن آئيني بحرانن تي عدالت سڳوري مان فيصلا ورتا. سندس پاران ٻن حصن ۾ انگريزي ڪتابن ۾ ان وقت جي سرڪار کي لوڏي ڇڏيو. سنڌ حڪومت جي سربراهہ خان بهادر محمد ايوب کهڙي ڪيس سال 1956ع ۾ گرفتار ڪيو پر عدالت مان هن کي نيٺ آزادي حاصل ٿي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ وڏو آئيني بحران پيدا ٿيو جنهن ملڪ ۾ موجود جمهوري سياست کي پهريون ڀيرو ڪاپاري نقصان رسايو ۽ جمهوري سياست کي روڪي آمريت جي مصيبت ۾ مبتلا ڪيو. ان وقت

جي غاصب ۽ آمر حڪمران گورنر جنرل غلام محمد ملڪ جي آئين ساز اسيمبلي کي ٽوڙي ڇڏيو. ان وقت جا سڀ سياستدان ۽ اسيمبلي جا معزز رڪن ملڪ اندر موجود ڏپ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ڪري خاموشي جي چادر ۾ ڍڪيل نظر آيا پر سنڌ جي هن مرد مجاهد ان آمراڻي حڪم کي عدالت ۾ چئلينج ڪيو ۽ پاڻ بحيثيت وڪيل جي قانوني آئيني دليل ڏنا. اهڙي طرح پاڪستان جي عدالت ۾ هن وڏي قانوني ويڙهه بابت جسٽس جي سربراهي ۾ عدالت سڳوري پنهنجي فيصلي ۾ ٻي آئين ساز اسيمبلي لاءِ اليڪشن ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ۽ باباءِ سنڌ هي جنگ فتح ڪئي. 15 آڪٽوبر سال 1955ع ۾ سنڌ جو ويڪو وڏيرن سياستدانن سنڌ ڌرتيءَ سان وڏي ويڌن ۽ ظلم ڪيو. هنن مسلمان ڀائر جي نالي ۾ پنهنجي سياسي مايوسي ۽ ناڪامين جو بدلو سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي قوم کان ورتو ۽ ملڪ ۾ ون يونٽ قائم ڪري سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي آزادي ثقافتي ۽ تهذيبي شناخت ختم ڪري مرڪز حوالي ڪيو ويو. جنهن وري سنڌ صوبي کي مغربي پاڪستان صوبي جوهڪ حصو قرار ڏنو نه صرف ايترو پر ان وقت صوبائي سرڪار وٽ موجود خزاني ۾ ڪروڙين رپيا پڻ مرڪز جي حوالي ڪيا. سنڌ ڌرتي مٿان پنهنجن ايڏو وڏو ڌاڙو خان بهادر محمد ايوب خان کهڙي وڏي وزير جي قيادت ۾ هنيو ڪجهه سياستدان اڳ مخالفت ڪئي، پر پوءِ خاموش ٿيا. باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي پهريون سنڌي سياستدان هيو جنهن ون يونٽ جي کلي عام مخالفت ڪئي. هن ڏس ۾ هن سنڌ جو دورو ڪيو. پريس ڪانفرنسون ڪيون، پمفليٽ جاري ڪيا، پاڻ ورهايا، ريل ۽ بسن ۾ سفر ڪيو ۽ تقريرون ڪري عام ماڻهو تائين ون يونٽ سبب سنڌ کي پهچندڙ نقصانن بابت ڄاڻ ڏيندو رهيو سنڌ ۾ هي پهريون دفعو ڪن قومي مقصد لاءِ سڌو سنئون عوامي رابطا مهم جو آغاز هئو. اهڙيءَ طرح پهريان باباءِ سنڌ اڪيلي سر سنڌ ۾ عوامي شعور پيدا ڪري ون يونٽ سبب سنڌ کي پهچندڙ نقصان بابت ڄاڻ ڏيندو رهيو سنڌ ۾ هي پهريون دفعو ڪنهن قومي مقصد لاءِ سڌو سنئون عوامي رابطا مهم جو آغاز هئو. اهڙيءَ طرح پهريان باباءِ سنڌ اڪيلي سر سنڌ ۾ عوامي شعور پيدا ڪري ون يونٽ خلاف ماحول پيدا ڪيو ۽ انڊر گرائونڊ ون يونٽ خلاف تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪندي بڪ هڙتال ڪئي. سڄي سنڌ جي شاگردن، شاگرد تنظيمن، ليڊرن، قومي ورڪرن، اديبن ۽

دانشورن، سندس سڏ تي آواز ڏنو.سندس پاران انگريزي ۾ جاري ڪيل هڪ پمفليٽ One Unit & Democracy تمام گهڻو تحريڪ کي منظم ڪيو ۽ طاقت وڌائي ڇاڪاڻ تہ انگريزي ٻولي ۾ حقيقتون جڏهن ننڍن صوبن سرحد ۽ پوءِ بلوچستان جي اڳواڻن ۾ غفار خان، اجمل خٽڪ، عبدالولي خان، عبدالصمد خان اڇڪزئي، نواب اڪبر خان بگٽي، سردار عطاءُ الله مينگل ۽ سردار خير بخش مري ۽ مير غوث بخش خا بزنجو جهڙن سياستدانن جي ٽيبل تائين پهتيون تہ هنن باباءِ سنڌ حيدر بخش صاحب جي هلايل تحريڪ جي ڀرپور حمايت ڪئي. ون يونٽ تحريڪ ۾ کيس گرفتار ڪيو ويو ۽ شاهي قلعي لاهور جي اونده قيد ۾ رکيو ويو. هتي مٿس وڏا ٽارچر ٿيا ۽ کيس تمام گهڻيون اذيتون ڏنيون ويون ۽ سخت تشدد ڪيو ويو پر هن مجاهد حوصلو نہ هاريو آخرڪار کيس آزاد ڪيو ويو سال 1958ع ۾ جنرل محمد ايوب خان پاڪستان ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو ۽ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي صاحب کي گرفتار ڪري 3 سال سزا ڏني. هڪ دفعو وري پنهنجي حڪومتي ۽ ذاتي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ مٿان هڪ وڏي عذاب کي نازل ڪيو جنهن سان سنڌ جي اقتصادي معيشيت تباه ٿي وئي. سال 1958ع ۾ سرڪار سنڌ مٿان وڏيون ڍلون مڙهيون. باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي هن ناانصافي خلاف هڪ وڏي جنگ جوتي، هن 40 صفحن تي مشتمل انگريزي پمفليٽ unfair land Taxation in Sindh Districts ڪيو جنهن ۾ ثبوتن ذريعي ثابت ڪيو تہ سنڌ اڳئي ملڪ جي ٻين علائقن کان وڌيڪ ٽيڪس ادا ڪري رهي آهي. هي ان وقت جي مضبوط ۽ آمر حڪومت جي گورنر ڪالاباغ کي پهريائين بلوچستان جي مڇ جيل جي سخت ترين سردي ۾ رکيو پوءِ پنجاب جي مختلف جيلن ۾ سال 1962ع تائين باني رهيو ۽ اذيتون برداشت ڪيون. آزاد ٿيڻ بعد وري هن ساڳي سال ۾ جنرل محمد ايوب خان جي ڏنل آئين خلاف انگريزي ۾ پمفليٽ ڪڍيو ۽ جدوجهد ڪئي.

آخر جنرل محمد ايوب خان هن کي ڊسمبر 1967ع کان اپريل 1968ع تائين قيد ۾ رکيو ڪيس هلندي ڪورٽ ۾ باباءِ سنڌ حيدر بخش باباءِ سنڌ پنهنجي مشهور شعر ”جيئي سنڌ جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ“ پڙهيو

جنهن تي اثارني جنرل اعتراض ڪندي چيو تہ هي اڪنڊ پارٽي آهي پر جج صاحبن قرار ڏنو تہ جيئي سنڌ چوڻ ڏوهہ ناهي ۽ هي هڪ ثقافتي نعرو آهي.

سنڌ ۾ هاري ڪميٽي باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي جي قيادت ۾ حق حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون تحريڪون هلايون ۽ ڪاميابيون ماڻيون. هن جي دور ۾ سنڌ جو وڏيرو ڪامورو ۽ وزير هاري ورڪر کان پاسو ڪندو هو پاڻ سال 1948ع ۾ ڀهريان پنج سمي يا اڌواڌ بٽئي تحريڪ هلائي، جنهن لاءِ ان وقت سنڌ ۾ سڀ کان وڏي اناج منڊي شهدادڪوٽ ضلعو لاڙڪاڻو کي منتخب ڪيو ويو هن تحريڪ ۾ باباءِ سنڌ حيدر بخش باباءِ سنڌ ساڻ مولوي نذير حسين جتوئي. مولوي عزيز الله جروار، ڪامريڊ عبدالواحد سومرو رتوديرو وارو نبي بخش تونيہ ۽ مولوي الاهي بخش قريشي وغيره شامل هئا. دراصل بٽئي مان جيڪڏهن پنج خرار ان هوندو هو تہ وڏيرو يا زميندار تي خرار ڪٽندو هو باقي بچيل ٻن خرارن مان ان جا ٽويا اوطاق جو حصو ڪيڏي اوڌر يا قرض اڳاڙي هاري کي ڏيندو هو اڌواڌ بٽئي تحريڪ هلي ۽ پوءِ شهدادڪوٽ ۾ عهديدار ۽ هاري گرفتار ٿيا پر سنڌ جي جاگيردارن ۽ زميندارن ۾ جڻ تہ ترٿلو مچي ويو ڪو اوچتو طوفان اچي ويو هن وڏي حقن جي جنگ ۾ آخر هاري حقدار سوڀ ماڻي ۽ زميندار شڪست مڃي. ان ڪانپوءِ سنڌ ۾ بٽئي اڌواڌ رواج شروع ٿيو. سال 1969ع ۾ ٻي تحريڪ ”هارپ ايڪٽ“ شروع ٿي، جنهن لاءِ سرڪار ڪاميٽي جوڙي هر ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ زميندار ۽ هارين جون گڏجاڻيون ڪوٺايون ويون. 15 اپريل 1969ع تي دربار هال لاڙڪاڻي ۾اجلاس زير صدارت سيد ميران محمد شاهہ محمد ايوب کهڙو فقير محمد انڙ، محمد خان چانڊيو ۽ نواب غيبي ڏامراهن ڳوٺ جي وڏيري محمد پناهہ جوڻيجي پنهنجي روشن خيال ۽ حق پرستي جو مظاهرو ڪندي سرعام اجلاس ۾ هارين جي ۽ مطالبن جي حمايت ڪري اجلاس کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي ڪوشش سان سال 1950ع ۾ Sindh Tenancy Act پاس ٿيو. باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي 3 اپريل 1950ع ۾ سڄي سنڌ جي هارين کي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ڪراچي پهچڻ جي اپيل ڪئي ۽ نتيجي ۾ اٽڪل پندرهن هزارن جي تعداد ۾ هارين مظاهرو ڪيو ۽ ڌرڻو هڻي ويٺا. هن هاري

مظاهري سنڌ ۾ هاري تحريڪ جي سياسي قوت اهميت ۽ اتحاد جو شاندار مثال پيش ڪيو. ڪيترن هاري ورڪرن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ پوءِ جلد ئي آزاد ڪيو ويو. هارين پاران اسيمبلي جي هلندڙ اجلاس جو گهيراءُ ختم ڪرڻ لاءِ پهريان تہ حڪومت پوليس ۽ فوج کي وڏي تعداد ۾ گهرايو هئو پر پوءِ حالتن جو جائزو وٺڻ بعد ان وقت جي وزيراعليٰ مسٽر يوسف هارون ملاقات ڪرڻ لاءِ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي ۽ ڪجھ اڳواڻن کي اسيمبلي ۾گهرايو. مذاڪرات ٿيا ۽ آخر اسيمبلي 3 اپريل 1950ع تي "سنڌ ٽيننسي ايڪٽ" بحيثيت قانون پاس ڪيو. اهو صرف ۽ صرف بابا سنڌ حيدر بخش جي ڪرشمہ ساز شخصيت ۽ ولولہ انگيز قيادت جي ڪاميابي هئي. شاعري ۽ ادب جي خدمت جي جذبي هيٺ پاڻ نوڪري تان استعيفيٰ ڏنائين، پر انگريز ڪليڪٽر مئڪملن باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي ۽ سندس والد کي گهرائي هيڊمنشي جي عهدي تان استعيفيٰ واپس وٺرائي. هن شاعري اسڪول جي زماني ۾ امام حسينؑ جي شهادت بابت مرثيہ پڙهي شروع ڪئي.

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي صحافت ڏانهن پڻ هاري انقلاب خاطر لاڙو ڪاڏو 1945ع ۾ 'هاري حقدار' اخبار جاري ڪيائين پوءِ سال 1946ع ۾ لاڙڪاڻي مان هفتيوار اخبار "ڪسان" ڪڍيائين. جيڪا قسمت چڳاڻي جي پريس مان ايڊيٽر ڪامريڊ عبدالواحد سومرو ۽ سب ايڊيٽر نبي بخش تونيہ جي قيادت ۾ سال 1950ع تائين جاري رهي، پاڻ سنڌ جو ڪيس قلم، ادب، صحافت، قانون، عقل ۽ ڏاهپ سان ڳايو ۽ پنهنجي زندگي ۾ سنڌ سان سچو عشق ڪيو جنهن جو اظهار هن پنهنجي قول فعل ۽ سياسي عمل کان علاوه شاعري ذريعي پڻ ڪيو آهي. هن جي دور ۾ شاعر سڳوراعشق، محبت، محبوب جا زلف ۽ اکيون گلن چمن ۽ بلبل جون ڳالهيون، چنڊ جي چاندوڪي ۽ چڪور جي محبت، باغ برسات، ڪوئل جي ڪوڪ آسمان ۽ ستارن جي دنيا تائين محدود هئا، پرباباءِ سنڌ حيدر بخش باباءِ سنڌ شاعري ۾ ادب ۽ انسانيت جي وچ ۾ پيدا ٿيل وڇوٽين کي ختم ڪري ادب کي انسان جي مظلوميت ڌرتي ۽ ذات جي عظمت کي خاص محور ۽ مقصد بڻايو. شاعري ۾ لفظن کي مظلومن جي آزادي ۽ قوم جا مسئلا پيش ڪرڻ وارا لفظ وڏا ۽ جملا ڏنا. لفظن ۾ جوش تلخي ۽ قوم پرستي جا موتي مالا

وانگر مٽيا نظر ايندا. ڪاليج جي زماني ۾ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جو نالو شاعري ۾ مشهور ٿيو ڪاليج ۾ 1927ع ڌاري شاگردن جي هڪ جماعت "سرسوتي گروپ" نالي هئي، اتي مشاعره ٿيندا هئا. سال 1931 ۾ بحيثيت مختيارڪار بدين پهريون ڪتاب "تحفہ سنڌ" شايع ٿيو جنهن ۾ شڪوه جو انساني انداز پنهنجي مالڪ سان پيش ڪيو هن ڪتاب سنڌ ۾ ان وقت سنڌ ۾ مذهبي ڪٽرپڻي رڪندڙ ماڻهن کي سندس مخالف ڪري ڇڏيو ۽ ايوانن ۾ ويٺلن سندس خلاف تحريڪ شروع ڪئي. ڪيترائي اجلاس منعقد ٿيا.

حيدر بخش جتوئي کي ملازمت تان هٽائي سندس ڪتاب ضبط ڪري ڦاسي چاڙهڻ جي فتويٰ پڻ شامل هئي. ان ڏس ۾ حيدآباد ۾ هڪ وڏو جلسو ٿيو ۽ ناميارن گادي نشينن کان علاوه مخالفت ۾ سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر سيد ميران محمد شاهہ، خان بهادر محمد ايوب کهڙو پير علي محمد راشدي، نظر محمد پناڻ جهڙا سياستدانءِ پير حسام راشدي جهڙا اديب شامل هئا. سيد ميران محمد شاهہ صاحب سنڌ اسيمبلي جي مسلمان ميمبرن جي وفد جي قيادت هيٺ ممبئي جي گورنر وٽ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي خلاف شڪايت ڪٽي ويا. حيدرآباد جي ڪمشنر مسٽر گبسن وٽ بہ دانهين ٿيا. جنهن باباءِ سنڌ حيدر بخش کي گهرائي سمجهايو تہ اهو ڪتاب واپس وٺي پر باباءِ سنڌ حيدر بخش باباءِ سنڌ انگريز ڪمشنر کي صاف جواب ڏنو. جڏهن فائيل بمبئي جي گورنر وٽ پهتي تڏهن گورنر صاحب فائيل ان وقت جي چيف ايگزيڪيوٽو ايڊوائيزر ٿو گورنر ممبئي سر شاهنواز خان ڀٽو ڏانهن موڪليو جنهن تي سر شاهنواز خان ڀٽو نوٽ لکيو تہ سڄي سنڌ ۾ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي واحد قابل، لائق ۽ هوشيار مسلمان آفيسر آهي، قابليت کان سواءِ ايماندار ۽ ديانتدار بہ آهي. اهڙي قسم جا ڪتاب اڳ پڻ شايع ٿيا آهن، جن تي ڪو بہ قدم کنيو ناهي ويو. لحاظ هن ڪيس ۾ بہ خاص قسم يا قدم جي ضرورت ناهي، سر شاهنواز ڀٽو جي سفارش کان پوءِ فائيل دفتر داخل ٿيو باباءِ سنڌ حيدربخش جتوئي جي ملازمت بچي وئي. سر شاهنواز خان کان علاوه ان وقت جي اخبارن ۾ صرف مولانا دين محمد وفائي ۽ محمد هاشم بہ اهڙا ايڊيٽر هئا، جن باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي خيالن جي مخالفت نہ ڪئي ۽ اهو چيو تہ اها خاص ڳالهہ

ڪونهي. جيئن تہ هو وطن ۽ قوم سان محبت ڪندڙ شاعر هو. تنهن ڪري سندس خاص شعرن جهڙوڪ سنڌ جو دلبر هوش محمد، پاڪستان زنده آباد، جيئي سنڌ جيئي سنڌ ڏاڍا مشهور ٿيا. جيئي سنڌ جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ تہ اڄ تائين هر محفل ۾ هر فنڪار جي آواز ۾ جهونگار جي پيو. شاعري ۾سندس تخلص "حيدر" هئو. شاعري ۾ خاص طرح تحفہ سنڌ نظم آزادي قوم مخمس سال 1943ع سنڌ پياري (نظم) حيوانَ انسان (نظم) اي سنڌي وڏيرا ڪجهہ انسان ٿي (نظم) اي مئي جيجل سونهاري سنڌ (ضبط ٿيل) بلوچستان زنده آباد (ضبط ٿيل) هاري انقلاب (نثر) ۾ هاري گيت (شعر) ڪمدار جا ڪارناما (نثر) سال 1953ع پنهنجو مثال پاڻ آهن. سندس شاعري ۾ هر هڪ شيءِ جو ذڪر هئڻ ۽ سنڌ جي هر هڪ شيءِ ساڻ عشق سبب ماڻهو هن کي چريو بہ سڏيندا هئا. اڄ بہ وڏا شاعر ايئر ڪنڊيشن ڪمرن ۾ ويهي ڏرتي، قوم ۽ ٻولي بابت شاعري ڪن پيا. پر باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جيلن ۽ ڪال ڪوٺڙين ۾ ويهي، ڌرتي جا گيت ڳايا. مرڻ گهڙي تائين سنڌ ۽ سنڌي ڪندو رهيو هو روزانو زندگي جي وهنوار ۾ قسم بہ سنڌ جو کڻندو هو. سندس شاعري ۾ جذبو پيدا ڪندڙ جوش ڏياريندڙ ۽ غيرت جاڳائيندڙ شاهڪار شامل آهن. ماڻهن ۾ حقن جي قومي جدوجهد جي رهبر جي شايع ٿيل ڪتابن جو تعداد اٽڪل 24 آهي. جن ۾ سنڌ اسيمبلي اليڪشن پٽيشن، بل ٽو اميند سنڌ ٽِننسي ايڪٽ (انگريزي) سال 1950ع. ڊيموڪريسي اينڊ ڊڪٽيٽرشپ ان پاڪستان (انگريزي تي حصا سال 1933ع) ڊيموڪريسي اينڊ جسٽس آف چيف جسٽس (انگريزي) سال 1956ع لينڊس ان سنڌ هوشڊ اون (انگريزي) ۽ ڊسپوزل آف اويڪيو پراپرٽي (انگريزي سال 1957ع ون يونٽ اينڊ ڊيموڪريسي (انگريزي) سال 1962ع، ان جسٽس ٽو سنڌ (انگريزي) بہ حصا ليٽ اس سيو پاڪستان (انگريزي) بہ حصا هاري لينڊ ٽيڪسيشن (انگريزي) سال 1966 کان علاوه جوهر القرآن آهي، جيڪو شايع ٿيو آهي.

باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي سنڌ جو پهريون سياستدان آهي، جنهن سنڌ جي سياست کي مذهب وانگر اختيار ڪيو جنهن ڪري وقت جا وڏيرا سياستدان مٿس ٽوڪون ڪندا هئا. عملي انسان، تحرير ۽ تقرير جو

بادشاھہ حساس ۽ سياڄهڙو اديب، شاعر، بلند ڪردار ۽ اخلاق واري شخصيت جو مالڪ ذاتي شهرت، نت نانگر ڪان پري سادگي سان اٺڻ ويهڻ، ڪائڻ پيئڻ ۾ سادو انسان نہ ڪاوڙ نہ آڪڙ نہ وڏائي، سورنهن آنا سچي ڳالهہ ڪندڙ امن انسان ۽ محبت دوست، غريبن جي گهرن ۾ خوشيون آڻيندڙ اڳواڻ، لڳاتار جيلن ۾ قيد جون اذيتون برداشت ڪرڻ، تشدد سهڻ، خراب ڪاڌو خوراڪ ۽ مناسب صحت جو علاج نہ ٿيڻ ڪري مسلسل بيمار ۽ ڪمزور رهڻ لڳو ۽ فالج سبب آخر اسپتال ۾ 21 مئي 1970 تي 69 سالن جي ڄمار ۾ حوصلي سان لاڏاڻو ڪري ويو. جيئن تہ هو لاڙڪاڻي مان لڏي حيدرآباد رهائش پذير ٿيو هئو. تنهن ڪري سندس آخري وصيت مطابق ڪيس حيدرآباد ۾ ڪلهوڙن جي حاڪم ميان غلام شاھہ ڪلهوڙي جي مزار جي احاطي ۾ جڳهہ ڏني وئي. هن پاڻ هٿن ۾ زنجير پائي قوم کي هٿڪڙين کان آزاد ڪرايو جيسين سنڌ سرزمين تي سنڌي قوم جو وجود آهي. باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جو نالو ڌرتي جي مرد مٿيرن ۾ هوندو. باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي پاڻ چوندو هو. مون جيلن ۾ رهي ڪري سنڌ جو مقدمو وڙهيو آهي، جيل ۾ وڃڻ بعد يار دوست، مٽ مائٽ تہ ملڻ ئي ڪونہ اچن، لڳاتار جيلن ۾ وڃڻ ڪري هي منهنجو پٽ دادن پڻ ملڻ ڪونہ ايندو هو. هو چوندا هئا تہ پاڻ ئي بابو آزاد ٿي، مان جيل مان پنهجا ڪيس بہ لڙيا آهن، ڇاڪاڻ تہ مان سنڌ ۽ سنڌين جو وڪيل آهيان. اڄ هڪ قوم پرست ٽولو باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي ڪردار کي متائڻ ۾ مصروف آهي، جڏهن تہ هن پنهنجي عملءِ ڪردار سان ڌرتي ساڻ وفاداري اتم آهي. هو انهن انسانن مان ڪو نہ هو جيڪي صرف سماجي برائين تي تنقيد ڪندا وتن، پر هو هڪ سچو سماجي انقلاب آڻيندڙ انسان هئو ڇاڪاڻ تہ جيستائين سماج جا بنياد نہ بدلبا، تيستائين شخصي نيڪي ڪنهن ڪم جي ڪونهي، پورهيت ۽ هاري جي حاڪميت لاءِ جدوجهد ڪندڙ جوان پنهنجي جسم کي ڏک، ڏولاوا، تڪليفون ڏنيون. سنڌ جي سقراط باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي زندگي جو خواب سجايو ٿيندو، سندن زندگي جي جدوجهد 1970ع کان هي حقدار جو باب ٻيهر شروع ٿي ويو آهي ۽ باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جو مشن سڄي سنڌ ۾ اڄ بہ جاري آهي ۽ ڏنل جيئي سنڌ جيئي سنڌ جو نعرو جيئي هاري حقدار جو نعرو ۽ هاري انقلاب جو نعرو

شينهن جي گجگوڙ وانگر لڳي رهيو آهي. اڄ بہ سنڌ هاري ڪاميٽي تڪليفن باوجود عملي جدوجهد ڪري رهي آهي. سنڌ هاري ڪاميٽي هڙان وڙان خرچ ڪري رهي آهي. سندس پارٽِي تي ڪو بہ داغ نہ آهي. هن پارٽي کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ ڪالاباغ ڊيم خلاف جدوجهد جو پهريون شهيد هئڻ جو اعزاز باباءِ سنڌ جي فرزند ڪامريڊ مظهر جتوئي کي مليو جيڪو باباءِ سنڌ جو نہ صرف جسماني پر روحاني اولاد پڻ هو جنهن سنڌ هاري ڪاميٽي کي منظم ڪيو ۽ باباءِ سنڌ وانگر سنڌ جي مظلوم پڙهيل هارين لاءِ سيوا ڪئي، جيڪا هن کي وراثت ۾ ملي هئي.

مخلص

**ڪامريڊ اظهر جتوئي**

صدر

سنڌ هاري ڪاميٽي

باباءِ سنڌ هائوس بنگلو نمبر 10

ڪلهوڙا ڪالوني حيدرآباد.

سنڌ

هاري حقدار زنده باد !　　　　انقلاب زنده باد!

# هاري انقلاب

لکندڙ:


حيدر بخش الهداد خان جتوئي

بي اي آنرز (ممبئي)، هلال امتياز


اپريل 1953ع


حيدر چوڪ، حيدرآباد، سنڌ

# ديباچو

قديم زماني ۾ آدمخوري عام رواج هئو جا قوم ٻي قوم تي فتح پائيندي هئي، سا مفتوح، قوم جي فرزندن کي کھي پچائي کائيندي هئي ۽ هن رواج کي برو نہ سمجھيو ويندو هئو ھي فاتح قوم جو حق سمجھيو ويندو هئو. انسان جون پيداواري طاقتون محدود هيون ۽ هُو اجان جهنگلي جانورن جي ويجهو هئو.

جڏهن انسان ڪجهہ ترقي ڪئي ۽ پنھنجو قدر وڌايو تڏهن فاتح قوم هارايل قوم جي فردن جي گوشت کان ان جي پورهئي کي وڌيڪ ڪارگر سمجھيو. مفتوح قوم کان فاتح قوم هي سوال پڇيو: اوهان فوري قتل چاهيو ٿا يا دائمي غلامي؟ ظاهر آهي تہ ساهہ هر ڪنهن کي پيارو آهي ۽ مفتوح قوم غلاميءَ کي قتل تي ترجيح ڏني. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ غلاميءَ جو رواج شروع ٿيو. ان زماني ۾ غلاميءَ جو رواج هڪ انقلابي قدمُ هئو ڇاڪاڻ تہ ٻي صورت ۾ هزارها انسان قتل ٿي ويندا هئا ۽ هي قتل، انسان جي بقا لاءِ تمام مضر(نقصان ڪار) هو. مالڪ کي ڪنهن بہ وقت حق هئو تہ غلام کي وڪڻي يا ماري ڇڏي. حڪومت هميشہ مالڪ جي طرف هئي، ڇاڪاڻ تہ حاڪم خود مالڪ طبقي جا هئا ۽ ڪيترن غلامن جا مالڪ هئا.

يونان ۽ مصر جي تهذيب غلامن جي محنت مان تعمير ٿي. يونان جي مشهور فيلسوف ۽ انسان دوست مفڪر ارسطاطاليس پنھنجي ڪتابن ۾ لکيو آهي تہ غلاميءَ جو رواج نہ فقط جائز آهي، مگر انساني ترقيءَ لاءِ ضروري آهي. اڄ هي ڪھڙو نہ واهيات نظر اچي ٿو!

رسول اڪرم ﷺ جي دور ۾ غلامي جو رواج جائز هئو. حضور انور غلامي جي رواج کي برو چيو ۽ غلام کي آزاد ڪرڻ کي هڪ وڏو ثواب قرار ڏنو. حضور انور غلامن جي زندگيءَ کي خوشتر بنائڻ لاءِ سفارشون ڪيون: غلام کي سنو کاڌو ڏيو جو پاڻ کائو چڱو ڪپڙو ڏيو جو پاڻ پهريو.... وغيره.

1833ع ۾ هڪ انسان دوست انگريز وليم ولبر فورس جي حياتيءَ جي جدوجهد کان پوءِ انگريزي پارليامينٽ غلاميءَ جي رواج کي انگريزي سلطنت ۾ قطعاً بند ڪيو. هي انسان جي تاريخ ۾ شاندار ڪارنامو هئو. آهستي آهستي آمريڪا، فرانس ۽ ٻين ملڪن ۾ به غلاميءَ جي رواج کي بند ڪيو ويو.

افسوس تہ اسلامي ملڪن ۾ اڄان تائين هي منحوس رسم هلي اچي ۽ ان ۾ ڪن مولوين جو رايو آهي تہ غلاميءَ کي بند ڪرڻ ڪفر جي مترادف آهي! اهي مولوي موجوده زمينداريءَ کي بہ جائز سمجهن ٿا.

غلامي صورتون بدليندي آئي آهي، انسان ترقي ڪندو آيو آهي، مگر غلامي صفا بند نہ ٿي وئي آهي. زمينداري نظام بہ غلاميءَ جي رسم جي هڪ صورت آهي. هاري زميندار جو غلام ٿي ڪم ڪري ٿو.

هن ڪتاب ۾ مون هن ڳالهہ جي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ زمينداري نظام غلط نظام آهي ۽ ان کي ختم ڪرڻ قوم ۽ ملڪ جي لاءِ بلڪل ضروري آهي. زمينداري نظام حقيقت ۾ قوم جي ترقيءَ جي راهہ ۾ وڏي ۾ وڏي رنڊڪ آهي.

## زمينداري کي ختم ڪيئن ڪجي؟

زميندار کي زميندار بہ هاري ڪري ٿو ۽ زميندار کي ڊاهيندو بہ هاري آهي. جنهن عوامي طاقت انگريزي حڪومت کي ختم ڪيو سا طاقت زميندارن کي ختم ڪري سگهي ٿي. هي تاريخ جي تقاضا آهي.

جهڙي طرح انسان اوزارن ۽ ڪلن جي ذريعي پاڻ تان محنت جو بوجهہ گهٽائيندو آيو آهي ۽ پنهنجي لاءِ زياده فرحت جا موقعا پيدا ڪري دماغي ۽ جسماني ترقي ڪندو آيو آهي، اهڙي طرح هن لڙائيءَ جي طريقن ۾ بہ سڌارو ڪيو آهي.

هڪ طرف انسان تلوارن، بندرقن، توبن ۽ ائٽم بمن سان وڙهي ٿو تہ ٻئي طرف هن ووٽ جو طريقو ايجاد ڪري صلح ۽ امن سان حقن وٺڻ جو رستو بہ اختيار ڪيو آهي.

جتي اڳي ماڻهو پنهنجا حق تلوارن سان وٺندا هئا، اتي هاڻي هُو ووٽ جي ذريعي پنهنجا حق وٺي سگهن ٿا.

جيڪڏهن ووٽ وٺڻ ۾ انصاف ۽ امانت کان ڪم ورتو وڃي ۽ صحيح نمائندا چونڊجي اچن تہ هوند گهڻي ڀاڱي اسان جا قومي مسئلا پُرامن طريقن سان حل ٿي وڃن. مگر افسوس جو زميندار طبقو پنهنجي پئسي جي طاقت سان، دوکيبازي، رشوت ۽ ناجائز طريقن سان پاڻ کي چونڊائي ٿو.

جو ماڻهو رشوت ۽ زبردستي ۽ ناجائز طريقن سان پاڻ کي چونڊائيندو سو رشوت کي ڪيئن بند ڪندو سو امن ڪيئن قائم ڪري سگهندو؟

سنڌ هاري ڪاميٽي هارين جي نمائنده جماعت آهي، جا هارين جي حقن لاءِ سالن کان لڙندي آئي آهي. هن لڙائي ۾ جيڪڏهن خود هاري زميندارن کي ووٽ ڏيندا. جن زميندارن کين سالن کان پئي ستايو آهي ۽ سندن خون پيتو آهي، تہ پوءِ هنن کي(هارين کي) ڪيئن حق ملي سگهندا؟

جيڪڏهن هاري پاڻ انصاف نہ ڪندا تہ کين ڪيئن انصاف پلئہ پوندو؟

مان هي ناچيز ڪتاب، سنڌ جي هارين جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو تہ شال هارين جي ستل قوم جي شينهن واري طاقت اٿي ۽ پنهنجا تاريخي ڪارناما "هاري انقلاب" کي عمل ۾ آڻي دنيا کي ڏيکاري تہ سنڌ جا هاري دنيا جي انهن ٻين هارين کان پوئتي نہ آهن، جن پنهنجي اتحاد ۽ طاقت جي ڪرامت سان حڪومتون هٿ ڪيون آهن. زميندارئَ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ جن جي ڪارنامن کان دنيا محو حيرت آهي.

گر قبول افتد زهي عزو شرف

**حيدربخش جتوئي**

حيدرآباد سنڌ

# ترتيب


**باب پهريون:**

| | |
|---|---|
| زمينداري غلط نظام آهي | 29 |
| هاري ۽ زميندار | 29 |
| حقيقي طاقت جو مالڪ هاري آهي نـ زميندار | 30 |
| زمينداري قدرتي قانون جي خلاف آهي | 32 |
| زمينداري نظام غلط نظام آهي | 34 |
| هاري ۽ انقلاب | 34 |
| زميندار جا وحشي اوزار | 35 |
| مذهبي اوزار | 36 |
| غلط دليلبازيءَ جا اوزار | 38 |
| قانوني اوزار | 42 |
| زميندار ي ۽ عيوضو | 45 |

**باب ٻيون:**

| | |
|---|---|
| زميندار ۽ انگريز | 48 |
| انگريزن جي تاريخ جو روشن پاسو | 49 |
| انگريزي تاريخ جو اونداهو پاسو | 53 |
| پراڻي ڳوٺاڻي زندگيءَ جو خاتمو | 54 |
| زميندار يءَ جو بنياد | 55 |
| حقن جو رڪارڊ | 57 |
| هاري زمينن کان جدا ٿي ويو | 58 |
| هاريءَ جي موجوده بيڪسي | 59 |
| سکر بئراج | 61 |

**باب ٽيون:**


| | |
|---|---|
| سنڌ ٽيننسي ائڪٽ لاءِ جدوجهد | 65 |
| ٽيننسي ليجسليشن ڪاميٽي | 65 |
| راجر ٿامس ڪاميٽي | 69 |
| راجر ٿامس ڪاميٽيءَ جون سفارشون | 71 |
| سرهاري هاري ڪانفرنس | 72 |
| هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ تڪرار | 74 |
| سنڌ ٽيننسي بل 1949ع | 76 |
| سليڪٽ ڪاميٽي | 77 |
| هاري حقدار ايڊيٽوريل 25 مارچ 1949ع | 79 |
| هاري زميندار ڪانفرنسون | 84 |
| شيخ دين محمد ايڪٽ کي سڏاريو | 88 |


**ضميمات**


| | |
|---|---|
| الف ـ سنڌ ٽيننسي بل ۽ ائڪٽ 1 کان | 92 |
| ب ـ هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ عهد نامو | 118 |
| ج ـ سنڌ ٽيننسي بل تي نڪته چيني | 125 |
| د ـ سنڌ ٽيننسي بل تي هارين ۽ زميندارن جا رايا | |
| ـ حيدرآباد ڪانفرنس | 136 |
| ـ سکر ڪانفرنس | 144 |
| ـ لاڙڪاڻو ڪانفرنس | 152 |
| ـ ٺٽو ڪانفرنس | 162 |
| ـ ميرپورخاص ڪانفرنس | 166 |
| ـ نواب شاهه ڪانفرنس | 180 |

# زمينداري غلط نظام آهي

جيستائين زميندار سرشتو ختم نہ ڪيو ويندو تيستائين هاريءَ کي جسماني، دماغي ۽ روحاني آزادي ميسر ٿي نہ سگهندي ۽ هاريءَ جو سڌارو خوشحالي ۽ ترقي محال آهي. جنهن صورت ۾ سنڌ توڙي پاڪستان زرعي ملڪ آهن، جن جي آدمشماري جو تمام وڏو حصو (تقريبن 80 فيصد) هاري آهن، تنهن صورت ۾ هارين جي بدحالي ۽ غلامي معنيٰ پاڪستان جي بدحالي ۽ غلامي ۽ هارين جي خوشحالي ۽ ترقي معنيٰ پاڪستان جي خوشحالي، ترقي ۽ استحڪام.

## هاري ۽ زميندار

هاري ۽ زميندار بہ جدا، بلڪ متضاد طاقتون آهن ۽ هنن کي انسانيت جي ناتي ۾ يا اسلام يا ٻئي مذهب جي ناتي ۾ هڪ سمجهڻ حقيقتن جي خلاف آهي.

زميندار زمين تي مالڪيءَ جو حق رکي، زمين تي فقط معمولي يا نالي ماتر محنت ڪري زمين جي پيداوار جو وڏو حصو (اڌ ٻٽئي، ابواب وغيره) هٿ ڪري ٿو. برعڪس ان جي، هاري اونهاري جي اُسن ۽ جهولن ۾ ۽ سياري جي سيئن ۽ پارن ۾ ڏينهن رات زمين تي محنت ڪري ٿو لنديون لتاڙي ٿو فصل تيار ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻٽئيءَ وقت زميندار يا سندس ڪمدار جي رحم ۽ ڪرم تي رهي ٿو ۽ پيدائش جو اڌ کان بہ گهٽ حصو حاصل ڪري سگهي ٿو سندس زمين تي ڪوبہ حق نٿو رهي.

زميندار نہ فقط زمين تي هاريءَ کان محنت ڪرائي ٿو پر ان کي بيگر، چيٽ ۽ ٻين نمونن ۾ وهائي هڪ دائمي غلاميءَ ۾ جڪڙي رکي ٿو. هاري سڀ

تڪليفون برداشت ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته زميندار وٽ هڪ زبردست هٿيار آهي- زمين تان بيدخلي. زمين تان بيدخلي معنيٰ هاريءَ لاءِ مصيبت.

جيستائين زمين نئين، سڌارڻي آهي، تيستائين زميندار هاريءَ جو محتاج آهي. "ٻچا، تون زمين ناهه. سڌار، تنهنجن پوين کان به زمين ڪانه کسبي." ويچارو هاري خون پسينو هڪ ڪري زمين کي سڌاري ٿو ۽ قومي پيداوار کي وڌائي ٿو پر جيتري قدر هاري محنت ڪري زمين کي گلزار بڻائي ٿو اوتري قدر زمين سان سندس محبت لڳي ٿي ۽ اوتري قدر سندس محنت، سندس مصيبت جو ساز سامان تيار ڪري ٿي. زمين سڌرڻ تي زميندار جي روش بلڪل بدلجي ٿي: "شيطان، جيڪڏهن بيگر نه وهندين يا ابواب نه ڏيندين ته نڪر ٻاهر. انهيءَ زمين لاءِ هاري گهڻا آهن!" هاري ويچارو وڃي ڪيڏانهن؟ ڪٿي بهتر زميندار آهي؟ بيدخلي معنيٰ مصيبت.

هاري چاهي ٿو ته زمين تي سندس حق تسليم ڪيو وڃي، ٻنڌيءَ ۾ ڪيس وڏو حصو ملي، ڇيڙ بيگر کان آزاد رهي ۽ آخر زمينداري ختم ٿئي. زميندار چاهي ٿو ته فقط سندس حق هجي ۽ هاريءَ جو ڪوبه حق نه هجي، ٻنڌيءَ ۾ اڌ کان سواءِ ابواب ۽ لوزما به وصول ڪري سگهي، هاريءَ کان مفت خدمتون حاصل ڪري سگهي، ۽ موجوده زمينداري سرشتو هميشه لاءِ برقرار رهي.

اهڙيءَ طرح هاري ۽ زميندار بلڪل متضاد طاقتون آهن.

## حقيقي طاقت جو مالڪ هاري آهي ۽ نه زميندار

دنيا جي هر چيز جنهن کي قدر ۽ قيمت آهي، ان ۾ هڪ چيز ضرور سمايل آهي ۽ اها آهي انسان جي محنت. انسان جو پورهيو. هر شيءِ جو مدار انسان جي محنت جي مقدار ۽ خاصيت تي آهي. انسان جي محنت کان سواءِ ڪاڻ اندر قيمتي هيرو ڪوڏيءَ کان به گهٽ لهي ٿو. واهن ۽ ڪڙين ڪوٽڻ سان درياءَ جو پاڻي زمين ۾ اچي آبِ حيات جو ڪم ڏئي ٿو نه ته درياءَ جو پاڻي سمنڊ ۾ داخل ٿي کارو پاڻي ٿي وڃي ٿو باغ جي ڦردار وڻ ۾ انسان جي محنت سمايل آهي: ڇڪي ڪٽڻ، پاڻي ڏيڻ، ٻوٽي کي لوڙهو ڏيڻ وغيره. نه ته وڻ شروع ۾ ئي سڪي وڃي ها. يا ٻڪرين ۽ ائن جو ڪاج ٿي وڃي ها. انسان جي محنت ۾ اها ڪرامت آهي، جا مٽيءَ مان اناج پيدا ڪري ٿي،

جنهن مان باغ بستان، محل ماڙيون، قلم، ڪتاب، ريل، ريڊيا ٺهن ٿا ۽ جنهن هن ڌرتيءَ جي شڪل ۽ نقشو ڦيرائي ڇڏيو آهي.

زرعي پيداوار هاريءَ جي محنت جوئي معجزو آهي. هاري مٽيءَ سان مٽي ٿي، ان مان گلزار بنائي ٿو اناج پيدا ڪري ٿو ڪپهه، سڻي پيدا ڪري ٿو.

هر ڪير ڪاهي ٿو؟ ريج ڪير ڏئي ٿو؟ هاري جهنگل ۾ ڪير هلي ٿو؟ ٻنا ڪير ٻڌي ٿو؟ هاري جهار ڪير هڪلي ٿو لابارو ڪير ڪري ٿو؟ هاري ڳاهه ڪير ڳاهي ٿو؟ چونڊو ڪير ڪري ٿو؟ هاري غرض ته زراعت. کيتيءَ جي هر دور ۾ هاريءَ جو هٿ آهي.

زميندار هر ڪاهيندو آهي، نه جهار هڪليندو آهي، نه لابارو ڪندو آهي ۽ نه ڪاتي ڪٽندو آهي؟ نه- هُو ته پاڻي به ڪٽ تان اٿي پري نه پيئندو آهي. ڪيس نوڪر ڪپي. زميندار زمين تي محنت ڪونه ٿو ڪري، بلڪ هو زمين کان سوين ڪوهه پري هوائي بندرن ۽ بنگلن ۾ عياشي ڪري ٿو ۽ هن کي خبر ئي ڪانهي ته منهنجي زمين ڪٿي ۽ ڪهڙي آهي.

ان جي معنيٰ ته حقيقي طاقت جو مالڪ هاري آهي. زميندار هڪ بيڪار هستي آهي، زميندار هاريءَ جو محتاج آهي، هڪ ڏيڍري آهي. هي آهي هاريءَ جي حقيقي حيثيت.

هاري جي پورهئي مان زميندار ڍل ڏئي ٿو ۽ پاڻ عيش ڪري ٿو. هاريءَ جي پورهئي مان عملدار، وزير، گورنر، سڀ پلجن ٿا ۽ مزا ماڻين ٿا. هي سڀ هاريءَ جا نمڪ خور آهن. تنهن ڪري هاريءَ جو حق فطرتي سرمائي، يعني زمين تي زميندار کان وڌيڪ آهي.

تنهن کان سواءِ، هينئر جڏهن جمهوريت جو زمانو اچي رهيو آهي ۽ حڪومت جو بنياد، گهڻي جدوجهد کان پوءِ پشت به پشت شخصي بادشاهن ۽ خليفن کان کسي عوام جي راءِ (يعني ووٽ) تي رکيو ويو آهي، جنهن ۾ هڪ زميندار نواب کي به هڪ ووٽ آهي ۽ اهڙي وزن جو ووٽ آهي، جهڙو هڪ غريب هاريءَ کي، جڏهن هڪ زميندار جي مقابلي ۾ هزارها هاري ووٽر آهن، تڏهن ظاهر آهي ته هاري نه فقط قوم جا پالينڌڙ ۽ ابا آهن، پر هو ملڪ جا حاڪم به آهن. هاڻي هاري پنهنجي ووٽ جي زور سان حڪومتون ڊاهي به سگهن ٿا ۽ ناهي به سگهن ٿا، جا حڪومت هاري پنهنجي باشعور

ڪوشش ۾ منظم طاقت سان ناهيندا. سا ضرور زمينداري حڪومت کان بهتر ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ هارين جي حڪومت ۾ قوم جي وڏي اڪثريت جي مفاد کي پيش نظر رکيو ويندو. موجوده زمينداري حڪومت ۾ صرف چند زميندارن جي مفاد کي جڳھ آهي ۽ جنهن جو لازمي نتيجو آهي، هر قسم جا ظلم، بي ايماني، رشوت، بک، بدامني وغيره.

اناج اپائي بہ هاري ۽ بک بہ هاريءَ جي گهر ۾. ڪپهہ پيدا بہ هاري ڪري ۽ انگ اگهاڙو بہ هاري. حالانڪ محنت جي طاقت جي لحاظ سان، توڙي ووٽ جي اڪثريت جي لحاظ سان. حقيقي طاقت جو مالڪ، ملڪ جو حقيقي حاڪم ۽ بادشاهہ هاري آهي ۽ نہ زميندار.

## زمينداري قدرتي قانون جي خلاف آهي

جنهن قدرت انسان کي وجود ۾ آندو ان هڪ طرف انسان کي وڏين طاقتن ۽ صفتن جو مالڪ ڪيو جو هو اشرف المخلوقات جو خطاب رکي ٿو. گهوڙا، ڍاند، هاٿي ۽ شينهن جي انسان کان ڪئين دفعا زياده جسماني طاقت رکن ٿا. انهن تي انسان حاڪم آهي ۽ انهن کي هو پنهنجي نفعي خاطر استعمال ڪري ٿو. ٻئي طرف انهن طاقتن سان گڏ قدرت انسان کي ڪن شين جو محتاج بہ رکيو آهي.

قدرت انسان کي هوا جو محتاج رکيو آهي. هوا کان سواءِ انسان پل بہ زنده رهي نہ ٿو سگهي.

مگر جنهن قدرت انسان کي هوا جو محتاج رکيو آهي، ان هوا کي هر هنڌ موجود بہ رکيو آهي، بغير قيمت جي ۽ سڀني لاءِ يڪسان.

جيڪڏهن هوا کي شيشن ۾ بند ڪري سگهجي ها تہ ڪيترا شاهوڪار ۽ زميندار" هوا بند شيشہ ڪمپنيون" برپا ڪن ها ۽ ٻري اگهہ تي هوا جو وڪرو ڪن ها ۽ اهڙيءَ طرح هزارن غريبن کي جيئڻ نہ ڏين ها.

قدرت انسان کي روشنيءَ جو محتاج رکيو آهي، سج جي روشنائيءَ کان سواءِ اسان ڪجهہ ڏسي نہ سگهون ها. سج جي روشنائي ۽ گرمي، پوک ۽ وڻن جي اسرڻ لاءِ ضروري آهي. زمين کي چاليهي جا هر ڪارائڻ، پاڻ جي حيثيت رکن ٿا. وڻ جي ڇانو هيٺ جتي روشني گهٽ هوندي آهي، اتي فصل

بہ گھٽ ٿيندو آهي. روشنائي زيانڪار جيوڙن کي ناس ڪري ٿي: لاڳيتي جُهڙ سبب فصلن کي مهلو ۽ ٻيون بيماريون لڳي وينديون آهن.

مگر جنهن قدرت اسان کي روشنيءَ جو محتاج رکيو آهي، ان روشنيءَ کي هر هنڌ موجود بہ رکيو آهي، بغير قيمت جي ۽ سيني لاءِ يڪسان. قدرت زميندارن لاءِ هڪ جدا سج ۽ هارين لاءِ ننڍڙا تارا ڪونہ ناهيا آهن. سج جي روشني هر ڪنهن لاءِ موجود آهي.

اهڙيءَ طرح قدرت اسان کي پاڻيءَ جو بہ محتاج رکيو آهي: پيئڻ لاءِ، مال لاءِ، فصلن لاءِ ۽ پاڻي بہ ڌرتي تي هر هنڌ موجود آهي. جو ٿوريءَ محنت سان هٿ ڪري سگهجي ٿو.

انهن سيني شين کان سواءِ انسان کاڌي جو محتاج آهي، ڪپڙي جو محتاج آهي، جاءِ جو محتاج آهي ۽ انهن سيني جو بنياد آهي زمين، زمين مان اناج ۽ ڪپهہ پيدا ٿئي ٿي ۽ زمين مان گاهہ نڪري ٿو جنهن تي مال، ڍڳن، گهوڙن جو گذران آهي. زمين مان ڏاتو ۽ هر ضروري شئي ملي ٿي.

هاڻي جنهن قدرت اسان کي هوا، روشني ۽ پاڻيءَ جو محتاج رکيو ان هوا روشني ۽ پاڻي اسان لاءِ موجود رکيا آهن. ساڳي قدرت_ جنهن اسان کي کاڌي، ڪپڙي جو محتاج رکيو، سا اسان کي زمين کان ڪيئن محروم رکندي؟ واقعي قدرت هر انسان لاءِ زمين موجود ڪئي آهي، خلق خدا، ملڪ خدا.

هر هڪ انسان جو ايتري زمين تي حق آهي، جيتري هنجي رهڻ ۽ گذاري لاءِ ضروري ۽ ڪافي آهي. زمين تي هر هڪ انسان جو برابريءَ جهڙو حق آهي. هي انصاف نہ آهي تہ هڪڙو انسان لکن ايڪڙن تي مالڪيءَ جو حق رکي ۽ لکن انسانن کي وري ويهڻ لاءِ ويسو بہ نہ ملي ۽ گذاري لاءِ ايڪڙ بہ نہ. ڪوبہ انسان ماءُ پيٽان زمينداريءَ جو چنو آڻي ٿو؟

سنڌ ۾ چار هزار اهڙا زميندار آهن، جن کي ٻن هزار ايڪڙن کان مٿي زمين آهي ۽ سنڌ ۾ ٽيهہ لک اهڙا هاري آهن، جن کي ويسو بہ زمين ڪانهي. زمين جي اها ورڇ بي انصافيءَ تي ٻڌل آهي ۽ قدرتي قانون جي خلاف آهي.

قدرتي قانون جي تقاضا آهي تہ جنهن صورت ۾ سنڌ ۾ نوي لک ايڪڙ لائق آباد زمين آهي ۽ سنڌ ۾ پنجيتاليهہ لک آدم آهي، تنهن صورت ۾ هر هڪ ماڻهوءَ کي اٽڪل بہ ايڪڙ ملن ٿا. نواب غيبي خان جي گهر ۾

جيڪڏهن ڏهه ياتي آهن ته سندس حق فقط ويهن ايڪڙن تي آهي ۽ سندس نون لکن جريبن تي قبضو بيجا آهي، قدرتي قانون جي خلاف آهي. زميندارن قدرتي قانون کي ٽوڙيو آهي ۽ هاڻي قدرتي قانون ٽوڙيندڙن کي ٽوڙڻو آهي ۽ زمين هارين ۾ ورهائڻي آهي. هارپ ۽ پورهئي جي لحاظ کان هارين جو زمين تي سيني کان وڌيڪ، سيني کان مقدم حق آهي.

## زمينداري نظام غلط نظام آهي

زمينداري نظام غلط نظام آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ پورهيت، محنت ڪش طبقو مصيبتن ۾ ڦاٿل آهي ۽ زميندار طبقو خوشحال ۽ عيش عشرت ۾ مصروف آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ هڪ محنت ڪندڙ شريف ماڻهو ذليل رهي ٿو ۽ هڪ بيڪار ۽ بدڪار ماڻهو صرف دولت جي لحاظ کان شريف ۽ معزز سمجهيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته ان ۾ هڪ انسان ٻئي انسان کي پنهنجي ذاتي نفع خاطر مزور ۽ غلام ڪري وهائي ٿو ۽ وهائي وهائي ان جو ساهه ڪڍي ٿو. ان ۾ زال ذات جي عزت ۽ عصمت کي هزار هيلن سان وڪيو وڃي ٿو. هڪ انسان ٻئي انسانيت کي تباهه ڪري ٿو. هن غلط نظام کي مٽائڻ هر نيڪ انسان جو فرض آهي. هن غلط نظام کي مٽائي ان جي جاءِ تي هڪ اهڙو نظام قائم ڪرڻ ضروري آهي، جنهن ۾ هر انسان کي محنت جو پورو موقعو ملي ۽ پورو اجورو ملي، جنهن ۾ هر انسان پنهنجي محنت جي ڦل جو مالڪ پاڻ هجي، جنهن ۾ پورهيو هڪ مصيبت نه پر هڪ فطري تقاضا ۽ مسرت ۽ فخر جو باعث هجي، جنهن ۾ سڀ قدرتي وسيلا ۽ نعمتون سڄي قوم لاءِ وقف هجن ۽ هر ڪنهن کي ضرورت موافق حصو ملي، جنهن ۾ علم ۽ دانش عام هجن، جنهن ۾ انساني دماغ ۽ خيال آزاد رهن، جنهن ۾ عدل، انصاف ۽ مروت جو راڄ هجي، جنهن ۾ امن، آرام، فراغت ۽ فرحت هر ڪنهن کي ميسر ٿين ۽ جنهن ۾ مڪمل انساني برابري برقرار رهي.

## هاري ۽ انقلاب

هن غلط نظام کي مٽائڻ جي انقلاب جو ڪم ڪنهن کي سرانجام ڪرڻو آهي؟ هي ڪم انهيءَ طبقي جو آهي، جو هن غلط نظام جي خرابين

۾ بي انصافين جو شڪار آهي. يعني هاري طبقو هن انقلاب جي مخالفت ڪير ڪندو؟ اهو طبقو جنهن کي هن غلط نظام مان فائدو آهي. يعني زميندار طبقو زميندار هر نموني ۾ هن انقلاب جي آخر دم تائين مخالفت ڪندو ۽ هاري طبقي جي خلاف هر قسم جا اوزار ڪتب آڻيندو. زميندار جا اوزار وحشي آهن، مذهبي آهن، غلط دليل بازي آهن، قانوني آهن. وغيره.

## زميندار جا وحشي اوزار

زميندار اصل کان وحشي اوزار پئي ڪم آندا آهن يعني ڏاڍ مڙسي، پئسي، پوليس ۽ حڪومت جي ذريعي دٻاءُ، ماراماري، خونريزي، مال چوري، ڪوڙا مقدما، وغيره.

زميندار جيڪڏهن ڪنهن غريب تي ڪاوڙجي ٿو ته هن کي پنهنجي هٿن سان يا پنهنجي نوڪرن ۽ چاڙتن يا غندن هٿان مارڪٽ ڪيائي ٿو. يا گارگند سان ڪيس ذليل ۽ خوار ڪري ٿو. غريب جي ڪٿي به داد رسي ڪانه ٿي ٿئي. هن کي مجبور ٿي زميندار جو ڳوٺ ۽ راڄ ڇڏڻو پوي ٿو.

جيڪڏهن اجان به غريب ڳوٺ نٿو ڇڏي ته زميندار ان جو مال (ڍڪ) تي موڪلي ٿو پٽڻ ۽ مال جو پاڻي بند ڪري ٿو ۽ غريب جي زندگي زهر ڪري ٿو. ڪوڙن مقدمن ۽ ڪوڙين شاهدين ناهڻ ۾ زميندار خاص طرح چالاڪ آهي.

جيڪڏهن وڏيري جي ڪنهن سان دشمني ٿئي ٿي ۽ دشمنيءَ جو سبب شايد اهو هوندو جو ڪنهن غريب ان وڏيري کي سلام نہ ڪيو هوندو يا پيرين نہ پيو هوندو يا بيگر کان انڪار ڪيو هوندو ته وڏيرو ڪنهن بيوقوف غريب کي اشارو ڪندو ته وڃي ان بدبخت جي ڳئون چورائي. "مان وينو آهيان، ڪير تنهنجو نالو وٺي." اهو بيوقوف وڃي ڳئون چورائيندو. ٿيندي پوليس وٽ رپورٽ. هلندو وڏيرو ڏاڍي تي ۽ ٿيندو سرخرو پوليس وٽ. "هي ويهين چوري مون پڪڙائي آهي. مون کي ڊي ايس پي کان آفرين نامون ضرور وٺائي ڏجو." بيوقوف غريب کي ڳئون سوڌو وجهائيندو جيل اندر. "بيوقوف! مون توکي چرچو ڪري چيو هئو، تو چو وڃي پرائي ڳئون چورائي ۽ پاڻ ڦاسايو؟" پوءِ وڏيرو ونندو پاسو قيديءَ جي مائٽن جو: "بابا،

هيئنئر پئسي سان جند چئنديءَ سو روپيہ صوبيدار لاءِ، پنجويهہ روپيہ جمعدار جي لاءِ نہ تہ وڪيلن ۽ مئجسٽريٽن جا خرچ ڀڏو پيا." اهڙيءَ طرح وڏيرو ڪيترن غريبن جا خانہ خراب ڪريو ڇڏي.

ڪوڙن مقدمن ۾ البتہ تڪليف آهي: شاهد تيار ڪرڻ، وڪيل ڪرڻ، وغيره. اڄ ڪلهہ وڏيرا پنهنجن دشمنن کي صفا خون ڪرائي ڇڏين ٿا، جنهن لاءِ وٽن غنڊا موجود آهن. جيڪڏهن ان غنڊي کي هيٺين ڪورٽ مان آزاد نہ ڪرايو ويو تہ پرواهہ ناهي. هوم منسٽر صاحب پنهنجو آهي، ڦاسيءَ جي سزا معاف ڪري ڇڏيندو.

هڪ طرف، جيئن جيئن عوامي طاقتون وڌنديون وڃن ۽ بيداري پڪڙجندي وڃي، جيئن جيئن اخبارن جو آواز طاقتور ٿيندو وڃي، تيئن تيئن وحشي اوزار مُڏا ٿيندا وڃن.

ٻئي طرف، علم ۽ روشنيءَ سان گڏ زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ حرفتبازي ۽ چالاڪي بہ واڌارو ڪيو آهي، جنهن ڪري نئين سج، نوان وحشي طريقا نمودار ٿيندا ٿا وڃن.

## مذهبي اوزار

جيتوڻيڪ هر مذهب نيڪ نيتيءَ سان انسان ذات جي سڌارن لاءِ ڪوشش ڪئي آهي ۽ وقت جي مسئلن ۽ مشڪلاتن جو حتي الامڪان حل پيش ڪيو آهي، مگر افسوس آهي جو اڳتي هلي انهن ئي مذهبي سببن خدا ۽ خدا پرستيءَ جي نالي ۾ ايترا انسان خون ٿيا آهن، جيترا انساني لالچن ۽ نفس پرستيءَ سبب بہ نہ ٿيا آهن. جنهن ڪري انهن مذهبن جو اصلي مقصد فوت ٿي ويو آهي. حڪمران طبقي هميشہ پنهنجي طاقت جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ مذهبي مولوين جي فتوائن جي ذريعي مذهب کي وڏو هٿيار ڪري ڪم آندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ ڪلهہ مذهبن ۽ مذهبي پيشوائن ۾ عوام جو اعتماد گهٽبو وڃي ۽ تجربي جي بنياد تي هو پنهنجي قسمت جون واڳون مذهبي پيشوائن کان کسي پنهنجي هٿن ۾ ڪندا وڃن.

زميندار طبقي هميشہ کان وحشي اوزارن سان گڏ مذهب کي بہ پنهنجي مطلبن ۽ غرضن لاءِ استعمال پئي ڪيو آهي. هندو زميندار

پنهنجي هندو هاريءَ کي چوي ٿو: "اسان جي ويدن ۽ شاسترن پٽاندر هر ساهدار پنهنجي ڪرمن موجب جنم وٺي ٿو. راجا اڳئين جيون ۾ ڀلا ڪم ڪيا هئا تڏهن راجا ٿيو آهي. ڀنگي اڳئين جيون ۾ بڇڙا ڪم ڪيا تڏهن ڀنگي ٿيو آهي. ڀنگيئو! چڱي طرح صفائي ڪريو پوڄا ڪريو راجا جي آڳيا مڃو تہ ٻئي جنم ۾ راجا ٿي پوندئو! هاريئو! پورهيو ڪيو فرمان بردار ٿيو چون چرا نہ ڪيو ٻئي جنم ۾ اوهان زميندار ٿي پوندا."

مسلمان زميندار چوي ٿو: "الله تعاليٰ بعض ماڻهن تي شرف ڏنو آهي. قادر جي تقدير زميندار کي زميندار ڪيو آهي، هاريءَ کي هاري ڪيو آهي. الله جي حڪم کان سواءِ ڪک بہ نہ ٿو چري. هاريئو حسد نہ ڪريو رضا تي راضي رهو."

عيسائي پادري فرمائي ٿو: حضرت عيسيٰ جو قول آهي تہ "هڪ شاهوڪار بهشت ۾ وڃي- اهو ايترو مشڪل آهي جهڙو سئيءَ جي ناڪڙي مان اٺ جو لنگهڻ." هن جو مطلب آهي تہ غريب انهيءَ ۾ خوش رهن تہ ايندڙ دنيا ۾ غريب بهشتي ٿي رهندا ۽ شاهوڪار دوزخي. فڪر ناهي جيڪڏهن شاهوڪارن هن دنيا ۾ ٿورو وقت عيش ڪيو. اڳتي غريب هميشہ لاءِ سک ماڻيندا. هن خوابي دنيا جي تڪليفن ۽ مصيبتن جي پرواهہ ناهي. غريبن کي پنهنجن حقن سارڻ ۽ وڙهڻ جو ڪهڙو ضرور؟

اهڙيءَ طرح غريبن، هارين ۽ مزدورن جي انقلابي جذبات کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي ٿي.

حقيقت ۾ زميندار مسلمان هجن يا هندو يا پارسي، پاڻ ۾ هڪ آهن، سندن حلت، هلت، لباس، طعام اعليٰ پيماني تي آهي. مسٽر محمد ايوب کهڙو مکي گوبند رام توڙي مسٽر فقير جي گولواڙ. ٽيئي فرسٽ ڪلاس گاڏي ۾ گڏجي سفر ڪن ٿا.

ٻئي طرف ذات هاري، مسلمان، هندو پارسي، يا عيسائي، هڪ طاقت آهن، سندن رهڻي ڪرڻي هڪ جهڙي ۽ زميندارن کان الڳ آهي. هنن جي جاءِ ٿرڊ ڪلاس گاڏو آهي.

مسلمان زميندار- مسلمان هارين کي اسلام جي نالي ۾ ۽ اسلام جو واسطو ڏيئي، هندو هارين جي خلاف ڀڙڪائي ٿو ۽ هندو زميندار- هندو هارين کي هندو ڌرم جي نالي ۾ مسلمان هارين جي خلاف ڀڙڪائي ٿو.

سندن مقصد آهي، هارين ۾ نفاق ۽ انتشار پيدا ڪرڻ. سندن واسطو اسلام يا هندو ڌرم سان اهڙو ناهي، جهڙو پنهنجي زميِنداري طاقت برقرار رکڻ سان.

## غلط دليلبازيءَ جا اوزار

1. "پنج ئي آڱريون برابر نہ آهن." ان مان ثابت آهي تہ قدرت ڪن کي وڏو ڪيو ڪن کي ننڍو ڪيو ڪن کي زميندار ڪن کي هاري، ڪن کي شاهوڪار، ڪن کي غريب، هي آهي زميِنداري دليل.

اول تہ سيني انسانن جي ساخت قدرت هڪ جهڙي ڪئي آهي: ٻہ اکيون، ٻہ ڪن، هڪ زبان وغيره. سيني انسانن کي عضوا هڪ جهڙا آهن. ائين ناهي تہ غريب کي ٻہ اکيون ۽ شاهوڪار کي ٽي چار اکيون آهن. سڀ انسان هڪ تقويم ۾ پيدا ٿين ٿا. ائين بہ ناهي تہ زميندار کي ماءُ پيٽان زمينداري مهر لڳل آهي. بلڪ ڪيترا غريب هاري آهن جي زميندارن کان وڌيڪ طاقتور ۽ سهڻا آهن. مسٽر کهڙو شير ملهہ سان ملهہ وڙهي ڏسي تہ خبر پويس.

ائين برابر آهي تہ فهم ۾، ذڪا ۾، محنت ۾، قوت ۾، سڀ انسان هڪ جهڙا نہ آهن. پر ڇا! موجوده زمينداري نظام ۾ مال ملڪيت هر ڪنهن کي فهم مصنف، ۽ طاقت مطابق آهي؟ اڪثر حالتن ۾ قابل، ايماندار ۽ عالم شخص مسڪينيءَ ۽ محتاجيءَ ۾ گذر ڪن ٿا ۽ ڪيترا جاهل ۽ بي ايمان صرف نڳي ۽ بدمعاشي ذريعي مان شان سان هلن چلن ٿا.

پنجن آڱرين ۾ واقعي تفاوت آهي، پر اهو بہ ڪن حدن اندر آهي. جيڪڏهن ڇيچ ڏيڍ انچ آهي تہ وڏي وچين آڱر اڍائي انچن اندر آهي. ائين ناهي ڇيچ ڏيڍ انچ آهي تہ آڱوٺو پنج فوٽ يا پنجاهہ فوٽ آهي. جيڪڏهن هاري اڌ سير اٽو کائي ٿو تہ زميندار پنج مڻ ڪونہ ٿو کائي.

زمينداري نظام ۾ سنڌ اندر ٽيهہ لک اهڙا هاري آهن، جن کي هڪ ويسو زمين بہ ڪانهي ۽ ڪيترا زميندار آهن جي ويهہ ويهہ هزار ايڪڙن تي مالڪيءَ جو حق رکن ٿا.

زمين جو ورهاڱو هر هڪ انسان کي سندس ضرورت ۽ صلاحيت مطابق ٿيڻ کپي. اهو ڪم موجوده زمينداريءَ کي ختم ڪرڻ سان ئي سرانجام ٿي سگهي ٿو.

1- اهڙيءَ طرح "پنجئي آڱريون برابر ناهن" جو مثال غلط آهي. ڪاڏي کائڻ وقت پنجئي آڱريون برابر ۽ هڪ جهڙيون ٿينديون آهن. هڪ لاءِ پنجئي آڱريون هڪ ٿينديون آهن.

2- "تون به رئيس مان به رئيس ته گاڏي ڪير هڪليندو!" هي آهي ٻيو زميندارې پهاڪو.

اول ته جيستائين گاڏي هلائڻ جو معاملو آهي، تيستائين حقيقي رئيس اهو آهي جو گاڏيءَ جي هلائڻ جي خدمت بجا آڻي ٿو ۽ نه اهو جو گاڏيءَ تي خاموش ۽ معتبر ٿي ويهي ٿو يا سمهي پئي ٿو.

ٻيو ته مناسب ائين آهي ته گاڏيءَ ۾ جيڪڏهن پنج ماڻهو آهن ته هر هڪ واري تي گاڏي هلائي ۽ گاڏي هلائڻ جي خدمت جو شرف حاصل ڪري.

جيڪڏهن هر ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس لياقت موجب قوم جو ڪم ورهائي ڏنو وڃي ته ان حالت ۾ گاڏي هلائڻ، فلسفي، کوجنا ڪرڻ، شعر لکڻ يا وزير ٿي ڪم ڪرڻ ۾ وڏو فرق ڪونهي.

سرمائيداري ۽ زميندارې نظام ۾ هٿن ۽ دماغ جي پورهئي ۾، واهڻ ۽ شهر ۾، وڏو فرق آهي، جنهن ۾ هٿن جي پورهئي کي نيچ سمجهيو وڃي ٿو؟ دماغي پورهئي کي شريف ۽ اعليٰ سمجهيو وڃي ٿو: اها تفريق گهٽين خرابين جو بنياد آهي ۽ اجوڪي سائنس جي زماني ۾ ان کي گهٽائي ۽ مٽائي سگهجي ٿو. اجوڪي زماني ۾ موٽر هلائڻ هڪ هنر ۽ باعث فخر سمجهيو وڃي ٿو ۽ نه باعث شرم.

الغرض ته رئيس ٿي به گاڏي هلائي سگهجي ٿي ۽ رفيق ٿي به گاڏي هلائي سگهجي ٿي، گاڏي هلائڻ رئيسائپ آهي، باعث شرم ناهي.

3- "هاري تحريڪ جو مطلب آهي، سڀ هڪ جهڙا، يعني سڀ سچا"

هاري تحريڪ جو مقصد اهو بلڪل ناهي ته سڀ سچا ٿين، بلڪ هي ته سڀ ساوا ستابا ٿين. موجوده زميندارې نظام ۾ قوم جو فقط هڪ ٿورڙو حصو اتي ۾ لوڻ جيترو، خوشحال آهي ۽ باقي سڄي قوم مسڪين ۽ بدحال آهي. زميندارې ختم ڪرڻ سان ملڪ جي سموري زمين هارين ۽ عوام لاءِ ترقيءَ جا دروازا کوليندي، جي ماڻهو بيروزگار آهن سي ڌنڌي ۾ لڳي ويندا ۽ هاري زمين ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺي پيداوار وڌائيندا. تنهن کان سواءِ مشينري ۽ باهمي امدادي

طريقن سان قومي پيداوار وڌندي، هاڻي ڪان ٽيٽي چوٽي تي سگهندي. زمينداري نظام انهن واڌارن جي رستي ۾ رنڊڪ آهي.

هاري تحريڪ ڪڏهن بہ خيالي مساوات، هڪ جهڙائي ۽ برابري جي تائيد ڪانہ ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان جي تاريخ ۾ اها اڄ تائين ناممڪن نظر اچي ٿي. هاري تحريڪ هي تقاضا ڪري ٿي تہ هر انسان کي زندگيءَ جي بنيادي ضروريات لاءِ ۽ ترقيءَ لاءِ هڪ جهڙا موقعا ملن.

سرمائيداري ۽ زميداري نظام جي مساوات ۾ ڏهن پاتين واري ملازم کي بہ ساڳيو پگهار ٽيهہ روپيہ تہ ٻن پاتين واري کي بہ ساڳيو "هڪ جهڙو". بيروزگاريءَ ۾ جوان لاءِ بہ پينشن ڪانهي تہ پوڙهي ڪنگلي لاءِ بہ ڪانهي، ٻئي "هڪ جهڙا!" پلي مرن، توڙي پنن، توڙي چوري ڪن. ساڳي مزدوري لاءِ جوان بہ اٺ ڪلاڪ پورهيو ڪري، زال بہ اٺ ڪلاڪ تہ پوڙهو بہ اٺ ڪلاڪ، سڀ هڪ جهڙا. هر هڪ مرد کي هڪ جهڙو حق آهي تہ تي چار زالون پرڻجي ۽ ڇڪلي کي وسائڻ جو بہ زالن توڙي مردن کي "هڪ جهڙو" حق.

هاري نظام ۾ اهي "هڪ جهڙيون" ڪونہ آهن. هاري نظام ۾ پوڙهن، جڏڙن ۽ ٽيج پيارينڊڙ مائرن تان پورهيو معاف آهي ۽ هو گذران لاءِ پينشن جا حقدار آهن جا پينشن قوم کي پرڻي آهي ٻارن تان پورهيو معاف آهي تہ جيئن هُو تعليم ۽ تربيت وٺي قوم جي خدمت جا لائق ٿين. ڏهن پاتين واري ملازم کي ايترو پگهار ۽ وظيفا ملن، جيئن هو سڀ آرام ۽ اطمينان سان زندگي بسر ڪري سگهن. ڌنڌي ۽ روزگار تي هر ڪنهن انسان جو حق آهي ۽ جنهن جي مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ قوم ۽ قومي حڪومت هميشہ ٻڌل آهي.

ائين ناهي تہ هاري تحريڪ سيني کي سيجو ڪرڻ چاهي ٿي. هاري تحريڪ چاهي ٿي تہ بيڪار زميندارن جي گهٽي کاڌي سبب بدهضمي کي بند ڪيو وڃي ۽ اَن اپائينڊڙ هارين جي بک دُور ڪئي وڃي.

4- "هاري تحريڪ هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ طبقاتي ڪشمڪش پيدا ڪري قومي شيرازي کي توڙي ٿي." هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ واقعي طبقاتي ڪشمڪش آهي، جنهن ۾ هاري طبقو مظلوم آهي ۽ زميندار طبقو ظالم. ظالم هميشہ پنهنجي ظلم کي لڪائڻ لاءِ هن واقعي ڪشمڪش کي لڪائي ٿو ۽ ان جو انڪار ڪري ٿو. هاري

تحريڪ هن ڪشمڪش کي ننگو ڪري ڏيکاري ٿي ۽ ساڳئي وقت ان ڪشمڪش جي ختم ڪرڻ جا اُپاءُ بہ ٻڌائي ٿي. جيڪڏهن قوم جو شيرازو ٽوڙيو آهي تہ زمينداري، جيڪڏهن طبقاتي ڪشمڪش پيدا ڪئي آهي تہ زمينداري نظام ۽ نہ هاري تحريڪ. هاري تحريڪ هر ڪنهن لاءِ صلح، امن ۽ ترقي چاهي ٿي ۽ اهي تڏهن ميسر ٿي سگهندا، جڏهن زمينداري ختم ٿيندي ۽ اها ئي ان ڪشمڪش جو بنياد آهي.

5ـ "هاري جاهل آهن، هنن کي پڙهايو لائق ڪيو! ۽ پوءِ هنن کي حق ونئي ڏيو."

هاري برابر اڪثر حالت ۾ اڻ پڙهيل آهن، پر موجوده زمينداري نظام ۾ هنن کي پڙهڻ جو ڪم بلڪل مشڪل، ناممڪن جهڙو آهي.

زميندار نٿو چاهي تہ هاري پڙهي: پڙهيل هاري سجاڳ ٿيندو ۽ متيءَ يا تڏي تي ويهڻ جي بجاءِ زميندار جي سامهون ڪرسيءَ تي ويهڻ جي جرئت رکندو ۽ آخر زميندار جو انتظام بگاڙيندو.

عملدار نٿو چاهي تہ هاري پڙهي: جاهل هاريءَ کي ڦرڻ، لتاڙڻ سولو آهي، پڙهيل هاري پيو نہ تہ بہ رشوت خلاف گمنام عريضيون پيو لکندو.

ملا مولوي نٿو چاهي تہ هاري پڙهي: اڻ پڙهيل هاري وٽائنس تعويذ، دعائون ۽ استخارا ڪڍائي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي ٿو. پڙهيل هاري مولوي کان عقلي سوال جواب ڪري ان کي منجهائي سگهي ٿو.

مرشد نٿو چاهي تہ هاري پڙهي: پڙهيل هاري پيرن جي اصليت کي تاڙي وڃي ٿو ۽ انهن جو منڪر ٿي وڃي ٿو. جاهل هاري انڌي اعتقاد ۾ مرشد تان قربان پيو ٿئي ۽ مرشد لاءِ هي ڳالهہ فائديمند آهي.

اهوئي سبب آهي جو هاري طبقو هيلتائين اڻ پڙهيل رهيو آهي ۽ جيستائين هارين سياسي طاقت ۽ حڪومت پنهنجي قبضي ۾ نہ ڪئي آهي تيستائين اڻ پڙهيل ئي رهندا.

سنڌ ۾ بالغن جي تعليم جو ڍونگ رچايو ويو هئو پر هر ڪنهن کي خبر آهي تہ ان مان ڇا ڪڙتيل نڪتو.

زوري ابتدائي تعليم لاءِ بمبئيءَ سرڪار جي زماني کان وٺي فائدا نهندا اچن، پر هارين کي ان مان ڪيترو فائدو حاصل ٿيو آهي؟

جيستائين زميندار ي ظلم جاري آهي ۽ هاريءَ جي مالي حالت خراب آهي تيستائين هاري ٻار اسڪول وڃي يا ڳئون چاري؟ اسڪول وڃي يا زمين تي پيءُ ماءُ کي نيرن پهچائي؟ اسڪول وڃي يا رونبو ڪري؟

موجوده نظام ۾ جيڪڏهن ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو هاري ٻار پڙهي به ٿو ۽ علمي لياقت حاصل ڪري به ٿو ته اڪثر حالتن ۾ هو يا ته سرڪاري نوڪري وٺي ٿو يا ته وڪيل يا ڊاڪٽر ٿئي ٿو ۽ انهيءَ حالت ۾ هو هاري طبقي کان الڳ ٿي وڃي ٿو ۽ اڪثر سرمائيدار طبقي ۾ جذب ٿيڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃي ٿو. ڪيترا هارين ۽ غريبن جا ٻار جيڪي تپيدار، مختيارڪار، وڪيل يا ڊاڪٽر وڃي ٿيا. انهن جي ڪارنامن کان هاري خوب واقف آهن.

1917ع تائين روس ملڪ ۾ هارين جي اها حالت هئي، جيئن اڄ هتي آهي، مگر دنيا ڏٺو ته جڏهن اتي هارين ۽ مزدورن جي حڪومت برپا ٿي تڏهن ٽيهن سالن جي عرصي اندر روس جي هيڏي ساري وڏي ملڪ ۾ جيڪو دنيا جي ڇهين پتي ايراضي والاري ٿو ۽ جتي ويهه ڪروڙ آدم آهي، اتي هينئر سو فيصد تعليم آهي. سو فيصد تعليم انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ به نه آهي. جيتوڻيڪ هنن ملڪن ۾ سائنس ۽ سرمائيداري ٻن سون ورهين کان به وڌيڪ عرصي کان جاري آهي.

تنهن ڪري هي دليل ته هاري اڳ ۾ پڙهن ۽ پوءِ حق وٺن غلط آهي. هارين کي پهريائين مالي ۽ سياسي حق وٺڻا آهن ۽ پوءِ ئي هو پنهنجي علمي ۽ تهذيبي حالت سڌاري سگهندا.

## قانوني اوزار

حڪمران طبقو يعني موجوده زميندار ۽ سرمائيدار طبقو عوام کي هميشه ائين ذهن نشين ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته قاعدي قانون جي عزت ۽ تعميل ڪرڻ هڪ وڏي معاشي ضرورت آهي. نه ته سماج جو تمام نظام درهم برهم ٿي ويندو. اهي قاعدا ۽ قانون ڄڻ ڪ آسمان مان لٿل آهن. انصاف ۽ امانت سان ڀريل آهن. ۽ انهن کي ڦيرائڻ يا منسوخ ڪرڻ عوام جي مصلحت خلاف ۽ طاقت کان ٻاهر آهي.

حقيقت هي آهي تہ تمام قاعدا قانون انهيءَ حڪمران طبقي پاڻ ٺاهيا آهن ۽ پنهنجي بچاءَ ۽ نفعي لاءِ ٺاهيا آهن. ظاهر ۾ اهي قاعدا سيني ماڻهن، شاهوڪارن ۽ غريبن سان"هڪ جهڙو" لاڳو آهن. پر عمل ۾ اثر ۾ اڪثر انهن قاعدن قانونن مان صرف شاهوڪار طبقي کي ئي فائدو پهچي ٿو.

قلم 110 (ڪ پ ڪ) ظاهر ۾ سيني "بدمعاش" ماڻهن جي ڪاررواين روڪڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. مگر عمل ۾ اهو قانون زميندار طبقو غريب هاري طبقي جي خلاف استعمال ڪري رهيو آهي. زميندار بدمعاشن کي انهيءَ قلم جي زد ۾ آندو نہ ٿو وڃي. پنج ڇهہ زميندار، تي پوليس عملدارن، سب ڊويزنل مئجسٽريٽ ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ "بدمعاشن" جي فهرست ٺاهين ٿا ۽ انهن تي مقدمو چالو ڪن ٿا. مقدمي هلندي مئجسٽريٽ اهڙو ضامن گهرن ٿا جو هڪ هزار روپيہ يا مٿي ڊل پريندڙ هجي، ٻن ٽن ميلن اندر رهندڙ هجي. ان حالت ۾ يا تہ اهو غريب ڪنهن زميندارن جو محتاج ٿئي ٿو يا تہ جيل اندر وڃي ٿو ۽ اڪثر حالتن ۾ جيل ۾ وڃي ٿو. ضامن جي شرافت يا اهليت جو معيار ڊل جي رقم آهي: جيئن وڏيڪ ڊل پريندڙ تيئن وڏيڪ معتبر. وڏيرن جي قانون موجب جو ماڻهو ڊل نٿو ڀري، ان جا اخلاق ڪيڏا بہ بلند هجن، ان جو نيڪ اثر ڪيڏو بہ وسيع هجي، پر هو ڪنهن "بدمعاش" جو ضامن ٿي ڪونہ ٿو سگهي. هي شرف صرف زميندارن جو آهي. مقدمو ڪرائيندڙ بہ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ۽ اپيل جو فيصلو بہ انهيءَ وقت ۽ نہ سيشنس جج وٽ! هي آهي زميندارِي قانون.

زميندارن جي عام دعوٰي آهي تہ اسان ئي اثر رسوخ جا صاحب آهيون ۽ اسان ئي ڌوهہ بند ڪرائي سگهون ٿا. جيڪڏهن زميندارن جي دعوٰي سچي آهي تہ هڪدم ڌوهہ بند ٿيڻ کپن. پر ڌوهہ بند ڪونہ ٿا ٿين. انهيءَ مان بہ نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا: يا تہ زميندارن جي دعوٰي باطل آهي، يا تہ ڌوهن ۾ خود زميندارن جو هٿ آهي.

قلم 379(پ ڪ ڪ) چوريءَ جو قلم ڏسو. هي اڪثر زميندارن جي ملڪيت جي بچاءَ جو قلم آهي. جيڪڏهن ڳوٺ جا سوين غريب بک وگهي ڦٿڪي رهيا آهن. پر ڪنهن کي مجال ناهي جو هڪ شاهوڪار جي اٽاهہ گدام مان هڪ سير اَنَ جو بہ کڻي سگهي. سير ان جو کڻڻ معنيٰ ذلالت خواري ۽ قيد جي سزا!

ڊل جي قاعدي کي ڏسو. پنجن ايڪڙن وارو ننڍو ڪاتيدار بہ ويھہ روپيہ ايڪڙ جي حساب سان ڍل ڀري ٿو ۽ پنج هزار ايڪڙن وارو وڏو زميندار بہ 20 روپيہ ايڪڙ جي حساب سان ڍل ڀري ٿو حالانڪ پنجن ايڪڙن مان ايتري پيدائش مس ٿئي ٿي، جا ان ڪاتيدار جي گذاري لاءِ ڪافي ٿئي. جيڪا بہ ڍل هو ڀري ٿو سا هو گويا پنهنجن ٻچن کي بک ماري ڀري ٿو.

جيڪڏهن فصل نہ ٿو ٿئي تہ معافي رول اهڙا آهن جو وڏي زميندار ۽ ننڍي ڪاتيدار لاءِ ساڳيو قانون آهي. اڪثر حالتن ۾ وڏن زميندارن کي معافي ملي ٿي ۽ ننڍن ڪاتيدارن کي فصل گهٽ هوندي بہ جواب.

سماج جي بقا ۽ ارتقا لاءِ قاعدو قانون ضرور ڪپي پر ان جو وڏو مدار آهي قانون ٺاهيندڙن تي، ۽ قانون کي عمل ۾ آڻيندڙن تي. قانون ٺاهيندڙن هميشہ پنهنجي مفاد کي سامهون رکي قانون ٺاهيا آهن.

اڄ تائين سرمائيدار ۽ زميندار طبقو ئي حڪمران طبقو ٿيندو آيو آهي. موجوده حڪومت زميندارن جي هڪ ايگزيڪيوٽو (ڪاروباري) ڪاميٽي آهي ۽ موجوده قاعدن قانونن ۾ زميندار سرمائيداري سمايل آهي. ان ۾ زميندار نظام جون تمام خرابيون موجود آهن، جيتوڻيڪ انهن قاعدن قانونن جو لباس "هڪ جهڙائيءَ" جي رنگ ۾ رڱيل آهي.

زميندار يءَ جي ختم ڪرڻ سان زميندارن جا نهيل قانون ۽ جوڙجڪ بہ ختم ڪرڻا پوندا ۽ اهڙا نوان قانون ٺاهڻا پوندا جي عوام جي مفاد لاءِ ڪارآمد ثابت ٿين. موجوده فوجداري ۽ ديواني قانونن کي مٽائڻو پوندو. انهن قانونن جي فقط ايتري حد تائين عزت ٿي سگهي ٿي، جيتري حد تائين اهي عوام جي مفاد کي بچائين ٿا.

سرمائيدار طبقو هميشہ لاءِ يا هر حالت ۾ عوام جي مثال کي نظر انداز ڪري نہ ٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ سرمائيدار طبقو بہ هڪ جدا، الڳ، آزاد دنيا ۾ نہ ٿو رهي. هن جي ساري زندگي عوام سان ڳنڍيل آهي، بلڪ هن جو دارومدار عوام جي محنت تي آهي. اهوئي سبب آهي جو وقت جي تقاضا کي محسوس ڪري پاڻ بچائڻ لاءِ، زميندار مجبورن ٿورا ٿورا عوامي قانون بہ ٺاهي ٿو ۽ پنهنجي ننڍي مفاد کي ڪجهہ قربان ڪري ۽ وڏي مفاد کي بچائي ٿو. زميندار ي کي بچائڻ لاءِ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ هڪ حيلو آهي. انهي سنڌ ٽيننسي ائڪٽ ۾ زميندار قانون ٺاهيندڙن جيڪي چالاڪيون ڪيون آهن

اهي اڳتي هلي ظاهر ڪيون وينديون. انهن مان صاف ظاهر ٿيندو تہ زمينداري ختم ڪرڻ کان سواءِ هارين جي لاءِ نجات ناممڪن آهي.

## زمينداري ۽ عيوضو

روس چين ۽ ٻين ملڪن ۾ هاري مزدور تحريڪ جي ڪاميابي ۽ اتي زميداري جي خاتمي کي ڏسي ۽ پنهنجي وطن جي هاري تحريڪ جي وڌندڙ طاقت کان خائف ٿي اسان جا زميندار بہ زميداري ختم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا آهن، بشرطيڪ انهن کي سندن زميداريءَ جو عيوضو ملي.

سندن مطلب آهي تہ زمين جي عيوضي جا لکها روپيہ وٺي عيش ڪريون، يا ڪنهن ڌنڌي ۾ لڳائي پئسا ڪمايون ۽ هارين جي آزار کان آزاد ٿيون.

اهو عيوضو ڪير ڪير ڀري ڏئي؟ جي اهو عيوضو ڪين سرڪار ڀري ڏئي ۽ سرڪار اهي پئسا هارين کان قسطن ۾ وصول ڪري ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ هاري طبقو لکن ڪروڙن روپين جي قرض هيٺ آندو ويجي. جيڪڏهن ڪو هاري قسطون نہ ڏيئي سگهي تہ زمين جي گرانٽ رد. براج ڪاتي ۾ ڏنو ويو آهي تہ هارين 15 قسطن مان 10، 12 قسطون ڏنيون آهن، پر جي هڪ يا ٻہ قسطون لاچاري سبب ڏيئي نہ سگهيا آهن تہ سچي گرانٽ رد ۽ سرڪار ۾ سمورا جمع ٿيل پئسا بہ سرڪار جي حوالي ۽ ضبط ٿيڻ کان بہ جواب ۽ پئسن کان بہ انڪار. زمين جي عيوضي جي حالت ۾ ساڳئي روئداد هارين سان بہ ٿي سگهي ٿي.

هڪڙا اهي زميندار آهن جن کي وڏيون ايراضيون انگريزن کان عنايت ٿيون هيون. انگريزن اهي عنايتون قومي مفاد خاطر ڪن نيڪ عنصرن کي ڪو نہ ڪيون هيون، مگر قومي غدارن سان ڪيون هيون تہ جيئن اهي سندن حڪومت سان وفادار رهن ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي ڪچلڻ ۾ مدد ڪن. اهڙا زميندار يا سندن پويان اهڙين زميندارين جي ختم ڪرڻ سبب عيوضي وٺڻ جا حقدار نہ آهن، مگر انهن ڏانهن قوم جو گهڻو قرض آهي جو انهن کان وصول ڪرڻ گهرجي.

ٻيا اهي زميندار آهن، جن جي وڏن معمولي قيمت (ٻہ چار روپيہ في ايڪڙ) تي زمينون خريد ڪيون هيون. انهن زميندارن کي قيمت کان گهڻو

وڏيڪ عيوضو اڳي ئي ملي چڪو آهي. پورو حساب ڪتاب ڪبو تہ انهن زميندارن کي بہ عيوضو قوم کي ڏيڍو پوندو ۽ نہ ونڊو پوندو.

ٽيان زميندار اُهي آهن، جن تازو براج مان زمينون خريد ڪيون آهن ۽ ڪن حالتن ۾ اجان قسطون ڏيئي رهيا آهن.

جن هارين ٿوري زمين خريد ڪئي آهي، انهن تان باقي قسطون معاف ٿيڻ کپن.

جن ماڻهن وڏيون خريداريون ڪيون آهن، انهن جي مالي حالت سٺي آهي. سٺي مالي حالت کان سواءِ هو زمين خريد ڪري ئي ڪونہ سگهن ها. انهن جي مالي حالت سٺي ٿي آهي تہ اها بہ هارين جي محنت سان مثال لاءِ، حيدرآباد ضلعي ۾ چوڌري محمد صادق پنجاب مان اچي ڏهہ ٻارنهن سال اڳ فقط بہ اڍائي سؤ ايڪڙ زمين ماتلي تعلقہ ۾ سِڪ زميندارن سان پاٽيوار تي بئراج کاتي مان مقاطعہ تي کنيا هئا. سکن جي وڃڻ ڪري هن سموري زمين تي قبضو ڪيو ۽ آهستہ آهستہ هن وڏيڪ زمين خريد ڪئي، تان جو هاڻي هن کي سڄي حيدرآباد ضلعي ۾ ڏهہ ٻارنهن هزار ايڪڙ زمين قبضي ۾ آهي. اها سموري براج مان ڪٽت ڪيل زمين حقيقت ۾ هارين جي پورهئي مان نهي آهي ۽ هارين کي ملڻ کپي. اهڙن زميندارن کي ٿوري ايراضي گذران لاءِ رکي باقي سموري زمين تان دستبردار ٿيڻ گهرجي تہ جيئن اها هارين ۾ تقسيم ڪئي وڃي.

سوال اٿي سگهي ٿو تہ جيڪڏهن زمين ائين مفت هارين ۾ تقسيم ڪئي وڃي تہ "براج نهڻ تي ڪيل خرچ ۽ کنيل قرض جو پورائو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟"

سکر بئراج جو سمورو قرض پري ڏنو ويو آهي.

ڪوٽڙي بئراج جي قرض ۽ سرڪاري خرچ لاءِ هيٺين طرح انتظام ٿي سگهي ٿو.

زمينداري ختم ڪرڻ ۽ زمين هارين ۾ مفت تقسيم ڪرڻ سان هاري موجوده رڪبن موجب ڍل تہ ڏيندا، بلڪ ان کان ڏيڍوٽي رقم ڏيئي سگهندا.

جيڪڏهن ڍل مان هينئر ڇهہ ڪروڙ روپيہ ساليانو آمدني آهي تہ هاري سڌو سرڪار کي نو ڪروڙ روپيہ ڍل ڏيئي سگهندا (بشرطيڪ زمين تان زميندارن جو هٿ ڪڍيو ويندو ۽ سموري پيداوار جا مالڪ هاري ٿيندا.)

هي آهي سرڪاري آمدنيءَ جي حالت جو امڪان.

پر زمينداري ختم ڪرڻ سان سرڪاري خرچ ۾ حيرت انگيز تخفيف هڪ لازمي نتيجو آهي.

ملڪ ۾ فسادن ۽ تڪرارن جو وڏو بنياد زمين آهي. بيجا دخل، رڪارڊ جا تڪرار، حد نشانن تي تڪرار، بٽئيءَ جا جهيڙا، وغيره جڏهن سموري زمين هارين ۾ تقسيم ٿي ويندي تڏهن اهي سڀ جهيڙا بند ٿي ويندا.

جڏهن هر ڪو هاري پنهنجي زمين وارو ٿيندو تڏهن هاري طبقي جي موجوده مسڪيني ۽ بدحالي خوشحاليءَ ۾ تبديل ٿيندي ۽ چوراڪاري، خونن ۽ ڌاڙن جا ڏوهه گهٽجي ويندا.

زميندار جو هاٽي پئسي جي ڪثرت ۽ اثر ڪري هڪ گناهن جو مجسمو آهي سو بدڪارين کي ڇڏي نيڪي ۽ ڀلائي ڏانهن مائل ٿيندو.

ڏوهن گهٽجڻ ڪري هيڏي ساري پوليس عملي جي ضرورت نه رهندي ۽ نه هيترن مئجسٽريٽن جي وڪيل طبقو جو به ملڪ جي وڏي پيداوار تي ڌاڙو هٽي ٿو گهٽي ياڳي گهٽجي ويندو. اهڙيءَ طرح جڏهن سرڪار جو خرچ گهٽجي ويندو تڏهن عوام تان ڍلن ۽ ٽيڪسن جو بار به گهٽائي سگهبو.

موجوده زمينداري نظام جيڪڏهن اجان به قائم رهيو ته عوام جون حالتون اجان به ابتر ٿيڻ واريون آهن. عوام ۾ جيئن سجاڳي وڌي ٿي ۽ عوام پنهنجا حق گهرن ٿا تيئن طبقاتي ڪشمڪش پنهنجي اصلي روپ ۾ ڏسڻ ۾ ايندي، زميندار وڌيڪ وحشي طريقا ڪم آڻيندا ۽ ملڪ ۾ بدامني ۽ بي ايماني، رشوت خوري، دهشت انگيزي وڌندي. ان جو لازمي نتيجو ٿيندو وڌيڪ پوليس، وڌيڪ مئجسٽريٽ ۽ وڌيڪ سرڪاري خرچ، وڌيڪ سرڪاري خرچ، معنيٰ وڌيڪ سرڪاري ٽئڪسون ۽ ڍلون ۽ انهن جي معنيٰ عام غريبن تي وڌيڪ مصيبت ۽ ملڪ ۾ وڌيڪ بدامني، بي ايماني ۽ دهشت انگيزي، اليٰ غير النهايه.

تنهن ڪري قوم لاءِ واحد رستو اهو آهي ته زمينداري کي ختم ڪيو وڃي ۽ بغير عيوضي جي.

# زمينداري ۽ انگريز

هند پاڪستان ۾ انگريزن جي تاريخ جا ٻه پاسا آهن. هڪ روشن پاسو ۽ ٻيو اونداهون پاسو.

انگريزن کان اڳ هند پاڪستان جي هزارها سالن جي تاريخ هڪ پراڻي دهقاني زندگي جي تصوير هئي. ڪئين راجا، نواب، حاڪم ۽ بادشاهه هن سرزمين تي آيا ويا، پر ملڪ جي رهڻي ڪرڻيءَ ۾ ڪو خاص ڦيرو ڪونه ٿي آيو. ملڪ جي پيداوار جا ذريعا ساڳيا هئا، اوزار ساڳيا هئا ۽ ڪم جا طريقا ساڳيا هئا. سماجي زندگي ڳوٺاڻي هئي ۽ هر ڳوٺ عام هڪ ننڍي مڪمل حڪومت هئي. ”ٻارنهن ڪوهن تي بادشاهه“ هڪ مشهور پهاڪو آهي. هر ڳوٺ يا شهر ۾ ماڻهو پنهنجيون اڪثر ۽ مکيه ضرورتون پاڻ پوريون ڪري سگهندا هئا. زمين ڳوٺ جي ماڻهن جي عام ملڪيت هئي ۽ چراگاهه به عام هئا. گهر گهر ۾ پنهنجو چرخو هوندو هو ۽ زالون فراغت جي وقت ۾ سٽ ڪتينديون هيون. هر ڳوٺ ۾ پنهنجو ڪنيار، لوهار، ڊکڻ، حجام، موچي، ڌوٻي هو ۽ ان کي سڀ ڳوٺاڻا هر فصل تي مقرر لاپو ڏيندا هئا ۽ انهن جي پرورش ڪندا هئا. شهر جو پنچيل تڪرارن جا فيصلا ڪندو هو. سرڪار کي ڍل روڪ پئسن ۾ نه پر جنس ۾ ڏبي هئي ۽ اها سموري پيدائش جي پنجين ڇهين پتي کان مٿي نه هوندي هئي. زمين جي وڪري ڪرڻ، گروي رکڻ يا نيلام ڪرڻ جو سوال ئي ڪونه اٿندو هو.

جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ جو آدم وڌندو هئو ته ٻيو نئون ڳوٺ ٻڌو ويندو هئو ۽ ان جو نمونو به ساڳيو هوندو هو.

انهيءَ ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ حالانڪ هڪ قسم جي سادگي سانت ۽ قناعت هوندي هئي، پر ان ۾ ترقيءَ جا اسباب ڪونه هئا. زندگيءَ ساڳئي طرز

جيڪا هزارن سالن کان هلي آئي ٿي، ان ماڻهن ۾ صبر ۽ سهڻ جي طاقت کي وڌايو ۽ اهو يقين پيدا ڪيو تہ هميشہ لاءِ دنيا ۽ سماج جو معاملو ائين ئي پيو هلندو. قسمت، تقدير جو لکيو. انسان ڪيئن بدلائي سگهي ٿو؟ انهيءَ يڪ يڪسان، يڪرنگ زندگي انسان کي پنهنجي اصلي قوتن ۽ امڪانن کان بي خبر رکيو ۽ ان جي جوهرن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ڇڏيو. انسان، جيڪو هن دنيا ۾ هر ساهدار کان اونچي حيثيت رکي ٿو جيڪو فطرت جو بادشاهہ آهي سو ڳئون ۽ پولي جي پوڄا ڪرڻ لڳو ۽ ڪالي مندر ۾ ۽ ستيءَ جي رسمن سان انساني خون کي مذهبي شان سمجهڻ لڳو. مسلمانن ۾ پير پرستي، وهم پرستي ۽ قبر پرستي، بت پرستيءَ کي وڃي لڳي.

عام خلق، رعيت جي اها حالت هئي: دائمي سادگي، يڪ سانگي ۽ يڪرنگي، ليڪن انهن ئي حالتن بادشاهن جي حالت ان جي ابتڙ ڪئي: عياشي، مطلق العناني، جبر، بي ثابتي ۽ دائمي تبديلي.

انهيءَ بيڪار بي رنگ ۽ بي لطف زندگي ۾ غلامي ۽ تشدد جا اڪيچار مثال ملن ٿا ۽ ملڪ جي بيوس حالت تي ڪيترا ڏاريا ڪاهي ملڪ جي ڦرلٽ ڪندا هئا.

حڪومت جا ٽي مکيہ کاتا هئا. مالي کاتو يا رعيت جي لٽ، جنگي کاتو يا ٻاهرين ملڪن جي لٽ، عرفات عام يا واهن ۽ رستن جو ڻاهڻ، علم هنر فقط ڪن ٿورن ماڻهن کي نصيب ٿيندو هو.

انگريزن هڪ طرف انهيءَ ڳوناٽي زندگي کي ٽوڙيو ۽ سائنس علم هنر جي ذريعي اسان جي ملڪ کي ترقيءَ جي اسباب پيدا ڪرڻ جو تاريخي فرض ادا ڪيو تہ ٻئي طرف سائنس ۽ علم جي فائدن کي هڪ خاص ۽ ٿوري طبقي تائين محدود ڪري عام ماڻهن ۽ خاص ڪري هارين جي حالت کي خراب ڪري ڇڏيو. جيئن هيٺ ڏيکاريو ويندو.

## انگريزن جي تاريخ جو روشن پاسو

انگريزن سڀ کان وڌيڪ ڪارگر شيءِ جا هتي آندي سان هئي ريل گاڏي جيتوڻيڪ ريل گاڏي آڻڻ ۾ انگريزن جو پهريون مقصد هو هتان جو ڪچو مال (اناج، ڪپهہ، اُن، چمڙو وغيره) ڪٽي سامونڊي بندرن تي پهچائڻ

۽ ولايتي نهيل مال (ڪپڙو بسڪوٽ، بوٽ ۽ ڪلون وغيره) هتي جي شهرن ۾ پهچائڻ، فوجون ۽ فوجي سامان جي نقل وحرڪت ڪرڻ، پر ريلن ملڪ جي مختلف حصن کي گڏائي ڇڏيو ۽ واپار جي نون طريقن ۽ موقعن کي کولي ڇڏيو.

انگريزن جي ٻي وڏي نعمت هئي پرنٽنگ پريس. پرنٽنگ پريس جي ذريعي ڪتابن جي ڇپائيءَ ۾ سهوليت ۽ سهانگائي پيدا ٿي جنهن ڪري علم جي روشني عام ٿيڻ لڳي. جي ڪتاب اڳ هٿ جا لکيل هئا ۽ مهانگا يا ناياب هئا ۽ فقط حاڪم ۽ نواب خريد ڪري سگهندا هئا، سي هاڻي عام جام بازار ۾ وڪامڻ لڳا. اسڪولن ۽ ڪاليجن جو بنياد پيو. يونيورسٽيون قائم ٿيون ۽ تعليم ۾ واڌارو ٿيو.

انجنيري ماهرن پڪا رستا ۽ پليون ٺاهيون سکر بئراج انگريزن جو شاندار ڪارنامو آهي. سکر بئراج کان اڳ سنڌ جي آبادي گهٽو گهٽ هئي. پاڻي جو بندوبست اهڙو پڪو ڪونہ هئو. سکر بئراج سنڌ لاءِ وڏي نعمت ثابت ٿي آهي.

انگريزن اليڪٽرڪ تار جو بنياد وجهي ملڪ جي ڏورانهن حصن کي ويجهو ڪري ڇڏيو.

انگريزن 1835ع ۾ آزاد پريس اخبار جو بنياد وڌو جنهن جو ايشيا ۾ رواج ڪونہ هو. عام راءِ تي هن جو وڏو اثر ٿيو.

انگريزن هند، پاڪستان ۾ هڪ پڙهيل طبقو پيدا ڪيو. هن ۾ انگريزن جو مقصد آفيسن لاءِ ٿوري پگهار تي ڪلارڪن پيدا ڪرڻ جو هو. مگر هڪ دفعو علم جي روشني پکڙي ٿي تہ ان جي ترقيءَ ۽ نتيجن جي حد ئي ڪانہ ٿي ٿئي. اهوئي طبقو اڳتي هلي ملڪ جي سياسي آزاديءَ جو علمبردار ٿيو.

انگريزن ديسي فوج جو بنياد وڌو ۽ ان کي ولايتي اوزارن ۽ تربيت سان تيار ڪيو. اها هندوستاني فوج پگهار تي هندوستانين جي خلاف انگريزن ڪتب آڻي، هندستان جي ذليل حالت جو اظهار ڪيو ٿي، پر اڳتي هلي انهيءَ تي فوج انگريزي شهنشاهيت جي خاتمي لاءِ حالتون پيدا ڪيون.

انگريزن پهريون دفعو ڪراچيءَ کان ڪلڪتہ رنگون تائين ۽ ڪشمير کان ڪولمبو تائين هڪ مرڪزي حڪومت قائم ڪئي جا نہ مغل ڪري سگهيا هئا نہ آسوڪا ۽ نہ ٻيا. هي انگريزن جو هڪ وڏو ڪارنامو هو جنهن مان اڳتي گهڻا نتيجا نڪتا ۽ نڪري رهيا آهن. مسلم ليگ جي شروعات بہ انگريزن ڪرائي ۽ پاڪستان جي قيام ۾ انگريزن جو وڏو هٿ هو.

(مسلم ليگ ۽ پاڪستان مان انگريزن جي مراد مسلمانن سان همدردي ڪانہ هئي. سندن مطلب هو تہ هندو مسلم نفاق وڌائي ملڪ تي تسلط ڄمائڻ.)

انگريزن حڪومت جي بنياد ۾ وڏا ڦيرا آندا ۽ انهن جو آخري نتيجو اهو نڪتو جو هينئر اسان جي ملڪ ۾ جمهوريت، عوامي حڪومت جي تعمير لاءِ شروعات ٿي وئي آهي.

ميرن، ڪلهوڙن يا مغلن جي حڪومتن ۾ جمهوريت ڪانہ هئي. مير علي نواز جو جانشين سندس وڏو پٽ مير فيض محمد ٿيو پوءِ ڪٿي ان ۾ حڪومت جي اهليت بہ نہ هئي. مير فيض محمد جو جانشين مير امام بخش ٿيو ۽ ان ۾ عوام کي ڪوبہ حق ڪونہ هو تہ ان باري ۾ هو راءِ ڏين.

انگريزن انهيءَ شخصي حڪومت کي هميشہ لاءِ ختم ڪيو. هينئر پاڪستان يا هندوستان ۾ جيتوڻيڪ حقيقي، عوامي جمهوريت ڪانہ آهي تڏهن بہ جمهوريت جا بنياد انگريزن وڌا آهن.

جڏهن بانيءَ پاڪستان، قائداعظم وفات ڪري ويو تڏهن سندن جانشين سندس ڪو عزيز ڪونہ ٿيو. جڏهن قائد ملت لياقت علي خان وفات ڪئي تڏهن سندس جانشين سندس وڏو پٽ مسٽر ولايت علي ڪونہ ٿيو.

ووٽ تي حڪومت جو بنياد وجهي عوام کي موقعو ڏنو ويو آهي تہ هو پنهنجو رهنما ۽ حاڪم پاڻ چونڊين. جيتوڻيڪ اڃان تائين آزاديءَ سان ووٽ استعمال ڪرڻ ۾ عوام لاءِ رڪاوٽون وڌيون وڃن ٿيون ۽ صحيح نمائندا چونڊجي نٿا اچن. مگر جمهوريت جي اصول کي ميدان ۾ آندو ويو آهي.

افغانستان، ايران، عراق ۽ عرب ۾ اڃان تائين پراڻو بادشاهي طريقو هليو اچي. هند، پاڪستان مان اهو پراڻو طريقو ختم ڪيو ويو آهي. هن ۾ انگريزن جي پارليامينٽ دنيا لاءِ وڏو مثال قائم ڪيو آهي.

انگريزن اڪيچار ايجادائن ۽ مشينن رستي هن ملڪ جو نقشو ئي ڦيرائي ڇڏيو آهي ۽ جهازن، ريلن، ٽيليفونن، ريڊين، فونن، ڪئميرائن، خوردبينين، دوربينين وغيره اهي ڪرشما ڪري ڏيکاريا آهن جو انگريزي تهذيب جي هڪ سئو سال قديم زماني جي هزارن سالن کان وڌيڪ ڪم ڪيو آهي.

انگريزن کان اڳ، ڳوٺاڻي سماج ۾ ڏنڌا دائمي طرح ورڇيل هوندا هئا. ڪنير جو پٽ ضرور ڪنير ٿيندو موچيءَ جو پٽ ضرور موچي ٿيندو. ذات پات جو زور هو ۽ مزدور طبقو ڪنير، لوهر، موچي، ميربحر عزت وارو طبقو نه سمجهيو ويندو هو ڪاسبي لفظ نفرت وارو لفظ هوندو هئو. انگريزن جي زماني ۾ تعليم وڌي بي.اي، ايم.اي امتحان پاس ڪري هڪ چنو يا سولنگي يا ڪوري به وڏي عهدي تي فائز ٿي سگهي ٿو جنهن جي ملاقات لاءِ وڏي ۾ وڏو نواب سردار به دروازي تي رپورٽ ڪرائي ٿو. ميرن يا اڳوڻن ڏينهن ۾ وڏا عهدا صرف سردارن ۽ خانداني حيثيت موجب ڏنا ويندا هئا ۽ نه لياقت موجب. انگريزن انهيءَ سرداري رسم يا فيوڊل سسٽم (Feudal System) کي وڌيڪ ڌڪ ڏئي هڪ ترقيءَ جو ڪم ڪيو.

انگريزن جي بدولت اسان جي ڳوٺاڻي زندگي منجهي شهري زندگي ۾ تبديل ٿيندي وڃي ٿي ۽ اسان جي تهذيب، تخيل ۽ نظريه روز بروز بدلبا وڃن ۽ ترقي ڪندا وڃن.

ريڊئي رستي هڪ ماڻهوءَ جو آواز هڪ ئي وقت لکن ماڻهن تائين پهچي سگهي ٿو. هڪ روزاني اخبار هڪ آني ۾ ملي ٿي ۽ ان ۾ سڄي دنيا جون خبرون هر روز ملن ٿيون. هڪ پرنٽنگ پريس هڪ ڪلاڪ ۾ ويهه هزار پنا ڇاپي سگهي ٿي. جيڪڏهن موجوده حڪومت چاهي ته هوند هڪ به ماڻهو اڻ پڙهيل نه رهي. جيڪڏهن حڪومت چاهي ته ماڻهن جي صحت بهتر ڪري سگهي ٿي ۽ عمر وڌائي سگهي ٿي. جيئن يورپ جي ماڻهن جو وزن، قد ۽ عمر اسان جي ملڪ کان وڌي ويو آهي.

هي آهن حالتون ۽ امڪانات جيڪي انگريزن هن ملڪ لاءِ پيدا ڪيون آهن. هيءَ آهي انگريزي تاريخ جو روشن پاسو ۽ جنهن جو انڪار فقط تنگ نظري يا جهالت ئي ڪري سگهي ٿي.

## انگريزي تاريخ جو اونداهو پاسو

انگريزن جي اچڻ ڪري جيتوڻيڪ وڏا بنگلا، ماڙيون، محل، عاليشان موٽر ڪارون ۽ شهرن ۾ اڪيچار عياشيءَ جا سامان نظر اچن ٿا، پر اهي سڀ ساز سامان اجان تائين صرف زميندار ۽ سرمائيدار طبقي کي نصيب آهن ۽ خلق جو تمام وڏو حصو سائنس ۽ هنر جي انهن ايجادائن کان محروم آهي. نہ فقط محروم آهي پر حقيقت اها آهي تہ سرمائيدارن جي تمام عياشين ۽ مزن جو بار ۽ بوجهہ هارين ۽ مزدورن جي ڪنڌ تي ڪڙڪيل آهي. هر زمينداري موٽرڪار هارين جي هڏن مان ٺهيل آهي ۽ پيٽرول جو هر ڦڙو هاريءَ جو خون آهي. هر شاهوڪار بيبيءَ جي ريشمي شال غريب هارياڻين جي خون مان رنگيل آهي. هارين ۽ هارياڻين جي پورهئيءَ تي ئي سڄي ملڪ جو ڪاروبار هلي ٿو. هارين کي بکئيءَ رکڻ سان ئي زميندار طرح طرح جا طعام کائي سگهن ٿا ۽ هارياڻين کي تنگ ڪرڻ ۽ ڏکوئڻ سان ئي شاهوڪارن جون زالون پائوڊر ۽ لپ اسٽڪ لڳائي سگهن ٿيون. انگريزن سرمائيداري ۽ زميناري نظام کي قائم ڪرڻ سان امير ۽ غريبيءَ جي فرق کي تمام وڌائي ڇڏيو ۽ عوام جي حالت کي نسبتن خراب ڪري ڇڏيو.

انگريزن سڀ کان وڏو ڏک اسان کي اهو ڏنو تہ هنن اسان کي سياسي غلاميءَ ۾ جڪڙي اسان جي قوميت ۽ وطني خودداريءَ کي پائمال ڪيو. هڪ ڌاري قوم جو سياسي ۽ اقتصادي قبضو محڪوم قوم جي تمام نيڪ ۽ اعليٰ جذبن، روايتن ۽ روحانيت کي ختم ڪري ٿو. اهو حادثو اسان جي ملڪ سان ٿيو.

انگريزن کان اڳ بہ ڌاريون قومون هندستان ۾ آيون هيون (مغل، افغان، عرب، وغيره) پر انهن حڪومت وٺڻ سان هن ملڪ کي پنهنجو وطن ڪيو ۽ هو ملڪ جي اصلي باشندن سان رلي ملي ويا، بلڪ هندستان جي رهاڪن جون ڪيتريون رسمون رواج قبول ڪري ويٺا.

انگريزن پهرئين ڌاري قوم هئي، جنهن جي تهذيب تمدن هندستان جي تهذيب کان برتر هئي ۽ انهيءَ سبب انگريزن هتان جي ماڻهن کي پاڻ کان الڳ رکيو ۽ اصلي باشندن سان رلي ملي نه ويا. الٽو هتان جي ماڻهن انگريزي تهذيب جي پيروي شروع ڪئي.

انگريزن ۽ اڳين ڌارين قومن ۾ بيو وڏو فرق اهو هو ته انگريزن اسان جي ملڪ کي پنهنجو وطن ته نه ڪيو پر هڪ شڪارگاهه ڪيو. اڳيان بادشاهه حڪومت لاءِ هندستان ۾ آيا تي، پر انگريز واپار لاءِ آيا ۽ واپار جي بچاءَ ۽ واڌاري خاطر حڪومت تي قبضو ڪيائون ۽ ان کي واپار جو ذريعو ڪيائون.

انگريزن جو واپار باهمي امداد، هندستان ۽ انگلينڊ ٻنهي جي فائدي تي ٻڌل نه هو پر اهو سرمائيداري نظام تي ٻڌل هو جنهن جي معنيٰ هندستان جي ڦر ۽ لٽ.

## پراڻي ڳوٺاڻي زندگي جو خاتمو

انگريزن کان اڳ، هندستان ۾ ڪورڪو ڪپڙو چڱي ۽ گهڻي انداز ۾ ٺهندو هو. ڍاڪا جون ململون سڄي دنيا ۾ ان وقت مشهور هيون ۽ اتي هڪ لک آڌاٽا هئا. انگلينڊ جا ماڻهو به هندستان ما ن ڪپڙو گهرائيند اهئا.

جڏهن انگلينڊ ۾ مشين تي سٺ ۽ ڪپڙو ٺهڻ لڳو جو هٿ واري ڪپڙي کان سنو ۽ مهانگو هو تڏهن انگريزن هندستان جي ڪپڙي جي ڪارخانن کي وڏو ڌڪ هنيو. هندستاني ڪپڙي تي ٽئڪسون وڌيون ويون. هزارها ڪورين جا هٿ ڪپيا ويا. ڳوٺن ۾ مشينن جو سهانگو ڪپڙو پهچائي ماڻهن کي ان تي هيرائي چرخن جي اوج کي ختم ڪيو ويو.

جيڪڏهن انگريز ڪپڙي ناهڻ جون مشينون هندستان ۾ آڻين ها ته ملڪ کي وڏو فائدو پهچي ها ۽ انگريزن اهي مشينون انگلينڊ ۾ رکيون ۽ هندستان جي ڪپهه انگلينڊ ڏانهن ڪڻي ڪپڙو ناهيو تي ۽ اهو ڪپڙو هندستان ۾ وڪيو تي. شروعات ۾ انهيءَ ڪپڙي جو اگهه گهٽ هو پر جڏهن چرخو صفا گم ٿي ويو تڏهن ولائتي ڪپڙي جو اگهه چاڙهي هندستان جي ماڻهن کي نه فقط محتاج بلڪ ڪنگال ڪيو ويو.

جنهن هندستان ۾ انگريزن کان اڳ ڪافي ڪپڙو ٺهندو هو ۽ ڪپڙي جو مسئلو هڪ معمولي حيثيت رکندو هو اتي هاڻي هندستان جا عوام انگيلنڊ جا محتاج ڪيا ويا.

گهٽي دير کان پوءِ انگريزن جي مخالفت هوندي هندستان ۾ بہ سرمائيدار پيدا ٿيا جن بمبئي، حيدرآباد، مدراس، ڪانپور وغيره ۾ ڪپڙن جا ڪارخانا کوليا ۽ جن ڪپڙي جي مسئلي کي ڪجهہ سولو ڪيو. پاڪستان ۽ سنڌ ۾ تہ اڃان سوڙو ڪپڙي جا ڪارخانا نالي ماتر آهن.

انگريزن ڳوٺن مان چرخي کي گم ڪري ڇڏيو پر چرخي جي عيوض ڳوٺاڻن کي ڪجهہ نہ ڏنائون ۽ انهن کي انگلينڊ جو محتاج ڪري ڇڏيائون.

اهڙي طرح ڳوٺاڻن ڪنيارن ۽ لوهارن ۽ ٻين ڪاسبين جي ڌنڌي کي بہ مشين جي ٺهيل شين جي ذريعي ڌڪ هڻي انگريزن هندستان جي تمام اقتصاديات يا مالي گذاري کي پنهنجي قبضي ۾ رکي عوام جي حالت کي خوشحالي جي عيوض غريبي ڏانهن اماڻيو.

## زميندارىءَ جو بنياد

جڏهن انگريزن پنهنجي مشينن، بندوقن، رائيفلن ۽ توپن رستي ڏيهي نوابن ۽ راجائن کي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏيئي هن ملڪ تي قبضو ڪيو تڏهن هنن هيڏي ساري ملڪ تي قبضي ڄمائڻ لاءِ زمينداريءَ جو بنياد وڌو.

انگريزن کان اڳ هتي سرداري ۽ جاگيرداري نظام هو ۽ زمين تي پهريون حق آبادگارن پوکيندڙن جو هو. قومي سردار ۽ تميندار پيدائش جو ڪجهہ حصو وٺندا هئا ۽ ضرورت تي وقت جي حاڪم کي لشڪر جي مدد ڪندا هئا.

ان وقت جا سردار پنهنجي قوم سان گڏ اٿندا ويهندا هئا ۽ انهن کي جيڪا گذاري کان وڌيڪ آمدني ٿيندي هئي تہ اها بہ گهڻي ڀاڱي خانقاهہ، اوطاق ۽ مهمان نوازيءَ ۾ خرچ ٿيندي هئي ۽ چڱو خاصو حصو عام ڪمن، واهن جي کوٽائي، کوهن وغيره تي ٿيندو هئو سردارن ۽ سندن قوم ۾ خوشگوار تعلقات هوندا هئا. ڏک سک، شادي، غمي ۾ اهي سردار پنهنجي قوم جو جزو هوندا هئا. هن جي رهڻي ڪهڻي شاندار پر سادي هوندي هئي.

هنن ۾ چڱيون قومي روايتون بہ هونديون هيون. هاڻوڪن سردارن ۽ زميندارن وانگر هو ڪراچي يا مسوريءَ ۾ رهي هارين کي لٽيندا ڪونہ هئا.

جيئن تہ انهن سردارن جو عوام تي ڪافي اثر هو، انگريزن انهن ئي سردارن کي پنهنجي حڪومت لاءِ موزون اوزار سمجهيو. جو زمينداري سرشتو انگلينڊ ۾ رائج هو. يعني زمين تي شخصي خانگي ملڪيت- ان کي هنن اسان جي ملڪ ۾ آندو. انگريزن سوچيو تہ جيڪڏهن شخصي طرح سردار اسان جي قبضي ۾ آيا تہ انهن جي معرفت سڄو ملڪ اسان جي قبضي ۾ آيو، ۽ ٿيو بہ ائين.

انگريزن انهن سردارن کي زمينداريون ۽ جاگيرون عطا ڪيون. جا ڍل سرڪار وصول ڪندي هئي ان جي وصولي ۽ ڀاڱي جو حق جاگيردارن کي ڏنو ويو. آهستہ آهستہ انهن جاگيردارن نہ فقط پيدائش جي سرڪاري ڍل جيتري حصي تي قبضو ڪيو پر هنن انهيءَ حصي کي (جو چوٿين يا پنجين حصي کان بہ گهٽ هو ان کي) وڌائي اڌ ڪيو ۽ ان کان بہ مٿي. اهڙيءَ طرح اهي سردار نہ فقط جاگيردار بڻجي ويا پر هو موجوده صورت جا زميندار بہ ٿي ويا.

جاگيري ۽ زميندراي حق ملڻ تي اهي سردار انگريزن جا وفادار غلام بڻجي ويا ۽ جلد ئي هنن مان وطنيت ۽ قوميت مفقود ٿي وئي. انهن سردارن مان جيڪي غيرتمند ۽ آزاد طبع هئا، انهن هڪ ڏاريئي غير مذهب حاڪم کان جاگيرون وٺڻ باعث شرم سمجهيو ۽ هنن انگريزن کان ڪوبہ فائدو نہ ورتو.

هڪ هڪ جاگير حقيقت ۾ اسان جي سردارن تي غداري ۽ بي ايمانيءَ جو داغ هئي، پر هو ان کي پنهنجي لاءِ شرافت ۽ عزت جو باعث سمجهڻ لڳا.

جاگيرن سان گڏ انگريزن انهن سردارن کي "خان صاحب، خان بهادر، نواب، سر" وغيره جي لقبن سان نوازي، انهن کي پنهنجو زرخريد بڻائي ڇڏيو. جڏهن جڏهن انگريزن خلاف تحريڪون هليون تڏهين انهن سردارن خان بهادرن پنهنجي قوم جي خلاف انگريزن جو ساٿ ڏيئي پنهنجي غداري ۽ بي ايمانيءَ جو حق ادا ڪيو.

خلافت تحريڪ جي مخالفت ۾ انگريزن هتي "امن سڀائون" ناهيون هيون. مسٽر محمد ايوب کهڙو لاڙڪاڻہ ضلع امن سڀا جو صدر هو ۽ انهيءَ خدمت ۾ کيس "خان بهادر" ڪيو ويو هو.

قائداعظم انگريزي لقبن تان دست برداريءَ جو حڪم ڏنو پر مسٽر کهڙو اجان تائين پاڻ کي خان بهادر سڏائيندو اچي ۽ ان کان ڪيس شرم نہ ٿو اچي.

## حقن جو رڪارڊ

زمين تي شخصي مالڪيءَ جي حق قائم ڪرڻ لاءِ ٻہ ڳالهيون ضروري هيون: پهرين ڳالهہ هئي زمين کي ماپڻ سروي ڪرڻ ۽ انهن ماپن ۽ حقن کي نقشن ۽ ڪتابن ۾ داخل ڪرڻ. ٻي ڳالهہ هئي حقن جو رڪارڊ ناهي هر هڪ سروي نمبر تي ان جي مالڪ جو نالو داخل ڪرڻ. انگريزن ملڪ کي فتح ڪندي ئي اهي ٻئي ڳالهيون سرانجام ڪيون.

حقن جي رڪارڊ ٺهڻ کان پوءِ زمين کي وڪڻڻ، گروي ڪرڻ، ٺيڪي تي ڏيڻ وغيره امڪان ۾ آيا. حقن جي رڪارڊ ٺهڻ سان گويا زمين پوکيندڙن هارين جي حقيقي قبضي مان نڪري سرڪار ۽ ان جي ايجنٽن زميندارن جي ڪاغذي مصنوعي قبضي ۾ آئي.

انگريزن هارين کان زمين کسڻ جو بنياد وڌو. زمين جي مالڪي هاڻي سرڪاري دفترن ۽ ديواني ڪورٽن ۾ رکي وئي.

حقن جي رڪارڊ مان انگريزن هڪ ٻيو اهم ڪم ورتو ۽ اهو هو هر ڍل جي وصولي. انگريزن کان اڳي ڍل جنس ۾ ورتي ويندي هئي ۽ ان جو مقدار فصل ۽ پيدائش جي حالت تي هوندو هئو ۽ پوکيندڙ آسانيءَ سان ادا ڪري سگهندا هئا.

انگريزن ڍل کي جنس مان ڦيرائي روڪ پئسن ۾ تبديل ڪيو. شروعات ۾ ڍل جو نرخ هلڪو هو تہ جيئن اصولي مخالفت نہ ٿئي. پر پوءِ جڏهن زميندار اصول برقرار ٿي ويو تڏهن انگريزن ڍل کي بار بار وڌائڻ شروع ڪري ڏنو ڍل نہ ڏيڻ جي حالت ۾ زمين کي نيلام يا ضبط ڪري سرڪار پنهنجي قبضي ۾ رکيو ٿي.

جن ماڻهن جي قبضي ۾ زمين ٿوري هئي ۽ جنهن جي پيدائش گذاري لاءِ ناڪافي هئي، انهن لاءِ ڍل مصيبت جو باعث بڻجي وئي.

واپاري آمدني جي حالت ۾ گهٽ آمدنيءَ کي انڪم ٽيڪس کان معاف رکيو ويندو آهي، مثلاً. جنهن واپاري يا ملازم جي آمدني سال تي 2

هزار روپيه آهي ته انڪم ٽيڪس معاف آهي. ڇاڪاڻ ته اها آمدني گذاري جي بنيادي ضرورتن لاءِ مس ڪافي آهي.

ڊل جي حالت ۾ ننڍن ڪاتيدارن لاءِ ڪابه مروت ڪانه ڪئي وئي ۽ هڪ ايڪڙن واري ڪاتيدار کان به انگريز حڪومت ايڪڙ تي ڇهه روپيه ورتا ته هزار ايڪڙن واري زميندار تي به ساڳيو رڪب - في ايڪڙ ڇهه روپيه.

هاڻي اهو ڇهه روپيه رڪب وڌائي ڪٽڪ ۽ سارين جي حالت ۾ ويهه روپيه ۽ ڪپهه جي حالت 50_60 روپيه ڪيو ويو آهي. ننڍن ڪاتيدارن لاءِ هي ڊل ڪيتري قدر ڏکي آهي ان جو اندازو فقط ننڍا ڪاتيدار ئي ڪري سگهن ٿا.

## هاري زمين کان جدا ٿي ويو

حقن جي رڪارڊ، زمين تي شخصي مالڪيءَ جو حق ۽ ڊل جي طريقي - انهن سڀني زمينن کي واپاري شڪنجي ۾ آندو ۽ زمين جي ڏي وٺ ائين ٿيڻ لڳي جيئن ٻڪري، ڳئون يا اناج جي. زمين هڪ واپاري مال بڻجي ويو ۽ جيئن سرمائيداري نظام جو قاعدو آهي، وڏن واپارين ۽ زميندارن ننڍن ڪاتيدارن کي ڳهڻ ۽ ختم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. ننڍا ڪاتيدار هاڻي زمين جي مالڪي ڇڏي ٻي زمين هاري تي پنهنجو گذران ڪرڻ لڳا. زمين جي مالڪي ڪاشتڪار طبقي مان نڪري غير ڪاشتڪار طبقي جي هٿن ۾ وئي جن جو زمين سان تعلق صرف واپار، پئسن ڪمائڻ ۽ زمينداري وڌائڻ جو هو.

ننڍن ڪاتيدارن کان زمين کسجي وڏن زميندارن ۽ واپارين جي قبضي ۾ وڃڻ سان ٻي زمين هارين جو تعداد وڌندو ويو ۽ سرڪار هارين جي بچاءُ ۽ بيدخلي روڪڻ لاءِ ڪوبه قانون ڪونه ناهيو. هاري اهڙيءَ طرح بدترين غلاميءَ جي حالت کي وڃي پهتو.

ننڍن ڪاتيدارن لاءِ انگريزن ڪجهه قانون ناهيا: ديڪن ائگريڪلچر لسٽس رليف ائڪٽ، وغيره، جن هيٺ ظاهري قطعي وڪرن کي زباني شاهدي تي گروي ثابت ڪيو ٿي ويو. پر انهن قاعدن ۾ اهڙا ور وڪڙ هئا جو انهن مان ننڍن ڪاتيدارن کي وڏو فائدو ڪونه پهتو ۽ هر سال ننڍن ڪاتيدارن کان زمين کسجي وڏن شاهوڪارن ڏانهن ٿي وئي ۽ ٻي زمين هارين يا کيتي مزدورن جو تعداد وڌندو ويو.

هندو قوم، جا تعليم، واپار، ڪارخانن ۾ مسلمانن کان اڳتي وڌي وئي هئي، ان هن انگريزي نظام مان پورو فائدو ورتو ۽ هو مسلمانن کان زمين خريد ڪندا ويا. 1930ع ۾ اندازو لڳايو ويو تہ جيڪڏهن هندن جي خريديءَ تي روڪ نہ وڌي وئي تہ 20_25 سالن ۾ سنڌ جي ساري زمين هندن جي قبضي هيٺ ٿي ويندي. انهيءَ اقتصادي جنگ پوءِ جلد ئي مذهبي رنگ ورتو. هندن جو نہ فقط زمين تي قبضو وڌندو ويو پر ڇاڪاڻ تہ هنن انگريزي تعليم ۽ تهذيب جي يڪدم پيروي ڪئي، تنهن ڪري سرڪاري نوڪري، وڪالت، ڊاڪٽري، ماستري، پروفيسري ۽ ٻين ڌنڌن ۾ بہ هنن جو قبضو ٿي ويو ۽ مسلمان پوئتي پئجي ويا. انهن سببن ڪري مسلمان اسلام ۽ مذهبي نعرا شروع ڪيا، جيتوڻيڪ انهن مذهبي نعرن جي تھ ۾ اقتصادي جنگ هئي. انهيءَ مذهبي جنگ آخر پاڪستان جو مطالبو ڪيو جو اڳتي هلي انگريزن جي مدد سان ڪجھ حد تائين ڪامياب ٿيو.

پاڪستان مليو هندو زميندار گهٽي ڀاڳي سنڌ ڇڏي ويا، مگر هارين جي حالت اڳئين کان بہ ابتر آهي. سنڌ ۾ اٽڪل ٽيھ لک هاري اهڙا آهن جن کي پنهنجي زمين ڪانہ آهي. سنڌ ۾ اٽڪل چار هزار وڏا زميندار آهن جي زمين جي وڏي حصي تي قبضو رکي زمين ۽ حڪومت جا مالڪ ٿيا ويٺا آهن. هارين جي حقن لاءِ ڪوبہ موثر قانون ڪونہ ناهيو ويو آهي.

## هاريءَ جي موجوده بيڪسي

**ونڊيءَ ۾ بي انصافي:** انگريزن، جن نئين تهذيب جي دعويٰ ٿي ڪئي، انهن جي حڪومت آخر ۾ هاريءَ کي انهيءَ حالت تي پهچايو جو هاري پنهنجو اڌ ونڊي جو حصو بہ حاصل نہ ٿو ڪري سگهي. ڦٽيون ٿئي مٿا زميندار کٽي وجي ٿو ۽ حساب ڪتاب بہ پنهنجي مرضيءَ تي صفا ڪري ٿو. سالن جا سال زميندار حساب چڪتو نہ ٿو ڪري. جيڪڏهن ڦٽين جو اگھ ٽيھ روپيہ مڻ آهي تہ هاريءَ کي 25 يا ويھ روپين جو حساب ڏئي ٿو. ڪچي ۽ پڪي تور ۾ بہ هاريءَ کي نقصان پهچائي ٿو. ڪٽڪ جي حالت ۾ بہ هاريءَ سان اهوئي ناحق آهي. هاري اهڙي طرح دائمي قرض ۾ مبتلا رهي ٿو ۽ زميندار جو محتاج رهي ٿو.

**قرض ۾ غرق:** پاڪستان کان اڳ، هندو شاهوڪار پئسي روپئي وياج وٺندا هئا. هڪ سؤ روپيہ تي مهيني ۾ هڪ روپيہ نو آنہ وياج ڏيندو هو يا پوٽا اوٽيهہ في سال في سيڪڙو. ڪن حالتن ۾ شاهوڪار روپيہ جو سوا روپيہ ڪري وٺندا هئا. جو بہ 25 في سال في سيڪڙو وياج ٿي ويندو هو.

پاڪستان کان پوءِ مسلمان شاهوڪارن ۽ واپارين، هندو شاهوڪارن کي بہ شہ ڏيئي ڇڏي آهي. هي مسلمان نالي ۾ وياج ڪونہ ٿا وٺن. چاڪاڻ تہ وياج اسلام ۾ منع ڪيل آهي. هي مسلمان ٻول جي نموني سان هارين ۽ غريبن کي لٽين ٿا. جيڪڏهن ڪنهن هاريءَ کي پئسو ڪپي تہ هنجون ساريون 3 روپيہ في مڻ جي حساب سان ٻولين ٿا. حالانڪ سارين جو اگهہ 6 روپيہ في مڻ يا مٿي ٿي ويندو آهي. اهو سئو تي سئو وياج ٿي ويو.

هڪ مثال دادو ضلع ۾ ٿيو هو جو اعتبار ۾ اچڻ جهڙو ئي ناهي، پر سچو واقعو آهي. هڪ غريب هاري گذريل سال، اناج جي تنگي ۽ مهانگائي سبب هڪ مسلمان شاهوڪار وٽ ويو ۽ ان کان قرض گهريائين. ان مسلمان ڪيس 3 مڻ چانور ڏنا. في مڻ چاليهہ روپيہ جي بها سان. يعني 120 روپيہ تي. هاريءَ کان ايندڙ فصل مان ساريون 3 روپيہ في اگهہ سان لکائي ورتائين. يعني 40 مڻ. هاري ويچارو ٻچڙيوال هو. ڪا بہ واهہ نہ ڏسي انهي شرطن تي 3 مڻ چانور وٺي ويو. حساب لڳائبو تہ 3 مڻن چانورن جي سچي بها ٿيندي 36 روپيہ. 40 مڻ سارين جي بها ٿيندي 240 روپيہ. يعني هڪ سو روپيہ تي ڇهہ سو روپيہ نفعو يا وياج ۽ ڇئن مهينن جي عرصي لاءِ.

ننڍا ڪاتيدار يا هاري لکين روپين جي قرض هيٺ غرق آهن ۽ سندن زمين ۽ فصل دائمي گروي ٿيل آهن. اهو قرض روز بروز وڌندڙ آهي. هاري سڄي عمر شاهوڪارن لاءِ پورهيو ڪن ٿا ۽ دنيا جون سڀ تڪليفون سهن ٿا. ڇيڙ، بيگر، ڦٽ، لعنت کان ڪو ڏينهن خالي ڪو نہ هوندو.

زميندارن جي ڪتن لاءِ بہ ڪوئيٽہ ۾ بنگلا آهن ۽ جيڪڏهن ڪتو بيمار ٿئي تہ سول سرجن انجيڪشن هڻي ٿو. ويچارو هاري ڪچي جهوپڙيءَ ۾ زندگي بسر ڪري ٿو ۽ بخار ۾ ڪنئين جي ٽڪي بہ ميسر ڪانہ اٿس.

جيڪڏهن هاريءَ وٽ ڳئون يا مينهن آهي تہ ان جو کير بہ ٻچن کان بچائي مکڻ پيدا ڪري ٿو ۽ اهو مکڻ بازار ۾ وڪڻي ڪپڙو لٽو يا دوا درمل وٺي ٿو.

هاري جيڪو قوم جو "اَن داتا" آهي سو پاڻ اَن لاءِ سڪي ٿو.

هي آهي انگريزن جي حڪومت جي هارين تي مهرباني. حڪومت جنهن جو بنياد زمينداري ۽ سرمائيداري نظام تي آهي. انگريزن هارين جي حالت ۾ سڌاري جي عيوض بگاڙو آندو آهي.

انگريزن جي حڪومت جاري آهي، جيتوڻيڪ ظاهر ۾ انگريز عملدار ٿورا آهن، پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو حاڪم، گورنر جنرل، انگلينڊ جي پارليامينٽ ۽ مها راڻيءَ جو نوڪر آهي ۽ گورنر جنرل جي محل مٿان انگريزي تاج وارو جهنڊو لهرائي رهيو آهي. پاڪستان انگريزن جي ڪامن ويلٿ جو ميمبر آهي ۽ هڪ بئنڪ جي حيثيت رکي ٿو. پاڪستان جي واپار ۽ اقتصاديات تي ئي انگلينڊ ۽ آمريڪا جو قبضو آهي. انهي قبضي جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اسان جو ملڪ ڪيترين مشڪلاتن ۾ مبتلا آهي.

سنڌ ملڪ، جيڪو ٻين ملڪن کي اناج پهچائي، ان ۾ چانور 40 روپيہ مڻ ۽ ڪڻڪ 30 روپيہ مڻ وڪامي ۽ غريبن ۽ هارين لاءِ قحط جهڙيون حالتون پيدا ٿين.

## سکر براج

سکر براج، جنهن تي انگريزن کي ناز ٿي سگهي ٿو ۽ جنهن جي ذريعي سنڌ کي هڪ گلستان بنائي سگهجي ها، ان مان بہ هارين جي حالت ۾ سڌارو ڪونہ آندو ويو آهي.

لکين ايڪڙ زمين آبادي هيٺ آندي وئي، پر اها سموري زمين زميندارن کي وڪرو ٿي، فقط ٿوري زمين، روپئيءَ مان پئسو ٽڪو هارين کي "هارپ گرانٽ" جي صورت ۾ وڪي وئي. ڪيترين هارپ گرانٽون قسطن ڏيڻ ۾ ٿوري دير يا ڪوتا جي سبب رد ڪيون ويون ۽ هارين جا پياريل سمورا پئسا هضم ڪيا ويا. حساب ڪبو تہ غريب هاري طبقي جا لکين روپيہ انهي طرح حرام ٿي ويا ۽ سندن ناهيل زمين زميندار خريد ڪري ويا.

شروعات ۾ براج مان هاري ٿوري زمين ۽ پنهنجي طاقت آهر، خريد ڪري سگهندا هئا، بروقت ڏهين پتي رقم اڳواٽ ۽ باقي رقم ڏهن قسطن ۾ ڏيٺي پوندي هئي. چار پنج ايڪڙ هڪ سال هاري خريد ڪري سگهندو هو ۽ وري ٻئي سال چار پنج ايڪڙ خريد ڪندو هو. پنجن ڇهن سالن اندر هو ڏهن ويهن ايڪڙن جو مالڪ ٿي ويندو هو. ڪيترن هارين اهڙيءَ طرح 1931ع کان 1942ع تائين زمينون خريد ڪيون ۽ هو اهڙي طرح زميندارن جي هارپ کان آزاد ٿي پاڻ ننڍڙا ڪاتيدار ٿي ويا.

پر جڏهن زميندارن ڏٺو تہ هينئر هاري پنهنجون زمينون ٺاهيندا ٿا وڃن، تنهن ڪري مسٽر محمد ايوب کهڙي وقت جي وزير ۽ هڪ يهودي روينيو آفيسر مسٽر هالفورڊ گڏجي براج جي قانونن ۾ تبديلي آندي ۽ ٻي زمين هارين لاءِ زمين جي وڪري تي بندش وڌي، هنن حڪم ڪيو تہ:

(1) هارين کي خشڪ پوک جي حالت ۾ 12 ايڪڙن کان گهٽ زمين ۽ سارين جي حالت ۾ 8 ايڪڙن کان گهٽ وڪرو نہ ڪئي وڃي.

(2) بروقت مالڪاڻو اڌ ورتو وڃي ۽ نہ ڏهين پتي جيئن شروعات کان قانون هو.

(3) قسطون پنج ڪيون وڃن ۽ نہ ڏهہ. ياويهہ جيئن هارين جي حالت ۾ دستور هو.

جيڪڏهن ڪنهن زميندار کي هڪ هزار ايڪڙ يا مٿي آهي تہ هو هڪ ايڪڙ يا پنج ايڪڙ وڌيڪ زمين خريد ڪري سگهي ٿو ۽ ان تي ڪابہ بندش ڪانہ آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن هاريءَ کي زمين اصل ڪانہ آهي ۽ زميندار بہ ان کان زمين کسي سگهي ٿو تہ هو پنج ايڪڙ يا پوٽا ٻارنهن ايڪڙ زمين بہ خريد ڪري نہ ٿو سگهي. ٻارنهن ايڪڙ يا مٿي خريد ڪري سگهي ٿو حالانڪ هن کي وڌيڪ زمين جي خريديءَ جي طاقت بہ ڪانهي.

مسٽر کهڙي جو هارين کي زمين کان محروم ڪرڻ جو سبب ڪهڙوهو؟ سبب اهو هو تہ زميندارن براج مان زمينون ڪٽت ڪيون هيون ۽ انهن کي هاري کپندا هئا. جيڪڏهن هارين کي پنهنجي زمين ٿيندي ويندي تہ هو زميندارن جي هارپ ڪونہ ڪندا ۽ زميندارن جي زمين آباديءَ کان رهجي ويندي.

هارين کي زمين کان محروم ڪرڻ جو دليل کهڙو ڏنو؟ جي "پنج ڇهه ايڪڙ جي ڪفايت ايراضي (un economic holding) آهي، جنهن لاءِ نہ هاريءَ کي پاڻي پورو ملندو ۽ نہ آبادي فائديمند ٿيندي "

هاريءَ کي جيڪڏهن پنهنجا ڇهه ايڪڙ هوندا تہ اهي زميندار جي 12 ايڪڙن کان بہ بهتر آهن. انهن ڇهن ايڪڙن مان ڪيس ڪو بيدخل ڪري ڪونہ سگهندو. وڏيڪ محنت سان ڇهن ايڪڙن جي پيداوار ۾ ڪافي اضافو ٿي سگهي ٿو. پنجاب ۽ يو پي ۾ انهيءَ کان بہ گهٽ ايراضين تي هاري گذارو ڪري سگهن ٿا.

سنڌ ۾ موجوده ملڪيتون ڇڪاسبيون تہ سئو تي پنجاهہ کان وڌيڪ ڪاتيدار پنجن ايڪڙن يا ان کان بہ گهٽ ايراضي رکن ٿا. اها زمين ناڪافي آهي. برابر پر انهن جي حالت انهن هارين کان ضرور بهتر آهي جن کي زمين اصل ڪانهي. جنهن کي ڇهه ايڪڙ پنهنجي زمين آهي سو پنهنجي زمين کان سواءِ ڪنهن زميندار جي بہ ڪجهہ زمين آباد ڪري سگهي ٿو.

ٿوري ايراضيءَ ۾ پاڻيءَ جي واري جي تڪليف ٿي سگهي ٿي، پر ڪوهہ بہ گهڻين حالتن ۾ کوٽي سگهجي ٿو ۽ باغ واڙيون بہ پوکي پيداوار ۾ واڌارو ڪري سگهجي ٿو. جن ماڻهن کي ٿوري زمين، پنج ڇهه ايڪڙ آهي، انهن تي اها زمين بار آهي ڇا؟ يا اها زمين سرڪار کانئن کسي، پر وارن زميندارن کي ڏيئي ڇڏي؟ وڏا زميندار تہ ائين ئي چاهيندا.

ٿوري ايراضي واقعي زراعت جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿي، ڇاڪاڻ تہ ننڍين سروي نمبرن ۾ ٽريڪٽر ۽ مشينون ڪم آڻي نہ ٿيون سگهجن ۽ نڪو موثر طريقي سان آبادي ڪري سگهجي ٿي. پر زراعت جي ترقيءَ ۾ موجوده زميداري سرشتو بہ رڪاوٽ آهي. ڪيترا وڏيرا هزارها ايڪڙ والاريون ويٺا آهن ۽ سنڌن زمين غير آباد، جهنگل لڳي پئي آهي يا شڪار لاءِ مخصوص ڪئي وئي آهي، جيتوڻيڪ اناج جي سخت ضرورت آهي.

زراعت جي ترقيءَ جو صحيح طريقو اهو آهي تہ باهمي امداد جي بنياد تي فارم (collective co - operative) ٺاهيا وڃن ۽ سڀني هارين کي حصيدار بڻايو وڃي. سائنٽيفڪ طريقن سان پيدائش کي ٻيڻو ٽيڻو ڪري سگهجي

تو. ماهرانہ طريقن ڪري جپان ۽ اٽليءَ ۾ سارين جي پيدائش اسان جي پيدائش کان گهڻو مٿي آهي.

| سراسري پيدائش في ايڪڙ | ملڪ |
|---|---|
| 20 مڻ | سنڌ، لاڙڪاڻہ ضلع |
| 12 مڻ | سنڌ ۔ لاڙ |
| 40 مڻ | جپان |
| 60 مڻ | اٽلي |

اهڙي طرح روس ۽ آمريڪا ۾ اسان جي ملڪ کان ٽيڻي ڪڻڪ جي پيدائش لهي ٿي.

انگريز چاهين ها تہ ملڪ جي پيدائش ۾ ڪافي اضافو ڪري سگهن ها، پر هنن انهيءَ طرف ڪوبہ توجهہ نہ ڏنو. انگريزن صرف تورن فارمن رستي جديد طريقا ڏيکاريا، پر انهن تي عمل ڪونہ ڪيو.

اهوئي سبب آهي جو سکر بئراج هوندي ۽ سائنس جي هيڏي ترقي هوندي بہ اسان جو ملڪ غريب ۽ محتاج آهي ۽ جيستائين انگريزن ۽ سندن پيدا ڪيل زميندارن جو اثر باقي آهي تيستائين عوام جي حالت غريب ۽ محتاج ٿي رهندي.

❋

# سنڌ ٽيننسي ائڪٽ
# لاءِ جدوجهد

جڏهن زميندارڻي نظام قوم لاءِ نقصانڪار آهي ۽ زميندارڻي کي ختم ڪرڻ زماني جي تقاضا آهي. تنهن وقت ٽيننسي ائڪٽ جو نعرو تمام معمولي ڪارروائي نظر اچي ٿي.

بهرالحال جڏهن هاڻي هاريءَ جي بچاءَ لاءِ ڪوبه قانون ڪونه آهي ۽ زميندار کي سڀ حق ۽ اختيار آهن تہ هو هاريءَ کان پنهنجي مرضيءَ موجب زمين کسي ۽ ڏئي، ابواب وٺي، ڇيڙ بيگر وهائي، تڏهن ٽيننسي ائڪٽ به ضروري قدم آهي.

سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي پنڌرنهن سالن جي لڳاتار ڪوشش جو آخر اهو نتيجو نڪتو جو سنڌ سرڪار هارين لاءِ هڪ قانون ناهڻ جو خيال ظاهر ڪيو.

1940ع ۾ بمبئيءَ سرڪار هارين لاءِ هڪ قانون پاس ڪيو هو (بمبئي ايڪٽ 19 سال 1940ع وارو) ۽ اهو قانون سنڌ سرڪار سنڌ جي ڪليڪٽرن ڏانهن راءِ لاءِ موڪليو ڪليڪٽرن پنهنجا رايا موڪليا ۽ انهن تي بحث ٿيا ۽ آخر 13 مارچ 1942ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي ۾ مسٽر نهچلداس وزيراڻي (ان وقت جي روينيو وزير) خاطري ڏني تہ هارين جي مسئلي جي جانچ پڙتال لاءِ هڪ ماهرن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويندي.

## ٽيننسي ليجسليشن ڪاميٽي

ڊسمبر 1942ع ۾ بمبئي ائڪٽ 29 جي نموني تي ٽيننسي ائڪٽ جو هڪ مسودو سنڌ لاءِ تيار ڪيو ويو ۽ ان تي ويچار ۽ بحث جاري رهيو. ان

وقت خان بهادر محمد ايوب کهڙي رايو ڏنو تہ بمبئي ائڪٽ جو قانون سنڌ سان لاڳو نہ ڪري سگهبو ڇاڪاڻ تہ سنڌ جون حالتون نراليون آهن.

26 جون 1943ع تي سنڌ سرڪار هيٺين ماڻهن تي مشتمل هڪ ڪاميٽي سنڌ ليجسليشن ڪاميٽي، لاءِ منظوري ڏني.

| | |
|---|---|
| 1۔ مسٽر محمد ايوب کهڙو | وزير |
| 2۔ پير الاهي بخش نواز علي | وزير |
| 3۔ مسٽر گوڪلداس ميولداس | وزير |
| 4۔ مسٽر غلام مرتضيٰ سيد | ايم. ايل. اي |
| 5۔ مير غلام علي خان ٽالپر | ايم. ايل. اي |
| 6۔ مسٽر جعفر خان بڙدي | ايم. ايل. اي |
| 7۔ مسٽر محمد يوسف چانڊيو | ايم. ايل. اي |
| 8۔ مسٽر محمد علي شاهہ سيد | ايم. ايل. اي |
| 9۔ مسٽر ڏيئل مل دولترام | ايم. ايل. اي |
| 10۔ مسٽر نهچلداس وزيراڻي | ايم. ايل. اي |
| 11۔ مسٽر خير شاهہ سيد | ايم. ايل. اي |
| 12۔ مسٽر محمد امين کوسو | ايم. ايل. اي |
| 13۔ مسٽر جي فريزر | ايم. ايل. اي |
| 14۔ مسٽر ايس ردلي | ڪليڪٽر ڪراچي ضلع |
| 15۔ مسٽر ڊي ۔ آر۔ سي هالفورڊ | روينيو آفيسر لائڊ براج |
| 16۔ مسٽر ڊبليو ۔ ڊي ڪالڊر | سپرنٽينڊنگ انجنيئر |
| 17۔ مسٽر هرداس هگوراڻي | ميمبر لسر آوليگل افيئر سنڌ |
| 18۔ مسٽر راجر ٽامس | زميندار ضلع ٿرپارڪر |

(هن کي پوءِ شامل ڪيو ويو هو.)

هن ڪاميٽي تي هارين جو يا سندن جماعت جو ڪوبہ عيوضي مقرر نہ ڪيو ويو.

هن ڪاميٽيءَ کي تحقيقات لاءِ هيٺيان شرط مقرر ڪري ڏنا ويا:

1۔ هارين کي هارپ جي حقن ڏيڻ جي ضرورت يا مصلحت آهي يا نہ؟

2_ جيڪڏهن هائو تہ ڪهڙن هارين کي؟
3_ هارپ جا حق ڪهڙا هجن؟
4_ انهن تجويزن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪهڙو دستور هجي ۽ ڪهڙيون سزائون مقرر ڪجن؟

هن ڪاميٽي ڪل 14 ميٽنگون ڪيون. پهرين نون ميٽنگن ۾ مسٽر کهڙو چيئرمين هو. تنهن کان پوءِ مسٽر کهڙي جي وزارت ٽٽڻ تي مسٽر نهچلداس وزيراڻي وري روينيو وزير ٿيو ۽ يارهين کان چوڏهين ميٽنگ ۾ مسٽر نهچلداس چيئرمين هو. ڏهين ميٽنگ ۾ مسٽر غلام حسين هدايت الله چيئرمين هو.

هن ڪاميٽي هڪ سوالنامو ناهيو ۽ اٽڪل 200 ماڻهن ڏانهن موڪليو تہ ان جا جواب ڏيو. فقط 18 ماڻهن ان جا جواب موڪليا.

جيڪا ڪاميٽي 26 جون 1943ع تي ٺهي انهن پهرين ميٽنگ ڇهن مهينن کان پوءِ 20 ڊسمبر 1943ع تي ڪئي. 20 ڊسمبر 1943ع کان 3 آگسٽ 1945ع، يعني اٽڪل ويهن مهينن جي جانچ کان پوءِ هن ڪاميٽيءَ پنهنجي آخري رپورٽ تيار ڪئي.

هن ڪاميٽي جي ڪثرت راءِ وارين سفارشن جا مکيہ فقرا هي هئا:

1_ هارين کي حق ڏنا وڃن. هارين کي حق نہ صرف انهيءَ لاءِ حق ڏنا وڃن تہ هارين جو هڪ پهلوان طبقو پيدا ڪيو وڃي، پر انهيءَ لاءِ بہ تہ هڪ خاص مقرر زمين جي ٽڪر ۾ هاريءَ جي دلچسپي پيدا ڪرڻ سان آبادي وڌيڪ ڪارگر نموني ۾ ٿي سگهندي.
2_ زميندارن جا اعتراض تہ قانون ڊاهڻ سان زميندار ۽ هارين جي وچ ۾ موجوده خوشگوار تعلقات ٽٽي پوندا. زميندار ۽ هاري پيءُ پٽ وانگر آهن، وغيره_ اجايا آهن. قانون ناهڻ جي ضرورت آهي.
3_ انهن هارين کي حق ڏجن جن سانده 4_5 سال آبادي ڪئي هجي. هي حق موروثي هئڻ کپن.
4_ موروثي هارين جا نالا رڪارڊ ۾ داخل ڪيا وڃن.
5_ موروثي هاريءَ جو وارث مذهبي قانون موجب هجي، پر هڪڙو هجي ۽ هن کي سڀ وارث چونڊين.

6_ موروثي هارپ جي حق جي وڪري يا نيلام تي بندش هجي.
7_ موروثي حق هيٺين حالتن ۾ کسيو وڃي:
(الف) جيڪڏهن هاري پنهنجي سر آبادي ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪري.
(ب) جيڪڏهن هاري موثر طريقي سان آبادي نہ ڪري.
(ج) جيڪڏهن هاري مقرر ڳوٺ ۾ نہ رهي.
(د) جيڪڏهن هاري بٽئي جو حصو يا مقرر ٿيل نقد رقم ادا نہ ڪري.
(هہ) جيڪڏهن هاري فوجداري ڏوهن ۾ سزاياب ٿئي(مال جي چوري، قلم 110 وغيره).
8_ بٽائي_ موڪئي جي حالت ۾ اڌ واڌ ٽيڻ ڪپي ۽ چرخيءَ جي حالت ۾ ٻہ حصا هاريءَ کي ۽ ٽيون حصو زميندار کي.
9_ ابواب _ ڏڙوائي کي وچان مزدوري ڏجي. ڪارائي يا واهئيءَ کي ٻہ وچان ڏجي ۽ ان جو مقدار خرار تي ٻہ ٽويا مقرر ڪجي. ٽوهي يا ڪانگتڙي کي ٻہ وچان ڏجي ۽ ان جو مقدار خرار تي هڪ ٽوئي کان مٿي نہ هجي.
10_ قبضو_ پيداوار جو قبضو بٽائي ٿائين هاري ۽ زميندار جو گڏيل هجي.
11_ تڪرارن جي فيصلن لاءِ هر هڪ تعلقي لاءِ هڪ خاص ٽربيونل هجي، جنهن ۾ ٻہ زميندارن جا عيوضي هجن ۽ ٻہ هارين جا مختيارڪار چيئرمين هجي. هارين جا عيوضي هارين جي تسليم ڪيل جماعت چونڊي. وغيره وغيره.

انهيءَ ڪاميٽيءَ جي ڪن ميمبرن اختلافي نوٽ پيش ڪيا. ڪن اختلافي نوٽن جا ڪجهہ فقرا (**ضميمہ ب**) ۾ ڏنل آهن.

مسٽر کهڙي جي وزارت هنن سفارشن تي ڪوبہ عمل ڪونہ ڪيو ۽ ڪوبہ قانون هارين جي بچاءُ لاءِ پاس نہ ڪيو ويو. انهن سفارشن کي رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو.

سال 1945ع ائين گذري ويو.

سال 1946ع جي شروعات ۾ سنڌ اسيمبلي چونڊون ٿيون. انهن چونڊن ۾ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ چار اميدوار کڙا ڪيا:_

1. حيدر بخش جتوئي (ڏوڪري، وارهه تائين)
2. عبدالقادر (حيدرآباد تعلقه تائين)
3. قاضي فيض محمد (ڪنڊياره تائين)
4. رامجي ڪولهي (جيمس آباد غير مسلم تائين)

انهن چونڊن جي زماني ۾ جڏهن زميندار اميدوارن ڏٺو ته هاڻي هارين ۾ سجاڳي آهي ۽ انهن سنڌ هاري ڪاميٽي جي اميدوارن جي پٺڀرائي ٿي ڪئي، تڏهن زميندار هارين کي واعدا ڏيڻ لڳا ته اسان هارين لاءِ قانون پاس ڪنداسين. خاص طرح مسٽر کهڙي ۽ فضل الله ڏوڪري، باڊهه، نصيرآباد ۽ وارهه ۾ هارين کي وڏا وڏا واعدا ڏنا هئا ۽ جي اتي جي هارين کي ياد هوندا.

جنوري 1946ع ۾ چونڊون ٿي ويون، مسلم ليگ وزارت ٺهي، پر هارين لاءِ ڪوبه قاعدو ڪونه ٺاهيو ويو.

نومبر 1946ع ۾ مسٽر غلام حسين هدايت الله سنڌ اسيمبلي کي ٽوڙائي نيون چونڊون ڪرايون. مسٽر ميوڊي سنڌ جو گورنر هو.

انهيءَ چونڊ ۾ وري به سنڌ هاري ڪاميٽي مقابلو ڪيو ۽ زميندار اميدوارن وري به واعدا ڪيا ته اسان هاڻي ضرور هارين لاءِ قاعدو ٺاهينداسون.

## راجر ٿامس ڪاميٽي

انهن واعدن جي بجا آوريءَ ۾ سنڌ وزارت 3 مارچ 1947ع جي هڪ ٺهراءُ موجب هيٺين ميمبرن جي هڪ "هاري جانچ ڪاميٽي" ٺاهي.

1 ـ سر راجر ٿامس آءِ.سي.ايس ائگريڪلچر ائڊوائيزر سنڌ سرڪار چيئرمين.

2 ـ مسٽر محمد مسعود آءِ.سي.ايس چيئرمين ڪليڪٽر نوابشاهه.

3 ـ مسٽر نورالدين صديقي، مئنيجر، انڪمبرڊ اسٽيٽس سنڌ.

4 ـ مسٽر آغا شاهي آءِ.سي.ايس سيڪريٽري.

ٻن ميٽنگن کان پوءِ آغا شاهيءَ کان اهو ڪم ڇڏائي مسٽر گوپيچند ٻنواريءَ کي سنڌ سرڪار سيڪريٽري مقرر ڪيو.

هن ڪاميٽيءَ کي تحقيقات لاءِ هيٺيان شرط مقرر ڪري ڏنا ويا.

(الف)هارين جي انهن اهنجن بابت جانچ ڪرڻ جن بابت شڪايت ڪئي وڃي ٿي.

(ب) اهڙن عمل جوڳن اپائن لاءِ سفارش ڪرڻ جي ڳوٺاڻي اقتصادي حالت بگاڙڻ بدران هارين جي زندگيءَ جي معيار کي سڌارين.

(ج) جيڪڏهن هارين کي اهڙن حقن ڏيڻ جي رٿ ڪئي وڃي جي زميندارن کي نقصان پهچائيندا هجن تہ ان حالت ۾ زميندارن جي حفاظت لاءِ بچاءُ ڏيڻ جي مصلحت تي غور ڪرڻ.

سر راجر ٿامس ٿرپارڪر ضلع جو هڪ وڏو زميندار آهي، جنهن جي قبضي ۾ هزارين ايڪڙ زمين آهي. سندس هارين مٿان ظالمانہ ڪارروايون بابت "هاري حقدار" اخبار ۾ وقت بوقت مضمون پئي شايع ٿيا آهن. مسٽر راجر ٿامس کي سنڌ جي گورنر(مسٽر ميوڊي) سنڌ جو وزير مقرر ڪيو هو جيتوڻيڪ هو سنڌ اسيمبلي جو چونڊيل ميمبر بہ ڪونہ هو. جڏهن سنڌ جي عوام ۽ پريس هتي سخت اعتراض اٿاريو تڏهن گورنر مجبور ٿي هن کي وزارت تان استعيفيٰ ڏياري ۽ تنهن کان پوءِ هن کي ائگريڪلچر ائڊوائيزر (زراعتي صلاحڪار) جو عهدو وڏي پگهار سان ڏنو ويو ۽ ان عهدي تي هو اجان تائين فائز آهي.

شروعات ۾ مسٽر مسعود ۽ مسٽر صديقي هن خيال جا هئا تہ جيڪي تحقيقات جا شرط مقرر ڪيا ويا آهن سي تنگ آهن. تنهن ڪري هنن رٿ ڏني تہ هنن شرطن کي وسيع ڪيو وڃي تہ جيئن هو هارين جي ڀلي لاءِ وڏيڪ همہ گير تجويزون سوچي ۽ سفارشُون ڪري سگهن. مسٽر راجر ٿامس هن رٿ جي مخالفت ڪئي ۽ مسئلو گورنر سنڌ وٽ پيش ٿيو. انگريز گورنر مسٽر راجر ٿامس سان شاملراءِ ٿيو ۽ تحقيقات جي شرطن ۾ ڪابہ تبديلي نہ آندي وئي.

هن ڪاميٽي هڪ سوالنامو تيار ڪيو (**ضميمہ ج**) جو اٽڪل بہ سو ماڻهن ڏانهن راءِ لاءِ موڪليو ويو. 45 ماڻهن جواب موڪليا ۽ 44 ماڻهن جون زباني شاهديون ورتيون ويون هيون.

14 ۽ 15 مارچ 1947ع تي ڪاميٽي ميٽنگون ڪيون تنهن کان پوءِ مسٽر راجر ٿامس چار مهينا موڪل وٺي ولايت هليو ويو. ڪاميٽيءَ جو سڄو ڪم بند ڪيو ويو.

انهيءَ وچ ۾ پاڪستان قائم ٿيو ۽ مسٽر غلام حسين سنڌ جو گورنر ٿيو ۽ مسٽر محمد ايوب کهڙو وڏو وزير ٿيو.

مسٽر راجر ٿامس کي خوف هو تہ مسٽر مسعود ۽ مسٽر صديقي هڪ پاسي ٿئي ڪيس هر ڳالهہ ۾ شڪست ڏيئي سگهندا. هن مسٽر کهڙي کي هن خطري کان واقف ڪيو.

جيتوڻيڪ هاري ڪاميٽي انڪوائري جي سفارشن سان سنڌ وزارت بدل ڪانہ هئي پر تڏهن بہ مسٽر کهڙي فيصلو ڪيو تہ ڪاميٽيءَ تي هڪ ٻيو ميمبر بہ رکيو وڃي جو مسٽر مسعود ۽ مسٽر صديقيءَ جي خلاف مسٽر راجر ٿامس جو ساٿ ڏئي.

انهيءَ وچ ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پنهنجي نهرائڻ رستي سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيو تہ هن هاري انڪوائري ڪاميٽيءَ تي هارين طرفان بہ هڪ ميمبر مقرر ڪيو وڃي جو هارين جو طرف پيش ڪري سگهي.

مسٽر کهڙي هارين جو عيوضي ڪونہ کنيو. مسٽر کهڙي مسٽر راجر ٿامس جي مدد لاءِ هڪ ٻيو ميمبر مقرر ڪيو ۽ اهو هو مسٽر غلام رسول ڪيهر - هڪ وڏو عملدار ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ وڏو زميندار ۽ مسٽر کهڙي جو پاڙيسري.

17 آڪٽوبر 1947ع کان ڪاميٽي وري ميٽنگن جو سلسلو جاري رکيو جو 6 جون 1948ع تي ختم ٿيو.

هن ڪاميٽي 298 صفحن تي مشتمل هڪ ڊگهي رپورٽ تيار ڪئي، جنهن ۾ مسٽر محمد مسعود شامل نہ ٿيو. مسٽر مسعود هڪ اختلافي نوٽ پيش ڪيو جو بہ 38 صفحن تي مشتمل آهي.

## راجر ٿامس ڪاميٽيءَ جون سفارشون

1. خاص زمين جي ٽڪرن تي هارين کي ٽيننسي حق ڏيڻ هارين لاءِ نقصانڪار ٿيندو.

2. "اسين ٽيننسي ليجسليشن ڪاميٽي جي سفارشن تي راءِ زني ڪريون ٿا. ڇاڪاڻ ته انهن جي رپورٽ ۾ ڏنل رٿون هارين ۽ سنڌن زميندارن جي وچ ۾ تعلقات سان لاڳو آهن. اسين سمجهون ٿا ته انهيءَ ڪاميٽيءَ جي سفارش موجب هارين جي اقتصادي حالتن جي تبديليءَ ۽ سندن رهڻي جي حالت تي ڌيان ڏيڻ ڪانسواءِ انهن کي قبضيداريءَ جا دائمي حق ڏيڻ ڪري ديهاتي اقتصادي حالت خراب ٿي ويندي ۽ ساڳئي وقت هارين جي زندگيءَ جو معيار نه سڌرندو نڪو ڪو پوک جي ڪمن ۾ ڪا تبديلي ايندي. انهن ڳالهين جي آڌار تي سڄي صوبي جي اندر هارين کي دائمي ٽيننسي (قبضيداري هارپ) حق بنسبت ٽيننسي ليجسليشن ڪاميٽي جي سفارش جي تائيد ڪرڻ کان اسين قاصر آهيون." (فقره 245)

3. "اسان جي ڪاميٽيءَ جي اڪثريت جو رايو هي آهي ته هارين کي قبضيداري جي دائمي حقن ڏيڻ کي عارضي طور مهمل ڪجي." (فقره 247)

4. فقط بٽئي جا قانون مقرر ڪيا وڃن.

## سرهاري هاري ڪانفرنس

هڪ طرف اليڪشن جي ذريعي سنڌ هاري ڪاميٽي هارين جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي سنڌ وزارت کي هڪ قانون ناهڻ تي آماده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ته ٻيءَ طرف 4_5 مارچ 1947ع تي سرهاري سٽين ساليانو هاري ڪانفرنس ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي "اَڌو اَڌ بٽئي" جو نعرو ڏنو. هن ڪانفرنس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته هاري پنهنجو اڌ حصو ونن ۽ ابوابن ڏيڻ کان انڪار ڪن. ٽئين جو اڌ حصو پاڻ ونن ۽ پاڻ نيڪال ڪن.

سرهاري کان اهو نعرو سڄي نوابشاهه ضلع ۾ پکڙجي ويو ۽ هر هنڌ هاري زوردار مقابلي سان پنهنجو حصو اڌ بٽئي ونڻ لڳا. مسٽر مسعود. نوابشاهه جي ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ هارين سان همدردي ڏيکاري.

ان وقت لاڳيتي سانگهڙ ضلع جي ڪليڪٽر مسٽر جي ٿامسن به هارين سان گهڻي همدرديءَ جو رخ ڏيکاريو.

هڪ طرف هارين پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد شروع ڪئي تہ ٻئي طرف زميندارن هارين تي ڪوڙن مقدمن ۾ ڦاسائڻ ۽ کين بيدخل ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي. پاڪستان جي قيام جو فيصلو هنن ڏينهن ۾ ظاهر ٿي ويو هو. هندن جي لڏپلاڻ بہ شروع ٿي وئي هئي ۽ ملڪ ۾ بدامني جا امڪان ڏسڻ ۾ آيا ٿي.

انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مسٽر ٿامس جي ڪوشش سان هارين ۽ زميندارن جي نمائندن جي هڪ گڏيل ڪانفرنس 1. جون 1947ع تي شهدادپور شهر ۾ ٿي. ڪانفرنس جي صدارت شهدادپور جي ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر غلام مصطفيٰ قاضي ڪئي. گهڻي بحث ڪانپوءِ ڪانفرنس اڌواڌ بٽئي جو اصول ۽ ٻيون هارين لاءِ سهولتون قبول ڪيون. هڪ گڏيل قبوليت (ضميمہ د) مسٽر ٿامسن جي صحيح سان ڇپائي شايع ڪئي وئي ۽ ان تي چڱو عمل ٿيڻ لڳو.

نوابشاهہ ۽ سانگهڙ ضلع مان اڌواڌ بٽئي جو تحرڪ ٿرپارڪر ضلع ۾ بہ پکڙجي ويو. اتي جي ڪليڪٽر مسٽر غلام حسين آغا هارين ۽ زميندارن جي عيوضين جي هڪ ڪانفرنس 16_جون 1947 تي ميرپورخاص ۾ ڪوٺائي. ڪانفرنس ۾ سڄي ضلعي جا مختيارڪار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر بہ شامل ٿيا.

شروع ۾ ڪانفرنس ۾ زميندارن اعتراض اٿاريو تہ (مرحوم) رفيق جان محمد پلي (صدر ضلعي هاري ڪاميٽي ٿرپارڪر)، غلام محمد لغاري ۽ مير محمد ٽالپر هاري نہ آهن، تنهن ڪري هنن کي هارين جي پاران ڳالهائڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي؛ رڳو هارين کي ڳالهائڻ گهرجي. رفيق جان محمد پلي ڪانفرنس آڏو سنڌ هاري ڪاميٽي جي تحريڪ تي روشني وڌي ۽ ”هاري حقدار“ اخبار جو پهريون پرچو پيش ڪيو جنهن ۾ سر غلام حسين چيف منسٽر سنڌ، مسٽر يوسف هارون صدر سنڌ مسلم ليگ ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام صدر صوبہ سنڌ ڪانگريس جا پيغام هئا. انهن پيغامن مان سنڌ هاري ڪاميٽي کي سنڌ جي هارين جي نمائنده جماعت تسليم ڪيو ويو هو. آخر ۾ ڪانفرنس مٿين هاري ليڊرن کي اڪثريت راءِ سان شرڪت لاءِ موقع ڏنو.

بحث مباحثي ڪانپوءِ ڪانفرنس اڌواڌ بٽئي جو احوال قبول ڪيو ۽ هڪ گڏيل قبوليت (**ضميمه هه**) شايع ٿي، جنهن کي زميندارن ۽ هارين قبول ڪيو.

سنڌ هاري ڪاميٽي هينئر سنڌ سرڪار تي نهرائڻ ۽ "هاري حقدار" اخبار ذريعي زور آندو ته جيستائين رٿيل سنڌ ٽيننسي ائڪٽ پاس ٿئي، تيستائين ضلعي عملدارن کي هدايتون ڏنيون وڃن ته هارين جي بيدخليءَ کي روڪيو وڃي ۽ اڌواڌ بٽئي جي اصول کي هر هنڌ عمل ۾ آندو وڃي.

سنڌ جي هارين جي عام مطالبي تي مسٽر کهڙي جي وزارت ضلعي آفيسرن ڏانهن نومبر 1947ع ۾ هڪ سرڪيولر ڪڍيو جنهنجو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

سنڌ سرڪار

روينيو ڊپارٽمينٽ

سرڪيولر نمبر 2I35-G-47

ڪراچي 10 ـ نومبر 1947ع

## هارين ۽ زميندارن وچ ۾ تڪرار

1. ڪليڪٽرن کي خبر آهي ته هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ تعلقات جي جانچ لاءِ ۽ سفارشن ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي آهي. سرڪار جو ارادو آهي ته آخرڪار انهن تعلقات کي باقاعده نهرائڻ لاءِ ڪو قانون پاس ڪجي. جيستائين اهو قانون پاس ٿئي، تيستائين مناسب سمجهيو ويو آهي ته انهن تڪرارن جي فيصلن متعلق، ۽ خاص ڪري بٽائي متعلق روينيو عملدارن کي هدايتون ڏنيون وڃن.

2. اها ڳالهه تسليم شده آهي ته اهو عام رواج آهي ته جڏهن آبادي موڪي سيلابي يا بوسي آهي، تڏهن هاريءَ کي اڌ پيداڻش جو ملندو آهي ۽ جڏهن آبادي چرخي آهي، تڏهن هاريءَ کي ٻه حصا ملندا آهن ۽ زميندار کي ٽيون حصو. جڏهن عملدارن کي تڪرارن جي

فيصلي ڪرڻ جو موقعو ملي، تڏهن متئين موجب هارين کي حصو
ملڻ گهرجي.

3. وچ ڏيگ مان ابوابن وغيره جا مطالبا هلي چلي موجب فيصلا ٿيڻ
ڪپن، بشرطيڪ اهي لوازما ڪنهن بہ حالت ۾ سجي پيدائش جي
ويهين پتيءَ کان متي نہ ٿين.

4. زميندار کي حق ناهي تہ هارين کان ڪنهن بہ قسم جي ڇيڙ وهائي،
سواءِ انهيءَ پورهئي جي جو چڱيءَ آبادي لاءِ ضروري آهي. اهو پورهيو
هيٺين حالتن ۾ جائز آهي:

(الف) ڪڙين جي ڪاٽي.

(ب) آبڪلاني موسم ۾ گپ ڇيڙ.

(ج) بندن يا واهن کي ڪنڍن پوڻ جي حالت ۾ خاص ڇيڙ.

زميندار جيڪڏهن متين غرضن لاءِ ڇيڙ جو مطالبو ڪن تہ اهو
بي قاعدي يا عام مصلحتن جي خلاف نہ ٿيندو. ٻئي طرف جيڪڏهن هاريءَ
کي زميندار ڇيڙ لاءِ چوي ۽ هو ڇيڙ نہ وهي تہ انهيءَ حالت ۾ زميندار لاءِ ائين
بہ جائز نہ ٿيندو تہ انهيءَ بنياد تي بٽائي وقت هاريءَ جي حصي مان ڪاٽ
سات ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

## سيڪريٽري سنڌ سرڪار

مسٽر کهڙي جي سرڪيولر جو اثر هارين تي بلڪل الٽو نڪتو ۽
اهوئي مسٽر کهڙي جو مقصد هو. نوابشاهہ، ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ضلعن
۾ هارين ۽ زميندارن جي ڪانفرنس جو اثر اهو نڪتو هو جو اتي صاف
اڌواڌ بٽئي جو اصول قريب عام ٿي ويو هو. مسٽر کهڙي جي سرڪيولر ويهين
پتي يعني مڻ تي بہ سير ابواب جي گويا زميندارن کي اجازت ڏني. جن
زميندارن گذريل فصلن ۾ ابواب وٺڻ صفا بند ڪيا هئا. انهن وري مڻ تي بہ
سير ابواب وٺڻ شروع ڪري ڏنو. جي زميندارن قديم رواج موجب (سرهاري
ڪانفرنس کان اڳ بہ) ابواب نہ وٺندا هئا. سي بہ هاڻي مڻ تي بہ سير هاريءَ
جي حصي مان وٺڻ لڳا.

مسٽر کهڙي جي سرڪيولر هارين جي بيدخلين کي روڪڻ، تقاوي حساب ڪتاب. ۽ ٻين ضروري مسئلن جي باري ۾ ڪا بہ هدايت ڪانہ ڏني. هن باري ۾ ضلعي آفيسرن جي ڪانفرنسن بہ ڪجهہ هارين لاءِ ڪيو هو مگر کهڙي جي حڪومت ڪجهہ ڪونہ ڪيو.

سنڌ هاري ڪاميٽي گهڻو احتجاج ڪيو تہ بہ سير خرچ بند ڪيو وڃي ۽ هارين جي بيدخليءَ تي بندش وڌي وڃي، پر ان باري ۾ حڪومت ڪجهہ بہ نہ ڪيو.

سال 1947ع ائين گذري ويو.
سال 1948ع بہ گذري ويو.

انهيءَ وچ ۾ قائد اعظم محمد علي جناح مسٽر کهڙي کي وزارت تان لاهي ڇڏيو ۽ پير الاهي بخش سنڌ جو وڏو وزير ٿيو.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ پير الاهي بخش بہ وزارت تان خارج ٿيو. قاضي محمد اڪبر خلاف مسٽر جي.ايم.سيد جي اليڪشن درخواست جي معاملي ۾ فاضل ججن پير الاهي بخش کي ڏوهي نهرايو هو. پير الاهي بخش کان پوءِ يوسف هارون سنڌ جو وڏو وزير ٿيو.

## سنڌ ٽيننسي بل 1949ع

مسٽر يوسف هارون سنڌ جو زميندار ڪونہ آهي، تنهن ڪري هن سنڌ ٽيننسي ائڪٽ پاس ڪرڻ لاءِ چاهہ ڏيکاريو ۽ سندس وزارت ۾ 3- مارچ 1949ع جي سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ سنڌ ٽيننسي بل شايع ٿيو.

سنڌ اسيمبلي جو بجيٽ وارو اجلاس هلندڙ هو. جنهن صورت ۾ 1942ع کان وٺي انهيءَ ٽيننسي بل تي بحث هلندا آيا هئا. عملدارن ۽ هارين کان ڪافي رايا ورتا ويا هئا. تنهن صورت ۾ اميد هئي تہ مارچ 1949ع واري اجلاس ۾ انهي بل کي پاس ڪري هارين جي مطالبي کي پورو ڪيو ويندو.

پر زميندارن جي اسيمبلي کي ائين منظور نہ هو. هنن هن ڪم کي وڏيڪ اينگهائڻ تي چاهيو.

## سليڪٽ ڪاميٽي

9_مارچ 1949ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي هيئين 21 ماڻهن جي هڪ سليڪٽ ڪاميٽي ناهي تہ سنڌ ٽيننسي بل تي ويچار ڪري ۽ ٻن هفتن اندر رايا ڏئي تہ جيئن 31_مارچ 1949ع اندر بجيٽ اجلاس جي هلندي سنڌ ٽيننسي ائڪٽ ڪي پاس ڪيو وڃي، ٻن هفتن جو رڳو ڏيکاءُ هو:_

| | |
|---|---|
| 1. سيد ميران محمد شاهہ | وزير |
| 2. قاضي فضل الله | = |
| 3. مير بنده علي خان | = |
| 4. سيد نور شاهہ | = |
| 5. مير غلام علي ٽالپر | ميمبر |
| 6. مسٽر جعفر خان جمالي | = |
| 7. مسٽر علي گوهر خان مهر | = |
| 8. مسٽر غلام محمد خان وساڻ | = |
| 9. مسٽر قاضي مجتبيٰ | = |
| 10. مسٽر موليٰ بخش سومرو | = |
| 11. مسٽر علي اڪبر شاهہ سيد | = |
| 12. مسٽر غلام رسول خان جتوئي | = |
| 13. مسٽر محمود هارون | = |
| 14. مسٽر سردار خان ڪوسو | = |
| 15. مسٽر عالي شاهہ سيد | = |
| 16. مسٽر علي محمد مري | = |
| 17. مسٽر سيرو مل وشنداس | = |
| 18. مسٽر سيرو مل ڪرپالداس | = |
| 19. مسٽر نبي بخش ڀٽو | = |
| 20. غلام نبي خان پناڻ | = |
| 21. ڪرنل هازڪ | = |

ان وقت اڪثر هندن جي وچڻ ڪري سنڌ اسيمبلي ۾ 38 ميمبر ڪن مس حاضر ٿيندا هئا ۽ انهن مان سڄن سارن 21 ماڻهن جي سليڪٽ (چونڊ) ڪميٽي ناهي وئي. هيڏي وڏي سليڪٽ ڪاميٽي ڪڏهن بہ نہ ناهي ويندي آهي.

هن ڪاميٽي زميندارن ۽ هارين جي عيوضين ڪان وڏيڪ شاهديون ورتيون.

مسٽر کهڙو جو هن وقت ميمبري ڪان پهرين پروڊا انڪوائري هيٺ خارج ڪيل هو ان ڪان ٽي ڏينهن شاهدي ورتي وئي هئي. انهن ٽن ڏينهن ۾ هن هارين لاءِ ڇا ڪيو سو اڳتي هلي ظاهر ڪبو.

هاري اڳواڻن مان چئن کي دعوت ڏني وئي هئي: عبدالقادر جان محمد پلي، مولوي نذير حسين ۽ لکندڙ. هاري اڳواڻن کي 16_ مارچ 1949ع شام جو دعوت ڏني وئي هئي تہ هو 18_مارچ 1949ع صبح جو پنهنجا رايا ڏين.

مون سڄي رات سڄي بل تي قلموار رايا لکيا ۽ اهي سليڪٽ ڪاميٽي جي سامهون 17_ مارچ 1949ع تي پيش ڪيا. اهي رايا 25_ مارچ 1949ع جي "هاري حقدار" ۾ شايع ڪيا ويا. (ظميمه ج)

هاري اڳواڻن کي فقط ڏيڍ ڪلاڪ ڳالهائڻ لاءِ ڏنو ويو هو.

جيتوڻيڪ سنڌ ٽيننسي بل هاري اڳواڻن جي راءِ موجب ناڪافي ۽ بيڪار هو تڏهن بہ هنن تقاضا ڪئي تہ جهڙو تهڙو ائڪٽ بہ جلد انهيءَ اجلاس ۾ پاس ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ نوابشاهہ، ٿرپارڪر ۽ حيدرآباد ۾ زميندارن هارين جون عام بيدخليون شروع ڪري ڏنيون هيون تہ جيئن ڪين رٿيل ائڪٽ هيٺ موروثي حق ملي نہ سگهن. 3 سال سانده آبادي موروثي حقن لاءِ ضروري ٺهرائي وئي هئي.

هن باري ۾ "هاري حقدار" مورخہ 25 مارچ 1949ع ۾ مون هيٺيون ايڊيٽوريل لکيو هو:

# ”هاري حقدار“

حيدرآباد سنڌ: جمعہ 25 مارچ 1949ع

## سنڌ ٽيننسي ائڪٽ پاس ڪيو

سنڌ ۽ پاڪستان جي هارين دل و جان سان پاڪستان جي حصول لاءِ جدوجهد ڪئي، انهيءَ اميد ۽ اعتقاد سان تہ جا زمين هو پوکين ٿا ان جا مالڪ ٿيندا.

گذريل ويهن سالن کان سنڌ هاري ڪاميٽي، جا سنڌ جي هارين جي واحد نمائنده جماعت آهي، ان ٽيننسي ائڪٽ جهڙي معمولي ۽ واجبي قانون لاءِ مسلسل مطالبو پئي ڪيو آهي ۽ جنهن قانون لاءِ وقت بوقت وزيرن ۽ ليجسليٽو اسيمبلي ميمبرن، جي هزارين جي ووٽن سان چونڊجي آيا آهن، انهيءَ قانون پاس ڪرڻ لاءِ واعدا پئي ڏنا آهن.

اسان جي گورنر جنرل (خواجہ ناظم الدين) ۽ گورنر سنڌ (شيخ دين محمد) پنهنجي تازه سنڌ جي دورن جي موقعن تي هارين لاءِ حوصلہ افزا تقريرون پئي ڪيون آهن ۽ ظاهر پئي ڪيو آهي تہ مناسب ٽيننسي ائڪٽ پاس ڪيو ويندو.

مٿين حالتن ۽ سببن ڪري سنڌ جي هارين کي وڏي اميد هئي تہ سندن بچاءُ ۽ ترقيءَ لاءِ ٽيننسي ائڪٽ هن اسيمبلي اجلاس ۾ پاس ٿي ويندو. مگر اسان جي افسوس جي حد نہ رهي، جڏهن اسان 3 مارچ 1949ع واري سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ جو مسودو ڏٺو.

هي مسودو اهڙو تہ بيڪار آهي جو ان تي بحث ڪرڻ فضول آهي. هن مسودي جي خاص قلمن هن اخبار جي ٻين صفحن تي نڪتہ چيني ڪئي وئي آهي ۽ ڏيکاريو ويو آهي تہ اسان جا وزير ڪنهن طرح هارين جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ هڪ ردي ائڪٽ پاس ڪري رهيا آهن.

اسان جي تمام سنڌ جي هارين ۽ رهنمائن کي اپيل آهي تہ هو خطن، تارن ۽ اخبارن جي ذريعي سنڌ اسيمبلي ميمبرن ۽ وزيرن تي زور آڻين تہ هي ايڪٽ هن اجلاس ۾ پاس ڪري ڇڏين ليڪن هارين جي حق رسي ڪن.

وزارت تي زور آڻڻ کپي تہ هاري ڪاميٽيءَ جي پيش ڪيل ترميمن ۽ اصلاحن کي قبول ڪري سنڌ ٽيننسي ائڪٽ کي حقيقي معنيٰ ۾ هڪ هارين جي حقن جو قانون بنايو وڃي.

جيڪڏهن موجوده وزارت هي ائڪٽ هن اجلاس ۾ پاس نہ ڪيو يا ردي صورت ۾ پاس ڪيو تہ هاري طبقو هميشه لاءِ يقيني طور سمجهي ويندو تہ زميندارن ۽ سرمائيدار وزيرن ۽ ميمبرن مان غريبن کي اميد رکڻ آهي- ٻڀرن کان ٻير گهرڻ.

هينئر انگريز گورنر ڪونہ آهن، نڪو انگريز حاڪم، هينئر تمام حڪومت جون واڳون اسان جي پنهنجن اهل وطن ۽ چونڊيل عيوضين جي هٿ ۾ آهن.

حقيقت ۾ اسان جي وزيرن ۽ ميمبرن جي امتحان جو وقت آهي. اسان جي تقاضا ۽ دعا آهي تہ هن قومي امتحان ۾ هوُ پاس ٿين!

اسان جي وري بہ درخواست آهي تہ هلندڙ اسيمبلي اجلاس ۾ ائڪٽ پاس ٿيڻ کپي. جيڪڏهن انهي لاءِ 28 مارچ کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن جي ضرورت ٿئي تہ اجلاس کي وڌائي 31 مارچ يا 1_2_3 اپريل تائين هلايو وڃي. ڪيترا سال ميمبرن ۽ حڪومت کي انجامن ڪندي ۽ ڪاميٽين ۽ سب ڪاميٽين ويهاريندي گذريا آهن. هن کان پوءِ ڪو بہ دير لاءِ سبب ڪونهي.

هي اخبار سيني ميمبرن ۽ وزيرن کي پهچائي وئي، مگر انجو ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيو. بجيٽ اجلاس ختم ڪيو ويو ۽ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ پاس نہ ڪيو ويو.

تنهن کان وري 24_ جون 1949ع جي ”هاري حقدار“ ۾ مون هيٺيون ايڊيٽوريل لکيو:

## سنڌ ٽيننسي بل

جڏهن هن زماني ۾ اسان جو نعرو آهي تہ زميندارِي ۽ جاگيرداري سرشتن کي ختم ڪيو وڃي، جڏهن خود اسان جي پاڪستان جي وڏي حصي، مشرقي بنگال ۾ زميندارِي کي ختم ڪرڻ جا گرم سانباها ٿي

رهيا آهن: اهڙي زماني ۾ ٽيننسي جو مطالبو هڪ پارٽي ڪيل جي حيثيت رکي ٿو.

ليڪن هن پارٽي ڪيل ڪجهه چڱيون حقيقتون ظاهر ڪيون آهن ۽ جن جو اظهار فائدي کان خالي ناهي.

ٽيننسي ائڪٽ جي مخالفت ۾ اسان جي زميندارن ۽ نمائندن جيڪي حيلا هلايا آهن، اهي ثابت ڪن ٿا تہ هو آخر دم تائين هارين سان صلح ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن.

زمينداري مخالفت ثابت ڪري ٿي تہ سرمائيدار طبقو جو مزدورن ۽ هارين جي خون چوسڻ سان تلهو ٿيو آهي، سو ڪڏهن بہ عزت ۽ شفقت سان پنهنجي طاقت جو ذرو بہ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي.

زمينداري مخالفت ثابت ڪري ٿي تہ زميندار جو نفعو هڪ شئي آهي ۽ هاريءَ جو نفعو ٻي شئي آهي. جڏهن زميندار چوندا آهن تہ هاري اسان جا ٻچا آهن، تڏهن هو سراسر دوکيبازي ڪندا آهن ۽ انهن مٺن لفظن سان هارين جي انقلابي جذبات کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

زميندار مخالفت ثابت ڪري ٿي تہ هارين کي جيڪڏهن نجات ملندي تہ سندن پنهنجي همت ۽ ٻڌيءَ سان ۽ نہ زميندارن جي مهربانيءَ سان. زميندار ڪڏهن بہ هاريءَ تي مهربان نہ ٿيندو.

زميندار مخالفت ثابت ڪري ٿي تہ اڄ ڪلهہ جي حڪومت بہ زميندارن سان نهيل آهي ۽ زميندارن جي مددگار آهي. حڪومت صرف پنهنجي اقتدار قائم ڪرڻ لاءِ، ۽ هارين جي عظيم ۽ وڌندڙ طاقت کي ڏسي، هارين کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪجهہ اعلان ڪري ٿي، جن جو فائدو هارين کي ڪجهہ ڪونہ ٿو ملي.

گذريل ڏهن سالن کان سنڌ هاري ڪاميٽي ٽيننسي حق لاءِ مطالبو ڪندي آئي آهي. هي مطالبو سنڌ جي ٽيهہ لک انسانن جي حياتيءَ کي خوشحال ڪرڻ خاطر آهي؛ انهن انسانن لاءِ جن جي پورهئي تي اسان جي قوم ۽ ملڪ جي بهتري ۽ ترقيءَ جو تمام دارومدار آهي.

آخر اسان جا نمائندا ايائا آهن ڇا جن کي خبر ناهي تہ هارين سان ڪهڙيون تڪليفون آهن ۽ ڪيئن اهي تڪليفون دور ٿي سگهن ٿيون؟ اسان جا نمائندا ۽ وزير ايائا ناهن. هو سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا، سڀ ڪجهہ

ڏسن ٿا. مگر افسوس جو هو پاڻ زميندار آهن ۽ هو پنهنجي ذاتي نفعي کي قوم جي نفعي تي ترجيح ڏين ٿا. دل ڪوتي عذر گهڙيا.

ڪڏهن ڪراچيءَ ۾ ڪاميٽيون ويهن ٿيون. ڪڏهن عملدارن جا رايا ورتا وڃن ٿا. ڪڏهن زميندارن ۽ هارين کي گهرايو وڃي ٿو. ڪڏهن پنجاب ۾ وزير صاحب وڃي ٿو! ڇالاءِ؟ انهي لاءِ ته ڏسجي ته سنڌ جي هاريءَ کي ڪيئن بچائجي!

هن حيلن مان ڪجهه نه ورندو. ڪيستائين هارين کي ڏتن ۽ دلاسن ۾ رکبو؟ هو برابر اڻ پڙهيل ۽ ابوجهه آهن، مگر آخر هو به دل ۽ دماغ رکن ٿا ۽ آخر زندگي کين پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ مجبور ڪندي. هو هاڻي زميندار حاڪمن ۽ نمائندن ڏانهن نهاري رهيا آهن.

اسان کي وڏي اميد هئي ته گذريل مارچ بجيٽ سيشن ۾ سنڌ اسيمبلي هي بل پاس ڪري ڇڏيندي ۽ هارين جي هڪ واجبي ۽ يڪراءِ مطالبي جي عزت ڪئي ويندي، مگر قصو اور تي ويو. ڪانفرنس جو سلسلو جاري تي ويو.

خير-ڪانفرنسن مان هڪ ڳالهه ته صاف ظاهر ٿي ته ذات زميندار ڪنهن نه ڪنهن نموني هارين جي حقن جي خلاف آهي. هن اخبار ۾ زميندارن جا رايا درج ڪيا ويا آهن، جن مان ناظرين سمجهي سگهندا ته اڳتي سنڌ اسيمبلي اندر زميندار ميمبر هارين لاءِ ڇا ڪندا.

خبر ناهي ته ڪڏهن هي ٽيننسي بل سنڌ اسيمبلي ۾ سيشن ۾ پيش ٿئي.

مگر اسان جي افسوس جي حد ناهي جڏهن ڏسون ٿا ته هزارها هاري جي پشت به پشت زمين تي هارپ ڪندا آيا هئا، انهن کي زميندار زبردستي بيدخل ڪري رهيا آهن. اهي زميندار سمجهن ٿا ته ٽيننسي ائڪٽ ته پاس ڪونه ٿيندو پر جيڪڏهن اتفاق سان پاس ٿي پيو تنهن کان اڳ، اسان پنهنجو زميندار قانون ته هلايون. هاري دربدر ٿي رهيا آهن. انهن جو ڪو به ٻڌڻ وارو ڪونهي.

مسٽر يوسف هارون وزيراعظم هڪ اعلان ڪيو ته هارين کي بيدخل نه ڪيو وڃي، مگر عمل ۾ ان جي ڪا به وقعت ڪانه آهي.

جيڪڏهن مسٽر يوسف ڪجهه ڪرڻ جي طاقت ۽ خواهش رکي ٿو ته هن لاءِ فقط هي رستو آهي ته سڀني مئجسٽريٽن ۽ پوليس عملدارن کي هدايت ڪري ته هارين کي بيدخل ڪرڻ وارن معاملن ۾ هارين سان همدردي ڪن ۽ هارين خلاف فوجداري ڪارروايون ڪورٽن مان واپس ورتيون وڃن. تڏهن ئي زميندار سمجهندا ته قانون نه فقط زميندارن لاءِ آهي، مگر هارين لاءِ به ساڳيو آهي. ٻي صورت ۾ پهاڪو مشهور آهي ته "هاٿي جا ڏند کائڻ جا هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا."

اسان جي جدوجهد جاري آهي، جهڙي طرح اسان هن اخبار ۾ زميندارن جا کائڻ وارا ڏند ظاهر ڪيا آهن، اهڙي طرح سنڌ اسيمبليءَ ۾ به جا گوهر افشاني هو هارين خلاف ڪندا سا اسان چڱي طرح ظاهر ڪنداسون، جيئن هارين جي دل ۾ ڪو به شڪ شبه يا يا حسرت رهجي نه وڃي، زميندار ڪيتري قدر سنڌن دوست آهن يا دشمن."

سليڪٽ ڪاميٽيءَ کي چوڏهن ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪرڻي هئي، پر هن انهيءَ ڪم ۾ ٻارهن مهينا لائي ڇڏيا.

سليڪٽ ڪاميٽيءَ پنهنجي ڪم جي سهوليت لاءِ هيٺين اٺن ماڻهن جي هڪ سب ڪاميٽي ٺاهي.

| | | |
|---|---|---|
| 1. | مير غلام علي ٽالپر | وزير |
| 2. | قاضي فضل الله | = |
| 3. | آغا غلام نبي پٺاڻ | = |
| 4. | مسٽر مولا بخش سومرو | ميمبر |
| 5. | مسٽر غلام رسول جتوئي | = |
| 6. | مسٽر نبي بخش ڀٽو | = |
| 7. | مسٽر جعفر خان جمالي | = |
| 8. | مسٽر ٺهلرام ٽيڪچند | = |

وزارت ۾ ڦير ڦار سبب هيٺئر اهو ڪم ميران محمد شاهه کان کسجي مير غلام علي ٽالپر جي حوالي ٿيو.

انهيءَ سب ڪاميٽيءَ پنهنجي رپورٽ 20۔ فيبروري 1950ع تي پيش ڪئي. انهيءَ سب ڪاميٽيءَ سنڌ ٽيننسي بل کي سڌارڻ جي عيوض هارين لاءِ وڌيڪ خراب ڪيو مثلاً:

1. قلم 4 ۾ 3 سالن جو مدو وڌائي 8 سال ڪيو ويو يعني جنهن هاري سانده پنج سال آبادي ڪئي آهي، فقط ان کي موروثي حق ڏنو ويو.
2. قلم 13 هيٺ زميندار کي حق ڏنو ويو تہ هو ٽريبونل جي فيصلي کان سواءِ هاري کي بيدخل ڪري سگهي. اصل بل ۾ اهو فقرو ڪونہ هو.
3. قلم17 ۾ جيڪڏهن زميندار زمين وڪڻي تہ هاريءَ جو موروثي حق ختم ٿئي، اهو فقرو ڳنڍيو ويو.
4. قلم 19 ۾ زميندار جي گاهہ جي حصي کي چوٿين پتيءَ مان وڌائي اڌ ڪيو ويو.
5. قلم 23 ڪهڙو فصل پوکجي، اهو فيصلو زميندار ڪري ۽ هاريءَ کي ان ۾ ڪو بہ اعتراض نہ ڪرڻو پوندو.

سليڪٽ ڪاميٽيءَ سب ڪاميٽي جي مٿين سفارشن کي قبول ڪيو ۽ قلم 13 کي اڃا بہ وڌيڪ خراب ڪيو. سب ڪاميٽيءَ جي سفارش هئي تہ فقط ڪورٽ ۾ سزا ڪاٽل هارين کي زميندار پنهنجي منهن، سواءِ ٽريبونل جي فيصلي جي بيدخل ڪري سگهي ٿو. سليڪٽ ڪاميٽيءَ سفارش ڪئي تہ قلم 13 جي سيني فقرن سان اهو شرط لڳايو وڃي.

ان شرط وجهڻ جو صاف مطلب اهو ٿيو تہ موروثي حق رهيو ئي ڪونہ ۽ سجو ائڪٽ ئي بي معنيٰ ٿي ويو.

## زميندار – هاري ڪانفرنسون

سيد ميران محمد شاهہ سجي سنڌ جي ضلع هيڊ ڪوارٽرز ۾ ڪانفرنسون ڪوٺايون ۽ ان جي زميندارن هارين کان شاهديون ورتيون هيون.

| شهر | تاريخ |
|---|---|
| 1. حيدرآباد سنڌ | 5۔ اپريل 1949ع |
| 2. سکر | 13۔اپريل 1949ع |

3. لاڙڪاڻو — 17ـ اپريل 1949ع
4. ٺٽو — 8ـمئي 1949ع
5. ميرپورخاص — 13ـ آگسٽ 1949ع
6. نوابشاهه — 5ـ سيپٽمبر 1949ع

زميندارن ۽ هارين جا بيان **ضميمه د** ۾ شامل ڪيا ويا آهن. انهن بيانن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ زميندارن بل جي اڪثر قلمن جي مخالفت ڪئي آهي ۽ هارين پنهنجي حقن جو مطالبو ڪيو آهي.

سکر ڪانفرنس جي موقع تي مسٽر آغا غلام نبي رٿ ڏني تہ هارين جا بيان مخفي ورتا وڃن، ڇاڪاڻ تہ زميندارن جي اڳيان ڊڄندا ۽ بيان پورو نہ ڏيندا.

ان تي مون چيو تہ هارين ۽ زميندارن کان کليل ڪانفرنس ۾ رايا ورتا وڃن، ۽ جو هاري ظاهر ظهور پنهنجو حق نہ ٿو گهري سو حقدار ئي نہ آهي. هنن لفظن تي ڪي رفيق رنج ٿيا.

مون هنن ڪانفرنسن مان اهو ئي مطلب ڪڍيو تي تہ هاري پاڻ ٻڌن ۽ ڏسن تہ زميندار ڇا ٿا چون.

هيلٽائين سرڪار جيڪي بہ بيان ورتا هئا – راجر ٿامس ڪاميٽي يا ٽيننسي ليجليشن ڪاميٽي – سي سڀ بيان مخفي طور ورتا ويا هئا ۽ اهي ظاهر ڪونہ ڪيا ويا هئا نڪو انهن جو نقل ملي سگهيو ٿي.

هي ڪانفرنسون ئي هيون جن ۾ کلي طرح زميندارن ۽ هارين جا بيان ورتا ويا هوا ۽ جن ڪي مان هر ڪانفرنس ۾ قلمبند ڪندو ويو هوس. هي بيانن جو مجموعو هڪ ڇگو رڪارڊ آهي، جنهن مان هاري ڏسي سگهن ٿا تہ سندن بهبودي جي سوال تي زميندار ڪيتري قدر مهرباني ڪري سگهن ٿا.

حقيقت ۾ آغا غلام نبيءَ جو مطلب اهو تہ زميندارن جا بيان مخفي ورتا وڃن ۽ تنهن ڪري هن عذر اهو ڏنو تہ هارين جا بيان مخفي طور ورتا وڃن. هڪ چالاڪ زميندار ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ هارين جي حقن جي کليو کلايو مخالفت ڪري، ان حالت ۾ ڪيس آئينده اليڪشن ۾ هاري ووٽ ڪونہ ڏيندا.

مسٽر ميران محمد شاهہ منهنجي راءِ سان شامل ٿيو ۽ زميندارن ۽ هارين جا بيان ڪلي ڪانفرنس ۾ ورتا ويا.

هنن بيانن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو تہ جيڪي هاري خاص زميندارن جا ڪمدار يا چاڙتا هئا انهن بل جي مخالفت ۾ ڳالهايو. خان بهادر مولابخش جي هاري عبدالله الهڏني چيو تہ: ”مون ڪي هي ڳالهہ پسند ناهي تہ هارين ڪي حق ملن.“

اهي ئي زميندار جن هارين جي برخلاف بيان ڏنا، هاڻي اليڪشن ۾ هارين کان ووٽ جو مطالبو ڪندا.

اليڪشن وقت هارين کي وڏا واعدا ڏيندا.

انهن هارين جي بيانن جو نتيجو ڇا نڪتو؟ هارين جي بيانن کي ڪو وزن نہ ڏنو ويو ۽ زميندارن جي بيانن موجب سنڌ ٽيننسي بل کي سڌاريو يا حقيقت ۾ بگاڙيو ويو.

مارچ 1950ع ۾ نيٺ سنڌ ٽيننسي بل آخري بحالي لاءِ پيش ٿيو. مسٽر کهڙو هينئر وري اسيمبليءَ ۾ داخل ٿي ويو. جي پروڊا تهمتون مسٽر جسٽس عبدالرشيد مٿس ثابت ڪيون هيون ۽ جن تي هڪ سئو کن شاهد ورتا ويا هئا ۽ ٽي چار لک روپيہ خرچ ٿيا هئا ان کي سنڌ جي مشهور جج آغا حسن علي هڪ ڌڪ سان نڪرائي ڇڏيو. انهيءَ وچ ۾ مسٽر لياقت علي خان قائداعظم جي معتوب مسٽر کهڙي سان ٺهي ويو ۽ مسٽر حسن علي جي فيصلي خلاف فيڊرل ڪورٽ ۾ اپيل بہ داخل ڪئي وئي.

مسٽر کهڙو هاڻي معتبر ٿي سنڌ اسيمبليءَ جي شرڪت ڪرڻ لڳو.

اسيمبلي 1- اپريل 1950ع کا سنڌ ٽيننسي بل تي بحث شروع ڪيو ۽ 4- اپريل تي ان کي پاس ڪيو ويو.

بحث هلندي مسٽر کهڙي 22 ترميمون پيش ڪيون، جي سڀ بحال ڪيون ويون ۽ انهن مان مکيہ هيٺيون هيون:

1. قلم 2 (14) ۾ مشين تي آباديءَ جي حالت ۾ هاريءَ کان زميندار موروثي حق ڪنهن بہ وقت کسي سگهي ٿو.
2. موروثي ”هاري کي مٿائي“ دائمي هاري ڪيو ويو.

3. قلم 13 آخري فقرو ڳنڍيو ويو تہ زميندار پنهنجي مرضيءَ تي هاريءَ کي بيدخل ڪري سگهي.

4. قلم 18 ۾ بل موجب واهي ۾ لاباري جو خرچ وچان نڪرڻو هو.

مسٽر کهڙي واهي ۾ لاباري جو خرچ هاريءَ تي هنيو ۽ تنهن کان پوءِ واهي، ٿوهي ۾ ڪارائي جو بہ اڌ خرچ هاري مٿان رکيو ويو.

5. قلم 19 گاهہ. اصلي بل موجب زميندار کي گاهہ جو چوٿون حصو ڏيڻو هو مسٽر کهڙي ان کي وڌائي اڌ ڪيو ۽ چرخيءَ جي حالت ۾ ٽيون حصو.

6. قلم 23 (هہ) ۾ معافي جي حالت هاريءَ تان ٻج جي معافيءَ وارو فقرو ڪڍيو ويو.

7. قلم 27۔ ٽربيونل. اصلي بل ۾ ٽربيونل ۾ بہ هارين جا عيوضي ۽ بہ زميندارن جا عيوضي ۽ مختيارڪار چيئرمين هو.

مسٽر کهڙي هارين ۽ زميندارن جي عيوضين کي ڪڍي فقط مختيارڪار کي ٽربيول نهرايو.

8. قلم 35 (3) رولن جي فقري ۾ مسٽر کهڙي هڪ تمام خراب ترميم آندي ۽ اها هئي تہ رول سنڌ اسيمبلي پاس ڪري ۽ تنهن کان پوءِ اهي عمل ۾ اچن.

هن جومطلب اهو ٿيو تہ رولن کان سواءِ ائڪٽ جو عمل بہ مهمل ٿي ويو. عام طرح رول گورنمينٽ پاس ڪندي آهي. مسٽر کهڙي کي گورنمينٽ ۾ اعتماد ڪونہ هو ڇاڪاڻ تہ ان وقت هو پاڻ وزير ڪونہ هو.

هن فقري تي مسٽر يوسف هارون ۽ مسٽر کهڙي جي وچ ۾ وڏو تڪرار ٿيو ۽ مسٽر کهڙو اسيمبلي پارٽي جي ميٽنگ مان واڪ آئوٽ ڪري هليو ويو. آخرڪار مسٽر کهڙي جي رٿ بحال ٿي ۽ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ لاءِ عمل طور پاس ٿيو.

سنڌ ٽيننسي ايڪٽ 4 اپريل 1950ع تي پاس ٿيو. سنڌ گورنر ان جي منظور ڪرڻ ۾ سجا 37 ڏينهن لاتا ۽ 11 مئي 1950 تي سنڌ ٽيننسي ائڪٽ تي قانوني حيثيت ورتي.

قانون پاس ڪرڻ وقت قلم 25 جو ٻيو فقره روينيو سيڪريٽري جي غفلت ڪان رهجي ويو.
سنڌ هاري ڪاميٽي جي احتجاج تي آڪٽوبر 1950ع جي آخر ۾ سنڌ گورنر آرڊيننس رستي قلم 35 کي درست ڪيو ۽ رولن کي پاس ڪيو.
مسٽر کهڙي ۽ قاضي فضل الله انهيءَ بيڪار سنڌ ٽيننسي ائڪٽ ۽ رولن کي مڪمل قانون صورت ۾ هرگز پاس نہ ڪيو.

## شيخ دين محمد ائڪٽ کي سڌاريو

9۔ مئي 1951ع تي هاري اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو محمد معاذ، غلام محمد ٻامر، عزيز الله شهدادڪوٽي ۽ ٻنده کي.
ڊسمبر 1951ع ۾ سنڌ جي وزارت کي ٽوڙي قلم 92۔ الف لڳايو ويو. مان ان وقت سنڌ سيفٽي ائڪٽ هيٺ حيدرآباد ۾ نظر بند هوس.
سنڌ گورنر شيخ دين محمد مون کي 15۔ جنوري 1951ع ملاقات لاءِ گهرايو ۽ آزاد ڪيو. (جيستائين کهڙي ۽ قاضي جي حڪومت هئي، تيستائين آءٌ سنڌ سيفٽي ائڪٽ هيٺ نظر بند هوس.)
شيخ دين محمد مون کان پڇيو تہ اوهان کي ڇا کپي؟
مون کيس چيو تہ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ ۾ مناسب سڌارون ڪيون وڃن. مون کيس قلموار سنڌ ٽيننسي ائڪٽ جون خرابيون بيان ڪيون.
شيخ دين محمد تنهن کان پوءِ مڪيہ هاري اڳواڻن کي موقع ڏنو ۽ انهن جا رايا ورتا.
1۔ فيبروري 1952ع واري ملاقات جي موقعي تي شيخ دين محمد کي منهنجو تيار ڪيل "هارين جو عريضہ" Haris' Petition of Rights پيش ڪيو ويو.
شيخ دين محمد هاري اڳواڻن جي ڪن ترميمن کي منظور ڪري سنڌ ٽيننسي ائڪٽ کي موجوده صورت ڏني، مڪيہ ترميمون هي هيون:

1. قلم 4، چئن ايڪڙن کان گهٽ ايراضيءَ جي حالت ۾ دائمي هارپ حق نہ ملندو هو. هاڻي سروي نمبر، ڪيتري بہ ايراضيءَ جو هجي، ان تي دائمي هارپ جو حق ملي سگهي ٿو.

2. ڪورٽ آووارڊس ۾ مئنيجري ڪاتي جي زميندارن تي بہ دائمي حق ملي ٿو.
3. قلم 10، وارث جي چونڊڻ جو حق زميندار کان کسي ڪٽنب جي ڀاتين کي ڏنو ويو آهي.
4. قلم 13، دائمي هاريءَ کي ٽربيونل جي حڪم کان سواءِ بيدخل ڪري نہ سگهبو.
5. قلم 17 ـ ڪارائي، واهي ۽ ٿوهي جو خرچ هاريءَ تان معاف ڪيو ويو ۽ لاباري جو خرچ وچان نڪرندو.
6. قلم 18، ڪارائي واهي ۽ ٿوهي جو خرچ هاريءَ تان معاف ڪيو ويو ۽ لاباري جو خرچ وچان نڪرندو.
7. قلم 19 بٽئي ٽيهن ڏينهن جي عيوض 14 ڏينهن اندر زميندار کي ڪرڻي آهي.
8. قلم 23، ٻج زميندار جنس ۾ ڏيندو ۽ وٺندو. معافي جي حالت ۾ هاري تان ٻج معاف ٿيندو وغيره.

17 ـ آڪٽوبر 1952ع جي پريس ڪانفرنس ۾ شيخ دين محمد اعلان ڪيو تہ قلم 4 ۾ ٽن سالن جي شرط کي ڪڍيو ويندو سڀني هارين کي دائمي حق ڏنو ويندو.

مگر شيخ دين محمد نومبر ۾ ڪن سياسي اختلافن سبب سنڌ جي گورنري ڇڏي ويو ۽ سندس وعده ترميمون عمل کان رهجي ويون.

مسٽر امين الدين کان سنڌ هاري ڪاميٽي مطالبو ڪندي آئي آهي تہ شيخ دين محمد جي وعدن کي پاڙي.

ميان امين الدين ڪجهہ ترميمن جو 24 جنوري 1953ع تي اعلان ڪيو ۽ عوام کان رايا طلب ڪيا آهن.

انهن ترميمن تي مون پنهنجا رايا موڪليا آهن ۽ انهن راين کي سنڌ هاري ڪاميٽي پيش ڪيو آهي. انهن جو ترجمو **ضميمه و** ۾ شامل آهي.

ڏسجي تہ ميان امين الدين موجوده گورنر سنڌ، سنڌ ٽيننسي ائڪٽ کي وڌيڪ سڌاري شيخ دين محمد جي وعدي جي ادائي ڪري ٿو يا نہ.

# 4-مئي 1953ع تي سنڌ اسيمبلي اليڪشن

پڙهندڙ ڏسي سگهندا تہ سنڌ هاري ڪاميٽي هارين جي بهبودي لاءِ ڪيترو پارٽ پتوڙي رهي آهي.

حقيقي قانون ناهيندڙ هاري آهن. جهڙي طرح حقيقي اَن اُپائيندڙ ۽ قوم جا معمار بہ هاري آهن.

هارين جي هٿ ۾ آهي تہ هو پنهنجي ووٽ سان سنڌ هاري ڪاميٽي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪن ۽ وڏيرن کي ڪيرائين.

جيڪڏهن هاري اميدوار ڪامياب ٿيا تہ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ کي سڌارڻ تہ ڇا پر هو زميند اري جا تختا ڪيري ڇڏيندا.

جيڪڏهن وڏيرا اميدوار، ليگ جا اميدوار ڪامياب ٿيا تہ موجوده سنڌ ٽيننسي ائڪٽ کي ٿي هو رد ڪري سگهن ٿا يا بگاڙي سگهن ٿا.

سنڌ هاري ڪاميٽي هاري قوم کي صحيح رستو ڏيکاريو آهي، صحيح رستو پيدا ڪيو آهي.

اجا بہ جيڪڏهن هاري غفلت ۾ رهندا ۽ پنهنجو ووٽ پٽ جي پاڙي تي وڪڻندا، يا پير مرشد جي فرمودي تي ڦٽو ڪندا تہ ڪيئن سندن تڪليفون گهٽ ٿينديون، سندن مصيبتون بند ٿينديون؟ جيڪڏهن هاري پارٽ انصاف نہ ڪندا تہ ڪين انصاف ڪيئن پلئہ پوندو؟

4-مئي 1953ع ڪيترن سالن لاءِ سنڌ جي قسمت جو فيصلو ٿيندو؟

کهڙو ۽ قاضي فضل الله سنڌ جي وڏيرن جا مکيہ مسلم ليگي ليڊر هئي سياست کان خارج آهن، مگر سندن اثر زميندارن تي ختم ڪونہ ٿيو آهي. هو اجا تائين پنهنجن ايجنٽن ۽ چاڙتن کي مدد ڪري رهيا آهن تہ سندن جاءِ والارين. انهن جا ايجنٽ وڏيرا چونڊجي عوام جي اهائي خدمت ڪندا جا کهڙي ۽ فضل الله ڪئي. اهي وڏيرا سنڌ اسيمبلي ۾ بہ هارين سان اهي پلايون ڪندا جي پنهنجي اوطاقن ۾ يا بنئي جي ديري تي هارين سان ڪندا آهن. وڏيرن کي ووٽ ڏيئي هاري پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻندا.

❁

# ضميمو (الف)

## سنڌ ٽيننسي بل، ائڪٽ ۽ رولس

# سنڌ ٽيننسي بل نمبر 5 سال 1949ع

سنڌ صوبي ۾ هارين ۽ زميندارن جي حقن جوابدارين کي قاعدي هيٺ آڻڻ لاءِ ائڪٽ جو مسودو جيئن تہ مناسب آهي تہ سنڌ صوبي اندر زمين ۾ هارين ۽ زميندارين جي حقن ۽ جوابدارين ۽ انهن سان تعلق رکندڙ ڳالهين بابت قاعدي زرعي جوڙجڪ ڪجي، تنهن ڪري هن موجب هيٺئين وانگر قاعدو لاهجي ٿو:

## 1. مختصر نالو

(2) هن ائڪٽ کي سنہ 1949ع جو سنڌ جو هارپ (ٽيننسي) جو ائڪٽ ڪري چئبو.

(3) **حد:** اهو سنڌ جي سڄي صوبي سان لاڳو آهي.

(4) **عمل جو شروع ٿيڻ:** اهو هڪدم عمل ۾ ايندو پر شرط هيءَ آهي تہ 48_1949ع جي ربيع جي فصل تي قلم 18 جو ڪو بہ اثر نہ ٿيندو.

## 2. شرحون

هن ائڪٽ ۾ بشرطيڪ مطلب يا مضمون مان ڪابہ ابتڙ معنيٰ نہ نڪرندي هجي تہ:

(1) ”زمين“ جي معنيٰ آهي تہ اها زمين جا پوک جي ڪمن لاءِ يا زراعت جي مطالبن يا چاري لاءِ قبضي ۾ هجي ۽ انهيءَ ۾ هينيان پڙ اچي ٿا وڃن.

(2) اهڙيءَ زمين جا اُهي ٽڪر جن تي پوک جي ڪم لاءِ جايون ۽ بيون اڏاوتون ناهجن.

# سنڌ ٽيننسي ائڪٽ
# نمبر 20، سال 1950ع:

سنڌ صوبي ۾ هارين ۽ زميندارن جي حقن جوابدارين کي قاعدي هيٺ آڻڻ لاءِ ائڪٽ جيئن تہ مناسب آهي تہ سنڌ صوبي اندر زمين ۾ هارين ۽ زميندارن جي حقن ۽ جوابدارين ۽ انهن سان تعلق رکندڙ ڳالهين بابت قاعدي ذريعي جوڙجڪ ڪجي تنهنڪري هن موجب هيٺئن وانگر قاعدو ٺاهجي ٿو:

## 1. مختصر نالو

(1) هن ائڪٽ کي سنہ 1950ع جو سنڌ جو هارپ (ٽيننسي) جو ائڪٽ ڪري چئبو.

(2) **حد:** اهو سنڌ جي سڄي صوبي سان لاڳو آهي.

(3) **عمل جي شروعات:** اهو هڪدم عمل ۾ ايندو پر شرط هيءُ آهي تہ 49ـ 1950ع جي ربيع جي فصل تي قلم 18 جو ڪو بہ اثر نہ ٿيندو.

## 2. شرحون

هن ائڪٽ ۾ بشرطيڪ مطلب يا مضمون مان ڪا ابتڙ معنيٰ نہ نڪرندي هجي.

(1) "زمين" جي معنيٰ آهي، اها زمين جا پوک جي ڪم يا زراعت جي مطالبن يا چاري لاءِ قبضي ۾ هجي ۽ انهي ۾ جايون ۽ اڻ سروي ٿيل زمين پڻ اچي وڃي ٿي پر ان ۾ وڻ يا زميندار جي نهرايل عمارتون ۽ بيون اڏاوتون نہ ٿيون اچن وڃن.

(2) "هاري" لفظ جي معنيٰ آهي اهو ماڻهو جو ٻئي ڪنهن ماڻهو جنهنکي هيٺ هن کان پوءِ "زميندار" ڪوٺيو ويو آهي، جي زمين پنهنجي سر پوکي، پر انهي ۾ اهو ماڻهو نٿو اچي وڃي جو سرڪار کان نا قبولي (سرڪاري اڻ والاريل) زمين مقاطعي تي ڪٽي.

(3) "زميندار" لفظ جي معنيٰ آهي اهو ماڻهو جنهن جي هٿ هيٺ ڪو هاري پوک لاءِ زمين قبضي ۾ رکي يا اهڙي زميندار جو ڪو مقاطعدار. انهي ۾ لفظ "ڪاتيدار" جيئن انهيءَ جي شرح سنہ 1879ع جي لئنڊ روينيو ڪوڊ ۾ ڪئي وئي آهي، ۽ جاگيري زمين "مخدوم" ۽ جتي مخادم نہ آهن اتي "جاگيردار" اچي ٿا وڃن.

**سمجهاڻي:** "زميندار" ۽ "هاري" لفظ ۾ زميندار ۽ هاريءَ جي مفادن ۾ سندن اڳيان جانشين ۽ پوءِ ٿيندڙ جا نشين اچي وڃن ٿا.

(4) "زراعت" ۾ باغباني، وڻن جي پوک پيلن جي سنڀال بہ اچي وڃن ٿيون.

(5) "هارپ جو حق" انهن لفظن جي معنيٰ آهي، ڪنهن زميندار جي هٿ هيٺ پوک ڪرڻ جو دائمي حق، جو هاريءَ کي هن ائڪٽ جي نهرائن هيٺ مليل آهي.

(6) "جاگير" لفظ جي معنيٰ آهي، اها قبضي هيٺ زمين جا سرڪار جي جاري ڪيل يا بحال ڪيل حڪم موجب ڍل کان معاف ڪيل هجي، پر ان ۾ لئنڊ روينيو رولس جي قانون 32 ۽ 35 هيٺ ڏنل زمين يا ڪمشنران سنڌ جي خاص سرڪيولرن مان سرڪيولر نمبر 14 هيٺ ڪا منظور ڪيل نٿي اچي وڃي.

(7) "جاگيردار" لفظ جي معنيٰ آهي، اهوماڻهو جو ڪنهن جاگير جو مالڪ هجي.

(8) "مخادم" لفظ جي معنيٰ آهي، جاگيري زمين تي قبضيدار.

(9) "بٽئي"لفظ جي معنيٰ آهي زميندار ۽ هاريءَ جي وچ ۾ پيدائش جي ورهاست.

(10) "ڏڙوائي" لفظ جي معنيٰ آهي اهو ماڻهو جو بٽئيءَ وقت پيدائش توري يا ماپي.

(11) "ابواب" لفظ جي معنيٰ آهي، جنهن بہ قسم جي بستگي، لوازمو يا وصولي جا هاريءَ کان جنسن ۾ ڪاٽي وڃي يا نقد ۾ ورتي وڃي.

(12) "سڏارو" انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي، زمين بنسبت ڪو بہ ڪم جيڪو زمين جو ملهہ گهٽي قدر وڌائي ۽ جنهن ڪم لاءِ زمين قبضي ۾ هجي تنهن سان موافق هجي ۽ انهيءَ ۾ هينيان پڻ اچي وڃن ٿا:

(الف) زرعي ڪمن لاءِ پاڻيءَ جي رسد يا ورهاست ڪرڻ لاءِ کوهہ ۽ پاڻيءَ جون ناليون ٺهرائڻ ۽ ٻيا ڪم.

(ب) زمين مان پاڻيءَ جي نيڪال ڪرڻ، زمين تي ٻوڏن يا درياهہ خوردي کان يا ٻيءَ طرح پاڻيءَ جي نقصان کان بچائڻ لاءِ ڪم ڪرڻ،

(ج) زمين کي وري نئين سر سڌارڻ، جهنگ وڍائڻ، لوڙها ڏيڻ، هموار ڪرڻ ۽ اڏون ڏيڻ،

(د) زرعي مطالبن کي زمين کي سهنجائيءَ سان ڪم آڻڻ ۾ يا ان مان مفيد ڪم وٺڻ لاءِ ان زمين تي ماپون ٺهرائڻ.

(هہ) مٿي ذڪر ڪيل ڪمن مان ڪنهن بہ ڪم کي نئين سر ڪرڻ ۽ ٺهرائڻ يا انهن ۾ اهڙيون ڦيريون گيريون ڪرڻ جي معمولي مرمت کان ٻيءَ طرح هجن، پر شرط هيءَ آهي تہ پاڻي لاءِ ناليون، بند، لوڙها، ڪچيون کوهيون ناهڻ، جهنگ وڍڻ زمين جو هموار ڪرڻ ۽ ٻيا ڪم جي هاري پنهنجي پوک جي رواجي ڪمن ۾ عام طرح ڪندو آهي، تن کي سڌارا ڪري نہ سمجهڻ گهرجي.

**سمجهاڻي:** جو ڪم گهڻن هارين جي قبضي وارن زمينن کي فائدو پهچائي ٿو سو انهن مان هر هڪ زمين بنسبت ٿيل سڌارو ڪري سمجهجي.

**سمجهاڻي-2:** هاري جو ڪو ڪيل ڪم سڌارو ڪري نہ سمجهبو جيڪڏهن انهي ڪم ڪري سندس زميندارجي ملڪيت جي ٻئي ڪنهن ڀاڱي جو ملهہ گهڻي قدر گهٽ ٿي وڃي.

(13) "پنهنجي سر پوک ڪرڻ" انهيءَ جي معنيٰ آهي پنهنجي ٻني پوک ڪرڻ-

i. خود پنهنجي پورهئي سان يا

ii. پنهنجي ڪٽنب جي ڪنهن ڀاتيءَ جي پورهئي سان يا

iii. پنهنجي شخصي نظرداري هيٺ، يا پنهنجي ڪٽنب جي ڪنهن بہ ڀاتي جي نظرداري هيٺ، پنهنجن نوڪرن هٿان يا نقد پئسي تي رکيل مزدور هٿان، يا

iv. مشينن جي ذريعي.

**سمجهاڻي:** جيڪڏهن پوک ڪندڙ (هاري) ڪا بيوه زال يا صغير يا ڪو اهڙو ماڻهو جو بدني يا دماغي طرح اڻ لائق آهي تنهن لاءِ سمجهڻ گهرجي تہ هوءَ بہ پنهنجي سر زمين جي پوک ڪري ٿي يا ڪري ٿو جيڪڏهن اها زمين سندس نوڪرن يا پئسي تي رکيل مزدورن هٿان پوکي وڃي ٿي.

(14) "مقرر ڪيل" انهن لفظن جي معنيٰ آهي هن ائڪٽ هيٺ جوڙيل قانون موجب مقرر ڪيل.

(15) "ٽربيونل" انهيءَ لفظ جي معنيٰ آهي، ڪا ٽربيونل جا هن ائڪٽ جي باب 4 هيٺ مقرر ڪيل هجي.

(16) لفظ ۽ اصلاح جيڪي هن ائڪٽ ۾ ڪم آندا ويا آهن، پر انهن جي شرح نہ ڪئي ويئي آهي تن جي اها معنيٰ ٿيندي جا انهن کي 1879ع جي بمبئي جي لئنڊ روينيو ڪوڊ ۾ ڏنل آهي.

## 3- هاري جا قسم

هن ائڪٽ جي مطلب لاءِ هارين جا فقط هيٺيان بہ قسم ٿيندا، يعني تہ:

(الف) دائمي هاري،

(ب) ٻول تي هاري.

# دائمي هاري

## 4. دائمي هاري

هاري کي دائمي هاري ڪري سمجهيو ويندو جيڪڏهن هن ائڪٽ جي عمل ۾ اچڻ وقت.

i. هن ساڳئي زميندار وٽ هر سال گهٽ ۾ گهٽ چار ايڪڙ زمين سانده گهٽ ۾ گهٽ ٽن سالن جي عرصي لاءِ آباد ڪئي آهي ۽.

ii. هن مٿي ذڪر ڪيل عرصي ۾ اهڙي زمين پنهنجي سر پوکي آهي؛

(الف) سرڪار کان قسطن جي سرشتي تي خريد ڪيل زمين، جيستائين ڪ سپيئي قسطون پوري طرح پريون وجن.

(ب) سرڪار يا انڪمبرڊ اسٽيٽس يا ڪورٽ آو وارڊس کان مقاطعي تي ورتل زمين.

## 5. ماپن ۽ حدن بنسبت موروثي هاري

(1) جيڪڏهن ڪنهن هاري قلم 3 ۾ مقرر ڪيل شرطي عرصي لاءِ زمين جو ساڳيو ٽڪر پنهنجي سر پوکيو آهي ته ان کي انهيءَ زمين جي ماپن ۽ حدن بنسبت موروثي هاري ڪري سمجهڻ گهرجي، پر شرط هي آهي ته زمين جو اهڙو ٽڪر انهيءَ ايراضي کان مٿي هئڻ نه گهرجي، جا ڏاندن جي هڪ جوڙي مان چڱي ۽ اثرائتي نموني پوکي سگهجي، وڌيڪ شرط هيءَ آهي ته هيءَ پيٽي قلم انهيءَ زمين سان لاڳو نه ٿيندو جتي زمين آباديءَ لاءِ هر هر ڦيرائڻ ۾ اچي.

(2) (الف) جتي آبادي لاءِ زمين جي وارڦير ڪرڻ جو سرشتو رائج آهي، اتي جيڪڏهن ڪنهن اهڙي ساڳئي تعلقي اندر ساڳيءَ ديه يا پر وارين ديهن ۾ ساڳئي زميندار وٽ قلم 4 ۾ نروار ڪيل شرطي

عرصي ۾ زمين جي مختلف ٽڪرن تي پنهنجي سر آبادي ڪئي آهي تہ ان کي انهيءَ ديه ۾ پوک جي حق سان دائمي هاري ڪري سمجهڻ گهرجي. پر اهو حق ڪنهن خاص زمين جي باب ۾ حدن هيٺ نرووار ٿيل ٽڪر لاءِ ڪونہ ٿيندو.

(ب) جتي آباديءَ لاءِ زمين جي وار ڦير ڪرڻ جو سرشتو رائج آهي، اتي جيڪڏهن ڪنهن هاري مختلف ديهن ۾ ساڳئي زميندار وٽ قلم 4 ۾ نروار ڪيل شرطي عرصي ۾ زمين جي مختلف ٽڪرن تي پنهنجي سر آبادي ڪئي آهي تہ هن اهڙي ديهہ يا ديهن جي باري ۾ پوک جي حقن سان دائمي هاري ڪري سمجهڻ گهرجي جن بنسبت زميندار ۽ هاري جي وچ ۾ باهمي قبوليت ٿئي.

(3) ڪنهن بہ هاريءَ کي وس آهي تہ پنهنجي زميندار جي اجازت سان.

(الف) پيٽي قلم (1) ۾ ڄاڻايل پنهنجو هارپ جو حق ساڳئي زميندار جي زمين جي ٻئي ڪنهن ٽڪر لاءِ منتقل ڪري، يا،

(ب) پيٽي قلم (2) جي (الف) ۽ (ب) ۾ ڄاڻايل پنهنجو آبادي جو حق ٻئي ڪنهن ديهہ لاءِ منتقل ڪري جنهن ۾ سندس زميندار کي زمين هجي.

**سمجهاڻي**1: "آبادي لاءِ زمين جي وار ڦير" جي معنيٰ آهي، زراعت جواهو سرشتو جنهن موجب ريج جي بندوبستن يا بهتر اثرائتي آباديءَ لاءِ يا ٻين ڪن سببن جي ڪري ڪوهاري سال بسال ساڳئي زميندار جي زمين جو ٻيو ٽڪر آباد ڪري-

**سمجهاڻي**2: "آبادي جو حق" جي معنيٰ آهي، زمين جي ايتري ايراضي جي آباد ڪرڻ جو حق جا سرڪار هڪ ڪٽنبي قبضيداريءَ لاءِ وقت بوقت مقرر ڪري. ڪٽنبي قبضيداريءَ جي معنيٰ ٿيندي اها ايراضي جا ڪو هاري ڏاندن جي هڪ جوڙي جي مدد سان چڱن ۽ اثرائتي نموني آباد ڪري. اها ايراضي زمين جي قسم ۽ لياقت، پاڻي جي سهوليتن، فصل جي سراسري پيدائش ۽ جيڪي فصل گهڻو ڪري پوکيا وڃن تن سيني ڳالهين ڪري ڦري سگهي ٿو ۽ ڦيرائي سگهي ٿو.

### 6. موروثي هاري جو مدو

(1) جنهن هاري تاريخ پهرين سنہ 1948ع کان ترت اڳي گهٽ ۾ گهٽ سانده ٽي سال پنهنجي سر ڪا بہ زمين پوکي هجي، پر جنهنکي انهي تاريخ تي يا ان کانپوءِ بيدخل ڪيو ويو هجي، تہ ان کي پڻ هن ائڪٽ جي مطالبن تحت موروثي هاري سمجهڻ گهرجي.

(2) هن قلم جا نهراءَ انهن حالتن سان لاڳو نہ ٿيندا، جتي زميندار قلم 14 جي پيٽي قلم (1) ۾ ڄاڻايل ڪمن مان ڪنهن بہ ڪم لاءِ زمين ڪم آڻيندو هجي يا جيڪڏهن هاريءَ کي قلم 13 ۾ ڄاڻايل سببن مان ڪنهن بہ سبب ڪري بيدخل ڪيو ويو هجي.

### 7. موروثي حق

قلم 4 ۾ پيل ڪنهن بہ نهراءَ هوندي بہ زميندار کي وس آهي تہ پنهنجن هارين مان ڪنهنکي بہ موروثي حق ڏئي. انهي کانپوءِ اهڙو هاري هن ائڪٽ جي مطلبن لاءِ موروثي هاري ڪري سمجهڻ گهرجي.

### 8. ٻول تي هاري

هن ائڪٽ جي قلمن 4، 5، 6، 7 ۾ ڄاڻايل هارين کان سواءِ ٻيا سڀ هاري "ٻول تي رکيل هاري" ٿيندا.

پر شرط هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ڪو ٻول تي رکيل هاري، هن ائڪٽ جي عمل ۾ اچڻ کانپوءِ ساڳيءَ زميندار وٽ سانده ٽي سال زمين جا گهٽ ۾ گهٽ 4 ايڪڙ هر سال آباد ڪندو تہ پوءِ هو دائمي هارپ حاصل ڪندو انهيءَ مطلب لاءِ هن ائڪٽ جي عمل ۾ اچڻ کان اڳ جيڪڏهن سانده ڪي سال ڪا آباد ڪيل هجي تہ اهي سال شمار ڪيا ويندا.

### 9- هارپ جي حقن جو رڪارڊ

دائمي هارين جا نالا حقن جي رڪارڊ ۾ داخل ڪيا ويندا، جو رکبو ۽ ان جو نمونو مقرر ڪيو ويندو.

## 10- دائمي حق

(1) جڏهن ڪو دائمي هاري فوت ٿئي ته زميندار کي گهرجي ته ان هاريءَ جي نسل مان بالغ مرد وارثن مان سندس هٿان چونڊيل ڪنهن به هڪ وارث کي انهن ساڳين شرطن تي اها هارپ ڏيندو اچي جي شرطن تي فوتيءَ کي سندس مرڻ وقت هارپ جو حق هو.

(2) نسل مان بالغ مرد وارثن جي نه هئڻ جي حالت ۾ اها هارپ فوتي هاريءَ جي بيوه زال کي ورثي ۾ ملندي بشرطيڪ هو پنهنجي سر پوک ڪري. جيڪڏهن بيوه زالون هڪ کان وڌيڪ هجن ته ان حالت ۾ اها هارپ فوتي جي پهرين زال کي ورثي ۾ ايندي.
بيوه زال جي نه هئڻ جي حالت ۾ هارپ فوتي جي اڻ پرڻيل ڌيءَ کي ورثي ۾ ايندي. جيڪڏهن اڻ پرڻيل ڌيئر هڪ کان وڌيڪ هجن ته هارپ وڏي ۾ وڏي ڌيءَ کي ورثي ۾ ايندي.

(3) هن قلم ۾ ڄاڻايل وارثن جي نه هئڻ جي حالت ۾ هارپ جو حق ختم ٿيندو.

## 11. انتقال نه ڪرڻ ۽ ضبط نه ٿيڻ جوڳا حق

هن ائڪٽ هيٺ دائمي هاريءَ کي ڏنل حق ڪنهن به ڪورٽ جي حڪمنامي هيٺ قبض ٿيڻ، ضبط ٿيڻ ۽ وڪري ٿيڻ جوڳا نه ٿيندا. ۽ اهي حق سڄا ئي يا ڀاڱي ۾، گروي رکڻ، ڪنهن جي حوالي ڪرڻ، انتقال ڪرڻ ورڇي ڏيڻ، مقاطعي يا ڪرائي تي ڏيڻ جوڳا نه ٿيندا.

## 12. اڻ لائقي وغيره

(1) جيڪڏهين ڪو دائمي هاري بدلي يا دماغي اڻ لائقي جي ڪري پنهنجي هارپ جي قرضن جي بجا آوري ڪرڻ لاءِ اڻ لائق ٿي پوي ته ان حالت ۾ اها هارپ ورهاست هيٺ ايندي جڻ ته دائمي هاري فوت ٿي ويل آهي.

(2) جيڪڏهن دائمي هاري وقتي بيماريءَ سبب زيارت تي وڃڻ ڪري غير حاضري سبب اهڙن ٻين سببن ڪري پنهنجي سر زمين پوکي نه

سگهي تہ هو پنهنجي زميندار جي منظوريءَ سان پنهنجي غيرحاضري ۾ چڱي پوک ڪرڻ جي بندوبست لاءِ بدِل رهندو. پر شرط هي آهي تہ انهن سببن ڪري دائمي هاريءَ جي غير حاضري ڪنهن بہ حالت ۾ هڪ سال جي لاڳيتي عرصي کان وڌيڪ هئڻ نہ گهرجي ۽ جيڪڏهن اها غيرحاضري انهيءَ عرصي کان وڌي وڃي تہ ان حالت ۾ سمجهڻ گهرجي تہ دائمي هاري پنهنجا هارپ جا حق قلم 13 جي رقم (ب) موجب ڇڏيا آهن.

## 13- هارپ جو ختم ٿيڻ

ڪنهن قبوليت، دستور يا ڪورٽ جي ڊڪريءَ يا حڪم هوندي بہ، هن ائڪٽ هيٺ دائمي هاريءَ کي مليل حق ختم نہ ٿيندا، جيستائين ڪہ جنهن زمين بنسبت اهي حق ڏنل آهن سا زمين عام جي ڪم لاءِ سرڪار نہ وٺي يا ان جي گهر نہ ڪري، يا جيستائين ڪہ اهو هاري-

(الف) پاڻمرادو هارپ جي بيزاري نہ ڏئي؛

(ب) هارپ نہ ڇڏي؛

(ج) زميندار جي لکيل اجازت کان سواءِ زمين زراعت کان سواءِ ٻئي ڪم ۾ نہ آڻي؛

(د) اها زمين نڪي گروي رکي هجيس، نہ ڪنهن جي حوالي ڪئي هجيس، نہ انتقال ڪئي هجيس، نہ ورڇي ڏني هجيس ۽ نڪي مقاطعي يا ڪرائي تي ڏني هجيس؛

(هہ) اها زمين پنهنجي سر پوکڻ ۾ قصور نہ ڪري؛

(و) پوري سبب کانسواءِ، زمين جي آبادي انهيءَ نموني يا انهيءَ حد تائين ڪرڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪري جنهنجو انهيءَ زمين واري هنڌ دستور هوندو.

(ا) اهڙو ڪم نہ ڪري جو زمين جي لاءِ تباهي يا دائمي نقصان جو ڪارڻ بڻجي.

(ح) زميندار کي جنسي يا روڪڙ ۾ جيئن هجي پيدائش جو پورو حصو ڏيڻ ۾ قصور نہ ڪري.

(ط) هن ائڪٽ جي عمل ۾ اچڻ بعد هيٺين ڏوهن مان ڪنهن لاءِ بہ ڪنهن قانوني ڪورٽ هٿان سزاياب ٿئي، يعني تہ:

(1) چوپائي مال جي چوري يا چورايل چوپايو مال وٺڻ.

(2) ماڻهو ڀڄائڻ.

(3) ڦُر يا ڌاڙو.

(4) پنهنجي زميندار جي فصل جي چوري.

(5) پنهنجي زميندار جي ملڪيت گناهہ جهڙي غيرواجبي طرح ۾ ڪم آڻڻ، يا ان سان گناهہ جهڙي ويساهہ گهاتي يا دغا ڪرڻ.

مٿين سببن مان ڪنهن بہ سبب ڪري سندس دائمي حقن جي ختم ٿيڻ تي زميندار کي وس آهي تہ ٽربيونل ڏانهن رجوع ٿيڻ کان سواءِ ڪيس بي دخل ڪري

پر شرط هيءَ آهي تہ ماڻهو ڀڄائڻ يا ڦُر يا ڌاڙي جي ڏوهن لاءِ ڏوهي ثابت ٿيڻ جي حالت ۾ اها هارپ اهڙي ريت منتقل ٿيندي، جيئن اها دائمي هاريءَ جي مرڻ ڪري ٿئي ها.

## 14- زميندار جي هٿان پنهنجي ڪم ڪرڻ لاءِ هارپ جو ختم ڪرڻ

(1) قلم 13 جي نهراءَ هوندي بہ، جيڪڏهن ڪنهن زميندار کي پنهنجي سر زمين پوکڻ لاءِ يا باغ يا هڙيءَ يا مشين جي ذريعي پوکڻ لاءِ يا ٻئي ڪنهن غير زرعي ڪم ۾ آڻڻ لاءِ سچي نيت سان گهربل ٿئي تہ هنکي وس آهي تہ دائمي هاري کي لکيت ۾ هڪ سال جو نوٽيس، جنهن ۾ هارپ جي ختم ڪرڻ جا سبب ڄاڻائي، ڏيئي هاريءَ جي هارپ ختم ڪري، پر شرط هيءَ آهي تہ باغ، هڙيءَ يا مشينن رستي پوک کان سواءِ ٻيءَ حالت ۾ پنهنجي سر پوکڻ واري ايراضي ڪنهن بہ ضلعي ۾ 50 ايڪڙن کان وڌيڪ هئڻ نہ گهرجي.

(2) جنهن هاري تي پيٽي قلم (1) هيٺ نوٽيس تعميل ٿيل آهي سو انهيءَ نوٽيس جي ملڻ واري تاريخ کان وٺي هڪ مهيني جي عرصي اندر ٽربيونل رڻ زميندار جي خلاف درخواست ڪري سگهي ٿو.

(3) جيڪڏهن ڪو زميندار پيٽي قلم (1) هيٺ هارپ جي ختم ٿيڻ تي زمين جو قبضو وٺي ۽ قبضي وٺڻ جي تاريخ کان هڪ سال اندر ان کي پيٽي قلم (1) ۾ ڄاڻايل مطالبن لاءِ ڪم آڻڻ ۾ قصور ڪري ته جنهن هاريءَ جي هارپ ختم ٿي آهي، تنهن کي بشرطيڪ هو لکيت ۾ زميندار کي نوٽيس ڏئي ته زمين ڪڻڻ لاءِ تيار آهي، ته هن کي جنهن سال ۾ هن اهو نوٽيس ڏنو آهي، تنهن کان پوءِ ترت ايندڙ سال جي شروعات کان وٺي، انهيءَ زمين جي قبضي جي موٽي وٺڻ جو حق رهندو.

پر شرط هيءَ آهي ته هاريءَ کي گهرجي ته هن پيٽي قلم هيٺ نوٽيس هيٺين تاريخ کان هڪ سال اندر ڏئي.

(الف) زميندار پيٽي قلم (1) ۾ ڄاڻايل مطالبن لاءِ هڪ سال اندر زمين ڪم نه آندي هجي ته ان سال جي پوري ٿيڻ جي تاريخ کان، يا

(ب) جنهن تاريخ تي زميندار ڄاڻايل مطلب لاءِ زمين ڪم آڻڻ بند ڪئي هجي تنهن تاريخ کان، وڌيڪ شرط هي آهي ته جيڪڏهن زميندار انهي هاريءَ کي لکت ۾ چوي ته هو اها زمين وري ڪڻي ۽ هاري جي شرطن تي هن کي اها زمين اڳي هئي. زميندار جي لکيت جي پهچ کان پوءِ ٽن مهينن اندر جواب نه ڏئي ته هو انهيءَ زمين جي وري ڪڻڻ جو حقدار نه ٿيندو.

(4) پيٽي قلم (3) هيٺ هاريءَ جي قبضي موٽي وٺڻ کانپوءِ اها زمين، جن شرطن تي هارپ ختم ٿيڻ وقت وٽس هئي، تن ساڳين شرطن تي، هن ائڪٽ جي نهرائن جي پابنديءَ سان هن جي قبضي ۾ رهندي

(5) هن قلم هيٺ جيڪڏهن ڪنهن هاري کي بي دخل ڪيو وڃي ته زميندار لاءِ لازم ٿيندو ته ان هاريءَ کي پنهنجي زمين مان ساڳي نموني جي زمين جيڪڏهن ڪا موجود هجي ته، ميسر ڪري ڏئي، يا جيڪڏهن اهڙي زمين موجود نه هجي ته پوءِ جنهن زمين مان هاري کي بي دخل ڪيو ويو آهي، تنهن بابت گذريل سال جي ڏنل هڪ ڊيل جيترو عيوض ڀري ڏي.

(6) پيٽي قلم (3) هيٺ قبضي موٽي وٺڻ کان پوءِ جيڪڏهن هاري قلم 29 هيٺ ٽربيونل کي درخواست رستي ثابت ڪري ڏيکاري تہ اها زمين هارپ جي ختم ڪرڻ وقت زميندار کي پيٽي قلم (1) ۾ ڄاڻايل مطالبن مان ڪنهن بہ مطلب لاءِ سچي نيت سان گهربل نہ هئي، تہ ان حالت ۾ هاري اهڙي عيوضي وٺڻ جو حقدار رهندو جو ٽربيونل هنڪي سندس بي دخل ٿيڻ ڪري ڪيس ڪنهن رسيل نقصان لاءِ ڏياري.

هن پيٽي قلم ۾ ڪيل ڪو بہ نهراءُ انهيءَ هاريءَ سان لاڳو نہ ٿيندو جو ڪنهن وس واري ڪورٽ جي ڊڪريءَ يا حڪم هيٺ بيدخل ٿيو هجي، بشرطيڪ انهيءَ ڪورٽ اهڙي ڊڪري يا حڪم جاري ڪرڻ وقت پنهنجو فيصلو داخل ڪيو هجي تہ زميندار کي پيٽي قلم (1) ۾ ڄاڻايل مطالبن مان ڪنهن مطلب لاءِ اها زمين سچي نيت سان گهربل هئي.

**سمجهاڻي:** هن ائڪٽ جي عمل ۾ اچڻ کان اڳ جيڪڏهن دائمي هاريءَ جي هارپ ختم ڪرڻ لاءِ ڪو بہ نوٽيس ڏنل هوندو تہ هو نوٽيس پيٽي قلم (1) جي مطالبن لاءِ جائز نہ سمجهڻ گهرجي.

## 15- دائمي هارين هٿان ڪيل سڌارا

(1) هارپ جي ختم ٿيڻ لاءِ نوٽيس ملڻ کان اڳ جيڪڏهن ڪنهن دائمي هاريءَ زميندار جي اجازت سان زمين ۾ اهڙو هاري تي ڪري ڪو سڌارو ڪيو هجي تہ هن جي بي دخلي ٿيڻ تي اهڙي ڪيل سڌاري لاءِ هو عيوضي وٺڻ جو حقدار ٿيندو.

(2) پيٽي قلم (1) هيٺ جنهن عيوضي وٺڻ لاءِ دائمي هاري حقدار رهندو سو بي دخل ٿيڻ وقت اهڙي سڌاري جي تخميني روءِ ڪٿيل قيمت جيترو ٿيندو. اهڙي تخميني روءِ قيمت جي مقرر ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ويچار ۾ رکڻ گهرجن:

(الف) ٿيل سڌاري ڪري زمين جي ملهہ ۾ جيڪي پيسا وڌيا هجن.

(ب) ٿيل سڌاري جي موجوده حالت ۽ سندس اثر جو اٽڪل روءِ عرصو

(ج) سڌاري ڪرڻ ۾ هاريءَ هٿان ڪيل پورهيو ۽ ٿيل خرچ.

# هاري

## 16- ٻول تي ٻيٺل هاري

ڪنهن بہ فصل جي موسم، جنهن لاءِ تاريخون مقرر ڪرڻ ۾ اچن، تنهن جي پوري ٿيڻ کان اڳ ٻول تي ٻيٺل هاري ٻي دخل ٿيڻ جوڳو نہ ٿيندو.

## 17. بٽئي

ڪنهن قبوليت، دستور يا رواج هوندي بہ، ۽ جاگيري زمين جي حالت ۾ ڪنهن سند ۾ ٻيل ڪنهن ٺهراءُ هوندي بہ ڪنهن بہ جاگيري يا رعيتي زمين جو هاري بٽئي وقت جي گڏيل ڍڳ مان لاباري ۽ واڻر ڪندڙن ۾ ڏڙوائي کي سندن پورهيي جي عيوض ڏيڻ لاءِ ڪاٽ ڪري باقي پيدائش مان هيٺئين حصي وٺڻ جو حقدار ٿيندو. يعني تہ: زمينن تي ۽ برسات تي پاڻيءَ تي آباد ٿيندڙ (باراني) زمينن تي اڌ حصو

(ب) چرخي، رستي پيچ ورتل زمين تي جتي نار وغيره جو سمورو خرچ ۽ سنڀال هاريءَ تي آهي، اتي 2/4 حصو

(ج) چرخي مدد موڪي وارين زمينن تي جتي نار وغيره جو سمورو خرچ ۽ سنڀال هاريءَ تي آهي اتي 3/5حصو.

## 18- ڪڪ ڪاني جو حصو

ڪنهن قبوليت، دستور يا رواج هوندي بہ، هاريءَ کي سندس زمين تي جيڪو ڪک ڪانو ڪڙٻي، ٻهہ، پلال يا سائو گاهہ پيدا ٿيندو تنهن سان ڪيس قلم 17 موجب مقرر ڪيل حصو ملندو.

**سمجهاڻي:** ”ڪڙپي، ٻُهہ، پلال ۽ بوسو“ انهن لفظن جي معنيٰ آهي، هاريءَ جي پوکيل فصل مان پيدا ٿيل ڪک ڪاني جا مختلف قسم.

## 19- ٿيل پيدائش جو گڏيل قبضو

(1) لاباري جي وقت کان وٺي بٽئيءَ جي وقت تائين ڪنهن بہ زمين ۾ ٿيل پيدائش لاءِ ائين سمجهڻ گهرجي تہ اها هاريءَ ۽ زميندار جي گڏيل قبضي ۾ آهي ۽ اها پيدائش زميندار جي مقرر ڪيل هنڌ ڪنهن ”کري“ ۽ ”ديري“ ۾ گڏ ڪري رکڻ گهرجي، جتي انهيءَ ديهہ ۾ پوک ڪندڙ سندس سيني هارين کي پيدائش گڏ ڪري رکڻي پوندي ۽ بٽئي، پيدائش جي وڪري لاءِ تيار ٿيڻ کانپوءِ ٿيهن ڏينهن اندر هاري ۽ زميندار يا سندس مختيار جي حاضري ۾ پوري ڪرڻ گهرجي.

(2) پيدائش ”بٽئي“ جي تاريخ کان وٺي هاري ۽ زميندار جي جدا جدا قبضي ۾ سندس حصن موجب ٿي رهندي.

## 20- نقد ڪرايو

هي ياڳي ۾ بٽئي بابت ڪن بہ نهرائن جي هوندي بہ زميندار کي وس آهي تہ هاريءَ جي رضامنديءَ سان هاريءَ کان اهڙو مقرر ٿيل ڪرايو نقد يا جنس ۾ وٺي جو ٻئي ڌريون پاڻ ۾ قبول ڪن.

## 21- ابوابن جو منسوخ ڪرڻ

(1) ڪنهن بہ قبوليت، دستور، رواج يا قانون هوندي بہ ڪنهن بہ زميندار لاءِ اهو جائز نہ ٿيندو تہ هو پنهنجي هارين مان ڪنهن بہ هاريءَ کان ابواب وصول ڪري.

(2) پيٺي قلم (1) ۾ ڪيل نهراءَ ڏڙوائي يا واهي يا توهي يا ڪارائي جي دستوري عيوضي سان لاڳو نہ آهن جي قلم 17 موجب بٽئي وقت پيدائش جي گڏيل ڍڳ مان ڏيٺا آهن.

## 22-چيڙ ۽ بيگر

(1) ڪنهن بہ قبوليت، دستور ۽ رواج هوندي بہ، زميندار لاءِ اهو جائز نہ ٿيندو تہ هو پنهنجي هارين مان ڪنهن کان بہ مفت پورهيو ڪنهن بہ صورت يا نموني ۾، جو عام طرح چيڙ ڪوٺڻ ۾ ايندو آهي، وٺي.

(2) زميندار کي گهرجي تہ ڪيس هاري وٽان ملير پورهئي لاءِ جنهن کي عام طرح "بيگر" ڪوٺيندا آهن تنهن لاءِ هاريءَ کي هر روز ڪم جي پوري ٿيڻ تي ساڳي ڏينهن ان وقت جي پسگردائي ۾ هلندڙ اگهن موجب مزدوري ڏئي، پر جنهن حالت ۾ ڪم سرڪار جي لاءِ ڪيل هجي، تڏهن هنڪي ان وقت پئسا ڏنا ويندا، جڏهن سرڪار کان پئسا ملن.

پر شرط هيءَ آهي تہ گپ چيڙ يعني پوک جي موسم دوران ڪنهن واٽر ڪورس جي کاٽيءَ جي حالت ۾ زميندار کي پنهنجي خرچ تي هاريءَ کي کاڏو کارائڻو آهي ۽ ان ڪم لاءِ ڪيس ڪو بہ نقد عيوضو نہ ڏيڻو آهي، بين سيني حالتن ۾ زميندار کي، سندس ڪم تي رکيل هاريءَ کي کاڌي کارائڻ تي ڪيل خرچ ڪاٽڻ بعد نقد مجرائي ڪرڻي آهي.

## 23-هاريءَ جا فرض

هارپ بنسبت هاريءَ جا هيٺيان فرض ٿيندا، يعني تہ:

(الف) فصلن کي پنهنجي هٿان چڱي ۽ اثرائتي نموني ۾ پوکڻ لاءِ گهربل جانورن جو پورهيو ۽ هارپ جا سڀ اوزار ميسر ڪرڻ لاءِ هاري جوابدار هوندو.

(ب) سندس هٿان پوکيل سيني فصلن جي چڱيءَ طرح گڏ ڪيڻ لاءِ ۽ انجي خرچ لاءِ هو جوابدار رهندو

(ج) ڪيس مليل زمين ۾ ٻيج جي ضروري بندن ۽ واٽر ڪورسن جي نهرائڻ ۽ انهن جي پوري سنڀال لاءِ ۽ انهن جي نهرائڻ ۽ سنڀال جي خرچ لاءِ هو جوابدار رهندو.

(د) جيڪڏهن ڪيس ڪٽنبي قبضيداري مليل آهي تہ هو ٻئي ڪنهن زميندار وٽ آبادي نہ ڪندو.

(ھ) پوک لاءِ گھربل ٻج جي خرچ لاءِ ھُو جوابدار رھندو پر جڏھن زميندار کي ڍل ۾ معافي ملي، تڏھن اھو ٻج جي قيمت جو فقط اڌ ڏيڻ لاءِ جوابدار ھوندو.
(و) ٻنئي کان پوءِ پيدائش ۾ زميندار جو حصو سندس کري تي پھچائي ڏيندو جنھن لاءِ کيس عيوض ملندو.
(ز) ھو اھڙين ايراضين تي اھڙا فصل اھڙيءَ ريت پوکيندو جي ھن کي زميندار چاٽائيندو.
(ح) ڪي ٻيا فرض جي وقت بوقت مقرر ڪرڻ ۾ اچن.

## 24- زميندار جا فرض

زميندار جا فرض ھيٺيان ٿيندا، يعني تہ:
(الف) واھن جي ماڊيولن مان جيڪي مکيہ واٽرڪورس زمين ڏانھن اچن تن جي پوري سنڀال ۽ ان جي خرچ لاءِ ھو جوابدار رھندو پر شرط ھيءَ آھي تہ ربيع جي موسم ۾ انھن واٽر ڪورسن مان لٽ ڪڍڻ لاءِ ھاري پنھنجي پورھئي ڏيڻ لاءِ ٻڌل رھندو ۽ انھيءَ جي عيوض زميندار پنھنجي خرچ تي ھن کي ڪاڏو ڪارائيندو.
(ب) سندس ھاريءَ کي جيڪا زمين مليل آھي، تنھنجي ربيع لاءِ موجوده پاڻيءَ مان پوري حصي جي رسد وٺي ڏيڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ ھو جوابدار رھندو.
(ج) جيڪڏھن ھاري گھر ڪري تہ ھو ان کي پوک لاءِ ٻج اڌارو ڏيڻ واسطي جوابدار رھندو ۽ اھو قرض ڏيڻ واري وقت جي بازاري اگھن تي يا ان جي قيمت جھڙي جنس ۾ ادا ڪندو.
(د) ھاري جي گھرو ضرورتن لاءِ جيڪو اناج زميندار ھن کي اڌار طور ڏئي سو نقد ۾ اڌاري ڏيڻ واري وقت جي بازاري اگھن تي يا ان جي قيمت جيتري جنس ۾ ادا ڪندو
(ھ) جن ايراضين ۾ فقط ڪپھ يا ڪمند يا تماڪ يا اھڙا ٻيا فصل ٿيندا ھجن، جن مان چوپائي مال لاءِ چارو نہ نڪرندو ھجي تن ۾ چوپائي مال جي چاري ۽ ھاريءَ جي شخصي واھپي واسطي ياڇين

جي پوک لاءِ مقرر ڪيل شرطن تي مقرر ڪيل ايراضي ڏيڻ لاءِ زميندار جوابدار رهندو.

(و) بيا ڪي به فرض جي وقت بوقت مقرر ڪرڻ ۾ اچن.

## 25- قرض بابت عام نهراءُ

(1) هاريءَ جي پيدائش مان اهڙو حصو جو ايندڙ فصل جي لاباري تائين زمين جي پوک هاريءَ ۽ سندس ڪٽنب جي گذران لاءِ ضروري هجي، سو ڪاٽڻ کان پوءِ سندس پيدائش مان باقي بچت زميندار جي قرض ۾ لاهي سگهجي ٿي.

**سمجهاڻي:** هاريءَ جي پيدائش جو نقدي ملهه انهيءَ هنڌ لاءِ سرڪار جي هٿان مقرر ڪيل ڪنٽرول جي بڌي اگهه موجب نهرائڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اهڙو سرڪاري اگهه مقرر ٿيل نه هوندو ته ان حالت ۾ انجو مُلهه مڪاني بزار جي ان وقت جي بڌي اگهه موجب نهرائڻ گهرجي.

(2) پيٺي قلم (1) ۾ ذڪر ڪيل وصولين ڪرڻ کان پوءِ قرض جي بقايا، جيڪڏهن ڪا هجي ته، کي چالو قرض کي سمجهڻ گهرجي جو ٻين فصلن ۾ هاريءَ جي حصي مان وصول ٿيڻ جوڳو ٿيندو.

(3) جيڪڏهن هاري پنهنجي زميندار جو قرضدار آهي ته ان حالت ۾ هن جو فرض ٿيندو ته هو پنهنجي ڍڳين جو حصو زميندار جي کري ۾ رکي. اهي ڍڳيون جيستائين ڪه ورهاڱي هيٺ نه آيون آهن يا خريدار انهن جي ڊليوري نه ورتي آهي، تيستائين زميندار ۽ هاريءَ جي گڏيل قبضي ۾ رهنديون.

(4) جيڪڏهن ڪو هاري پنهنجي زميندار جو قرضدار آهي ته سندس هارپ جي ختم ٿيڻ تي پنهنجي لڏي وڃڻ کان اڳ پنهنجو قرض ادا ڪرڻ لاءِ بڌل رهندو.

# تڪرارن جو نبيرو- ٽربيونل

## 26- هاري ٽربيونل جي مقرري

صوبائي سرڪار کي وس آهي تہ هر ڪنهن تعلقي يا محال لاءِ هارين ۽ زميندارن وچ ۾ ٿيندڙ تڪرارن جي نبيري لاءِ ٽربيونل مقرر ڪري.

## 27- ٽربيونل جو جوڙجڪ

ٽربيونل ۾ هڪ ميمبر ٿيندو جو ان وقت تي عهدي وارو مختيارڪار يا محالڪاري ٿيندو.

## 28- دستور العمل ۽ اختياريون

(1) هن ائڪٽ جي نهرائن جي عمل ۾ اچڻ ڪري جيڪڏهن ڪنهن زميندار ۽ هاريءَ جي وچ ۾ ڪو بہ تڪرار پيدا ٿئي تہ زميندار يا هاريءَ کي وس آهي تہ جنهن حد ۾ واسطيدار زمين هجي، تنهن حد لاءِ مقرر ٿيل ٽربيول کي تڪرار جي فيصلي ڪرڻ لاءِ پاڻ پنهنجي سر يا ڪنهن ايجنٽ هٿان درخواست ڪري جيڪڏهن ساڳيءَ ڳالهہ بابت ٻنهي ڌرين درخواستون ڪيون هجن تہ انهن ٻنهي درخواستن تي ڪابہ ڪورٽ في ٽڪلي لڳائڻ نہ گهرجي ۽ وڪيلن کي اهڙن تڪرارن جي ڌرين جي وڪالت ڪرڻ جا اجازت نہ ڏيڻ گهرجي.

**سمجهاڻي:** "ايجنٽ" جي معنيٰ آهي:

(الف) زميندار جي حالت ۾ زميندار جو ڪو مائٽ يا ڪمدار يا منشي.

(ب) هاريءَ جي حالت ۾ هاريءَ جو ڪو مائٽ يا ساڳيءَ ديهہ جو ڪو ٻيو هاري.

(2) پيٽي قلم (1) هيٺ سيڪا درخواست لکيت ۾ هئڻ گهرجي ۽ ان ۾ تڪرار جي قسم، واسطيدار زمين ۽ جنهن ڌر جي برخلاف پڪاريو ويو هجي ان جي نالي ۽ پتي بابت پورا تفصيل ڄاڻايل هئڻ گهرجن.

(3) پيٽي قلم (1) ۾ ڄاڻايل درخواست ملڻ تي ٽربيونل کي گهرجي ته انهيءَ درخواست جي شنوائي لاءِ تاريخ ۽ هنڌ مقرر ڪري ۽ درخواست ڪندڙ ۽ مختلف ڌر ڌانهن ٽربيونل اڳيان حاضر ٿيڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪري.

(4) انهيءَ ٽربيول کي ڌرين ۽ شاهدن کي سمن ڪرڻ ۽ انهن کي زوري حاضر ڪرائڻ ۽ دستاويز پيش ڪرائڻ لاءِ، اهڙيون ئي اختياريون ڏينديون جهڙيون ڪنهن ڪورٽ کي سنه 1908 جي سول پروسيجر ڪوڊ هيٺ آهن.

(5) ڌرين ۽ سندن شاهدي (جيڪڏهن ڪا هجي ته) ٻڌڻ کان پوءِ ٽربيونل پنهنجو فيصلو ڏيندي.

## 29- اپيل

(1) ٽربيونل جي ڏنل فيصلي ڪري ڪنهن ڌر کي ايذاءُ رسي ته ان کي وس آهي ته انهيءَ فيصلي ملڻ کان وٺي ٽيهن ڏينهن اندر، اسسٽنٽ ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر، جيئن جيئن هجي، تنهن تي لکيت ۾ اپيل ڪري.

(2) اسسٽنٽ ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر کي گهرجي ته ٽربيونل کان انهيءَ ڪيس جا ڪاغذ پٽ گهرائي ۽ اهي پڙهي ۽ اهڙي وڌيڪ جاچ ڪرڻ کان پوءِ جيئن هو مناسب سمجهي، اپيل جو فيصلو ڪري.

## 30- نظر ثاني

(1) ڪليڪٽر کي وس آهي ته اسسٽنٽ ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر جي قلم 29 هيٺ تي ڏنل فيصلي کان وٺي ٽيهن ڏينهن اندر انهيءَ اپيل جا ڪاغذ پٽ گهرائي خاطري ڪري ته انهيءَ اپيل تي ٿيل فيصلو يا حڪم قاعدي موجب يا مناسب آهي يا نه ۽ ان تي ڪيل ڪارروائي دستور موجب ٿيل آهي يا نه.

(2) جيڪڏهن ڪنهن حالت ۾ ڪليڪٽر جي نظر ۾ اچي ته اهڙي اپيل تي ڪيل فيصلي ۾ ڦير گهير ڪرڻ يا ان کي رد ڪرڻ يا صفا ڦيرائڻ گهرجي تنهن کي وس آهي ته هو اهڙو حڪم جاري ڪري جو مناسب سمجهي.

## 31- حڪم جي تعميل مهمل رکڻ

(1) ٽربيونل جي ڏنل فيصلي جي تعميل نه ٿيڻ گهرجي:

(الف)جيستائين قلم 29 هيٺ مقرر ڪيل ٿيهن ڏينهن جي اپيل جو مُدو پورو نه ٿئي يا.

(ب) جيڪڏهن انهيءَ قلم هيٺ اپيل ڪيل هجي ته ان جي فيصلي ٿيڻ تائين.

(2) قلم 29 هيٺ اپيل تي اسسٽنٽ ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر جي ڪيل فيصلي جي تعميل نه ٿيڻ گهرجي:

(الف) جيستائين ڪه قلم 30 هيٺ مقرر ٿيل مدو پورو نه ٿئي يا

(ب) جيڪڏهن ڪليڪٽر ڪيس جا ڪاغذ پٽ گهرايا هجن ته جيستائين ڪه ڪليڪٽر انهيءَ تي فيصلو نه ڪري.

## 32- آخرين حڪم

قلم 30 هيٺ ڪليڪٽر جي ڪيل حڪم ۽ انهيءَ قلم جي نهرائڻ جي پابنديءَ سان ٽربيونل جو فيصلو يا اسسٽنٽ ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر جو حڪم آخرين ٿيندو ۽ ان تي ڪنهن به ڪورٽ ۾ ڪا به حجت ٻڌي نه ويندي.

## 33- ٽربيونل جو فيصلو

ٽربيونل جي فيصلي، قلم 29 هيٺ اسسٽنٽ يا ڊپٽي ڪليڪٽر جو حڪم ۽ قلم 30 هيٺ ڪليڪٽر جي حڪم جي ڪنهن ديواني ڪورٽ جي ڏنل ڊڪريءَ وانگر تعميل ڪئي ويندي.

# متفرق

## 34- سزا

(1) جيڪڏهين ڪو زميندار يا هاري هن ائڪٽ جي ڪنهن بہ نهراءَ يا ان هيٺ جوڙيل قانونن جي انحرافي ڪندو تہ اهو ڪنهن ماجسٽريٽ، جو ٻئي درجي واري ماجسٽريٽ کان درجي ۾ گهٽ نہ هجي تنهنجي اڳيان ڏوهي ثابت ٿيڻ تي 500 روپيہ تائين ڏنڊ جي سزا جو ۽ ڏنڊ نہ ڏيڻ جي حالت ۾ وڌ ۾ وڌ هڪ مهيني تائين بنا پورهئي قيد جي سزا جو جوڳو ٿيندو.

پر شرط هي آهي تہ جيستائين اپيل جو مدو نہ گذري تيستائين پيٺي قلم

(1) هيٺ سزا عمل ۾ نہ ايندي يا جيڪڏهن اپيل سچ پچ ڪئي ويئي هجي تہ ايتري وقت تائين جيستائين اپيل آخري طرح فيصل ٿئي.

(2) ڪورٽ کي وس آهي تہ فتوي ڏيڻ وقت وصول ڪيل ڏنڊ سمورو يا ان جو ڪو حصو انهيءَ ڌر کي عيوضي طور ڏياري، جنهن کي انهيءَ ڏوهہ ڏيڻ ڪري نقصان يا ايذاءَ رسيو هجي.

## 35- قانون

(1)* صوبائي سرڪار کي وس آهي تہ هن ائڪٽ جا مقصد عمل ۾ آڻڻ لاءِ قانون جوڙي.

(2) خاص ڪري ۽ مٿين عام اختيارين ۾ دخل ڏيڻ ڏاران اهڙن قانونن ۾ ہين ڳالهين سان گڏ هيٺين ڳالهين بابت نهراءَ ڪرڻ گهرجن:

* بروقت ائڪٽ پاس ڪرڻ وقت فقرو (1) ۽ (2) سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي ۽ سنڌ سرڪار غلطيءَ کان وساري ڇڏيا هئا. هنن کي سادين چئن مهينن کان پوءِ 27 سيپٽمبر 1950 تي هڪ آرڊيننس جي صورت ۾ شامل ڪيو ويو هو.

(الف) زميندار ۽ هارين جا باهمر حق ۽ ذميواريون:
(ب) جاگيردارن ۽ مخادمن جا باهمر حق ۽ ذميواريون.
(ج) هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ مالي ڏيتي ليتيءَ کي باقائدي هلائڻ جو طريقو.
(د) هارپ ختم ڪرڻ لاءِ نوٽيس ڏيڻ جو نمونو.
(هـ) هارين جي حقن جي رجسٽر ڪرڻ جو طريقو.
(و) عيوضي جي ڪٽ ڪرڻ ۽ انهيءَ جي وصولي جو نمونو.
(ز) حڪمنامن جي تعميل ڪرڻ، واسطيدار ماڻهن کي حاضر ڪرائڻ ۽ ٽربيونل اڳيان ڪارروايون هلائڻ جو طريقو.

(3) هن قلم هيٺ جوڙيل قانون سنڌ جي قانون ساز جماعت جي ايندڙ پهرئين اجلاس ۾ پاس ٿيڻ کانپوءِ عمل ۾ ايندا:

پر شرط هي آهي تہ هن ائڪٽ جي نهرائن جي تعميل ۾ مشڪلاتن کي دور ڪرڻ لاءِ صوبائي سرڪار کي وس آهي تہ انهن قانونن مان ڪنهن ۾ بہ ڪا گهٽ وڌ يا ڦير ڦار ڪري، انهيءَ شرط جي پابندي سان تہ اهڙي طرح ڪيل ڪنهن بہ گهٽ وڌ يا ڦير ڦار وارا قانون سنڌ جي قانون ساز جماعت جي اجلاس ۾ جماعت جي نهراءَ سان انهن ۾ ترميم يا ترديد ڪري سگهي ۽ اهڙي طرح ڪيل ترميم يا ترديد سرڪاري گزيٽ ۾ ڇاپي پڌري ڪرڻ کان پوءِ عمل ۾ آيل سمجهي ويندي.

## 36- صوبائي سرڪار جا اختيارات

قلمن* 29، 30، 31 ۾ نهرايل ڳالهين کان سواءِ هن ائڪٽ سان واسطو رکندڙ ٻين سڀني ڳالهين ۾ صوبائي سرڪار کي ڪليڪٽرن، اسسٽنٽ ڪليڪٽرن ۽ ڊپٽي ڪليڪٽرن ۽ مختيارڪارن جي مٿان ساڳيا اختيار ۽ ضابطا رهندا ۽ اوءَ هلائيندي جي ان کي انهن تي عام انتظام ۽ روينيو ڳالهين بابت آهن ۽ اوءَ هلائي ٿي.

(صحيح) محمد بخش اي ميمڻ،
سرڪار جو سيڪريٽري، ليگل ڊپارٽمينٽ.

---

* هي قلم 28، 29 ۽ 30 ٿيڻ کپن.

# مطلبن ۽ سببن جو بيان

سنڌ ۾ گهڻي حصي تي آبادي، پوک ڪندڙ هارين جي آهي جي فقط ٻول تي رکيل هوندا آهن ۽ جن کي سندن پوکيل ٻنين تان ڪنهن به وقت زميندار پنهنجي مرضي موجب بيدخل ڪري سگهي ٿو. هند ۽ پاڪستان جي براعظم جي ٻين صوبن ۾ زرعي آباد ڪارن کي وقت بوقت حق ڏنا ويا آهن ۽ گذريل ويهن سالن جي عرصي ۾ سنڌ ۾ هاري جماعتن جي اڳواڻن ساڳيون گهرون ڪيون آهن. سرڪار انهن گهرن تي پورو ڌيان ڏنو. اٽڪل 8 سال اڳي هارپ جي حقن جي ائڪٽ جو هڪ مسودو ٺاهيو ويو جنهنجي مراد هئي هارين کي ڪي هارپ جا حق ڏيڻ. جيئن ته انهن رٿن ۾ ڪي مشڪلاتون هيون ۽ سرڪار ٻي عالمگير لڙائي ۾ پڻ رڌل هئي، تنهن ڪري اهو ائڪٽ جو مسودو ائين ئي رهجي ويو. ان ڪانپوءِ هڪ ٽيننسي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي پر سرڪار ان جون سفارشون وري به عملي مشڪلاتن سبب قبول نه ڪيون. ان ڪانپوءِ هارين جي اهنجن دريافت ڪرڻ لاءِ هڪ هاري انڪوائري ڪاميٽي مقرر ڪئي وئي. تازو انهيءَ ڪاميٽيءَ جي رپورٽ شايع ڪئي وئي آهي. ان ۾ هاريءَ کي پيدائش مان وڌيڪ حصو ڏيڻ، بيقاعدي وصولين کان بچاءُ ۽ ٻين حقن لاءِ ڪيترين ئي سفارشون ٿيل آهن. سرڪار انهن مان اهڙيون سفارشون موجوده ائڪٽ جي مسودي ۾ شامل ڪيون آهن جي عمل ڪرڻ جوڳيون آهن.

(1) هارين جي حقن ڏيڻ بنسبت جي عملي مشڪلاتون اڳ ۾ پيدا ٿيون آهن، تن جو ڪارڻ هيءَ آهي ته پاڻيءَ جي رسد جي قلت ڪري سنڌ ۾ پوک گهڻو ڪري زمين جي وار ڦير واري نموني ٿيندي آهي. اثرائتي ۽ ڪفائتي پوک خاطر پوک ڪٽنبي قبضيداريءَ جي ننڍن ٽڪرن ۾ نه پر وڏن ٽڪرن ۾ ڪئي وڃي ٿي. ۽ انهيءَ ڪري هارين

ڪي زميندار جي زمين ۾ سال بسال هڪ ٽڪر ڪان ٻئي ٽڪر ڏانهن لڏٽو پوي ٿو. جيڪو ائڪٽ جو مسودو هاڻي اسيمبلي جي اڳيان پيش ٿي رهيو آهي، تنهن ۾ رٿ ڏنل آهي تہ جي هارين گذريل ٽن سالن جي عرصي ۾ ساڳئي زميندار وٽ (هر سال) گهٽ ۾ گهٽ 4 ايڪڙ زمين آباد ڪئي آهي، تن کي موروثي حق ڏنا وڃن. اهو زمين جي خاص ٽڪر بنسبت هارپ جو حق ٿيندو جيڪڏهن اهو ٽڪر گذريل 4 سالن جي عرصي ۾ هر ڪنهن سال ساڳئي هاريءَ آباد ڪيو هوندو تہ. جتي آبادي لاءِ زمين جي وار ڦير ڪرڻ جو سرشتو رائج آهي، اتي جنهن هاري ساڳئي زميندار وٽ ڪنهن ديهہ ۾ سال بسال گذريل ٽن سالن لاءِ زمين جي مختلف ٽڪرن ۾ آبادي ڪئي هوندي تہ ان کي پوک جا حق ڏنا ويندا. يعني تہ زميندار لاءِ اهو لازم ٿيندو تہ هن کي انهيءَ ديهہ ۾ پوک لاءِ زمين ڏئي، جنهن ۾ هاري جو حق ڪٽنبي قبضيداريءَ تائين محدود رهندو جنهن جي ايراضي اٽڪل روءِ ايتري ٿيندي جا هو ڏاندن جي هڪ جوڙي سان اثرائتي نموني پوکي سگهي. ٻول تي رکيل هاري پڻ ان ڪان پوءِ اهي حق حاصل ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن اهي ساڳئي زميندار وٽ ٽن سالن لاءِ سال بسال آبادي ڪندا.

2. هن ائڪٽ جو مسودو هاري کي زمين جي پيدائش مان هتي واجبي طور وڌيڪ حصو پڻ ڏياري ٿو ۽ موڪي زمين تي پيدائش جي لاباري ڳاهڻ ۽ تورڻ جو خرچ ڪاٽڻ ڪانپوءِ پيدائش زميندار ۽ هاريءَ جي وچ ۾ هڪ جيترن حصن ۾ (اڌواڌ) ورهائي ويندي سيئي ابواب يعني لوازما، وصوليون وغيره بند ڪيا ويندا. اهڙي طرح "بيگر" يا مفت پورهيي جي دستور کي پڻ بند ڪيو ويندو.

3. اها رٿ ڏني ويئي آهي تہ هر ڪنهن تعلقہ ۾ زميندارن ۽ هارين وچ ۾ ٿيندڙ تڪرارن کي نبيرڻ لاءِ هاري ٽربيونل برپا ڪيون وڃن، جن ۾ هارين ۽ زميندارن کي هڪ جيتري نمائندگي ڏني وڃي.

4. مختلف سببن ڪري جهڙوڪ هارپ ڇڏي وڃڻ، زمين گروي رکڻ يا مقاطعي تي ڏيڻ، پوريءَ ريت آبادي ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ،

پيدائش مان زميندار کي (سندس) حصي ڏيڻ ۾ قصور ڪرڻ وغيره لاءِ هارپ جي حقن کي ختم ڪرڻ لاءِ، ٺهراءَ ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو ضروري آهي تہ حقن سان گڏ ذميواريون پڻ شامل رهڻ گهرجن ۽ سرڪار کي خاطري ڪرڻ گهرجي تہ پوک ۾ سستي ۽ لاپرواهي نہ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن زميندار کي پنهنجي سر پوک ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن غيرزرعي ڪم لاءِ زمين گهربل هجي، تڏهن پڻ هاري پنهنجي ڪيل سڌارن لاءِ عيوض وٺڻ جو حقدار رهندو.

5. زميندار ۽ هاري جي حيثيت صاف طرح بيان ڪرڻ جي لحاظ کان هن ائڪٽ جي مسودي ۾ انهن جا مکيہ فرض ۽ ذميواريون ڄاڻايل آهن.

6. هن ائڪٽ جي ٺهرائن جي انحرافي لاءِ فقط ڏنڊ جي سزا جو ٺهراءُ ڪيل آهي.

7. هن ائڪٽ جي مسودي جي ڪري هاريءَ جي زندگيءَ جي معيار ۾ ڪافي سڌارو ٿيڻ گهرجي. هارپ جي حقن ملڻ ڪري کيس آباديءَ ۽ حفاظت جو احساس ٿيڻ گهرجي ۽ انهيءَ ڪري وري کيس سندس پوکيل زمين کي سڌارڻ ۽ ان مان وڌ ۾ وڌ پيدائش حاصل ڪرڻ لاءِ شوق پيدا ٿيڻ گهرجي، جنهن مان کيس توڙي پاڪستان کي فائدو ٿيندو.

8. سرڪار سمجهي ٿي تہ ائڪٽ جو هيءَ مسودو هارين جون واجبي گهرون پوريون ڪري ٿو ۽ ان ۾ هارپ جي حقن ڏيڻ لاءِ جيڪي عملي مشڪلاتون هن مسئلي ۾ رنڊڪ وجهن ٿيون، تن جو بهترين حل ڏنو ويو آهي. هن ائڪٽ جي مسودي کي سنڌ جي هارين جو مئگنا ڪارٽا (حقن وٺڻ جو بنيادي قانون) بيشڪ چئي سگهجي ٿو.

**(صحيح) ميران محمد شاه**
انچارج وزير
جناب نواب گورنر صاحب بهادر جي حڪم سان

**(صحيح) محمد بخش - اي - ميمڻ**
سرڪار جو سيڪريٽري، ليگل ڊپارٽمينٽ

❁

# ضميمو (ب)

## هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ عهدنامون

جيڪا زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ تاريخ 1 جون 1947ع تي شهدادپور ۾ ڪاميٽي ويٺي هئي، ان ۾ جيڪي جيڪي اصول يا مول متا ٺهرايا ويا هئا ۽ جي جناب ڪليڪٽر صاحب سانگهڙ هارين ۽ زميندارن جي ناهه ڪرڻ لاءِ بحال ڪيا هئا، سي هيٺين موجب آهن:

1. ٻج هاريءَ کي ڏيڻو آهي، پر ڪمند جي حالت ۾ ٻج جي قيمت زميندار ۽ هاري اڌو اڌ ڀريندا.
2. ٻنئي اڌو اڌ ڏيندي.
3. سمورو مزوريءَ جو ڪم هاري ڪندو.
4. ڀاڻ جي قيمت زميندار ڀريندو. جيڪڏهن هارين وٽ پنهنجو ڀاڻ هوندو ته اهو سواءِ ڪنهن اجوري ونڻ جي، ٻنيءَ ۾ وجهندو. باقي جيڪي ٻيو ڀاڻ ڏيندو ان جي ڪٽائي جو خرچ زميندار ڀريندو.
5. جيڪا زمين جي پيدائش ڏيندي، ان مان چونڊي ۽ لاباري تي جيڪو خرچ ڏيندو، اهو اڌواڌ زميندار ڀريندا.
6. جيڪڏهن زميندار ڪو ڪارائو يا واهي رکندو ته اهو خرچ زميندار ڀريندو.
7. نئين زمين مان لاهه ڪيڻ ۽ زمين کي آبادي لاءِ هموار ڪرڻ تي جيڪو خرچ ڏيندو سو زميندار ڀريندو.
8. جيڪو ٻج هاريءَ کي ڏنو هوندو، اوتري جي ملڻ لاءِ زميندار حقدار رهندو. نڪي ان کان وڌيڪ ٻج نڪي وياج لاءِ حقدار رهندو.
9. جيڪا نقدي زميندار هاري کي ڏني هوندي ان لاءِ ڪو به وياج نه ونندو. هي نه فقط حال سال جي تقاوي سان لاڳو آهي، پر اڳوڻن سالن سان به لاڳو رهندو. جيڪڏهن ڪنهن زميندار تقاوي ٻج ۾ ڏني

هوندي تہ ان لاءِ هو فقط سرڪاري مقرر اگهہ وٺندو. اهڙي ڏنل تقاوي لاءِ پانڊي، باڙداني ۽ سوتلي جو خرچ زميندار مجراڻ وٺندو. ڪيترن حالتن ۾ زميندار جيڪو ٻج ڏيندا آهن، اُن ۾ مٿِي تور قيمت ڏيکاريندا آهن ۽ جيڪو ٻج ڏنو هونداڻون ان جي قيمت جدا ڪونہ ٿا ڏيکارين. جيڪڏهن ڪنهن بہ وقت خبر پئي تہ زميندار ٻج لاءِ سرڪاري مقرر ٿيل اگهہ کان وڌيڪ چارج ڪيو آهي تہ ان تي فوجداري مقدمو هلايو ويندو.

10. حساب ڪتاب هيٺئين نموني ۾ زميندار رکندو ۽ هاريءَ کي اهو حساب ڪتاب هڪ نوٽبڪ ۾ لکي ڏيندو:

جيڪا پئدائش زميندار کي هاريءَ ڏني هوندي ان جي حساب جو نمونو:

1. تاريخ
2. ڪهڙي حساب تي ورتا ويا
3. ڪيترو ان ڏنو ويو
4. اگهہ
5. ڪل قيمت
6. زميندار جي صحيح
7. شاهد جي صحيح

جيڪو قرض هاري ڪنيو هوندو: ان جو نمونو

1. تاريخ.
2. ڪهڙي حساب تي ڏنل اَن. مال وغيره.
3. ڪيترو اَن ڏنو ويو.
4. اگهہ.
5. ڪل قيمت.
6. هاري جي صحيح.
7. شاهد جي صحيح.

مٿيون حساب ڪتاب هڪڙي نوٽبڪ جي نموني ناهٹو پوندو جنهن جو نقل هاريءَ کي ڏنو ويندو. هاريءَ جي ڏنل حساب جون داخلائون ڪٻي پاسي کان ڪبيون ۽ هاريءَ کي ڏنل قرض جون داخلائون سڄي پاسي ڪرڻ

۾ اينديون زميندار پنهنجي اکرن ۾ انهيءَ جو نقل رکندو. هي ڪتاب زميندار پنهنجي خرچ تي رکندو ۽ هر هڪ هاري کي ڏيندو.

11. جيڪڏهن 15 روپين کان مٿي قرض زميندار هاري کي ڏنو هوندو تہ ان لاءِ شاهد جي صحيح ٿيندي. جيڪڏهن 15 روپين کان گهٽ رقم ڏنل هوندي تہ پوءِ شاهد جي صحيح جي ضرورت ناهي. شاهد پڙهيل ماڻهو هئڻ گهرجي جو حساب ڪتاب پڙهي ڄاڻندو هجي. اهڙن شاهدن جي لسٽ هر هڪ ديهہ لاءِ تيار ڪئي ويندي ۽ انهن جا نالا پڌرا ڪيا ويندا. جيڪا آربيٽريشن ڪاميٽي ناهي ويندي ان جا ميمبر پڻ شاهد تي سگهن ٿا.

12. جيڪڏهن ڪنهن بہ هاريءَ تي ڪا بہ پڪار قرض بابت مهيني ڪانپوءِ ڪئي وئي تہ اها پڌرڻ ۾ ايندي. هي مهيني جو ميعاد اوستائين سمجهڻ نہ گهرجي، جيستائين هن اسڪيم کي ڇهہ ميهنا چالو ٿي وڃن. انهيءَ لاءِ تہ ان وچ ۾ هارين کي خبر پئجي وڃي پوءِ ٻن مهينن جي ميعاد کان پوءِ ڪا بہ دانهن پڌرڻ ۾ نہ ايندي.

13. ٻُهہ ۽ گاهہ جي ٻنئي اڌواڌ ٿيندي.

14. چاڻو مکيہ فصل جهڙو وونئڻ ۾ پوکڻ گهرجي. هاريءَ کي حق آهي تہ خريف ۾ گاهہ لاءِ فقط هڪ جريب زمين جو پوکي ۽ ربيع ۾ هڪ ايڪڙ پوکي. خريف ۾ ٻج هاري وجهندو ۽ ڀل زميندار ڀريندو ۽ لوسڻ جي حالت ۾ هاري ۽ زميندار اڌواڌ ڀريندا پر ڀل زميندار ڀريندو. اهو لوسڻ ٻي موسم تائين نہ هلندو ۽ هاري اهو وڪرو نہ ڪندو پر اهو پنهنجي مال لاءِ چاري طور ڪم آڻيندو.

15. هاري زمين کي بہ دفعا خشڪ هر ڏيندو ۽ پوک کان پوءِ بہ هر ڏيندو.

16. جيڪڏهن ڪو هاري زميندار کي ڇڏيندو تہ هو سمورو قرض زميندار کي واپس ڏيندو پر جيڪڏهن ڪو هاري ڪُتل هوندو تہ هن کي رڌڻ پچائڻ جو سامان هنڌ بسترا ڪتون وغيره زميندار قرض جي ادائگي لاءِ خريد نہ ڪندو.

17. وونئڻن جون ووٽانيون هاري فقط هڪ دفعو سروي نمبر مان وڍيندو.

18. جيڪو قرض زميندار هاريءَ کي لهڻو ان جي وصولي لاءِ تڏهين تحرڪ ونڻ ۾ ايندو جڏهين اهو قرض لکيل دستاويز موجب هوندو.

انهيءَ شرط سان تہ هاريءَ قرض ونڻ وقت انهيءَ قرض واپس ڪرڻ لاءِ صحيح ڪئي هوندي. تنهن کان سواءِ انهن ڳالهين بابت تڏهن ويچار ورتو ويندو جڏهن زميندار ڏيڪاريل نموني ۾ حساب ڪتاب رکيو هوندو ۽ جيڪي مول متا تاريخ 1 جون جي ميٽنگ ۾ ٿيا هوندا اهي قبول ڪيا هوندائين. ڇهن مهينن جي ميعاد جو فقره 12:۔ ۾ ڏيکاريل آهي، سو انهن حالتن سان لاڳو آهي، جڏهن هاريءَ کي ڏنل قرض سندس حصہ جي پيدائش کان وڌيڪ ٿيندو. جيڪڏهن هاريءَ کي ڏنل قرض هاريءَ جي پيدائش کان گهٽ هوندو تہ زميندار کي حق آهي تہ قرض جي رقم تائين پئسا وصول ڪري اوتري تائين جيتري قدر هاريءَ کي پنهنجي ٻارن ٻچن جي لاءِ ڇهن مهينن جي قوت موجود ملي. هرو ڀرو ائين نہ آهي تہ ڇهن مهينن کان مٿي جيڪو بہ حصو زميندار ڪٽي ويندو. هو فقط اوترو ڪٽيندو جيترو هن کي مجرا ملڻو آهي.

19. جيڪڏهن ڪو هاري ربيع لاءِ زمين پوکيندو تہ هن کي ڇهن مهينن جو اَن پنهنجي ڪٽنب جي قوت گذاري لاءِ ملندو. جيڪڏهن ربيع جي فصل کان پوءِ هاري زميندار کي پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڇڏڻ گهري ٿو تہ اگرچہ ائين آهي تہ هن کي ڪجهہ بہ قوت گذران ملڻو نہ آهي، پر قرض وغيره واضع ڪرڻ بعد هن کي پنهنجو حصو ملڻ گهرجي، پر جيڪڏهن زميندار ڄاڻي واڻي هاريءَ کي ڪڍي ڇڏيندو تہ هن کي پنهن جي ڪٽنب جي قوت گذران لاءِ ڇهن مهينن جو ان ڏيندو. جيڪڏهن انهيءَ باري ۾ ڪو بہ تڪرار هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ ٿيندو تہ ان لاءِ مختيارڪار صاحب کي درخواست ڪرڻ ۾ ايندي جو آربيٽريشن ڪاميٽي کي اها ڳالهہ فيصلي لاءِ ملندو.

20. سيڪو نئون هاري زميندار کان پنهنجي ڪٽنب جي قوت گذران لاءِ ڇهن مهينن جي ان ونڻ لاءِ حقدار رهندو. انهيءَ لاءِ تہ هو آبادي سندن ڪري سگهي.

21. جيڪڏهن هڪڙو هاري پهرين زميندار کي ڇڏي وڃي ٻئي وٽ ٿو بيهي تہ پوئين زميندار کي پهرين زميندار جو قرض وصول ڪرڻ گهرجي. هرو ڀرو ڪو قاعدي موجب پويون زميندار قرض وصول ڪرڻ لاءِ ٻڌل نہ

آهي. هي ڳالهه اهڙي آهي، جنهن لاءِ زميندار پاڻ ۾ فيصلو ڪري سگهن ٿا. اهڙي ائسوسيئيشن هنن اڳ ۾ ٺئي ناهي آهي.

22. ٻنئي جي رسم جيڪا ربيع جي پئدائش اجا ديرن ۾ پيئي آهي، ان سان لاڳو آهي.

23. جيڪا زميندار پيداوار ٿيندي سا هاري ديهه جي اندر اوطاق يا ديرو زميندار جو هوندو اُن ۾ آڻيندو ۽ نه ته اها پئدائش گهٽي مفاصلي تي زميندار جي شهر جي پانڌي تي آڻيندو.

## مٿين اصولن کان سواءِ هيٺيان اصول جناب ڪليڪٽر صاحب رٿيا آهن

1. تقاويءَ کان سواءِ زميندار کي متفرقه خرچ چارج ڪرڻو نه آهي: اهي رقمون اهي آهن، جهڙوڪ: لاپو رسائي، اوطاق، خرچ ۽ ڪمدار جو خرچ.

2. حساب ڪتاب سنڌي اکرن ۾ رکڻو آهي ۽ نه واڻڪن اکرن ۾.

3. زميندار کي سڀ ڪنهن فصل کان سواءِ يڪي ياداشت حساب ڪتاب جي رسيد تي لکي هاري کي ڏيڻي آهي. اها رسيد زميندار کي معتبر شاهد جي روبرو صحيح ڪري ڏيڻي آهي ۽ باقي جيڪا ڪاپي زميندار وٽ رهڻي آهي، سا پڻ هاري ساڳئي نموني صحيح ڪندو.

4. زميندار کي ڪو به حق ڪونه آهي ته هاريءَ جي حصي جو فصل جيئن ڪيس وڻي تيئن ان قيمت تي وٺندو. جيڪي زميندار ڦتين جا وعدا يعني اڳوات وڪرا ڪندا آهن، تن تي بندش آهي.

5. ڪنهن به زميندار کي پنهنجي مرضي موجب هاري ڪڍي ڇڏڻو نه آهي، جيڪڏهن هاري قبول ٿو ڪري ته پوءِ وڌيڪ تحرڪ وٺڻو نه آهي. مگر جيڪڏهن هاري اعتراض وٺي ته پوءِ هن کي ڪڍي ڇڏڻ کان اڳ ۾ آربيٽريشن کي فيصلي لاءِ موڪلڻو آهي.

6. جيڪڏهن ڪو به هاري ٻه سال سانده زميندار جي زمين آبادي ڪري ٿو ته هن کي هاري جو حق ملي چڪو ۽ زميندار آربيٽريشن ڪاميٽي جي فيصلي کان سواءِ ڪڍي نٿو سگهي.

7. جيڪو به زميندار يا هاري زور يا زبردستي لڳائيندو ته پوءِ هن کي ڪو به حق ڏياريو نه ويندو بلڪ هن تي قاعدي موجب مقدمو هلايو ويندو.

8. جيڪڏهن ڪو قرض بابت تڪرار ٿئي ٿو تہ اهو ڪتيءَ جي فصل مان وصول ڪجي، جو ناٽي جو فصل آهي ۽ نہ ربيع مان.

9. ڏل زميندار ڏيندو. ڪي زميندار چون ٿا تہ جيڪڏهن اڌواڌ جو حساب آهي تہ پوءِ چو نہ اڌ ڏل هاري بہ ڏيئي. هي خيال غلط آهي، جيڪڏهن هاري اڌ ڏل ڏيئي تہ پوءِ زميندار بہ پورهيو ڪري.

10. جيڪي پڪارون زميندارن ۽ هارين جون ٿين ٿيون، سي متفرقه درخواستون ڪري شمار ڪجن ۽ نہ فوجداري پڪارون. جيڪڏهن ثابتي گذري چڪي تہ سخت زخم لڳا آهن، يا ڦر يا ڌاڙو ٿيو آهي تہ پوءِ ان لاءِ فوجداري قاعدي موجب ڪارروائي ڪجي.

11. آربيٽريشن ڪاميٽي سڀ ڪنهن تپي ۾ ٿيندي انهن ميمبرن جون ياداشتون ڪيلڪٽر صاحب بحال ڪندو.

12. جيڪي بہ نوان ڪيس ايندا تہ مختيارڪار صاحب تپي جي آربيٽريشن ڪميٽي کي موڪليندو. جيڪڏهن تپي جي ڪاميٽي اهو فيصلو ڪري نہ سگهندي تہ پوءِ تعلقہ ڪاميٽي کي فيصلي لاءِ موڪلي ويندي، جيڪڏهن تعلقہ ڪاميٽي نہ ڪندي تہ پوءِ گورنمينٽ آفيسر ڪندو. مختيارڪار صاحب ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب کي اختياريون آهن، تہ جيڪي ڪيس ڪين پاڻ فيصلا ڪرڻا هجن، اهي پاڻ ڪن ۽ ٻيا تعلقہ جي ڪاميٽي کي ڏياري موڪلي سگهن ٿا.

13. جيڪي درخواستون اجا مختيارڪار صاحب يا ڊيپوٽي ڪليڪٽر صاحب وٽ زير تجويز آهن، سي آربيٽريشن ڪاميٽي ڏانهن موڪلڻ گهرجن. مگر جن حالتن ۾ اڳئي گورنمينٽ آفيسرن ڪارروايون هلايون هجن، سي هو هلائي پوريون ڪن.

14. جيڪي هاري ۽ زميندار ڪوڙيون پڪارون ڪندا تہ انهن تي فوجداري مقدمو هلايو ويندو.

15. جتي اَن ڳاهجي ٿو اتي بٽئي ڪرڻي آهي: نہ جڏهن ان زميندار جي ديري يا اوطاق تي ڪجي ٿو.

16. بٽئي هلندڙ رواج موجب ماپ يا تور رستي ڪرٽي آهي. زميندار کي مٿيءَ وغيره جي ڪري ڪجهہ بہ ان ڪاٽ ڪرڻو نہ آهي. تور پوري سيرن ۾ تورڻي آهي ۽ مڻ جا ياڳا وسارڻا نہ آهن.

17. جيڪڏهن ڪو تڪرار ٿئي تہ هڪ کان وڌيڪ جڻا بٽئي وقت آربيٽريشن ۾ وهندا.

مٿيان 17-وڌيڪ اصول جيڪي جناب ڪليڪٽر صاحب ڪيا آهن، سي ڪنهن بہ وقت ڦيرائي سگهجن ٿا.

Sd/. J. TOMKINS

ڪليڪٽر صاحب سانگهڙ

# ضميمو (ج)

سنڌ ٽيننسي ائڪٽ تي نڪتہ چيني

## سنڌ ٽيننسي ائڪٽ جي
## فقرن تي نڪتہ چيني

نوٽ: 17 _مارچ 1949ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي جي مقرر ڪيل 22 ميمبرن جي سليڪٽ ڪاميٽيءَ هاري رهنمائن (عبدالقادر جان محمد پلي، نذير حسين جتوئي ۽ حيدربخش جتوئي) رٿيل ٽيننسي ائڪٽ جي مسودي تي رايا ورتا. رفيق حيدر بخش هيٺيون ميمورنڊم سليڪٽ ڪاميٽي اڳيان پيش ڪيو (ڏسو هاري حقدار مورخه 25 مارچ 1949ع)

**قلم -1**

جنهن صورت ۾ هن ائڪٽ جو مقصد هارين کي حقن ڏيڻ جو چيو وڃي ٿو تنهن صورت ۾ ائڪٽ جو نالو "سنڌ ٽيننسي رائيٽس ائڪٽ" يعني "سنڌ موروثي هارپ حق ائڪٽ" ٿيڻ کپي.

جنهن صورت ۾ هاري جي بچاءَ لاءِ هي ائڪٽ ناهيو وڃي ٿو تنهن صورت ۾ ائڪٽ جي منڍ ۾ هي لفظ ڪليل طور اچڻ کپن يعني تہ:

"جئن تہ مناسب آهي تہ سنڌ (هارين جو بچاءَ ڪجي ۽) هارين ۽ زميندارن جي حقن ۽ جوابدارين ۽ انهن سان تعلق رکندڙ ڳالهين بابت قائدي ذريعي جوڙجڪ ڪجي...

ڏنگين اندر لفظ درج ڪرڻ کپن.

فقره (3) جو شرط تہ هلندڙ ربيع فصل تي هن ائڪٽ جو اثر نہ پوي سو ڪڍي ڇڏجي. بيئل فصل جون بٽيون بہ ائڪٽ هيٺ ٿيڻ کپن.

### قلم -2

وڻن سان بہ ائڪٽ لاڳو ڪرڻ ڪپي، جاگيرن ۾ توڙي ہي زمينداري ۾.

### قلم 4 ۽ 5

هن ائڪٽ جي مکيہ ۽ عملي قلمن (4 ۽ 5) ۾ اهڙا تہ شرط وڌل آهن، جو جنهن مقصد لاءِ هي ائڪٽ تيار ڪيو ويو آهي، سو تہ سرانجام نہ ٿيندو بلڪ هارين جي حالت اڃا بہ وڌيڪ خراب ٿيندي.

موروثي حق انهيءَ هاري کي ڏنو ويندو جنهن لڳاتار 3 سال زمين آباد ڪئي هوندي. بظاهر هي هڪ معمولي شرط آهي، پر حقيقت ۾ هنن شرطن ۾ هاريءَ لاءِ تمام مصيبت جو سامان سمايل آهي.

1. هي حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ سواءِ سارين جي زمين ۽ ڪن ٿورين زرخيز زمينن جي آبادي سال بسال ٿيندي آهي. سنڌ جي زمين کي پاڻ جي قلت آهي، جنهن ڪري ان کي هميشہ واري جي ضرورت رهي ٿي. چار لک هاري ڪٽنبن مان فقط ڪن ٻن ٽئن هزارن لڳاتار ٽي سال ساڳي زمين آباد ڪئي هوندي، باقي لکها هاري هن ائڪٽ جي فائدي کان نہ فقط محروم رهندا بلڪ هميشہ لاءِ آزار ۾ پئجي ويندا، جيئن هيٺ روشن ڪيو ويندو.

جيستائين موروثي هارپ جو سوال نہ هو ۽ زميندار ڪنهن بہ وقت هاريءَ کي زبردستي ڪڍي سگهيا ٿي، تيستائين هاري ساڳي زمين لڳاتار سالن کان آباد ڪندا ٿي آيا: البتہ هارين سان سختيون هيون. جڏهان کر هارين موروثي حق لاءِ طلب ڪئي آهي، تڏهان ڪر ۽ خصوصن گذريل ٻن سالن کان، زميندارن هارين کي باقاعده بيدخل ڪرڻ جو محاذ جاري رکيو آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي، جو جيستائين ٽيننسي ائڪٽ اچي تيستائين هاري دربدر ڪيا وڃن ٿا. انهي ڪري تمام ٿورن خوش نصيب هارين کي هن ائڪٽ جو فائدو ملندو حالانڪ ائڪٽ جو مطلب ۽ مقصد تمام هاري طبقي جي حالت بهتر بنائڻ جو آهي.

هن ائڪٽ جي پاس ٿيڻ ڪانپوءِ ڇا ٿيندو؟ زميندار هر سال هاري مٽائيندا رهندا ۽ ڪنهن بہ هاريءَ کي لڳاتار ٽي سال رهڻ نہ ڏيندا ڇو تہ انهي حالت ۾ هو قلم 8 موجب موروثي حق جا مستحق ٿي ويندا.

انهيءَ جي صاف معنيٰ ٿيندي تہ هن ائڪٽ جا اهي شرط هارين جي مصيبت جو باعث ٿيندا.

2ـ جي هاري لڳاتار ٽن سالن جي آبادي ڪري موروثي هارپ جا مستحق بہ هوندا تہ انهن کي بہ ڪوڙين شاهدين ۽ بهانن سان محروم ڪيو ويندو. اڃا تائين اهڙو ڪو بہ معتبر رڪارڊ ڪونهي، جنهن مان خبر پوي تہ فلاڻي سروي نمبر جا هاري گذريل ٽن چئن سالن کان ڪير هئا. جيتوڻيڪ ووٽن جي داخلا متعلق حڪومت جا حڪم آهن تہ فيلڊ بوڪن ۾ آبدارن ۽ ٽپيدار کي هارين جا نالا داخل ڪرڻ کپن، پر انهن حڪمن جي ڪا بہ پيروي ڪانہ ڪئي وئي آهي. مٿين سببن ڪري هيٺيون حالتون پيدا ٿينديون:

(الف) مستحق هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ مقدمہ بازي ٿيندي ۽ جهڳڙا ٿيندا ۽ جن جي نبيرڻ لاءِ ڪيترا عملدار مقرر ڪرڻا پوندا.

(ب) حڪومت تي عملدارن جي ڪري خرچ جو بار پوندو.

(ج) عام طرح بيچيني پيدا ٿيندي جنهن مقصد لاءِ ائڪٽ تيار ڪيو وڃي ٿو سو سر انجام نہ ٿيندو.

3ـ قلم 5 فقره 2 هيٺ وار ڦير آبادي جي حالت ۾ موروثي حق ڪنهن بہ خاص سروي نمبر ۾ نہ ڏنو ويندو. وار ڦير آباديءَ جوعذر ڏيئي لکن هارين کي موروثي حق کان محروم رکيو ويو آهي، وار ڦير آباديءَ کي اجائي اهميت ڏني وئي آهي.

وار ڦير آبادي وڏن زميندارن سان واسطو رکي ٿي. وڏا زميندار هڪ واٽرڪورس کي ٻن يا ٽن حصن ۾ ورهائي هر موسم ۾ هڪ حصي کي پاڻي ڏيئي آباد ڪندا آهن ۽ ٻئي حصي کي واري تي غير آباد ڇڏيندا آهن. مثلاً ڪنهن واٽر ڪورس جي ڊيگهہ ڏيڍ ميل آهي ۽ ان تي ڇهہ سئو ايڪڙ زمين آهي. هڪ سال ۾ پهرئين اڌ ميل جا بہ سئو ايڪڙ زمين آهي. هڪ سال ۾ پهرئين اڌ ميل جا بہ سو ايڪڙ آباد ٿيندا ۽ ٽئين سال ٽئين اڌ ميل جا بہ سو ايڪڙ آباد ٿيندا. جيڪڏهين مٿين ڇهہ سو ايڪڙ زمين ننڍن کاتيدارن

جي هوندي تہ هر هڪ اڌ ميل ۾ هر سال 66_66 ايڪڙ آباد ٿيندي، فرق رهگو اهو آهي.

ائين برابر آهي تہ پهرين (وڏي زميندار) جي حالت ۾ ٻن سون ايڪڙن جي بجاءِ بہ سئو ايڪڙ آباد ٿئي ۽ ٻي حالت ۾ فقط بہ سئو ايڪڙ يا ٿورو گهٽ، پر هن ٿوري فرق جي مقابلي ۾ پيداوار زياده ٿيڻ جو امڪان آهي. جڏهن هارين کي موروثي حق ملندو تڏهن اهي زمين ۾ زياده دلچسپي وٺندا ۽ پيداوار وڌائيندا.

موروثي هارپ حق سيني هارين کي بنا شرط شروط جي ملڻ کپي ۽ وار ڦير جو عذر ڏيئي هارين کي محروم ڪرڻ نہ کپي.

موروثي حق هر هڪ هاري کي هڪ خاص زمين تي ملڻ کپي، جنهن کي هو پنهنجو سمجهي دل و جان سان آباد ڪري.

4_ مٿين شرطن کي ڪافي نہ سمجهي ائڪٽ ۾ هڪ ٻيو شرط وجهي اچا بہ وڏيڪ هزارين هارين کي محروم ڪيو ويو آهي: جڏهن ڪو هاري 2 ايڪڙ يا 3 ايڪڙ يا پوٽا چار ايڪڙ زمين لڳاتار يا چار سال آباد ڪندو آيو آهي تہ ان کي بہ موروثي حق نہ ملندو. ڪيتري بہ ايراضي تي جا هڪ سروي نمبر يا پيٽي سروي نمبر هجي. ان تي موروثي حق ملڻ کپي.

قلم 4_ جي صورت ۾ هيئن هئڻ کپي:

## قلم 4– موروثي هاري

1. سال 47_1948ع ۾ جنهن هاريءَ جا زمين آباد ڪئي آهي، ان تي ان هاريءَ جو موروثي حق آهي.
2. سال 47_1948ع ۾ جا زمين واري هيٺ غير آباد رهي آهي، ان تي انهيءَ هاري جو حق آهي، جنهن انهي زمين تي پوبون فصل آباد ڪيو هو.
3. جنهن هاريءَ جو موروثي حق ڪنهن زمين تي فقره (1) ۽ (2) موجب آهي ۽ ان کي زمين تان بيدخل ڪيو ويو آهي تہ ان بيدخليءَ جو اثر ان جي موروثي حق تي نہ پوندو.

## قلم- 7

سڄي ائڪٽ ۾ هي چڱو قلم آهي: يعني تہ ڪو بہ زميندار پنهنجي هاريءَ کي بنا شرطن جي موروثي حق ڏيئي سگهي ٿو.

جي بہ سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي جا زميندار ميمبر آهن ۽ جن چونڊن وقت عوام کي ۽ هارين کي واعدا ڏنا هئا تہ ٽيننسي ائڪٽ پاس ڪنداسين ۽ جن وعدن تي هو چونڊجي سرفراز ٿيا. انهن جو فرض آهي تہ هو هن نيڪ ڪم ۽ چڱي قلم جو استعمال ڪري هڪدم اعلان ڪن تہ جيتري قدرسندن هارين جو تعلق آهي. سيني سندن هارين کي موروثي حق ڏنو وڃي.

## قلم- 9

موروثي حق ٽپيدار جي رڪارڊ آف رائيٽس جي ڪتاب ۾ داخل ڪرڻ کپي ۽ انجنيري کاتي جي پاڻيءَ جي شئرلسٽ ۾ بہ هاريءَ جو نالو ضروري آهي.

ڏنو ويو آهي تہ آبدارن جي معرفت زميندار پاڻي بند ڪري اهو پاڻي ٻي زمين ڏي وٺي ويندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح هاريءَ کي آباديءَ کان محروم ڪندا آهن. جيڪڏهن هاريءَ جو حق زمين تي آهي ۽ پاڻي تي ناهي تہ زمين جي حق جي معنيٰ ئي ڪانهي.

## قلم- 10

جيڪڏهن ڪو هاري بہ چار پٽ وارث ڇڏي مري ويو آهي تہ قلم 10 موجب زميندار کي حق ڏنو ويو آهي تہ انهن مان ڪهڙي بہ پٽ کي موروثي حق ڏئي.

هي ورثي جو حق عام طرح وڏي پٽ کي ملڻ کپي يا سيني وارثن کي فيصلو ڪري هڪڙي ياءَ کي ڏيڻ کپي. هن ۾ زميندار جو واسطو هئڻ نہ کپي. ٻي صورت ۾ زميندار کي رشوت وٺي وارثن ۾ ڦوٽ وجهڻ جو موقعو ملندو.

## قلم- 13

قلم 13 ۾ هارين کان موروثي حق کسڻ لاءِ ايترا تہ موقعا ٺهرايا ويا آهن، جو ڪو بہ زميندار ڪنهن بہ وقت هاريءَ کان موروثي حق کسي سگهي

ٿو. انهيءَ ڪان تہ ائڪٽ پاس ڪرڻ جو ضرور ڪهڙو؟ جو هڪ هٿ سان شئي ڏيئي ٻئي هٿ سان واپس ورتي وڃي!

جيڪڏهن فقره (ط) جو مطلب آهي تہ هارين تي ڏوهہ گهٽ ٿين تہ ڏوهن گهٽائڻ لاءِ حڪومت کي ٻيا قدم کڻڻ کپن ۽ نہ تہ ٽيننسي ائڪٽ کي انهن ڪمن لاءِ اوزار بنايو وڃي.

ٽيننسي حق هارين جو بنيادي حق آهي، جو زمين کي آباد ڪرڻ ڪري قدرتاً هنن کي مليل آهي. هاريءَ جي پورهئي کان سواءِ زمين جي ڪا بہ قيمت ڪانهي.

جيڪڏهن ڪو بہ هاري فوجداري يا ديواني ڏوهہ ڪري تہ ان جي برخلاف ڪورٽون موجود آهن ۽ هن کي قاعده جي عمل هيٺ سزا ملڻ کپي. انهيءَ سزا جو موروثي حق سان ڪو بہ واسطو نہ هئڻ کپي.

جيڪڏهن زميندار چوري ڪري ٿو يا خون ڪري ٿو تہ سزا ملڻ تي ان کان زمين کسي نہ ٿي وڃي. هاڻ جيڪڏهن اهڙو قانون پاس ڪيو وڃي تہ زميندار کان ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي زمين کسي وڃي تہ انهي حالت ۾ هاريءَ کان بہ بيشڪ موروثي حق کسيو وڃي. پر اها ڳالهہ عبث آهي.

هن فقره جي موجودگي تہ فقط موروثي حق لاءِ خراب آهي، مگر موروثي حق کسڻ لاءِ ڪيترا زميندار هارين تي ڪوڙا ڪيس ڪرائي انهن کي وڏن نقصانن ۾ وجهندا. لوٽي کان ٻگهٽو ڳرو.

فقط لاچار فقره (ج)، (هہ) 1 (ح) قلم رکيا وڃن، باقي ٻيا سڀ فقرا رد ڪرڻ کپن.

## قلم- 14

ضروري حالتن هيٺ موروثي هارپ حق ونڻ لاءِ فقرا 6 ۾ فقط هڪ ڏيل جي رقم مقرر ڪئي وئي آهي، جا بلڪل ٿوري آهي. هي عيوضو پنج ڏيلون ٿيڻ کپي.

## قلم- 19

هاري جيتري زمين آباد ڪري سگهي ٿو انجو گاهہ (ٻهہ، ڪڙٻ پلال وغيره) ايترو مس ٿئي ٿو جو هنجي ڏڳن ۽ ٻئي چوپائي مال لاءِ ڪافي ٿئي،

گاهہ حقيقت ۾ هاري جو نہ آهي، پر ڏيگن جو آهي. جيڪڏهن ڏاند خوش متارا آهن تہ پيداوار سٺي ٿئي ٿي. زميندار کي گاهہ مان فقط ايترو حصو ملڻ کپي جو ان زميندار جي پنهنجي مال لاءِ پورو ٿئي ۽ نہ وڪري لاءِ. وڏن زميندارن جي حالت ۾ ويهون حصو بہ گهڻو ٿيندو. ننڍن ڪاتيدارن جي حالت ۾ پنجون حصو يا گهٽ ٿيڻ کپي.

## قلم- 20

قلم 20 ۾ هاريءَ سان وڏو ظلم رتيو ويو آهي. جڏهن مهينن جي محنت ۽ رت ولوڙڻ ڪانپوءِ هاري اَن صاف ڪري ونڊ لاءِ تيار ڪري ٿو تڏهن قلم 20 هيٺ زميندار تيهن ڏينهن تائين ونڊ ڪرڻ کان انڪار ڪري هاريءَ کي پريشان ڪري سگهي ٿو. جهنگ ۾ ان مهينو کن پيو رهي ۽ انجي سنڀال جي جوابداري هاريءَ مٿان رکي وئي آهي.

برسات، ٻوڏ يا ٻئي ڪنهن سماوي آفت کان امڪان آهي تہ سموري پيداوار ناس ٿي وڃي.

پيو تہ اڄ ڪلهہ ملڪ ۾ ڪيتري بدامني آهي. اڳي جي ڪڏهن چور چور ڪبو هو تہ چور ڀڄي ويندا هئا. هينئر چور باقاعده لئين ۽ ڪهاڙين ۽ بندوقن سان سينگارجي نڪرن ٿا ۽ چور چور ڪرڻ تي ياڳئي سان وڙهن ٿا. کرن ۽ ديرن ۾ اناج جي سنڀال ۾ ڪيترا هاري خون ٿي ويا آهن.

مٿين سببن ڪري جيئن ونڊ لاءِ تيار ٿئي تيئن اطلاع پهچڻ تي هڪدم زميندار کي پنهنجي سر يا ڪمدار معرفت ونڊ ڪرڻ کپي. تيهن ڏينهن جي عرصي کي گهٽائي 3 ڏينهن ڪرڻ کپي. جو زميندار ٽن ڏينهن اندر ونڊ جو بندوبست نہ ٿو ڪري ان لاءِ ڪا بہ همدردي نہ هئڻ کپي. انهيءَ حالت ۾ هاري کي حق هئڻ کپي تہ هو ٻن امينن جي روبرو پيداوار توري ۽ پنهنجو حصو ڪٽي وڃي. قلم 20 کي اهڙي طرح درست ڪيو وڃي.

## قلم- 23

فقره (هہ) هيٺ هڪ زميندار جي موروثي هاريءَ کي حق نہ رهندو تہ هو ٻئي زميندار جي زمين آباد ڪري. هي فقره غلامي سرشتي جي نشاني آهي. هڪ زميندار جو فقط هي حق آهي تہ پنهنجي هاريءَ کان مناسب آبادي ۽

پيداوار وٺي ۽ بس. جي ڪڏهن ڪو هاري محنتي آهي ۽ ڪيس ٻه چار پٽ آهن تہ ان کي حق آهي تہ ٻئي ڪنهن زميندار جي زمين آباد ڪري هي فقرو ڪڍيو وڃي.

فقره (ز) جي بندش اجائي آهي. ڪهڙو فصل پوکيو وڃي، سو زميندار ۽ هاري ٻنهي جي رضامندي کي ڇڏڻ کپي. هاري توڙي زميندار جو نفعو انهيءَ ۾ آهي تہ مڪاني حالتن ۾ پاڻي موافق اهو فصل پوکجي جنهن ۾ گهٽي ۾ گهٽو فائدو ٿئي. صرف زميندار جي مرضيءَ موجب فصل پوکڻ جي بندش مان زميندار هاريءَ کي نقصان ۾ وجهي سگهي ٿو ۽ ان کي اجايو سجايو تنگ ڪري سگهي ٿو.

## باب۔ 4: تڪرارن جو نبيرو

اڄ ڪلهہ پئسي سان ڇا نہ ٿو ٿي سگهي؟ رشوت جي بازار گرم آهي. انصاف بلڪل مهانگو ٿي ويو آهي. انصاف جون ڪورٽون هن وقت ٻن قسمن جون آهن. هڪڙيون روينيو آفيسرن (مختيارڪارن، ڪليڪٽرن وغيره) جون ڪورٽون ۽ ٻيون جڊيشل آفيسرن (سب ججن، سيشن ججن) جون ڪورٽون.

هي ڳالهہ تسليم شده آهي تہ روينيو آفيسرن جي ڪورٽن ۾ انصاف گهٽ آهي. مختيارڪارن کي گهڻن قسمن جا فرائض آهن ۽ هو عدالت کي ٻين معاملن سان ڳنڍي ٿا ڇڏين. جيڪڏهن ڪنهن زميندار وقت تي ڏل نہ ڏني تہ مختيارڪار فوجداري ڪيس ۾ ڦاسائي ان زميندار تي بنا ضامن وارنٽ ڪڍي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن زميندار ڪليڪٽرن کي چندو نہ ڏنو يا منهن سامهون جواب ڏنو تہ فرنٽيئر ريگيوليشن يا سيفٽي ائڪٽ لاڳو ڪونہ ڪو قلم لڳائي روينيو عملدار ڪنهن بہ ماڻهو کي آساني سان تڪليف ۾ وجهي سگهن ٿا ۽ اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن. اهو ئي سبب آهي جو هي عام تقاضا ڪئي ويندي آهي تہ جڊيشري (عدالت)کي ايگزيڪيوٽو (ڪاروباري روينيو) کاتي کان جدا ڪيو وڃي، يعني ڪليڪٽرن ۽ مختيارڪارن کان مئجسٽريٽي طاقتون کسيون وڃن.

مٿين حالتن ۽ حقيقتن جي مدنظر ڪيئن سنڌ ٽيننسي ائڪٽ جي تڪرارن ۽ ڏوهن جون تمام اختياريون روينيو مختيارڪارن ۽ ڪليڪٽرن جي حوالي ڪيون ويون آهن؟

ٽيننسي ائڪٽ سراپا ديواني معاملن سان ڀرپور آهي ۽ ان جا فيصلا به ديواني ڪورٽن ۾ ٿيڻ کپن ۽ نہ روينيو ڪورٽن ۾.

جهڙي طرح "ڊيڪن انگريڪلچر سسٽس رليف ائڪٽ" هيٺ تمام فيصلا سب ججن وٽ ٿين ٿا ۽ هارين لاءِ خاص سهوليتون ۽ رعايتون مقرر ڪيل آهي، اهڙيءَ طرح سنڌ ٽيننسي ائڪٽ جا تمام فيصلا سب ججن جي حوالي هئڻ کپن.

مختيارڪار ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر گشتي عملدار آهن. انهن جي ڪورٽن ۾ هڪ تہ ڏرين کي ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي ونڻو پوندو ۽ ٻيو تہ خرچ ۽ دير جو باعث ٿيندو.

مٿين سببن ڪري سنڌ ٽيننسي ائڪٽ جا فيصلا سب ججن جي ڪورٽن ۾ ٿيڻ کپن.

مٿين اصولن کي سامهون رکندي باب 4 جي قلمن تي بحث ڪرڻ تي فضول آهي. پر جيڪڏهن سرڪار کي هرويرو ٽريبونل مقرر ڪرڻا آهن تہ هيٺين ڳالهہ قابل غور آهي:

1. قلم 27 هيٺ حڪومت "هاري ٽريبونل" مقرر ڪندي جنهن ۾ به هاري، به زميندار ۽ مختيارڪار ميمبر هوندا ۽ مختيارڪار چيئرمين ٿيندو. هاري ۽ زميندار ميمبرن جي لسٽ ڪليڪٽر تيار ڪندو ۽ اها لسٽ بہ مختيارڪارن جي صلاح سان ٿيندي.

هاري ميمبر ڪهڙا ٿيندا ـ زميندار جا چاڙتا يا هارين جا سچا خيرخواه ـ ان لاءِ ڪا بہ ڪسوٽي ڪانہ نهرائي وئي آهي. هر هڪ ضلعي لاءِ ميمبرن جي چونڊ مختيارڪار ڪندو. اهڙي ٽريبونل مان هارين کي انصاف پلئہ پئي سا هڪ مشڪل ڳالهہ نظر اچي ٿي.

2. بهرحال ٽريبونل لاءِ هيٺيون ڳالهيون ضرور ٿيڻ کپن:

(الف) هاري ميمبر سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان نامزد ڪيا وڃن. سنڌ هاري ڪاميٽي سنڌ جي هارين جي واحد جماعت آهي، جا ويهن

سالن کان هارين جي بهبوديءَ لاءِ جدوجهد ڪندي آئي آهي. اها جماعت ئي اهڙا ميمبر نامزد ڪندي جي هارين جا خير خواهہ هجن.
(ب) اپيلن جو فيصلو ڪليڪٽر نہ ڪري پر ڊسٽرڪٽ جج ڪري.
(ج) جنهن ميمبر تي ڪنهن هاريءَ کي اعتراض هجي ان جي عيوض ٻيو ميمبر مقرر ڪيو وڃي.

## قلم 34 سزائون

قلم 34۔ هيٺ "جڏهين ڪوبہ زميندار يا هاري هن ائڪٽ يا ان هيٺ رولن جي ڪنهن بہ نموني انحرافي ڪندو تہ ڪو بہ سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ ان کي 500 روپيہ ڏنڊ جي سزا ڏيئي سگهي ٿو ۽ ڏنڊ نہ ڏيڻ جي حالت ۾ هڪ مهينو بنا پورهئي قيد جي سزا." هن قلم موجب انحرافي کي هڪ فوجداري ڏوهہ ٺهرايو ويو آهي.

قلم 29۔ فقره (1) ۾ هاري ٽربيونل کي اختيار آهي تہ سنڌ ٽيننسي ائڪٽ جي قانون هيٺ جيڪڏهن ڪنهن بہ زميندار يا هاريءَ جي وچ ۾ تڪرار هوندا تہ اُهي سڀ فيصلا هاري ٽربيونل جي ٻڌڻ جوڳا ٿيندا. قلم 29 فقره (5) موجب هاري ٽربيونل جا فيصلا سول ڪورٽ جي ڊڪريءَ جي حيثيت رکن ٿا. مطلب تہ سڀ ديواني معاملا آهن.

ساڳيون انحرافيون جي باب 4 هيٺ ديواني معاملا ۽ هاري ٽربيونل جي حد اندر آهن, سي قلم 24 هيٺ فوجداري ڏوهہ بہ ٺهرايا ويا آهن, جن جو فيصلو سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ ڪري سگهندو. هي ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جي ضد ۾ آهن.

موجوده قانون موجب ٻنهي جي ڏيتي ليتي ديواني معاملو آهي ۽ ان کي فوجداري ڏوهہ ٺهرائڻ غلط آهي.

مطالبن ۽ سببن جي بيان ۾ فقره 2 ۾ چيو ويو آهي تہ سزا فقط ڏنڊ جي ٺهرائي وئي آهي,حالانڪ قلم 34 ۾ قيد جي سزا بہ ٺهرائي وئي آهي.

مٿين سببن ڪري قلم 34 رد ڪيو وڃي.

# ضميمو (د)

## سنڌ ٽيننسي بل تي هارين ۽ زميندارن جا رايا

هارين جا مطالبا ۽ زميندارن جي مخالفت

# حيدرآباد ڪانفرنس

دربار هال: 5 اپريل 1949ع

ڪانفرنس ۾ اٽڪل ٻه سئو هاري ۽ هڪ سئو زميندارن شرڪت ڪئي. مسٽر ڪيهر ڪليڪٽر ۽ مسٽر رڊلي روينيو ڪمشنر به حاضر هئا. رفيق حيدر بخش ۽ عبدالقادر هارين جي اڳواڻي ڪئي.

مسٽر ميران محمد شاهه ڪانفرنس جو افتتاح ڪندي ظاهر ڪيو ته هينئر وقت آيو آهي، جو هارين ۽ زميندارن جي تعلقات کي درست ڪرڻ لاءِ هڪ قانون ٺاهيو وڃي، جنهن ۾ هارين ۽ زميندارن جون جوابداريون ۽ حق نرووار ٿيل هجن.

وزير موصوف چيو ته هينئر سرڪار عوام جي آهي، عوام جي ووٽن سان ٺهي آهي. عوام ۾ زميندار به آهن ۽ هاري به آهن. تنهن ڪري ٻنهي ڌرين سان انصاف ڪيو ويندو.

وزير موصوف زميندارن کي ياد ڏياريو ته جيڪڏهن اوهان هارين سان انصاف نه ڪندا ته اوهان جي زمينداري جلد ئي ختم ٿي ويندي. جا هوا اڄ ڪلهه هارين ۽ مزورن ۾ گهلي رهي آهي، ان جي اثر کان اوهان پاڻ کي بچائي نٿا سگهو.

هارين کي مسٽر ميران محمد شاهه هينئن لفظن ۾ ياد فرمايو: اڳ اوهان جي بچاءَ لاءِ ڪو به قانون ڪونه هو. هي سنڌ ٽيننسي ائڪٽ اسانجي تاريخ ۾ پهريون قانون آهي جو اوهان کي پنهنجي پيرن تي بيهاريندو. اوهان پنهنجن پيرن تي بيهو. تنهن کان پوءِ اوهان کي گهمڻ سيکاربو. جڏهن گهمڻ سکي ويا، تڏهن اوهان کي ڊوڙائڻ سيکاريندا سين ۽ آخر ۾ اوهان کي اڏامڻ سيکاريندا سين.

(وزير هارين کي ٻوڙائڻ ۾ اڏامڻ سيڪاريندا يا هارين وزيرن کي ٻوڙڻ ۾ اڏامڻ سيڪاريو آهي. هن ڳالهه تي ڪافي بحث ٿي سگهي ٿو.... ايڊيٽر)

وزير موصوف سنڌ ٽيننسي ائڪٽ جا مکيه فقرا پڙهي ٻڌايا ۽ پوءِ حاضرين کي چيو ته هو پنهنجا رايا پيش ڪن.

[نوٽ: هن هيٺ زميندارن جا فرمايو ۽ هارين جا چيو انهن جا مختصر نوٽ رفيق حيدر بخش جا ورتل عرض آهن.]

## 1- خانصاحب حاجي محمد چٽل (زميندار ٽنڊوالهيار)

قلم 4 ۾ آهي ته جنهن هاري ٿي سال لاڳيتو آبادي ڪئي آهي، ان کي موروثي حق ڏجي جو سال ٿورو مدو آهي 5 سال مدو ڪجي.

قلم 47 ۾ ٽربيونل جو نالو "هاري ٽربيونل" رکيو ويو آهي. نالو "زميندار-هاري ٽربيونل" رکيو وڃي.

قلم 24 (ج) هيٺ آهي ته هاري ٻج جنس ۾ موٽائي ڏئي. هاريءَ کي ٻج بزاري بها تي ونڻ کپي ۽ ٻٽئي وقت به بزاري بها تي حساب ڏيڻ کپي.

جيڪڏهن ابواب سڀ بند ٿا ڪجن ۾ هاري صاف اڌواڌ ٻٽئي ونئي ٿو قلم 18- هيٺ ته ڍل به اڌ هاري پري ۽ اڌ زميندار پري.

قلم 26- هيٺ اهو ته هاريءَ جو قوت ڪڍي باقي حصو زميندار قرض ۾ وصول ڪري. هي برابر نه آهي. زميندار کي حق ڏجي ته قرض سمورو وصول ڪري پوءِ هاريءَ جي قوت لاءِ ڪجهه بچي توڙي نه بچي.

زميندار کي حق هئڻ کپي ته هاري جو حصو به پاڻ وڪڻي ڇڏي.

## 2-خانصاحب حاجي محمد سومار (زميندار ٽنڊوالهيار)

سوال اوهان ٻٽائي جي فائدي ۾ آهيو يا روڪ ايرئي جي فائدي ۾؟

جواب: ٻٽائي اسلامي اصول موجب ٺيڪ کپي. روڪ پئسن لاءِ اعتراض ڪونهي، بشرطيڪ شريعت اجازت ڏئي.

جيڪڏهن هاري چڱو آهي ته زميندار کيس قوت لاءِ ان ڏيندو نه ته نه ڏيندو. (قلم 26)

بهتر آهي ته ڪو به ٽيننسي قانون نه ناهجي: سمورو معاملو زميندار ۽ هاري جي مرضي تي ڇڏجي.

[خانصاحب شريعت ڏانهن اشارن بعد آخر اهو ٻڌايو تہ هارين جي بچاءَ لاءِ ڪنهن بہ قانون جي ضرورت ناهي ۽ زمينداري حڪومت قائم رهي-ايڊيٽر]

## 3- محمدسومار محمد بچل ڪلهوڙو (هاري)

قلم 20 هيٺ زميندار تيهن ڏينهن تائين بٽائي ڪي نتائي سگهي ٿو. هي مدو ٽي ڏينهن ٿيڻ کپي.

پاڻ جي قيمت زميندار ڏئي ۽ ڪٽي هاري.

وٽن جي پيدائش مان چوٿون حصو زميندار کي ملي ۽ ٽي حصا هاري کي (قلم 2)

## 4- محمد يوسف محمد عمر (هاري)

قلم 18 بٽئي شريعت موجب ٿئي.

قلم 13 هاري چوري ڪري تہ شريعت موجب فيصلو ٿئي.

قلم 30 بٽائي 5_6 ڏينهن اندر زميندار کي ڪرڻ کپي.

## 5- سائينداد حسين بخش پيٽي (زميندار)

جيڪڏهن مقاطعيدار نوان هاري آندا هجن تہ مقاطعي جي ختم ٿيڻ کانپوءِ زميندار کي حق ملي تہ هو نوان هاري ڪڍي بنيادي اصلوڪن هارين کي موروثي حق ڏئي.

## 6- پير بقادار شاه (زميندار متياري)

ابواب بند ٿيڻ کپن ۽ بٽائي اڌواڌ ٿيڻ کپي. چرخيءَ جي حالت ۾ زميندار کي هڪ حصو ۽ هارين کي 3 حصا ملن. اناج جي حالت ۾ بٽائي وقت هاري جو حصو هاري کٽي وڃي ڦتين جي حالت ۾ جيڪڏهن هاري جو قرض آهي تہ پيدائش زميندار جي حوالي ۾ رهي.

جاگيرن ۾ واٽرڪورسن جي ڪاٽي جاگيردار ڪرائي. پاڻ جو خرچ ۽ ڳڌ جو خرچ هاري ۽ زميندار اڌواڌ ڀرين. جاگيرن ۾ واٽر ڪورسن جي ڪاٽي

هاري جي جوابداري آهي. وڏا ڪم بند ناهڻ زميندار جوابداري آهي، جو جاگيرن ۾ روڪ ايرئي جو رواج آهي، اهو اتي جاري رهي ۽ بند نہ ٿئي.

## 7-حاجي الهڏنو لاشاري (هاري)

وٽن جي پيدائش سموري هاري جي ٿئي. بٽائي جو دستور ابتدا ڪري روڪ ايرئو مقرر ڪيو وڃي. جيڪڏهن بٽئي جاري ٿئي تہ اڏواڏ ٿئي جاگيردار کي هاري جي قرض ڏيڻ لاءِ جوابدار نہ ٺهرائجي پيدائش اڏواڏ هاري کڻي وڃي.

## 8- علي محمد حافظ عمر (هاري)

بٽئي بند ڪري روڪ ايرئو مقرر ڪيو وڃي، لئنڊ روينيو وانگر هاري سرڪاري ڍل بہ ڏئي ۽ روڪ ايرئو بہ ڏئي زميندار جو واسطو نہ رهي. هڪ فصل لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 12 ايڪڙ ڏجن. هارين جا نالا شيئرلسٽ ۾ داخل ڪيا وڃن.

هاري بئنڪ_هر هڪ تعلقي لاءِ هجي جا هارين کي قرض ڏئي. بٽئي وقت هاري کي ايترو ان ملي جو ٻئي فصل تائين هنجي گذران لاءِ ڪافي ٿئي.

قلم 13 صفا رد ڪيو وڃي ۽ هارين کان موروثي حق ڪنهن بہ حالت ۾ نہ کسجي.

چڙوچڙ وٽن جي پيدائش تي زميندار جو حق نہ رهي!

## 9. عبدالرحيم الهبچايو ڏيتو (هاري)

قلم 4 ۾ 5 سالن جو شرط ڪڍيو وڃي. انهن سيني هارين کي حق ڏنو وڃي جي آبادي ڪندڙ آهن. موروثي حق زميندار جي سيني ديهن جي زمين تي هاري کي حق ملڻ کپي.

قلم 14 (فقره 6) هيٺ هڪ سال جي عيوض ۾ 5 سال ڪرڻ کپي. هاري ڪوآپريٽو بئنڪون کولجن جي هارين کي سهوليت سان قرض ڏين. بٽئي وقت هاري کي آئينده فصل تائين قوت لاءِ اناج ضروري ڏجي. پيلاڙو هاري

جو آهي. زميندار لاءِ ضروري ٺهرائجي تہ هو ڪمدار هارين جي مشوري سان مقرر ڪري، بٽئي سرشتو بند ڪري روڪ ايرئو مقرر ڪجي.

## 10– ڪرنل سردار محمد علي شاه (زميندار متياري)

پاڻ ۾ گڏ جو خرچ هاري ۽ زميندار کي اڌواڌ ڏيڻ کپي. مون کي ونگار جي رسم ۾ اعتراض ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. خصوصاً انهن هارين جي حالت ۾ جن وٽ وقت اندر هر ڪاهڻ جي وسيعت ڪانهي انهن کي مدد لاءِ زميندار کي ڪاڏي جو بندوبست ڪرڻ کپي. ساڳيءَ طرح گڏ ۾ ڪاٽيءَ جا ڪم بہ زميندار ونگار رستي ڪرائي.

جيڪڏهن بيقاعدگي سان زيان پاٽي ٿئي تہ زيان پاٽي جو ڏنڊ هاري پري ۽ نہ زميندار. هينئر زميندار ڏنڊ پري ٿو.

ڍل بہ هاري زميندار بٽئي وانگر اڌواڌ پرين.

چڙوچڙ وٽن جي حالت ۾ هاري کي فقط پلڙن ۾ تاريءَ تي حق رهي.

هُڙين جي پيدائش جي حالت ۾ هارين کي ڪجهہ بہ نہ ملڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ هاري بہ محنت ڪانہ ٿو ڪري پر جيڪڏهن هوُ محنت ڪري ٿو تہ حصہ رسد پيدائش جو حصو هاري کي ڏجي.

جن حالتن ۾ زميندار ۽ هاري پاڻ ۾ ڪا بہ قبوليت ڪن تہ انهن حالتن ۾ هن ائڪٽ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيڻ کپي.

[ان جي معنيٰ تہ هن ائڪٽ جو ڪو بہ وزن ڪونہ ٿيندو ۽ زميندار شاهي بدستوري جاري رهندي-ايڊيٽر]

جن حالتن ۾ هاري سموري پيدائش ڪٽي وڃي ٿو انهن حالتن ۾ زميندار ڪو بہ قرض هاري کي نہ ڏئي. زميندار قرض ڏيڻ لاءِ تڏهن ٻڌل رکجي جڏهن هاري بٽئي وقت اڳيون قرض موٽائي ڏئي.

گاهہ ٻهہ، پلال وغيره بہ بٽئي وانگر زميندار ۽ هاري اڌواڌ ڪري کڻن.

## 11– آچر محمد گدو (هاري)

هارين ۽ زميندارن جا حق ۽ جوابداريون هلندڙ رسمن موجب ٿيڻ کپن.

## 12- الله بخش شاه اسد الله شاه
## (زميندار ٽنڊو محمد خان)

واهي، ڏروائي، لوهار ڊکڻ جا ابواب وچ مان ڪڍڻ کپن ياڻ جو خرچ ٻـ وچ تي ٿيڻ کپي.

ٻج جو حساب بزاري بها موجب هاريءَ سان لاهڻ کپي تـ جنس ۾ جيڪڏهن زميندار هاريءَ کان مزوري ڪرائي تـ ان جو خرچ اڌواڌ ٿئي.
ڪنڊن ۽ ٻوڏن جي حالت ۾ هاري مزوري ڪن ۽ سرڪار مزوري پري ڏئي.

ڇڙوڇڙ وٽن جي حالت ۾ هاري پيدائش جو ٽيون حصو ڪٽي ۽ هن جو وٽن ۾ حق نـ رهي.

غير براج زمين لاءِ روڪ ايرئو ناممڪن آهي، چاڪاڻ تـ انهيءَ حالت ۾ خاص عملو رکڻو پوندو.

## 13 بچل امير رند (هاري)

هي بل ضرور پاس ٿيڻ کپي نـ تـ زميندار هارين کي حق ڪونـ ڏيندا.
وٽن جي پيدائش مان زميندار چوٿون حصو ڪٽي ۽ هاري تي حصا.

## 14- حاجي الهه رکيو، حاجي عبدالله (زميندار)

شريعت موجب بل پاس ڪيو وڃي. هاري جو ڪم آهي، هر وقت ڪاتيءَ جو ڪم ڪرڻ. گڏ جو ڪم بـ هاري جو فرض آهي.

ڇڙوڇڙ وٽن جي حالت ۾ هاريءَ کي چوٿون حصو پيداوار جو ملي.
هڙين مان هاري کي ڪجهـ ملڻ نـ کپي.

هاريءَ کي ڏنل ٻنئي وقت سمورو آن اُن کان وصول ڪجي ۽ قوت لاءِ هاريءَ کي ملڻ نـ کپي.

جيڪڏهن ڀل زميندار ٿو پري تـ ياڻ ۽ ڪٽائي جو خرچ هاري پري،
ڪرن تي ڦٽين جي سنڀال هاري جو فرض آهي. زميندار جي چوري جيڪڏهن هاري ڪري تـ ان کي زمين تان بيدخل ڪجي.

## 15 مراد علي بخش ڪلوئي (هاري)

ٻئي ٽن ڏينهن اندر ٽيڙ ڪپي ۽ نه ٽيهن ڏينهن ۾. جيڪڏهن زميندار ٽن ڏينهن اندر ٻئي نه ڪري ته هاري ٻن مشيرن جي روبرو ٻئي ڪري پنهنجو اڌ ڪٽي وڃي.

وٽن جي پيدائش مان زميندار کي فقط چوٿون حصو ملي ۽ هاري کي ٽي حصا.

## 16 وڪيو خان ترڪ

مون کي اٺ ايڪڙ زمين آهي ۽ مان زميندار ۽ هاري ٻنهي جو عيوضي آهيان.

ٻئي بند ڪري روڪ پئسا ڪجن ۽ ڍل به هاري تي. انهيءَ حالت ۾ ڪاٽي جو ڪم هاري تي آهي.

قرض جي وصولي انصافي نموني ڪجي ٻج جي قيمت بزاري بها تي ڪجي.

## 17 محمد حسين احمد سومرو (هاري)

ابواب سڀ ختم ڪيا وڃن.

ٽن سالن جو شرط ڪڍي ڇڏجي. جن به هارين 48-1947ع ۾ هارپ ڪئي آهي، انهن کي موروثي حق ڏجي. شيئرز لسٽ ۾ هاري جو نالو داخل ڪجي. انهن حالتن ۾ زميندار کي ڍل جي معافي ملي، انهن حالتن ۾ پيدائش مان ٻه حصا هاريءَ کي ۽ هڪ حصو زميندار کي.

وٽن جي حالت ۾ هاريءَ کي 3 حصا ۽ زميندار کي هڪ حصو ملي.

ڪڙين جي ڪاٽي زميندار ڪرائي فقط گپ ڇيڙ ئي هاري ڪري.

قلم 13 رد ڪجي ڪنهن به حالت ۾ هاري کان موروثي حق کسيو نه وڃي.

ٽربيونل لاءِ اهي هاري چونڊين جي تعلقي جا هاري ڪانفرنس ۾ چونڊين. اهڙيءَ طرح زميندار به پنهنجا عيوضي چونڊين.

فيصلن تي اپيلون ڊپٽي ڪليڪٽرن ۽ ڪليڪٽرن وٽ نہ وڃن پر ڊسٽرڪٽ ججن وٽ وڃن.

ننڍن ڪاتيدارن جي حالت ۾ بٽئي ٽن ڏينهن اندر تيڻ ڪپي.

هاري زمين جو مالڪ تسليم ڪيو وڃي.

زميندار کي عيوضو ننڍين قسطن ۾ ڏنو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح زمينداري ختم ڪئي وڃي.

## 18- عبدالله شاه، شاه بچايو (هاري بدين)

مان بل جي پٺڀرائي ڪريان ٿو.

# سکر ڪانفرنس

لوڪل بورڊ هال 13 ـ اپريل 1949ع

ڪانفرنس ۾ اٽڪل 60 زميندار ۽ هڪ سئو هاري شريڪ ٿيا.

مسٽر ميران محمد شاهه پنهنجي تقرير ۾ ساڳيون ڳالهيون ڪيون، جيڪي هن حيدرآباد ڪانفرنس ۾ ڪيون هيون.

وڏيڪ وزير صاحب چيو تہ جڏهن اوهان هارين کي ووٽ جو حق ڏنوهو، تڏهن اوهان کين حڪومت جون واڳون ڏنيون هيون. هينئر هارين کي حقن کان روڪي نٿا سگهو. هينئر هاري سمجهن ٿا تہ ووٽ هڪ لٺ آهي، پر جيڪڏهن هنن سمجهيو تہ ووٽ هڪ بندوق آهي. تڏهن هو اوهان جي زمينداري کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيندا. بهتر آهي تہ خود بخود زميندار تيننسي حق ڏين. انهيءَ ۾ نہ فقط هارين جو فائدو آهي، پر زميندارن جو بہ.

آغا غلام نبي خان پٺاڻ چيو تہ مسلم ليگ نمائندا گهرايا نہ ويا آهن جا افسوس جهڙي ڳالهہ آهي. مسلم ليگ زميندارن ۽ هارين ٻنهي جي نمائنده جماعت آهي. آغا صاحب وڌيڪ چيوتہ شاهديون مخفي ورتيون وڃن، ڇاڪاڻ تہ ڪلي طرح هاري آزادي سان ڳالهائي نہ سگهندا.

رفيق حيدر بخش چيو شاهديون کليل ڪانفرنس ۾ ورتيون وڃن. هاري آزاديءَ سان شاهديون ڏيندا رهيا آهن ۽ ڏيندا ان ۾ ڪو بہ اعتراض ڪونهي.

وزير موصوف کليل شاهدين جي حق ۾ فيصلو ڏنو.

### خانبهادر مولا بخش (ميمبر سليڪٽ ڪاميٽي)

هن چيو تہ گهٽ ۾ گهٽ انن ضلعن کي اٺ ڏينهن ڏنا وڃن، ۽ اهي نمائندن جون شاهديون ورتيون وڃن.

### 1–سڪندر علي شاه غلام قادر شاه (زميندار سڪر)

مون کي اٽڪل 4000 ايڪڙ زمين آهي. ڪٽنب لاءِ ايراضي ائڪٽ ۾ درج ٿيڻ کپي ۽ نہ رولن ۾. منهنجي خيال ۾ تہ 5 ايڪڙ ٿيڻ کپي. بٽئي هيٺين اصول تي ٿيڻ کپي. جا پيدائش سيٽلمينٽ آفيسر بنسبت ڪئي آهي، ان بعد زميندار حصو ملي هاريءَ جو ڪم آهي، پيدائش جي سنڀال ڪرڻ يا واهر رکڻ پنهنجي خرچ تي. گاهہ ۽ ٻهہ ائين ورهائڻ کپي جئن اناج يا ٻي پيدائش (اڏواڏ). ٻج بزاري ٻها تي ڏجي ونجي. وڏ ۾ وڏ قرض جو زميندار هاريءَ کي ڏئي، ان جي حد سال لاءِ هڪ روپيہ رکجي. چاڪاڻ تہ وڏيڪ قرض هاري موٽائي ڏيئي نہ سگهندو. قرض جي وصولي بٽائي وقت زميندار ڪري ۽ قرت لاءِ اناج جو شرط اجايو آهي. انهي حالت ۾ هاري سست ٿيندو. قلم 13 ـ جيڪڏهن هاري سان لاڳو ڪجي تہ زميندار سان بہ لاڳو ڪجي.

مسٽر مولابخش جي سوال تي چيائين تہ قلم 13 جو فقرو (ج) فقط رد ڪجي. ٻيا فقره قائم ڪجن. بٽئي عيوض روڪ ڍل ڪبي تہ مون کي اعتراض ڪونهي. مگر ٻين زميندارن کي اعتراض آهي.

### 2– محمد اسماعيل ڪريمڏنو (هاري)

بيگر ختم ٿيڻ کپي. پلال مان زميندار پاڻ آبادي ڪري تہ هارين کان ڪم نہ ڪرائي.

مير جعفر خان جماليءَ جي سوال جي جواب ۾ چيائين تہ لابارو هاريءَ جي جوابداري آهي. جيڪڏهن لابارو مزور ڪري تہ ان جو خرچ هاريءَ جي حصہ مان ڪجي.

مسٽر مولابخش جي سوال جي جواب ۾ چيائين تہ زميندار چڱن هارين کي بيدخل نہ ڪندو آهي، مسٽر غلام نبي آغا جي جواب ۾ چيائين. بٽئي جي بجاءِ روڪ ايرئو بهتر آهي. جيڪڏهن زميندار کي ڍل کان معافي ملي تہ اوتري قدر هاريءَ کي بہ فائدو ملڻ کپي.

### 3– خان صاحب امير بخش موٽل خان (زميندار سڪر)

جيڪڏهن زميندار ڪو ڪارخانو کولي تہ هاريءَ جو موروثي حق هو بيشڪ ڪسي سگهي ٿو. لاباري جو خرچ هاري پري. جيڪڏهن هاري

پنهنجي زمين خريد ڪري ٿو تہ زميندار ان کان موروثي حق کسي سگهي ٿو. ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

### 4- تاج محمد خدا بخش ڪوسو (هاري امام بخش قلپوٽو جو)

مان بٽائي جي برخلاف آهيان، روڪ ڏيل ٺئي. مان ٽن سالن جي شرط جي برخلاف آهيان. موروثي حق سيني هارين کي ڏنو وڃي جي هينئر هارپ ڪن ٿا. قلم 13 جا سزائن جا قلم سڀ منسوخ ڪجن. بٽائي ان جي تيار ٿيڻ تي ٽن ڏينهن اندر ٿيڻ کپي. انجنيري کاتي جي شئر لسٽ ۾ هاريءَ جو نالو داخل ڪجي.

### 5- نبي بخش آچر جيهو (هاري-ڳڙهي ياسين)

جيڪڏهن هاريءَ کي ڪنهن ڏوهہ ۾ سزا ملي تہ اها ڪافي آهي. ان تي هن کان موروثي حق کسڻ نہ کپي. بٽائي ٽن ڏينهن اندر ٿيڻ کپي. مان بٽائي جي برخلاف ۽ روڪ ڏيل جي فائدي ۾ آهيان. وڏن ڪڙين جي کاتي زميندار جي جوابداري آهي. اسان جي تر ۾ لاباري جو خرچ وڃان نڪرندو آهي. قرض جي وصولي قسطن ۾ ٿيڻ کپي. هاريءَ کي ايترو اناج ملڻ کپي، جئن هو ٻئي فصل تائين گذارو ڪري سگهي. ٻج جنس موٽائي وٺڻ کپي. موروثي حق ملڻ کپن.

### 6- مير واحد بخش خان مير قادر بخش خان (زميندار روهڙي تعلقو)

مان بل جي قلمن سان شامل راءِ آهيان. مون کي فقط ٻہ ڳالهيون چوڻيون آهن. هڪ تہ لاباري جو سمورو خرچ هاري پري، ٻيو تہ جيڪڏهن هاري روڪ پئسن ۾ قرض کڻي تہ روڪ پئسا موٽائي ڏي. پرجيڪڏهن هو جنس ۾ قرض کڻي تہ 25 سيڪڙو وڌيڪ جنس ڏئي.

### 7- محمد عالم تاج محمد مگريو (هاري)

مان هاري ڪاميٽي جو عيوضي آهيان. بٽائي سرشتو ختم ڪري روڪ ڏيل رائج ڪيو وڃي. جيڪڏهن هاري زميندار جي چوري ڪري ۽

ڏوھہ مٿس ثابت ٿئي تہ فقط انھيءَ حالت ۾ ھن کان موروثي حق کسيو وڃي. ٽريبونل ۾ ٻن هارين مان هڪ هاري نمائندو سنڌ هاري ڪاميٽي جو چونڊيل هئڻ کپي.

## 8-مراد علي مردان خان سردار حاجي خان (زميندار)

جيڪڏھن هاري ٻج وٺي تہ بزاري اڳهہ تي وٺي ۽ ڏئي. ٿوهي جو خرچ هاري ڀري، واور ۽ لاٻارو هاري جي جوابداري آھن. هاريءَ جي طلب تي زميندار هڪدم بٽائي ڪري، مان بٽائي جي فائدي ۾ آهيان ۽ روڪ ايرائي جي برخلاف آهيان.

## 9-سردار علي نواز خان محمد خان گهوٽو (زميندار)

مون کي اٽڪل ويهہ هزار جريب زمين آهي. مان بٽائيءَ جي فائدي ۾ آهيان ۽ روڪ ايرائي جي برخلاف آهيان. وڏن ڪڙين جي ڪاٽي زميندار ڪرائي ۽ ننڍين جي هاري. زميندار فقط ٻج لاءِ تقاوي ڏئي ۽ روڪ پئسن ۾ موٽائي وٺي. گاهہ اڌواڌ ٿيڻ کپي. چرخيءَ جي حالت ۾ اسان ٽيون يا چوٿون حصو گاهہ جو وٺندا آهيون. ٻهہ جي حالت ۾ اڌ وٺندا آهيون. بٽائي وقت هاريءَ کي ٻج نہ ڏجي، ڇاڪاڻ تہ هو اھو ٻج ٻئي ڪم لائي ڇڏيندو.

## 10- سردار بهادر قيصر خان بوزدار ايم. ايل. اي (زميندار ميرپور ماٿيلو)

اسانجي حد ۾ موڪيءَ جي بہ بٽئي اڌواڌ آهي ۽ چرخي جي حالت ۾ 3 حصا هاريءَ جا ۽ ٻہ حصا زميندار جا گاهہ بہ ان موجب ورهاست ٿيندو آهي. قرض جي وصولي وقت ايترو اناج هاريءَ کي ضرور ڏجي جو هن لاءِ ٻئي فصل تائين قوت لاءِ ڪافي ٿئي. جيستائين هاري قرض ادا ڪري تيستائين پيدائش زميندار ۽ هاري جي گڏيل قبضي ۾ رهي.

## 11-شهاب الدين نائچ (هاري)

مان محبت علي خان نائچ جو هاري آهيان. هارين کي موروثي حق ملڻ کپي. بٽائي قائم رهڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ روڪ پئسا هاري نہ ڏئي سگهندا. هاريءَ جو موروثي حق ٻهرين سزا تي کسڻ نہ کپي، پر ٻي سزا تي کسڻ کپي.

ٻج هاري کي ڏيڻ کپي بنا وياج جي. جيڪڏهن زميندار پنهنجي گودام مان ٻج ڏئي ته جنس ۾ موٽائي وٺي، پر جيڪڏهن زميندار بزار مان خريد ڪري ته پوءِ بزاري اگهه تي موٽائي ڏجي. قرض جي وصولي وقت هاريءَ کي ٻئي فصل تائين قوت جيترو اناج ضرور ڏجي. مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

## 12– واحد بخش قادر بخش چاچڙ (زميندار اڀاوڙو)

مون کي 30 ايڪڙ زمين آهي. ٻج بزاري اگهه تي هاري وٺي ۽ واپس ڏئي. لاٻارو واور ۽ ٻوهي جو خرچ هاري جي حصي مان ڏجي. گاهه به اناج وانگر اڌواڌ ورهاست ٿئي.

## 13 عبدالوهاب مولوي محمد اسماعيل پٽو (هاري–اڀاوڙو)

مان شفيع محمد پٽي جو هاري آهيان. موروثي حق ضرور هارين کي ملي. مان بٽائي سرشتي جي فائدي ۾ آهيان. بل ۾ قرض بابت جيڪي قلم آهن، مان انهي جي فائدي ۾ آهيان. اسان جي حد ۾ گاهه هاريءَ کي چار حصا ۽ زميندار کي هڪ حصو ملندو آهي. جيڪڏهن هاري سزا کائي ته ان کان موروثي حق کسيو نه وڃي پر جيڪڏهن هو زميندار جي چوري ڪري يا زمين خراب ڪري يا آبادي برابر نه ڪري ته انهيءَ حالت ۾ ان کان موروثي حق کسيو وڃي.

## 14–محمد صديق خان ولد در محمد خان پٺاڻ (زميندار– شڪارپور)

هارين کي حق ملڻ کپن. گاهه اڌواڌ وراهيو وڃي. ڪٽنب لاءِ ايراضي 4 ايڪڙ ٿيڻ کپي. هاري ضرور ٿي هر زمين کي ڏئي ٻج جي قيمت بزاري ڀها موجب ٿيڻ کپي. قلم 13 قائم رهي. مان بٽائي جي فائدي ۾ آهيان ۽ روڪ ايرائي جي برخلاف آهيان. جيڪڏهن هاري محنتي آهي ته هو ڪافي ڪمائي سگهي ٿو.

آغا غلام نبي جي سوال جي جواب ۾ چيائين ته اسان جي زمين تي هاري چار گاڏيون ڪڙٻ ۽ 13 روپيه روڪ ڏيندا آهن. سروي نمبر تي هاري گاهه ۽ ڪانيون زميندار کي گهرپهچائي ڏيندا آهن. بنا اجوري جي.

## 15– خان بهادر نظام الدين (زميندار شڪارپور)

مون کي 3000 ايڪڙ زمين آهي. زالن کي موروثي حق نہ ملڻ کپي توڙي ڪٽي هو شادي نہ ڪن. هر لاوارو وائر ۽ سنپال هاري ۽ زميندار جون جوابداريون آهن. موڪيءَ جي حالت ۾ گاهہ اڌواڌ ٿيڻ کپي ۽ چرخيءَ جي حالت ۾ ٽيون حصو زميندار کي. جتي آبادي چٽ تي آهي اتي هاري کي پيداڻش جو ٽيون حصو ملڻ کپي. هاريءَ کي سزا ملي تہ موروثي حق کسڻ کپي. جڏهن زميندار دائمي سڌاري جو ڪم ڪري تڏهن هاريءَ کي بہ ان ۾ عيوضو ڏيڻ کپي.

جيڪب آباد ضلع جي زميندارن چيو تہ سندن جماعت آهي ۽ پريزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري جي رايا ڏينداسين. سيني زميندارن جا رايا سمجهڻ کپن.

## 16– سردار نور محمد، سردار صحبت خان گولو
## (زميندار– پريزيڊنٽ زميندار ائسوسيئيشن جيڪب آباد)

مون کي اٽڪل ڏهہ هزار ايڪڙ زمين آهي. ڪٽنب جي ايراضي 8 يا ڏهہ ايڪڙ ٿيڻ کپي. مان هارين جي برخلاف نہ آهيان. حقيقت ۾ سنا هاريہ جي جزوي آهن. سي زميندار کي پيارا آهن. پر اهڙو ڪم نہ ڪرڻ کپي جنهن مان زميندارن ۽ هارين ۾ نفاق پيدا ٿئي. مان روڪ ڊل جي برخلاف آهيان. ٻج جيڪڏهن زميندار جو پنهنجو آهي تہ هاري جنس ۾ موٽائي ڏئي. پر ٻي صورت ۾ بزاري بها تي ٻج ڏجي ونجي. زميندار هاريءَ لاءِ گهڻيون خذمتون ڪري ٿو. هو هارين جا فيصلا ڪري ٿو ۽ چڱي پورهئي جي حالت ۾ انعام ڏيئي ٿو.

## 17– خان صاحب عبد الحڪيم خان عبد المجيد خان
## (سيڪريٽري زميندار ائسوسيئشن جيڪب آباد)

مان موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ نہ آهيان. چاڪاڻ تہ موروثي حق خود هارين جي فائدي ۾ ناهي. جيڪڏهن سم ڪري زمين خراب ٿي پئي، هاريءَ کي انهيءَ زمين سان بدّل رکڻ نہ کپي. موروثي حق جي حالت ۾ هن کي بدّل رکبو تہ هن لاءِ نقصانڪارآهي. گهٽ ۾ گهٽ ڪٽنب لاءِ 4 ايڪڙ ايراضي رکڻ کپي.

(قلم 6) مان هن قلم جي برخلاف آهيان. فقط ٽن سالن واري هاريءَ کي حق ملي. عورتن کي حق اصل نہ ملڻ کپي.

قلم 12 (ح) ٽن مهينن جي غير حاضري نهرائڻ کپي ۽ نہ 12 مهينن جي.

قلم 13۔ جيڪو هاري چورن ۽ ڌاڙيلن کي پناهہ ڏئي ته ان کان موروثي حق کسڻ کپي.

فقره (ط) ۾ ويساهہ گهاتي جي حالت ۾ بہ موروثي حق کسڻ کپي، جيڪڏهن هاريءَ جي ڪٽنب جو ڪو بہ ڀاتي ڏوهہ ڪري تہ بہ حق کسڻ کپي.

قلم 14۔ (6) عيوضو هاري کي نہ ڏيڻ کپي.

توهي ڪمدار ۽ منشي کي پگهار وچ مان ڏيڻ کپي. گاهہ اناج وانگر ورهاست ٿيڻ کپي (اڌواڌ).

پيدائش تي قبضو هاري ۽ زميندار جو گڏيل نہ سمجهڻ کپي پر فقط زميندار جو قبضو سمجهڻ کپي (قلم 20)

ان تيار ٿيڻ کانپوءِ ڏهن ڏينهن اندر بٽئي ٿيڻ کپي، جيڪڏهن هاري پڇي وڃي تہ زميندار سندس غير حاضري ۾ مشيرن جي روبرو بٽائي ڪري.

قلم 26 فقره 5 منسوخ ڪجي. تڪرار 15 ڏينهن اندر فيصل ٿيڻ کپن ۽ اپيلن جو فيصلو بہ 15 ڏينهن اندر ٿيڻ کپي.

قلم 34 منسوخ ڪجي.

جيڪڏهن سزائون قائم رکجن تہ عورت زميندارن سان لاڳو نہ ڪجي.

قلم 13 (و) ۾ شرط وجهڻ کپي تہ جيڪڏهن هاري برابر آبادي نہ ڪري ۽ زميندار مزوريءَ تي ڪم پورو ڪرائي تہ هاريءَ کان اهي پئسا پرائجن.

## 18- عبدالله الهڏنو (هاري)

مان خانبهادر مولابخش جو هاري آهيان. مون کي هي ڳالهہ پسند ناهي تہ هارين کي موروثي حق ملي پر بٽائي جي دستور متعلق قانون ٺهڻ کپي. سارين ۽ ڪڻڪ جي حالت ۾ نون حصن مان زميندار کي 4 حصا ملي ۽ هارين کي 5 حصا. ٻين حالتن ۾ اڌواڌ. گاهہ هاريءَ کي ٽي حصا ۽ زميندار کي هڪ حصو. توهي ۽ منشي جو خرچ زميندار ڀري. اسان کي موروثي حق نہ کپن. پر اسان کي ٻي طرح بچائڻ کپي.

[هارين طرفان آواز اٿيا تہ هي هاري زميندار جو چاڙتو آهي.]

## 19- سلطان بادل (هاري)

مان زميندار ي جي ختم ٿيڻ جي فائدي ۾ نہ آهيان. پر هارين جا حق ٻيءَ طرح بچاياوڃن. بٽئي ۾ ڪي زميندار سختي ڪندا آهن ۽ ڪي انصاف ڪندا آهن، تنهن ڪري اهڙو قانون هجي جو هر حالت ۾ ساڳيو نمونو ٿئي.

## 20 عبداد شير محمد بروهي (هاري)

مان سيٺ گوبند رام جو هاري آهيان، جو هندستان هليو ويو آهي. مان هارين کي موروثي حق ڏيڻ جي برخلاف آهيان. هارين کي زمين سندن ٻاتين جي تعداد آهر ملڻ کپي.

## 21-حميد لاڪڙ (سردار خان کوسي جي چاچي جو هاري )

مان مورثي حق جي فائدي ۾ آهيان. ڪٽنب لاءِ 5 ايڪڙ ڏيڻ کپي. بٽائي اڌواڌ ٿيڻ کپي.

## 22- غلام مصطفي فضل محمد (هاري)

اسان کي موروثي حق کپن. بٽئي جو دستور نيڪ آهي. هارين کي حق انصاف موجب ڏيڻ کپن.

## 23- محمد شاه نظام الدين شاه<br>(پريزيڊنٽ هاري ڪاميٽي جيڪب آباد)

مان بل جي فائدي ۾ آهيان بل کي سنڌ هاري ڪاميٽي جي ميمورنڊم موجب سڌاريو وڃي، ميمورنڊم پيش ڪريان ٿو.

## 24-در محمد خان محمد يار خان اوستو (زميندار)

سيڪريٽري مسلم ليگ جيڪب آباد

موروثي حق هارين کي ڏيڻ کپن. بٽائي روڪڙن پئسن ۾ ٿئي لاباروءِ وائر هاري ڪري. وڏن ڪڙين جي ڪاٽي زميندار تي ۽ ننڍن جي هاري تي.

# لاڑڪاڻي ڪانفرنس

دربار هال: 17_اپريل 1949ع

هن ڪانفرنس ۾ مسٽر ميران محمد شاهہ سان گڏ مسٽر فضل الله قاضي بہ هو.

لاڑڪاڻي ۽ دادو ضلعي جا هاري ۽ زميندار آيل هئا ۽ سڄو هال هارين ۽ زميندارن سان ڀرجي ويو هو.

مسٽر ميران محمد شاهہ بدستور سنڌ ٽيننسي بل جا مکيہ قلم ۽ فقرا پڙهي ٻڌايا. تنهن کان پوءِ مسلم ليگ جي دعوت ڪيل صاحبن کي سڏيائين. مولوي محمد اسماعيل کي سڏيو ويو مگر هو صاحب حاضر ڪونہ هو. مسٽر عبدالفتاح ميمڻ کي پوءِ سڏيو ويو پر اهو بہ حاضر نہ هو.

[هي صاحب ڇو حاضر نہ ٿيا، انجو سبب هاري دوست سمجهي سگهن ٿا_ايڊيٽر]

تنهن کان پوءِ مسٽر نبي بخش، الهيٰ بخش ڀٽي کي سڏيو ويو. مسٽر نبي بخش چيو تہ منهنجو بيان ساڳيو آهي، جهڙو خان بهادر محمد ايوب کهڙي جو.

[مسٽر کهڙي سليڪٽ ڪميٽي آڏو سنڌ ٽيننسي بل تي 3 ڏينهن سانده رايو پئي ڏنو. مسٽر کهڙي کي هيترو وقت ڏنو ويو، حالانڪ هاري ڪمر ڪندڙن کي فقط ڏيڍ ڪلاڪ ڏنو ويو هو.]

مسٽر کهڙي انهن ٽن ڏينهن ۾ ڇا چيو هوندو ان جو اندازو فقط هيٺين حقيقتن مان لڳائي سگهجي ٿو.

1_ مسٽر کهڙو شروعات کان وٺي ٽيننسي حق ڏيڻ جي برخلاف هو. هن جيڪا ڪاميٽي ويهاري ان جي ناليِ ۾ ٽيننسي جو اکر ئي ڪٽيو ڪيو ويو. 1941ع واري ڪاميٽي جو نالو سنڌ ٽيننسي ليجسليشن

ڪاميٽي هو موجود ڪاميٽي جو نالو ”گورنمينٽ هاري ڪاميٽي“ رکيو ويو.

2- ڪاميٽي تي فقط آفيسر مقرر ڪيا ويا ۽ انجو چيئرمين هڪ انگريز زميندار راجر ٿامس ڪيو ويو.

3- ڪاميٽيءَ تي ڪو بہ هارين جو عيوضي ڪونہ رکيو ويو.

4- ڪاميٽي جي سفارشن کي هڪ مخفي راز رکيو ويو ۽ ڪيترن مهينن کان پوءِ جڏهن عوام احتجاج ڪڙو ڪيو تڏهن ان کي شايع ڪيو ويو.

5- مسٽر مسعود جو نوٽ- جو هارين جي فائدي ۾ هو ان کي ڇپائڻ کان روڪيو ويو. اج ڏينهن تائين مسٽر مسعود جو نوٽ شايع نہ ٿيو آهي.

[مٿين حقيقتن مان هر ڪو ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تہ مسٽر کهڙي ٿن ڏينهن جي بيان ۾ هارين جي حقن برخلاف فقط مخالفت ٿي ڪئي هوندي –ايڊيٽر]

### 1- محمد پناه صاحب خان جوڻيجو (زميندار ڏامراهه)

مون کي 1500 ايڪڙ زمين آهي. بل بلڪل نيڪ آهي، ان ۾ ڪا بہ درستي ٿيڻ نہ کپي.

### 2- فقير محمد احمد بخش خان انڙ (زميندار آباد)

لاباروءِ وائر هاري پري ۽ نہ وچ مان. موروثي حق ڏجن پر ٽن سالن جي بندش سان زميندار کي هاري ان پهچائي ڏئي ۽ هاريءَ کي مزوري نہ ڏجي قلم 13 جئن آهي، تيئن قائم رهي، جنهن ۾ آهي تہ هاري کان ڪو بہ ڏوهہ ٿئي تہ ان کان موروثي حق کسيو وڃي.

### 3- حڪيم شمس الدين مولوي محمد بچل (مسلم ليگي)

مان مسلم ليگ اهنج دور آفيس ڏوڪري جو چيئرمين آهيان. موروثي حق سيني هارين کي ملڻ کپن. قلم 13 ۾ فقط جيڪڏهن هاري پنهنجي زميندار جي چوري ڪري ان کي بي دخل ڪجي. باقي ٻيا سڀ فقرا ڪڍي ڇڏجن. بٽئي وقت قرض موروثي کان اڳ. هاري لاءِ قوت خرچ جيترو ان

ضرور ڏجي ۽ بچت مان زميندار قرض وني ابواب سمورا بند ڪجن. وائر جو خرچ هاري پري لاباري ۽ ڏڙائي جو خرچ وچ تي ٿئي. جيڪڏهن بار ٻن ميلن اندر آهي تہ هاري بنا اجوري زميندار جو حصو ان کي پهچائي ڏئي، وڌيڪ پنڌ هجي تہ هاري کي مزوري ڏجي

## 4- عبدالفتاح محمد عاقل سومرو (هاري)

ٽن سالن جو شرط قلم 4 ۾ بہ لڳائجي. ڪڍيل هارين جي حالت ۾ اڳين بنيادي هارين کي حق ملي ۽ نہ هاٽوڪن کي. قلم 13 ڪڍيو وڃي ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ هاري پاڻ چونڊيل ٽربيونل جي فيصلن تي اپيلون ڪليڪٽر ٻڌن. بٽئي ڏهن ڏينهن اندر ٺيڪ ڪيپي.

## 5- علي گوهر عبدالحڪيم (زميندار رتوديرو)

مان موروثي حق ڏيڻ جي فائدي ۾ نہ آهيان. ٻج هاري کي زميندار بازاري اگهہ تي ڏئي ۽ وري بہ بازاري اگهہ تي ڪانٽس وني، جنس ۾ نہ. بيگر بند ٺيڪ ڪيپي. چيڙ مزوريءَ تي جائز ٺيڪ ڪيپي. هاري کي ڪيپي تہ زميندار حصو مفت سندس گهر پهچائي ڏئي. ٻن ميلن کان وڌيڪ پنڌ هجي تہ مزوري وني. قلم 13 جئن آهي، تيئن قائم رهي. تقاوي قرض بٽئي وقت زميندار سموري وصول ڪري. ڪاڏي لاءِ ڪجهہ چڏجي گاهہ ۾ زميندار جو ٽيون حصو ٿئي.

## 6- غلام حيدر عبدالخالق نوناري (هاري)

بٽئي جو سرشتو بند ڪري روڪ پئسا مقرر ڪجن اپيل جج ٻڌن ۽ نہ ڪليڪٽر.

## 7- رب ڏنو پٽي (هاري نبي بخش خان پٽي جو)

هارين کي موروثي حق نہ ڏيڻ کپن. ائين برابر آهي تہ هارين جا حق کسڻ نہ کپن. لاٻارو ۽ وائر هاري زميندار اڌواڌ ڀرين. قلم 13 جيئن آهي، تيئن رهي.

## 8- مير محمد خان نواب سر غيبي خان (زميندار)

موروثي حق ڏنو وڃي، پر فقط انهي هارين کي جن لڳاتار 3 سال آبادي ڪئي آهي. قلم 13 جيئن آهي تيئن رهي. بٽئي وقت زميندار کي حق ڏجي تہ سمورو قرض هاريءَ جي پيدائش مان وصول ڪري جيڪڏهن هاري کي قوت لاءِ بچي تہ گپ چيڙ ڪاٽي لاءِ چالو رهي. زميندار لاءِ هن فرض ٺهرائجي تہ قوت لاءِ هاريءَ کي قرض ڏئي.

## 9- مولوي غلام محمد مير محمد نورنگي (زميندار)

جنهن هاري گذريل سال هارپ ڪئي هئي ان کي موروثي حق ڏجي. قلم 13 رد ڪيو وڃي، بٽئي وقت هاري کي قوت خرچ ضرور ڏجي.

## 10- عشق علي خان لطف علي خان مگسي (زميندار)

1500 ايڪڙ زمين اٿم. موروثي حق هارين کي ملن. بل منظور آهي. بيگر بند ٿئي. لاڀارو ڳاهہ وائر هاري پري ڏڙوائي وڃان. هينئر اهو رواج آهي. قرض سمورو بٽئي وقت وصُول ڪجي، قوت لاءِ ڪجهہ نہ ڇڏجي. قلم 13 قلم رهي [شهدادڪوٽ تعلقي جا زميندار ڪڏهن پنجسمي بٽئي، خالصاً وغيره بد رسمون بند ڪندا _ايڊيٽر]

## 11-پير بخش درد خان بروهي (هاري)

اٺ ايڪڙ ساريون جوڙي تي آباد ڪندو آهيان. منهنجو زميندار هندو هو جو هندوستان هليو ويو آهي. زمين هاٽوڪن هارين کي ملي جي زمين تي قبضو رکن ٿا. قلم 13 رد ڪجي، بٽئي زميندار کي موڪئي جي حالت ۾ ٽيون حصو بٽئي ملي.

## 12-الاهي بخش غوث بخش قريشي (زميندار)

موروثي حق ڏيڻ کپن. بٽئي سرشتو ختم ڪري ڪئش رينٽ (روڪ ايريو) مقرر ڪرڻ کپي، هڪ ڊل هاري زميندار کي ڏيئي ۽ هڪ ڊل سرڪار کي 1948ع واري هاري کي حق ڏجي، توڙي انهي کي زميندار ڪيڏي ڇڏيو

آهي. قلم 13 قائم رهي. قرض جي وصولي ڪري قوت لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڇڏجي. لابارو وائر هاري پري

## 13- حاجي الاهي بخش ڪوڪر (زميندار)

مون کي 300 ايڪڙ زمين آهي. موروثي حق ڏنا وڃن قلم 13 قائم رهي. ڳاهہ وائر، لابارو هاري پري قرض جي وصولي وقت هاريءَ کي ٻئي فصل تائين قوت اَن ڏجي. مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان. هاري ميمبر مختيارڪار مقرر ڪري ۽ نہ هاري پاڻ ڪن.

## 14- علي بخش پريل ڪلهوڙو (هاري)

نڪتل هاري هاٿوڪي هاريءَ کي زمين اڌواڌ ڪري انهن کي موروثي حق ڏجي. قلم 13 رد ڪيو وڃي. قرض زميندار سول ڪورٽ ۾ وصول ڪري ۽ ٻٽئي وقت زوري.

## 15- حاجي محمد بخش مريد خان گوپانگ (زميندار)

هارين کي موروثي حق ڏنا وڃن. موجوده هارين کي حق ڏنا وڃن ۽ نہ نڪتل هارين کي ڇاڪاڻ تہ ٻي صورت ۾ هارين ۾ فساد پيدا ٿيندو. ٻٽئي سرشتو قائم رهي. ابواب بند ڪجن، ڏڙوائي، لابارو ۽ وائر وڃ تي ٿين. قرض جي وصولي ٻل موجب ٿئي. قلم 13 قائم رهي.

## 16 قربان علي خانبهادر ڪريم بخش ڪهاوڙ

مان ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو ائڪٽنگ پريزيڊنٽ آهيان. مون کي 250 ايڪڙ زمين آهي. موروثي حق ڏنا وڃن. اڌواڌ ٻٽئي قائم ٿئي لابارو وائر هاري پري. ڏڙوائي وڃان. قرض بابت وصولي ٻل موجب ٿئي.

## 17- عبدالله گامڻ خان ٻگهيو (هاري وارهہ)

موروثي حق ڏنا وڃن. قلم 13_ هارين سان ۽زميندار سان ٻنهي سان لاڳو ڪجي (يعني تہ جيڪڏهن زميندار ڏوهہ ڪري تہ ان کان بہ زمينداري کسي وڃي.)

زمين اندر اڏن ۾ ڪسين جي ڪاٽي هاري ڪري. ٽربيونل لاءِ هاري ميمبرن جي چونڊ سنڌ هاري پارٽي طرفان ٿئي نہ تہ زميندار جا چاڙتا ميمبر ٿي سگهندا.

## 18- خدابخش امام بخش کهاوڙ (هاري)

موروثي حق هارين کي ملڻ کپن. بٽئي سرشتو ختم ڪري ان جي عيوض نقد پئسا هاري ڏئي 4 رپيہ جريب جي حساب سان. 12 ايڪڙ ڪٽنب لاءِ مقرر ڪجي. قرض: قوت لاءِ ضروري هاري کي اناج هجي. قرض قسطن ۾ هاري ڏئي.

ٽربيونل ۾ هاري ميمبر "هاري پارٽي" نامزد ڪري.

## 19- حبيب الله گامڻ خان ٻگهيو (هاري)

هارين کي موروثي حق ڏجن. گهٽ ۾ گهٽ 8 ايڪڙن تي موروثي حق ڏجي. موجوده هارين کي حق ڏيڻ کپي ۽ نہ نڪتل هارين کي. قلم 13-رد ڪيو وڃي. جيڪڏهن هاري زميندار جي برخلاف ڪورو پچائي تہ ان کان موروثي حق کسجي. قرض بل موجب وصول ڪجي. بٽئي موڪيءَ جي حالت ۾ زميندار کي ٽيون حصو ملي ۽ چرخيءَ جي حاجت ۾ پنجون حصو. ڏڙوائي، لابارو واٽر ۾ ڳاهہ وڃتي. پهرين ڪاٽي زميندار ڪرائي، وچين ڪاٽي هاري ڪرائي ان زميندار پنهجو پاڻ ڪٽي. پاٽيءَ شِئر لسٽ ۾ هاريءَ جو نالو داخل ٿيڻ کپي. ٽربيونل تي هاري ميمبر جو نالو مختيارڪار چونڊي.

# دادو ضلع

## 20- خانصاحب شير محمد خان (زميندار ميهڙ)

موروثي حق ڏنا وڃن. ڪتنب لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پنج ايڪڙ مقرر ٿين. قلم 13 قائم رهي چوريءَ جي حالت ۾ هاري کي زمين تان بيدخل نہ ڪجي، پر ان کي گهر کان لڏائي بہ ڪڍجي. لاباري ڳاهہ هاري پري، زميندار جو ان ضرور هاري کٽي ڏئي. قرض سمورو بٽئي وقت وصول ڪيو وڃي ۽ هاريءَ جي قوت لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڇڏجي. وري نئين سر زميندار قرض ڏئي. گاهہ ۾ زميندار کي ٽيون حصو ملي. واٽر ڪورس جي ڪاٽي هاري کٽي.

## 21- پورو پنهور (هاري ميهڙ)

موروثي حق هارين کي ملڻ کپي. اٺ ايڪڙ جوڙي تي ضرور آهن. موروثي حق هاٽوڪن هارين کي ملن. قلم 13 رد ڪجي. (هتي ڪن زميندارن چيو تہ پورو حجم آهي ۽ هاري نہ آهي. پوري چيو تہ مان حجامت بہ ڪندو آهيان ۽ هارپ بہ ڪندو آهيان ۽ هو حق بجانب هو. مسٽر ميران محمد شاهہ سيد علي اڪبر شاهہ کان رايو ورتو جنهن زميندارن جي ڳالهہ کي وزن ڏنو ۽ پوري جي وڏيڪ شاهدي نہ ورتي ويئي. ايڊيٽر)

## 23- خانصاحب پيارو خان غلام قادر خان لغاري (زميندار خيرپور ناٿن شاهہ)

ميران محمد شاهہ. توهان موروثي حق جي فائدي ۾ آهيو؟

جواب- سرڪار موروثي حق ڏجي تہ جي ان فائدي ۾ آهيان.

ميران محمد شاهہ- سرڪار جو سوال ناهي. اوهانجو رايو ڇا آهي؟

جواب ـ مان شخصي طرح موروثي حق جي فائدي ۾ نہ آهيان. موروثي حق سبب بي اتفاقيون وڌيون. هارين جي تڪليفن بابت جانچ ٿئي تہ مون کي اعتراض ڪونهي.

مون کي اٽڪل بہ هزار ايڪڙ زمين آهي. موروثي حق ٽن سالن جي شرط سان ملي ۽ بنيادي نڪتل هاريءَ کي ملي ۽ نہ هاٽوڪي کي.

بٽئي جو سرشتو قائم رهي. اڏواڏ بل موجب ابواب بند ڪجن. گاهہ زميندار کي ٽيون حصو ڏجي. لابارو ۽ واٽر هاري ڀري، وڏي ڪاٽي زميندار ڪرائي. ننڍا واٽرڪورس هاري ڪاٽي ڪٽي. ڇيڙ ۾ هارين کان ڪم مزوريءَ تي ورتو وڃي. ٻج جنس ۾ هاري نہ ڏئي، پر زميندار کان بزاري اگهہ تي وٺي ۽ ڏئي. بٽئي وقت هاري لاءِ پيٽ قوت لاءِ ان ڇڏي باقيءَ مان قرض جي وصولي ڪجي.

## 23-رسول بخش گاڏهي (هاري)

بنا شرطن جي هاٽوڪن هارين کي موروثي حق ڏجي. اٺ ايڪڙ جوڙي تي ضروري آهن. قلم 13 ۾ ڪورن جي حالتن ۾ هارين کان زمين کسجي ۽ ٻين حالتن ۾ قلم 13 رد ڪجي. بٽئي جي رسم بند ڪري نقد ڍل جي صورت ۾ هاري کان حصو ونجي. هڪ ڍل جيترو ڇيڙ مگر صفا بند ڪجي. وڏن ڪڙين جي ڪاٽي زميندار ڀري، قرض جي وصولي ڪجي. وڏن ڪڙين جي ڪاٽي زميندار ڀري، قرض جي وصولي وقت بٽئي مان هاريءَ لاءِ قوت ضرور ڏجي.

## 24- جوڳي خان ڪوسو (هاري)

موروثي حق اسان کي کپي. 8 ايڪڙ جوار آبادي ڪندو آهيان. گاهہ مان زميندار کي چوٿون حصو ملي. قلم 13 ـ رد ڪجي. قوت خرچ ڏئي بچت مان هاريءَ کان قرض وصول ڪجي. ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان. بيگر ۽ ڇيڙ بيقاعده نهرائجن.

## 25- مير محمد شاه نبي بخش شاه (زميندار جوهي)

موروثي حق فقط چڱن هارين کي ڏجن (چڱا هاري ڪير آهن. انهنجو فيصلو زميندارن تي) ٽن سالن واري هاريءَ کي حق ڏجي. قلم 13 ـ قائم رهي.

قلم 13 هيٺ جيڪڏهن هڪ هاري پنهنجو حق وڃائي ته انجي ڪٽنب جي ٻئي ڀاتيءَ کي حق ڏجي. ٻٽئي قائم رهي. هاري ڏِل ۾ لاپو نه ڏيندا تنهن ڪري نقصان پوندو. لابارو ۾ واڻر هاري ڏئي. ڏڙوائي وڇان ڪرا ۾ ديرا زميندار جي صلاح سان ٿين. ٻج بزاري اگهه تي ڏجي ونجي.

## 26- وڏيرو شمس الدين مولوي حبيب الله پنهور

مون کي هڪ هزار ايڪڙ زمين آهي. موروثي حق ڏنا وڃن. جنهن کي پنهنجي زمين ڇئن ايڪڙن کان گهٽ هجي ان کي موروثي حق ڏجن. اشراف حلالي هاري هجي ته ان کي حق ڏجي. گاهه ٽيون حصو زميندار کي ڏجي. قلم 3 قائم رهي. ٻج بازاري اگهه تي ڏجي ونجي ۾ جنس ۾. ٻيگر ۾ ڇيڙ ضروري آهي. گپ ڇيڙ ۾ ماني جو خرچ زميندار ۾ هاري اڌواڌ ڀرين. زميندار جي مرضيءَ تي هاري ٻار رکي ڪاردارن ۾ ڪمدارن جو خرچ زميندار ۾ هاري وچ تي ڀرين فصل مان سمورو قرض هاري کان وصول ڪجي، قوت لاءِ ان کي ڪجهه نه ڏجي. قلم 13 قائم رهي. جيڪڏهن هڪ زميندار قلم 13 هيٺ هاري کان زمين کسي ته ان هاريءَ کي ٻيو ڪو به زميندار زمين نه ڏئي.

## 27- دريا خان عبدالواحد پنهور (هاري)

موروثي حق ملن. اڳوٽي 3 سال سانده آبادي واري کي حق ملي ۾ نه هاٽوڪي کي. پنج ڇهه ايڪڙ جوڙي تي ڏيڙ ڪپن. قلم 13 هيٺ حق نه کسجي. ڏوهه جي حالت ۾ ڪورٽ سزا ڏئي قرض جي وصولي قوت خرچ ڇڏي پوءِ ڪجي. قلم 14 هڪ ڏِل عيوضو ڏجي. ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

## 28- حاجي عبدالرحمان فضل محمد ميمڻ (زميندار سيوهڻ)

موروثي حق چڱن هارين کي ڏجي. جنهن هاري کي پنهنجي زمين هجي ان کي موروثي حق نه ڏجي. ٻٽئي قائم رهي. ايريو روڪ نه ٿئي. ايريو هاري ڏيئي نه سگهندو. لابارو هاري پاڻ ڪري يا خرچ پاڻ ڀري. ٻج جنس ۾ نه ڀر نقد بازاري اگهه تي ڏجي ونجي. قوت گذران لاءِ ضرور هاريءَ کي ان ڏجي. بچت مان قرض وصول ڪجي.

## 29- عباس محمد عثمان بروهي (هاري)

موروثي حق ملن. 12 ايڪڙ جوڙي تي آباد ڪندا آهيون. موجوده هارين کي حق ملن ۾ نہ اڳين نڪتلن کي. قلم 13 رد ٿئي. بٽئي وقت ڇهن مهينن جو قوت ضرور هاريءَ کي ملي. باقي قرض آهستہ قسطن ۾ وصول ڪجي. چيڙ ۾ بيگر بند ٿين. ڪاٽي زميندار ڪرائي. هاري ڪاٽي ڪري تہ ان کي مزوري ملي. ٽريبونل لاءِ هاري ميمبر هاري ڪاميٽي چونڊي فيصلا مختيارڪار نہ ڪن، پر جج ڪن. بٽئي بند ڪري هاري هڪ ڀل سرڪار کي ڏئي ۽ اڌ ڀل جيترو زميندار کي ڏئي، ڇئن ايڪڙن کان گهٽ ايراضيءَ جي حالت ۾ بہ موروثي حق ڏجي.

## 30- شهمير خان فقير بخش خان ڪاڇي (زميندار)

موروثي حق ڏجن، پر شرطن تي. قلم 13 عمل ۾ اچي نہ فقط آئينده لاءِ پر جن هارين اڳ سزا ڪاڏي هجي تہ انهن کي بہ حق نہ ڏجي. بٽئي جو سرشتو چالو رهي. روڪ لاپو نہ ٿئي. مون 18 روپيہ اگهہ سان ٻج وٺي هارين کي ڏنو هو. هينئر اگهہ نوَ رپيا آهي. بازاري اگهہ جي حساب سان ٻج ڏجي ونجي. لاپارو هاري پري ڪمدار پخالي، ڪلرائو راڪو ڊڪڻ لوهر جا وچان خرچ ٿين. پار آنَ هاري زميندار کي گهر پهچائي ڏئي. گاهہ بوسيءَ جي حالت ۾ ٽين پتي ۽ چرخيءَ جي حالت ۾ چوٿين پتي زميندار وٺي. قرض سمورو بٽئي وقت هاريءَ جي حصي مان وصول ڪرڻ کپي ۽ هاريءَ لاءِ قوت خرچ نہ ڇڏجي.

## 31- خدا بخش پنهور

موروثي حق ڏنا وڃن. بنيادي اڳئين هارين کي حق ڏنا وڃن. نازڪ وقتن تي (ٻوڏ کنڊن ۾) هاريءَ کي ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ سرڪار کي مزوري ڏيڻ گهرجي.

# ننڍ ڪانفرنس

هاءِ اسڪول هال: 8 مئي 1949ع

## 1- محمد عارف ساڄن جوکيو (زميندار)

هارين کي موروثي حق ڏنا وڃن. ٻج هارين کي بزاري بها تي ڏجي ونجي. قرضن جي وصوليءَ لاءِ بل ٺيڪ آهي. ڪاڏي لاءِ رکي باقي وصول ڪجي. قلم 13 سڄو قائم رهي.

## 2- ناٿو (زميندار)

بل برابر آهي.

## 3- حسن علي حاجي امام بخش بگهياڙ (زميندار)

ٻج لاءِ بل جو قلم برابر آهي. جنس ۾ وصولي ٿئي. گاهه چوٿين پتي زميندار کي ملي.

## 4- خانصاحب امام بخش خان ڳاهو (زميندار)

مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. سيني هارين کي بنا شرط جي حق ڏنا وڃن، جو هارين جي قلت آهي. قلم 13 جي ضرورت ناهي. ڏوهه جي حالت ۾ پهرين سزا وقت تاڪيد ڪجي. ٻٽئي جا شرط بل ۾ قبول آهن. قرض سمورو ٻٽئي وقت وصول ڪجي ۽ قوت خرچ لاءِ ڪجهه به نه ڇڏجي، وري تازو قرض ڪري ڏجي. ٻج بازاري اگهه تي ڏجي ونجي.

**ٽريبونل:** سب جج مقرر ڪيا وڃن. مختيارڪارن جي حوالي فيصلا نه ڪجن.

**گاهه:** هڪ سو ايڪڙ کان گهٽ وارن زميندارن لاءِ ٽيون حصو. وڏن زميندارن لاءِ چوٿون حصو.

**ڪاٽي:** وڏا ڪڙيا ۽ بند زميندار جي جوابداري ڪڙيا ۽ بند هاري جي جوابداري

ٻٽئي جي فائدي ۾ آهيان. نه روڪ لاپيءَ ۾.

## 5-حسين آچر خشڪ (هاري)

موروثي حق ضرور ملن. قلم 13 رد ٿئي.

## 6- محبت علي رمضان خان خواجو (زميندار)

پنج هزار ايڪڙ زمين اٿم. موروثي حق ڏنا وڃن. ٽن سالن جو شرط وجهجي. بٽئي جو دستور نيڪ آهي. روڪ پيسا نہ ڏين. جيڪڏهن هاري ٻج برابر استعمال نہ ڪري تہ ان کي سزا ملڻ کپي. گهٽ ۾ گهٽ ٽي هر ضرور هاري ڏئي. رونبي ڪانپوءِ هاري بيراج پاسي هليا ويندا آهن ۽ زميندار واهي رکندو آهي ۽ ان جو خرچ هاري ڀري. قلم 13 ضروري آهي.

جيڪڏهن هاري قرض ڇڏي ڀڄي وڃي تہ نئين زميندار کان قرض وصول ٿئي. قوت هاري کي ملڻ کپي ضرورت موافق ۽ ڀاتين موافق. ٽربيونل جي عيوض جج فيصلا ڪن.

## 7- فتح محمد علو سومرو (زميندار)

موروثي حق ڏيڻ گهرجي. روڪ لاپي جي حالت ۾ هاريءَ کي فائدو ٿيندو پر ڪاٿيءَ جوڪم هارين لاءِ مشڪل ٿيندو. قلم 13 نيڪ آهي. قلم 14 نيڪ آهي. قرض جي وصولي وقت پيٽ قوت هاريءَ کي ضرور ڏجي. بٽئي، زميندارن کي ٻہ حصا مان ۽ هاريءَ کي هڪ حصو. واڍي ۽ لوهار کي وچان ڏجي.

## 8- بچل شاه (زميندار)

مون کي پنج ايڪڙ زمين آهي. موروثي حق ڏنا وڃن ٽن سالن جو شرط ضروري آهي. بٽئي جو سرشتو نيڪ آهي، روڪ عيرئو مقرر نہ ٿئي. اسان وٽ فقط هڪ فصل ٿيندڙ آهي. ٽربيونل جي عيوض سب جج فيصلا ڪن. مختيارڪارن وٽ فيصلا نہ ٿيڻ کپن. گاهہ اڏواڏ ورهائجي.

## 9- عمر بچو مهاتو (حاجي محمد جعفر خواجه جو هاري)

موروثي حق هارين کي حق ملن. قلم 13 قبول آهي. مان بٽئي جي فائدي ۾ آهيان. ابواب بند ٿين. سيري زميندار کي پلي ملي. باغن ۾ هارين کي حق ڏجن. موروثي حقن جي حالت ۾ هاري وڏيڪ ڪمائيندو ٽربيونل نيڪ آهي، قرض بابت قلم نيڪ آهي.

### 10– محمد عثمان ملڪاڻي (زميندار جاتي)

مون کي پندرنهن هزار ايڪڙ زمين آهي. مان موروثي حقن جي فائدي ۾ آهيان. ٽن سالن جو شرط لاڳو ڪجي. بيگناهه نڪتل هارين کي حق ڏجي. هاٽوڪن هارين کي حق ڏجي. مان بٽئي سرشتي جي فائدي ۾ آهيان. واڍي لوهار جو خرچ وچان ڏجي. ٻيا ابواب بند ڪجن. گپ چيڙ جا فقرا ٺيڪ آهن. قلم 13 چڱو آهي. قوت خرچ ڏيڻ لاءِ زميندار کي هڏل نه رکجي.

### 11– هاشم ولي محمد ڪاتيار (هاري ڳاڳنداس جو)

موروثي حق ملن. هاٽوڪن هارين کي حق ملن. مان بٽئي جي فائدي ۾ آهيان. چيڙ مزور تي پلي هجي. قلم 13 ٺيڪ آهي. قرض جي وصولي لاءِ جا فقرا بل ۾ چڱا آهن.

### 12– نارائڻداس گوبند بخش گدواڻي (زميندار)

موروثي حق ڏنا وڃن. هينئر وارن هارين کي حق ڏنا وڃن. جيڪڏهن هاري ٻج زمين ۾ نه وجهي ته ان کان موروثي حق کسيو وڃي. جيڪڏهن هاري جي پيدائش گهٽ ٿئي ته متس ڏنڊ وجهجي. واهي ۽ ڪانگڙي کي وچان ڏجي واڍي ۽ لوهار کي هاري ڏئي. قلم 13 ۾ فقره (هه) غير ضروري آهي.

### 13– لقمان سنجراڻو (هاري)

هاري کي حق ڏجي. بنيادي هاري کي حق ڏجي، بٽئي سرشتي جي فائدي ۾ آهيان. لوهار، واهي، واڍي، ڪنير ۽ ڪمدار جو خرچ وچان نڪري. قلم 13 قائم رهي. بيگر چيڙ ۽ قرض بابت قلم ٺيڪ آهن. ٻج جنس ۾ هاري وني ۽ ڏئي. ٽربيونل ۾ هارين جا عيوضي هاري پاڻ چونڊين ۽ نه مختيارڪار يا ڪليڪٽر ٿئي.

### 14– محمد پريل ٽانوري
### (پريزيڊنٽ ڪراچي ڊسٽرڪٽ مسلم ليگ)

موروثي حق سيني هارين کي ڏنا وڃن بنا شرطن جي. هارين ۾ جيڪڏهن فرق ڪبو ته نقصان ٿيندو. ڪراچي ضلعي ۾ ڪئش رينٽ

(روڪ لاڳو) عمل ۾ اچي نه سگهندو مان ٽربيونل جي برخلاف آهيان. سڀ فيصلا جج ڪن. گشتي جج مقرر ڪيا وڃن. جي مقرر پروگرام موجب شهرن ۾ وڃي فيصلا ڪن. قلم 13 رد ٿيڻ کپي.

## 15- الهه رکيو بلوچ (هاري)

موروثي حق هارين کي ملڻ کپن. جيڪو هاري جتي آهي، اتي ان کي حق ڏجي. 10 ايڪڙ زمين جوڙي تي گهٽ ۾ گهٽ ڏجي. مان بٽئي برخلاف ۽ روڪ ڍل جي فائدي ۾ آهيان.

بٽئي جي حالت ۾ اڌواڌ ٻج هاري وني ٻه جنس ۾ ۽ ڏئي ٻه جنس ۾. قلم 13 رد ڪيو وڃي. زمين ڪنهن به حالت ۾ نه کسجي. ٻج ۽ قوت ڪاٽي باقي هاريءَ جي حصي مان قرض وصول ڪجي. ٽربيونل نه ٿئي. جج فيصلو ڪن هاري پنهنجا عيوضي پاڻ چوندين.

## 16- محمد هارون حاجي محمد (هاري ميرپور بٺورو)

هارين کي حق ڏنا وڃن. سڀ ڪنهن هاري کي حق ملن. جوڙي تي گهٽ ۾ گهٽ 10 ايڪڙ ڏجن. مان ڍل روڪ جي فائدي ۾ آهيان ۽ بٽئي جي برخلاف آهيان. ننڍي زميندار کي گاهه چوٿين پتي ملي ۽ وڏي زميندار کي ڏهين پتي. قلم 13 رد ڪيو وڃي. بيڪار هاري هجي ته ٽربيونل هن کان حق کسي. ابواب سڀ بند ڪيا وڃن ۽ بٽئي اڌواڌ ٿئي. بيگر ۽ چيڙ بند ٿين. گپ چيڙ ۽ بٽئي اڌواڌ ٿئي. بيگر ۽ چيڙ بند ٿين. گپ چيڙ به زميندار ڀري. ٽربيونل ۾ امين مقرر ٿين. ڪاٽي سموري زميندار ڀري.

## 17- صديق بابو پليجو (هاري)

هر هاري کي موروثي حق ملن. روڪ ڍل ڏئي. قلم 13 رد ٿئي. ٻج ۽ قوت هاري کي بٽئي وقت ضرور ڏجن. ابواب سڀ بند ڪجن.

# ميرپورخاص ڪانفرنس

13 - آگسٽ 1949ع ميرپورخاص دربار هال

حاضر:

1. آنربل ميران محمد شاهه - وزير روينيو کاتو
2. پير عالي شاهه ايم - ايل - اي
3. ارباب مير محمد توڳاچي ايم - ايل - اي
4. مينگهومل پيرو مل
5. ايس رڊلي - ڪمشنر فار سنڌ
6. اي خان ڪليڪٽر ٿرپارڪر

**ميران محمد شاهه**

هنن ڪانفرنسن ۾ مطلب آهي ته عام طرح هارين ۽ زميندارن جو رايو ورتو وڃي. اسانکي خيال ڪرڻو آهي ته ڪيئن هاريءَ جي زندگي سڌاري وڃي ۽ بهتر بنائي وڃي ۽ ڪيئن قانوني طرح هنجي طاقت وڌائي وڃي. بل جو مقصد آهي ته ڪيئن زميندارن ۽ هارين جا تعلقات مضبوط ڪيا وڃن. هو سون سالن کان هڪ ٻئي سان گڏ رهندا آيا آهن ۽ هاڻي هڪ ٻئي کانسواءِ هلي ڪونه سگهندا. هي بل چڱن زميندارن ۽ چڱن هارين جي برخلاف ڪم نه ايندو. هي بل فقط انهن زميندارن جي خلاف ڪم ايندو جيڪي هارين کي پورو حصو نه ڏيندا. هي بل انهن هارين جي برخلاف ڪم ايندو جيڪي ايمانداري سان ۽ سچائي سان پورهيو نه ڪندا.

وزير بل جي قلم تي روشني وڌي ۽ پوءِ حاضرين جا رايا ورتا.

# تعلقو ميرپورخاص

## پير غلام رسول شاهه زميندار

مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان پر شرط اهو آهي تہ جي شرط بل ۾ هارين لاءِ وڌا ويا آهن، انهن تي عمل ڪندا تہ هي بل فقط تڏهن ڪامياب ٿيندو جڏهن ٻئي طرف ايمانداريءَ سان عمل ڪندا. مان پانيان ٿو تہ گهٽ ۾ گهٽ معياد 3 سال (قلم 4 ۾) وڌائي 5 سال ڪيو وڃي. قلم 4 ۾ 4 ايڪڙن جو شرط قائم رهي. منهنجي خيال ۾ فئملي هولڊنگ (Family Holding) گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ايڪڙ ٺيڻ ڪپي، پر جيڪڏهن زمين زرخيز آهي، تہ پوءِ چار ايڪڙ مان 18 قلم لاءِ شامل راءِ آهيان. قلم 13 (f) ۾ "مڪان" جي بجاءِ "ديهہ" هئڻ ڪپي، مان قلم 13جي فقره (i) سان شامل راءِ آهيان. مان قلم 14 جي فائدي ۾ آهيان. زميندار لاءِ ڪا بہ حد مقرر نہ ٿيڻ ڪپي: جيتري زمين هو پاڻ آباد ڪرائي سگهي، سا بيشڪ پوکي ۽ هارين کي ڪڍيءَ ڇڏي. قلم 13 (i) کي وڌيڪ هن طرح سڌاريو وڃي تہ جيڪڏهن هاري ڪو ڏوهہ ڪري يا تڪليف جو باعث ٿئي تہ ان جو مقدمو ٽربيونل آڏو آڻڻ ڪپي، جو فيصلو ڪري. جيڪڏهن ٽربيونل هاريءَ کي ڏوهي ٺهرائي تہ ان کان زمين کسي وڃي. هن ضلع جو رواج آهي تہ جيڪڏهن ڪو نئون واٽر ڪورس کوٽبو آهي تہ بہ هاري انجو ڪم ڪندا آهن. زميندار فقط ڪاڏو ڪارائيندو آهي. مزوري هارين کي ڪانہ ڏبي آهي. مان قلم 26 (i) جي فائدي ۾ ناهيان. منهنجي خيال ۾ سمورو قرض هڪدم هاريءَ جي پيدائش مان وصول ڪرڻ ڪپي، جيتري قدر ٻئي فصل تائين هاريءَ جي خوراڪ جو تعلق آهي ان لاءِ هاري کي قلم 24 (e) هيٺ زميندار نئون قرض ڏئي.

[هن وقت روينيو ڪمشنر ٻڌايو تہ هن وقت بہ سموري پيدائش زميندار ڪونہ ڪٽيندا آهن.]

ٽربيونل کي ڪيپي تہ هڪ مقرر ميعاد اندر فيصلو ڏئي ۽ اهو ميعاد 15 ڏينهن اندر هئڻ کپي. مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

## علي محمد خان محمد لاشاري ديهه ڪٽ (هاري)

مون سرڪار مان ڪجهه زمين خريد ڪئي آهي. مان سيٺ گهنشامداس جو ڏهاڪو ايڪڙ زمين آباد ڪندو آهيان. مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. چاڪاڻ تہ مان هاري آهيان. ٽن سالن جو شرط نہ لڳائڻ کپي. جيڪي هينئر هاري آهن، انهن کي حق ڏنا وڃن. هر هڪ فصل لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ايراضي 8 ايڪڙ ٿيڻ کپي. 18 قلم هيٺ بٽئي جي شرطن جي فائدي ۾ آهيان. مان قلم 13 جي فائدي ۾ آهيان قلم (i) سميت. مان قلم 11 ۽ 26 جي فائدي ۾ آهيان. جڏهن لٽ وڍن بندن مان ڪٽي زمين ۾وجهجي تڏهن خرچ زميندار ۽ هاري اڌو اڌ ڀرين. مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

# تعلقہ جيمس آباد

## نواب مير الهداد خان ٽالپر

مون کي اٽڪل 25 هزار ايڪڙ زمين جيمس آباد، ساماره، ڪپرو ڏيپلو مٺي، عمرڪوٽ ۽ ٽنڊو الهيار تعلقن ۾ آهي. مان هارين لاءِ موروثي حقن جي فائدي ۾ آهيان. قلم 4 (i) ۾ ٽن سالن جو مدو وڌائي 5 سال ڪجي ۽ اجا بہ وڌيڪ. ڇاڪاڻ تہ زميندارن کي ڪافي وقت ڏيڻ کپي تہ جيئن هو جدا جدا جاين تان هارين کي آزمائين جيستائين هاري گهڻو وقت زميندار وٽ نہ رهيو آهي، تيستائين زميندار کي هاريءَ جي اخلاق ۽ ڪمائتي هئڻ جي خبر نہ پوندي 4 ايڪڙ هڪ ڪٽنب لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ايراضي هئڻ کپي.

قلم 13 (f) "مڪان جو رواج" کي ڦيرائي "زميندار جي اسٽيٽ جو رواج" ڪجي. جيڪو هاري ٻئي هاري جي ڏوهہ ۾ مدد ڪري يا پناهہ ڏئي تہ ان کان بہ موروثي حق کسڻ گهرجي. اسان جي طرف واور هاري ڪندو آهي ۽ واور جو خرچ هاري کي ڏيڻ کپي.

قلم 18 جي فقرن سان مان شامل راءِ آهيان. ٻاجهري ۽ جوار گاهہ اڌواڌ ٿيڻ کپي.

قلم 19 جي ٻن فقرن سان شامل راءِ آهيان. سمورو قرض هاريءَ کان وصول ڪيو وڃي ۽ پوءِ نئون قرض زميندار ڏئي. هاريءَ کي ضرور قرض ملي ان لاءِ زميندار ديري تي ئي قرض هاريءَ کي ڏئي.

قلم 24 (e) ٻج جو خرچ انهيءَ اگهہ تي زميندار کي وصول ڪرڻ ڏجي، جنهن اگهہ تي هن مارڪيٽ مان خريد ڪيو هو. مان قلم 24 (d) جي خلاف آهيان، ڇاڪاڻ تہ حالتون هاڻي ڦري ويون آهن. هندو قرض ڏيندڙ هليا ويا آهن، ۽ ڪيترن زميندارن لاءِ مشڪل آهي تہ هو قرض ڏيئي سگهن.

## احمد محمد صديق (هاري)

مان وڏيري رحيم ڏنو ڏَل جو هاري آهيان. مان 8 ايڪڙ آبادي ڪندو آهيان. مون کي هڪ جوڙو ڏاندن جو آهي. مون کي پيٽي حصو به آهي. رحيم ڏني جي 300 ايڪڙن ۾ منهنجو چوٿون حصو آهي. مان انهيءَ جي فائدي ۾ آهيان ته جيڪي موجوده هاري آهن، انهن کي موروثي حق ڏنا وڃن. ٽن سالن جو شرط ڪڍيو وڃي قلم 4 ۾ 4 ايڪڙ جو شرط به نڪرڻ کپي. هر هڪ فصل لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 8 ايڪڙ ايراضي ڪٽنب کي هئڻ کپي. ٻٽائي اڌواڌ ٿيڻ کپي. ابواب سڀ بند ڪيا وڃن. مان قلم 26 جي فقرن جي تائيد ٿو ڪريان. زميندار کي گاهه مان حصو نه ڏيڻ کپي. قلم 13 جي فائدي ۾ آهيان، پر فقره (i) جي خلاف آهيان. قلم 14 ۾ هڪ وڏي زميندار جي حالت ۾ 100 ايڪڙ کان وڌيڪ ايراضي نه هئڻ کپي، پر ننڍن زميندارن جي حالت ۾ 50 ايڪڙ ايراضي هئڻ کپي. هاريءَ کي ضرور گپ چڙ ڪاٽي ۾مدد ڏيڻ کپي، باقي ٻيءَ ڪاٽيءَ جي حالت ۾ هن کي مزوري ڏيڻ کپي. ٽربيونل تي هارين جو چونڊيل هئڻ کپي. هن لاءِ هڪ اليڪٽورل رول ٺاهڻ گهرجي.

# تعلقه ڏگهڙي

## مير الهه بچايو خان (ايم.سي.سي) زميندار

مون کي اٽڪل ڏهه هزار ايڪڙ زمين آهي ساماره، ڏگهڙي، ٽنڊو باگو ۾ مٺي تعلقن ۾. مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي خلاف آهيان، ڇاڪاڻ ته هن بل جي پڌرائي کانپوءِ هاري پاڻ کي زمين جو مالڪ سمجهڻ لڳا آهن ۽ زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ تعلقات خراب ٿيڻ لڳا آهن. جيڪڏهن هارين کي موروثي حق ملندا ته خوف آهي ته آباديءَ ڏانهن بي توجهي ڪندا ۽ هو ڪپهه ۽ اناج عيوض گاهه جا فصل پوکيندا ۽ جنهنجو نتيجو پاڪستان جي اقتصادي حالتن تي برو اثر پوندو. مان محسوس ڪريان ٿو ته جيڪي چڱا هاري آهن، انهن کي زميندار ڪڏهن نه ڇڏيندو ۽ انهن سان هر ڪا مروت ڪندو. جيڪي خراب هاري آهن، سي خراب ٿي رهندا توڙي ڪٿي هي بل پاس به ڪيو وڃي. انهيءَ ڪري منهنجو رايو آهي ته ڪو به بل پاس نه ڪيو وڃي، جنهن ۾ هارين ۽ زميندارن جي حقن کي مقرر ڪيو وڃي. حقيقت ۾ اسان جون زمينون جيڪي پيڙهي به پيڙهي آباديءَ هيٺ رهنديون آهن، سي هاڻي ٿڪي پيون آهن. هارين جي مالڪي جو اصول نين لوئر براج جي زمينن سان لڳايو وڃي ۽ اسان جو زمينون مشينري جي بنياد تي آباد ڪيون وڃن.

جيڪڏهن سرڪار سمجهي ٿي ته هارين کي موروثي حق ڏنا وڃن ته انهيءَ حالت ۾ زميندارن کي حق ڏجي ته هن بل جي پاس ٿيڻ کانپوءِ ٽن سالن لاءِ هارين کي آزمائين ۽ پوءِ جن کي لائق سمجهن انهن کي موروثي حق ڏين. جيڪڏهن هاري ۽ زميندار جي وچ ۾ تڪرار ٿئي ته ٽربيونل فيصلو ڪري هڪ چڱي هاريءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ايراضي 4 ايڪڙ ٿيڻ کپي. پر خراب هاريءَ جي حالت ۾ 8 ايڪڙن تائين حد هجي. مان ڦلم 13 سجي جي

فائدي ۾ آهيان. مان قلم 26 جي فائدي ۾ ناهيان، جنهن موجب هاريءَ کي پئي فصل تائين کاڌي لاءِ اناج ڏيڻ ضروري آهي. هاريءَ جي فصل تي پهريون حق زميندار جو آهي، قرض جي وصولي لاءِ پوءِ بيا حق. هاريءَ کي قوت لاءِ وري نئين سر تقاوي ڏيڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن قوت لاءِ هاريءَ کي ان ڏبو آهي، ته هو وڪڻي ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ وري زميندار جو در کڙڪائيندو آهي ته مون کي خرچ ڏي نه ته مان آبادي ڪري نه سگهندس. تنهن ڪري بهتر ٿيندو ته سمورو قرض وصول ڪيو وڃي ۽ پوءِ زميندار نئون قرض ڏئي. قلم 14 ۾ زميندار لاءِ ڪا به حد بندي مقرر نه ڪرڻ ڪپي. مان بٽائي جي فائدي ۾ آهيان. گاهه به قلم 18 موجب مقرر ٿيل حصن ۾ ورهائڻ ڪپي. وڻ هاريءَ کي ملڻ ڪپن. ٻج جو قرض بازاري اگهه موجب وٺي ڏجي. مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

## خدا بخش خان جمع خان کوکر

مان محمد اسلم جو هاري آهيان. مان ٽن سالن کان 12 ايڪڙ زمين آباد ڪندو ٿو اچان. مون کي به ڏاندن جا جوڙا آهن. اسان به هاري آهيون. مان موروثي حق ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. انهن هارين کي جي ٽن چئن سالن کان آباد ڪندا اچن. جي هارين چئن ايڪڙن کان گهٽ آبادي پئي ڪئي آهي، انهن کي به موروثي حق ڏيڻ ڪپن. مان بٽئيءَ جي خلاف آهيان ۽ روڪ ايرٽي جي فائدي ۾ آهيان. گاهه اڌواڌ ورهائڻ ڪپي. مان قلم 13 جي خلاف آهيان. لٽ جي ڪاٽي لاءِ زميندار جوابدار هجي. هاري فقط واٽر ڪورسن جي انهي حصه لاءِ ڪاٽي ڪڍي جو سندس زمين مان وڃي ٿو ۽ سو به فقط آبڪاني موسم لاءِ. مان ٽربيونل جي مقرري جي فائدي ۾ آهيان، مختيارڪار چيئرمين ٿئي.

# تعلق سامارو

## وڏيرو سگهو پلي (زميندار)

مون کي 800 ايڪڙ زمين آهي. مان انهن هارين کي موروثي حق ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان، جي هينئر هاري آهن، پر اهو يڪدم نہ ڏجي. اهو حق هن بل جي پاس ٿيڻ کانپوءِ ٽن سالن کان پوءِ ڏنو وڃي. قلم 4 ۾ 4 ايڪڙن جو شرط قائم رهي. قلم 18 جي فائدي ۾ آهيان. گاهہ اڌواڌ ورهايو. مان مير الله بچائي جي تائيد ڪريان، قرضن جي ڏيڻ ۽ وصول ڪرڻ جي باري ۾ قلم 14 هيٺ زميندار کي سندس زمين جي ڏهين پتي تائين موڪل هئڻ گهرجي. قلم 13 ۽ 23 جي فائدي ۾ آهيان. خوراڪ توڙي ٻج جي تقاوي هلندڙ بازاي اگهن تي ڏجي وڃي.

## امام بخش احمد خان ڪلوئي (هاري)

مان سونجي نڪر جا 24 ايڪڙ زمين آباد ڪندو آهيان. ان کي 400 ايڪڙ زمين آهي. مون کي 3 جوڙا ڏاندن جا آهن. اسان 3 ڄڻا آهيون، جي آبادي ڪندا آهيون. مان موروثي حقن جي فائدي ۾ آهيان. موروثي حق انهن هارين کي ڏجن جي هينئر زمين تي آبادي ڪندڙ آهن. 3 سالن جو شرط وجهڻ نہ کپي. هر هڪ فصل لاءِ گهٽ ۾ گهٽ اٺ ايڪڙ مقرر ٿين. مان قلم 13 جي فائدي ۾ آهيان. سواءِ انهيءَ فقري جي جو سزائون ڏئي ٿو (i) مان ٻنئي جي برخلاف آهيان ۽ روڪ ايرئي جي فائدي ۾ آهيان. 24 قلم جا فقرا عمل ۾ آندا وڃن. قلم 14 هيٺ زميندار کي فقط اٺن ايڪڙن تائين اجازت ڏني وڃي. مان بل ۾ نهرايل ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

## عمر ڪوٽ- خانبهادر غلام حسين (زميندار)

آءٌ سنڌ لئنڊ ڊولپمينٽ لميٽڊ ڪمپني جو جوائنٽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر آهيان. ڪمپني کي 3200 ايڪڙ زمين پنهنجي آهي ۽ 4000 ايڪڙ زمين مقاطعي آهي. مون کي 25 سالن جو آزمودو آهي. مان انهي جي فائدي ۾ آهيان تہ بل ۾ تجويزن موجب هارين کي موروثي حق ڏنا وڃن. قلم 22 (g) ۾ "اهڙن فصلن جون ايراضيون "ڪانپوءِ" ۽ اهڙي نموني ۾" گڏيا وڃن. هارين جي فائدي لاءِ مان هڪ تجويز پيش ڪريان ٿو. گهٽ ۾ گهٽ 16 ايڪڙ زمين ڳوٺ جي لاڳو هارين جي لاءِ مخصوص ڪئي وڃي يا زميندار جي زمين جو ڪجهہ اهڙيءَ طرح مخصوص ڪيو وڃي. ڊل جي ڪاٽڻ ڪانپوءِ انهيءَ مخصوص ايراضي جي پيدائش "ڳوٺاڻي فنڊ" ۾ جمع ڪئي وڃي. قلم 18 چڱو آهي. گاهہ بنسبت پلال ۽ بهہ هاري کي ملڻ کپي، باقي ٻيا گاهہ اڊواڊ ٽيڻ کپن. مان قلم 13 جي فائدي ۾ آهيان. ان ۾ وڏيڪ شرط هي هجي تہ ڪٺي هاريءَ کي ڪورٽ سزا نہ ڏئي، پر تڏهن بہ ٽربيونل وٽ جيڪڏهن ثابتي ٿئي تہ پوءِ هاري کان زمين کسجي. قلم 14 جي حالت ۾ زميندار لاءِ ڪا بہ حد مقرر ڪجي. مان قلم 26 سان شامل راءِ نہ آهيان، منهنجي خيال ۾ سمورو قرض زميندار وصول ڪري، ٻج تقاوي قرض جي وصولي انهيءَ اگهہ سان ڪجي، جنهن اگهہ تي زميندار خريد ڪئي هجي ۽ نہ موجوده بازاري اگهن موجب مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان. مان قلم 24 جي فائدي ۾ آهيان. مان ڀانيان ٿو تہ جيڪڏهن هن بل جي چڱيءَ طرح سمجهاڻي ڏني وئي ۽ نيڪ نيتي سان عمل ۾ آندو ويو تہ ملڪ ان مان آسودو ٿيندو. پر جيڪڏهن بل لاءِ هارين کي پوري سمجهاڻي نہ ڏني وئي فائدي جي عيوض نقصان وڏيڪ ٿيندو.

## تاج محمد بچل دائود پوٽو (هاري)

مان نڪر سميوسنگ جو هاري آهيان. هو هندستان هليو ويو آهي. اسان چار هاري آهيون ۽ پنجاهہ ايڪڙ زمين آبادي ڪندا آهيون. چار جوڙا اٿئون. مان ساريون،ڪڻڪ ۽ وونئڻ پوکيندو آهيان. مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. هي حق انهن هارين کي ملي جو گهٽي عرصي

ڪان آبادي ڪندو اچي اٽڪل 5 سالن کان. هر هڪ فصل لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ايراضي 7 ايڪڙ ٿيڻ کپي. هارين کي ڪنهن بہ حالت ۾ بيدخل نہ ڪجي. جيڪڏهن ڪنهن هاريءَ خلاف شڪايت آهي تہ انجو ڪورٽ ۾ فيصلو ٿيڻ کپي. فقط جن حالتن ۾ زمين کسي وڃي. قلم 13 جي فقرن (i) جو مخالف آهيان. تقاوي جي وصولي لاءِ هاري کي فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ ڪيئن هو ڏيندو مان قلم 23 ۽ 34 جي فائدي ۾ آهيان. مان بٽائي جي فائدي ۾ ناهيان، روڪ ايرئو مقرر ڪيو وڃي.

# تعلقو ڏيپلو

## رئيس الهه جوڙيو خان (زميندار)

مون کي 2400 ايڪڙ زمين آهي. هارين کي موروثي حقن ملڻ جي فائدي ۾ آهيان. اهو حق انهيءَ هاري کي ڏنو وڃي، جنهن هن بل جي پاس ٿيڻ کانپوءِ ٽن سالن لاءِ زميندار کي خوش رکيو آهي. ٽربيونل جو چئرمين مختيارڪار نہ پر هر هڪ تعلقي لاءِ هڪ اسپيشل مختيارڪار مقرر ڪجي جيئن ڪم جو اڪلاءُ ٿئي. قرض جي لاءِ منهنجو چوڻ آهي تہ اهو فقط خريف فصل مان وصول ڪجي ۽ ربيع جو فصل هاريءَ کي ڏجي ڪاڏي گذران لاءِ. مان قلم 13، 23 ۽ 24 جي فائدي ۾ آهيان. قلم 14 ۾ حد ڏهہ سيڪڙو زميندار جي زمين هئڻ گهرجي.

## حاجي نظر محمد دو راني (هاري)

مان حاجي مير الهداد جو هاري آهيان. مان 3 جوڙن سان 24 ايڪڙ آبادي ڪندو آهيان. مان ڪمدار بہ آهيان. 5 ماڻهو مون کي آباديءَ ۾ مدد ڪندا آهن. مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان، جيئن بل ۾ ٺهرايو ويو آهي. 8 ايڪڙ گهٽ ۾ گهٽ اقتصادي ايراضي ڪٽنب لاءِ هئڻ کپي. مان قلم 18 ۽ قلم 21 سان شامل راءِ آهيان. ڪاٽيءَ جي جوابداري زميندار تي هئڻ گهرجي ۽ فقط گپ ڪاٽي هاري ڪري. منهنجي خيال ۾ هاري کان تقاوي قرض جي وصولي هن طرح هئڻ کپي: 2/3 حصا هاريءَ جا خريف ۾ قرض ۾ ڏئي. ربيع ۾ 2/3 حصا هاريءَ کي ڏجن ۽ 1/3 حصو زميندار کي ملي، زميندار کي گاهہ مان 1/3 حصو ملڻ گهرجي، مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

# تعلقہ سانگھڙ

## سيٺ تاراچند (زميندار)

مون کي اٽڪل 5000 ايڪڙ زمين آهي. مان هارين کي موروثي حقن ڏيارڻ جي فائدي ۾ آهيان. انهن هارين کي هي حق ملڻ جن هن بل پاس ٿيڻ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ پنج سال آبادي ڪئي آهي. چار ايڪڙ گهٽ ۾ گهٽ ايراضي ٿيڻ کپي (قلم 4) قلم 14 هيٺ ڏهہ سيڪڙو ايراضي تي زميندار جو حق رهڻ کپي. قلم 13 ، 23، 24 سان شامل راءِ آهيان. زميندار کي حق هئڻ کپي تہ سمورو قرض يڪدم وصول ڪري، گاهہ اڌواڌ ٿيڻ کپي.

## شمس الدين فتاح محمد وساڻ (هاري)

مان بلال وساڻ جو هاري آهيان، مان هڪ جوڙي سان 8 ايڪڙ زمين آباد ڪندو آهيان. مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. 8 ايڪڙ گهٽ ۾ گهٽ ايراضي ٿيڻ کپي هاريءَ لاءِ. مان روڪ ايرئي جي فائدي ۾ آهيان، بٽائي بند ٿئي. قلم 24 هيٺ زميندار کي فقط 8 ايڪڙ ايراضيءَ تي حق ڏجي. قلم 26 جي فائدي ۾ آهيان. ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

# تعلقہ کپرو

## سيد غلام حيدر شاھ (زميندار)

مون کي ھڪ ھزار ايڪڙ زمين پنھنجي آھي ۽ پنج ھزار ايڪڙ مقاطعي تي اٿم. مون بي.اي پاس ڪئي آھي. مان ھارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آھيان. مان قلم 4 (I) جي 3 سالن واري فقري جي فائدي ۾ آھيان. ھن ضلع جي حالت ھي آھي تہ ھاري ھڪڙي زمين تي ويھي نٿو رھي .جيتوڻيڪ زميندار ھن کي گھڻو چنبڙي ٿو.انھيءَ جو ڪارڻ آھي، ھارين جي خانہ بدوش عادت. ھاري حقيقت ۾ زمين تي ڪا بہ دلچسپي نہ ٿو وٺي. ان لاءِ ھڪ علاج ھي آھي تہ ھاري کي قانوني طرح پابند ڪيو وڃي تہ ھوھڪ زمين ۽ ڳوٺ ۾ رھي. پوءِ ھو زمين ۾ دلچسپي وٺندو. ٻيو علاج ھي آھي تہ ھاريءَ کي مجبور ڪجي تہ ڏيل جو اڌ پري جيئن پنجاب ۾ رواج آھي، انھيءَ ڪري مجبور ٿي ھو زمين ۾ دلچسپي وٺندو ۽ سڌريل ٻج ۽ رستا ڪم آڻيندو. ھڪ فقرو بل ۾ وجھي تہ جيڪو زمين تي سڌاري تي خرچ ڪيو وڃي، ان جو اڌ ھاري پري ۽ اڌ زميندار. مان خانبھادر غلام حسين ۽ مير الھہ بچائي جي راءِ سان شامل راءِ آھيان تہ ھاري آبادي اھڙي نموني ڪري جيئن ھر ھڪ زميندار چاھي ۽ نہ جيئن ان ايراضيءَ ۾ رواج ھجي. ڇاڪاڻ تہ ڪي زميندار بيغرض آھن ۽ ھو ھارين کي مجبور ڪري نون طريقن آبادي نہ ڪرائيندا آھن. پر ٻيا زميندار جي ڏاھا آھن ۽ پڻ دلچسپي وٺندا آھن، اھڙا طريقا اختيار ڪندا آھن. جن لاءِ ھاري ٻڌل رھندو آھي. قلم 14 ۾ زميندارن لاءِ حد مقرر نہ ٿيڻ کپي. مان ٻٽائي جي فائدي ۾ آھيان، جيئن قلم 18 ۾ آھي، بشرطيڪ ھاري ڏيل ۾ بہ اڌ پري.

## عبدالحميد گل محمد شر جتوئي (هاري)

مان عبدلرحمان هاليپوٽي جو هاري آهيان. مان ٽن جوڙن سان 12 ايڪڙ فصل تي آباد ڪندو آهيان 5 ٻيا ماڻهو مون سان آهن. هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. هي حق انهن هارين کي ملڻ جي هينئر آبادي ڪندڙ آهن ۽ ٽن سالن جو شرط ڪڍي ڇڏجي. مان روڪ ايرئي جي فائدي ۾ آهيان. ڦٽين جي پيداوار مان هاريءَ کي 1/3 حصو گذران لاءِ ملي ۽ 1/3 قرض جي ادائگيءَ ۾. ربيع جي حالت ۾ سموري پيدائش هاريءَ کي ملڻ کپي. مان قلم 13 جي خلاف آهيان. ڪنهن به حالت ۾ هاريءَ کان زمين کسڻ نه کپي. مان ڪنهن به هاريءَ کان زوري زمين کسڻ نه کپي. مان ڪنهن به زوري پورهئي جي برخلاف آهيان. 23 ۽ 24 قلمن جي فائدي ۾ آهيان. مختيارڪارن جي عيوض سب ججن کي ٽربيونل جو چيئرمين ڪيو وڃي.

مسلم ليگ جي عيوضين کي ڪوٺايو ويو مگر ڪو به حاضر نه ٿيو. ڪليڪٽر ٻڌايو ته انهن کي به دعوت ناما موڪليا ويا آهن.

## سيٺ مينگھومل ايم ايل اي

هارين کان قرض وصول ڪيو وڃي ۽ انهن جي خانه بدوش عادتن تي ضابطو ڪيو وڃي. ان لاءِ ضروري آهي ته بل ۾ هڪ قلم درج ڪيو وڃي، جنهن موجب جو به نئون هاري ڪنهن زميندار وٽ اچي ته ان لاءِ زميندار اخبار ۾ نوٽس وجهائي ته فلاڻو هاري مون وٽ هارپ ڪرڻ لاءِ خواهان آهي. انهيءَ نوٽس تي جيڪڏهن ڪو به زميندار اطلاع ڏئي ته انهيءَ هاريءَ ڏانهن منهنجو هيترو قرض آهي ته اهو پويون زميندار اهو قرض ڀري ڏئي ۽ تنهن کان پوءِ انهي هاريءَ کي زميندار هارپ تي بيهاري. اهڙن قانونن جو اثر هارين تي چڱو ٿيندو.

# نوابشاھ ڪانفرنس

5_سيپٽمبر 1946ع

دربار هال ۾ هاري هڪ پاسي ڪرسين تي ويٺا ۽ زميندار ٻئي پاسي. زميندارن کي اها ڳالهه نه وڻي ته هاري به ڪرسين تي اسان سان گڏ ويهن. هارين کي ڪرسين تان اٿارڻ به زميندارن يا ڪليڪٽر مسٽر غلام مصطفيٰ لاءِ مشڪل هو. آخر سيني زميندارن ۽ هارين کي دربار هال مان ڪڍي ٻاهر کليل ميدان ۾ آندو ويو ۽ اتي بيان شروع ٿيا. سيد خير شاهه رُسي ڪانفرنس ڇڏي ويو.

هر هڪ زميندار هارين جي روبرو الڳ بيان ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ انهن ميٽنگ جي آخر ۾ هڪ ميمورنڊم پيش ڪيو. انهيءَ ڪري فقط هارين جا بيان ورتا ويا.

## تعلقہ نوابشاهہ

### علي محمد آدم خان بروهي (هاري)

پهريائين مان ڊولومل جو هاري هوس، جو هندستان هليو ويو آهي. مون کي هينئر ڇهہ چوڪڙيون زمين جون آهن ۽ بہ جوڙا ڏاندن جا. اسان تي ڇٽا هارپ ڪندا آهيون. مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان، جيئن بل ۾ آهي. اهي حق انهن هارين کي ملن جي هينئر آبادي ڪندڙ آهن. ڪٽنب لاءِ 24 ايڪڙ گهٽ ۾ گهٽ ايراضي ٺيڻ کپي. آبادي واري تي ٺيندي آهي ۽ هاريءَ کي ايتري زمين هجي جو هو فصل تي اٺ ايڪڙ آباد ڪري سگهي. مان انهن جي فائدي ۾ آهيان تہ بٽئي جي عيوض روڪ ايريو مقرر ڪيو وڃي، جو ڊل اڌ جيترو هجي. گاهہ مان زميندارن کي ڪجهہ بہ نہ ڏياريو وڃي. آءٌ قلم 13 جي خلاف آهيان.قلم 14 هيٺ جيڪڏهن ڪو زميندار پنهنجي سر آبادي ڪري تہ 50 ايڪڙن جي حد مقرر ڪئي وڃي، بشرطيڪ هو وڏو زميندار هجي. آبڪلاني موسم نہ هجي تہ هاريءَ کي ڪاٽي لاءِ مزوري ڏني وڃي. خريف ۾ گپ چيڙ هاري ڪري ملي تڏهن هجي جڏهن بٽائي جو دستور قائم رهي. زميندار کي حق نہ ڏجي تہ هو هاريءَ جي حصي مان وصولي ڪري، پر هاريءَ تي ڇڏجي تہ هو سهوليت سان قرض واپس ڏئي روڪ پئسن ۾. مان قلم 23 ۽ 24 جي فائدي ۾ آهيان جن ۾ هارين ۽ زميندارن جون جوابداريون نروار ڪيل آهن. مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان، بشرطيڪ هاري عيوضي هاري ڪاميٽي چونڊي ۽ زميندار انور ائسوسئيشن زميندار ميمبر چونڊي.

### محمد هاشم بروهي (هاري)

مان علي محمد سان هر ڳالهہ ۾ شامل آهيان ۽ وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ چوڻو اٿم.

# تعلق سڪرنڊ

## محمد دين محمد لاکو (هاري)

مان ڏکڻ ۾ آهيان ۽ هاري ٻه. مان پير ضياءَ الدين شاهه جو هاري آهيان. ڪڏهن چار ايڪڙ ۽ ڪڏهن ڇهه ايڪڙ آبادي ڪندو آهيان. مون کي هڪ جوڙو ڏاندن جو آهي ۽ اسان چار ڄڻا ڪم ڪندا آهيون. جيڪي علي محمد چيو آهي، ان سان مان شامل آهيان.

# تعلقو نوشهرو

## دينار جعفر پٽو (هاري)

مان ايسرداس جو هاري هوس پر هو هندستان هليو ويو آهي. اسان کي پاڻ ۾ 10 جوڙا آهن ۽ اسان 150 ايڪڙ آبادي ڪندا آهيون. اسان 10_15 هاري آهيون. آءٌ علي محمد سان شامل راءِ آهيان.

## موريو تاج محمد راڄپر (هاري)

مان علي محمد سان شامل راءِ آهيان.

## تعلقہ مورو

### دوست محمد پير بخش ڪورائي (هاري)

مان هيرومل جو هاري آهيان، جو هندستان هليو ويو آهي. آءٌ چئن جوڙن ڏاندن سان 60_70 ايڪڙ زمين هر سال آباد ڪندو آهيان. ڇهہ ڇڙا هاري ڪندا آهيون. مان هارين ڪي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. هر هڪ ڪٽنب لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 24 ايڪڙ ايراضي هئڻ کپي. ريج واري ايراضي لاءِ ڇهہ ايڪڙ هئڻ کپي. ڪچي لاءِ 16 ايڪڙ بہ ڪافي ٿيندا. انهن هارين کي حق ڏجي جي هينئر آبادي ڪندڙ آهن، پر 3 سالن جو شرط نہ وجهڻ کپي قلم 14 هيٺ زميندار کي فقط 500 ايڪڙ پنهنجي سر بادي لاءِ ڏيڻ گهرجي. مان قلم 13 سان شامل راءِ آهيان ۽ وڌيڪ چوان ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن هاري کي قلم 13 (فقره 1) هيٺ تهمت آهي تہ پوءِ ان جو فيصلو قرآن تي ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن هاري ڏوهي ثابت ٿئي تہ انکي وڏي ۾ وڏي مقرر ٿيل سزا ڏني وڃي ۽ ڪانئس زمين بہ کسي وڃي. مان بٽائي جي فائدي ۾ آهيان، جيئن بل ۾ نهرائي وئي آهي. ابواب سڀ بند ڪيا وڃن. گڏ جو خرچ اڌواڌ ٿيڻ گهرجي. قلم 23 نيڪ آهي. قلم 24 بہ نيڪ آهي. قلم 28 ۽ 34 بہ نيڪ آهن.

### الهه ورايو عرس سهتو (هاري)

جيڪي علي محمد چيو سو مونکي قبول آهي.

## تعلقہ شهداد پور

### رئيس ولد مبين بروهي (هاري)

مونکي مسٽر وشنداس جي زمين الاٽ مينٽ تي ملي آهي. مان هڪ جوڙي سان 8 ايڪڙ زمين آباد ڪندو آهيان. ٻہ ماڻهو زمين تي ڪمائيندا آهيون. جيڪي علي محمد چيو آهي، سو منهنجو ٻہ چوڻ آهي. مان زمينداري جي برخلاف آهيان.

## تعلقہ سنجهورو

### راڄو والو ڪولهي (هاري)

مان چوڌري سلطان احمد جو هاري آهيان. مان هڪ جوڙي سان 8 ايڪڙ زمين آبادي ڪندو آهيان. اسان ٻہ ڄڻا ڪمائيندا آهيون. مان بٽائي جي فائدي ۾ آهيان، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن فصل نہ ٿئي تہ هاري ڪٿان ڍِڍ ڀري سگهندو؟ مان نہ ٿو چاهيان تہ هاريءَ جو نالو شيئر لسٽ ۾ داخل ٿئي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن زيان پاڻي جو ڏنڊ پئي ٿو تہ هاڻي زميندار ڀري. جيڪڏهن هاريءَ جو نالو شيئرلسٽ ۾ هوندو تہ هاريءَ تي ڏنڊ پوندو. 8 ايڪڙ گهٽ ۾ گهٽ ڪٽنب لاءِ ايراضي ٿيڻ کپي. مان قلم 13 جي فائدي ۾ آهيان.

# تعلقو ڪنديارو

## غلام علي سيال ويٺل صادق سيال (هاري)

مان هڪ ڏاند سان 7 ايڪڙ زمين آباد ڪندو آهيان. مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ ناهيان, ڇاڪاڻ تہ انهيءَ حالت ۾ تقاوي ۽ ٻج لاءِ هاري کي مشڪلاتون ٿينديون. بٽائي جو دستور قائم رهي. جيڪي بل ۾ ابواب ڏيکاريل آهن. انهن ڪانسواءِ وڌيڪ ابوابن جي خلاف آهيان. قلم 19 ۽ 26 ٺيڪ آهن. قلم 22 سان بہ شامل راءِ آهيان. قلم 14 هيٺ ڪنهن بہ زميندار تي حد مقرر نہ ٿيڻ کپي. مان ٽربيونل جي فائدي ۾ آهيان.

## حاجي يار محمد شعيب (هاري)

آءٌ ٺيڪ چند سيتلداس جو هاري هوس جو هاڻي هندستان هليو ويو آهي. هن سال مان آبادي ڪانہ ڪئي آهي, ڇاڪاڻ تہ مون کي زمين ڪانہ ملي آهي. اسان ڏهہ همراهہ آهيون. مان مزدوري ڪندو آهيان.مان هارين کي موروثي حقن ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان. گهٽ ۾ گهٽ ايراضي هڪ ڪٽنب لاءِ 12 کان 14 ايڪڙ ٿيڻ کپي. مان 3 سالن واري شرط سان شاملراءِ آهيان. موروثي حق اصلي پراڻن هارين کي ملي ۽ نہ نون هارين کي. مان روڪ ايرئي جي فائدي ۾ آهيان, ڇاڪاڻ تہ ابوابن ڪاٽڻ بعد هاريءَ کي ڇوٿون حصو ملي ٿو. جيڪڏهن هڪ ايريو مقرر ٿئي, تڏهين بہ زميندار کي ٻڌل رکيو وڃي تہ هو هاريءَ کي ٻج خرچ ڏئي.

مسلم ليگ جي سيڪريٽري ميمورينڊم پيش ڪيو زميندار ائسوسئيشن بہ ميمورينڊم پيش ڪيو.

تنهن ڪانپوءِ مسٽر ميران محمد شاهہ هيٺين تقرير ڪئي:

هي ڪانفرنس آخري آهي, جنهن ۾ هارين ۽ زميندارن جا رايا هن بل لاءِ ورتا ويا آهن.

هي بل سليڪٽ ڪاميٽي پنهنجي سفارش سان سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي ڏانهن آخري بحالي لاءِ موڪليندي

هي بل حقيقت ۾ ٻن طبقن يعني زميندارن ۽ هارين جي وچ ۾ هڪ ترازيءَ جو ڪم ڏئي ٿو. هي بل فقط خراب زميندارن ۽ خراب هارين جي نقصان ۾ ويندو. اهي زميندار جيڪي هارين کي پورو حصو ڏين ٿا ۽ هارين جي هر مدد ڪن ٿا انهن تي هن بل جو ڪو به اثر ڪونه پوندو ۽ ساڳي طرح جيڪي هاري زميندار جي مشوري سان چڱي طرح آبادي ڪن ٿا، انهن تي به اثر نه پوندو. سواءِ هن ڳالهه جي ته آئينده هنن کي زمين تي حق رهندو ۽ ٻنئي جو مقرر حصو ملندو. سنڌ سرڪار ڪنهن به وقت اهڙو فيصلو ڪونه ڪيو آهي ته زمينداري کي ختم ڪجي ڇاڪاڻ ته موجوده حالتون اهڙيون آهن، جو اهڙي انقلابي قدم لاءِ اجازت نه ٿيون ڏين. جيستائين باهمي امداد هيٺ آبادي جو رواج قائم نه ٿيو آهي ۽ ڳوٺن ۾ بئنڪون کوليون نه ويون آهن، جو هارين کي قرض ڏين. تيستائين زميداري جو ختم ڪرڻ جو سوال اٿي نه ٿو سگهي. تنهن ڪري آءٌ هارين کي اپيل ٿو ڪريان ته هو خود مطلبي پارٽين جي نعرن تي لڳي گمراهه نه ٿي وڃن ۽ جئن هارين کي زميندارن جي خوشگوار تعلقاتن ۾ تلخي نه آڻين. ڪهڙو به قانون پاس ڪيو ويو ان جو مطلب اهو ناهي ته هڪڙي طبقي کي فائدو ڏجي ۽ ٻئي کي نقصان ڪجي پر مقصد آهي ته هن صوبي جي خوشحالي کي وڌائجي. جنهن مان آخر پاڪستان جي خوشحالي پيدا ٿيندي، اسان آزاد قوم آهيون. اسان کي ملڪ جي وڌن فائدن جو خيال رکڻ گهرجي. جنهن مان اسان جي اقتصادي جوڙ جڪ کي زير باري ٿئي. تنهن ڪري آءٌ اوهان سڀني کي اپيل ٿو ڪريان.

ته هن ۾ هڪٻئي جو تعاون ڪرڻ گهرجي تان ته انقلاب ڪامياب ٿئي. مان اوهانکي اپيل ٿو ڪريان ته وڌيڪ محنت ڪريو ته جيئن ملڪي پيداوار وڌي.

## پريزيڊنٽ زميندار ائسوسيئيشن نوابشاه

آءٌ حاجي خان محمد، زميندار نوابشاهه، نوابشاهه جي زميندار ائسوسيئيشن جي پاران هيٺيون بيان ڏيان ٿو:

اسان گورنمينٽ جي تيار ڪيل بل سان سان شامل راءِ آهيون. بشرطيڪ هن بل ۾ زميندارن جي حقن کي وڏيڪ ترميمن سان بگاڙيو نہ وڃي. هي بيان اسان اوهان جي ڪليل ڪانفرنس جي انهيءَ خاطريءَ ڪري ڏيون ٿا تہ اوهان چيوهو تہ اوهان هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ پورو توازن رکندا ۽ ڪهڙو بہ قانون جو اسيمبليءَ ۾ پاس ڪيو ويندو سو ملڪ جي اقتصادي بهتري لاءِ هوندو ۽ هڪ طبقائي قانون نہ هوندو اسان کي پڪ آهي تہ جا نصيحت اوهان هارين کي ڏني آهي، ان تي هو عمل ڪندا ۽ هو امن قائم رکندا ۽ ڪو بہ اهڙو قدم نہ کڻندا، جنهن جو حڪومت جي مالي جوڙجڪ تي برو اثر پئي، ڇاڪاڻ تہ صوبي جي خوشحاليءَ جو دارومدار انهيءَ جوڙجڪ تي ئي آهي. اسان کي يقين آهي تہ هاري اوهان جي نصيحت تي عمل ڪندا ۽ اسان زميندارن جي پاران اوهان کي يقين ٿا ڏياريون تہ اسان هارين جا خير خواهہ آهيون ۽ اسان سندن هر مناسب حق ۽ واسطن جي حفاظت ڪنداسين. اسان کي اميد آهي تہ هو خلل انداز ماڻهن جي هٿن ۾ رانديڪو نہ ٿيندا ۽ زراعت جي پيشي کي چڱيءَ طرح عمل ۾ آڻي تعاون ڪندا. جو انهيءَ پيشي تي سنڌ جو دارومدار آهي.

آخر ۾ وري بہ اوهان کي پنهنجي تعاون جو يقين ٿا ڏياريون ۽ اوهان کي هن ڪار نيڪ ۾ دعا ٿا ڪريون.

❊

هاري انقلاب سلسلو _4

هاري حقدار زنده باد!          انقلاب زندهہ باد!!

# هاري ڪهاڻيون


گڏ ڪندڙ:

**باباءِ سنڌ حيدر بخش الهداد خان جتوئي**

بي اي آنرز ممبئي، هلال امتياز



جون 1950ع

**هاري دارالاشاعت**

الهندو ڪچو حيدرآباد (سنڌ)

(12_آنا)

**ترتيب:**

| | |
|---|---|
| 1۔ خوني ڪير؟ | ج ۔ جمالي |
| 2۔ ممو هاري | ابن الياس |
| 3۔ انڌي ۽ جنڊ | سائينداد سولنگي |
| 4۔ هي هاري | شيخ اياز |
| 5۔ مون کي منظور نہ آهي | شيخ ثناءُالله |
| 6۔ انڌيري کان پوءِ | شيخ ثناءُالله |
| 7۔ انسان حيوان ڪيئن بڻيو؟ | گوبند رام چگهہ |
| 8۔ عصمت | غوث ميمڻ |
| 9۔ هو باغي هو؟ | ج جمالي |
| 10۔ انسان جو گوشت | شيخ ثناءَالله |
| 11۔ هندو يا مسلمان | لڌا رام |

# خوني ڪير...؟؟

## از قلم: محترم ج جمالي

سياري جي موسم، اتر جي تيز هوا ۽ اونداهي رات، الا مان، اهڙي رات ۾ گهر کان ربڳو قدم ٻاهر رکڻ، هو هٿ وٺي موت کي دعوت ڏيڻ. شاهپور جي ڳوٺ جا ماڻهو پکين، جيئن سج لهڻ سان ئي وڃي پنهنجي جهوپڙين ۾ آرامي ٿيا هئا، سڄي ڳوٺ ۾ موت جهڙي خاموشي ڇانيل هئي، البت ڪنهن ڪنهن وقت گدڙن جي اونائين تي ڪتن ڀونڪيو ٿي نہ تہ خير ئي خير.

انهي ڀيانڪ رات جو اڃان اڌ ئي مس گذريو هو تہ اوچتو ئي اوچتو يوسف جي گهر مان روئڻ ۽ ڦٿڪڻ جي آواز هن مرده بستي ۾ تحرڪ وجهي ڇڏيو. ٿوري دير ۾ رات جو سنسني خيز سناٽو هڪ ڏکويل عورت جي دانهن ۽ ڪوڪن سان شور ۾ بدلجي ويو.

يوسف ويچاري سردي جي شدت کان ڏڪندي چيو تہ دائي، دائي هن مهل ڪٿان ايندي، دائي ڳوٺ جي ڪو ويجهو هجي تہ ڪٿي ڀڄ ڊوڙ ڪجي، پر ڳوٺ تہ سڄا سارا ٽي ڪوهہ پنڌ آهي، جي اوٺ موت ٿيندا ڇهہ ڪوهہ ۽ هھڙي رات ۾ ڇهہ ڪوهہ پنڌ ڪو ڪري سگهندو؟ ان کان سواءِ مون وٽ تہ وهٽ وارو بہ ڪونهي جو چڙهي ڪٿي مهل ڪجي. ٻي طرف ڪن وري سندس حاملہ زال جون دردناڪ دانهون، سو ويچارو منجهي پيو، هڪ ٻي بسي جي آهہ ڀري چوڻ لڳو تہ آءٌ ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهان، تہ ڇا ڪجي ۽ ڪيئن ڪجي.

ايتري ۾ هڪ پاڙيسيري همٿائيندي چيو تہ متان دلگير ٿيو آهين، مهلون مڙسن تي اينديون آهن، همت مردان مدد خدا.

ادا يوسف ادا گلڻ بہ دلگير تہ ڪونہ ٿيو آهي، پر وقت اهڙو اچي بيٺو آهي جو ڪجھہ بہ ڪري نہ ٿو سگهجي،

گلڻ واري بہ اهائي ڳالهہ. ميان ڳالهين مان نڪي ورندو نہ ڪي سرندو، خواهہ مخواهہ ٿو پنهنجي زال ۽ ٻار جي حياتي برباد ڪرين.

يوسف: تہ پوءِ ڇا ڪريان؟

گلڻ: اٺ تہ هلي وڏيري صاحب کي سچي حقيقت ٻڌايون. اميد تہ وڏيرو پاڻ کي ضرور گهوڙو ڏيندو 5 گهوڙا ٻڌا پيا اٿس. جي وقت سر ڪٽي مهل ڪيائين تہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي، پاڻ بہ تہ نيٺ هاري آهيون، ٻڌندو تہ ڪونہ. جو وڏيرو چوندو آهي تہ بابا اوهان بہ اسان جا ٻچا آهيو. اوهان جي عزت اسان جي عزت، اوهان جو ڏک اسان جو ڏک آهي.

يوسف پائو اهي ڳالهيون سڀ انهن ماڻهن جون زباني جمع خرچ آهن. وڏيرو پاڻ کي گهوڙو ڏئي خواهہ مخواهہ ٿو گاريون کارائين! اهي ماڻهو ئي مري ويا. جن کي پاڙي جو ننگ پوندو هو.

گلڻ ادا تو وڏيري کي نہ آزمايو آهي، بہ ٽي ڏينهن ٿيندا جو تپيدار جو ڪوتار آيو هو ۽ اچي چيائينس تہ وڏيرا تپيدار صاحب اوهان جو گهوڙو هفتي ڪن لاءِ گهرايو اٿس. وڏيري انهي مهل گهوڙو سجائي تپيدار ڏانهن موڪليو اهڙي طرح ڪيترائي پيرا جمعدار عيسيٰ خان بہ وڏيري کان گهوڙو گهرائي هفتن جا هفتا گهوڙي تي سواري ڪئي آهي، سو وڏيرو اهڙو بي اميدو ناهي ڪلاڪ ٻن لاءِ پاڻ کي گهوڙو ضرور ڏيندو.

يوسف تپيدار ۽ جمعدار جي ڳالهہ ٻي آهي، اسين هاري ماڻهو انهن آفيسرن جي جتي ۾ پير ڪونہ پائيندا سين. مون کي تہ ڪو وڏيري ۾ اهڙي اميد ڪانهي، باقي جي تنهنجي مرضي آهي، تہ هل تہ هلي ڪيس ڏسون.

يوسف ۽ گلڻ سردي ۾ ڏڪندي وڏيري جي در تي پهتا. "وڏيرا او وڏيرا سائين" گلڻ ڏجندي 2_3 سڏ ڪيا. "ڪير آهيو؟" ٿوري دير کان پوءِ اندران آواز آيو:

"سائين اسين آهيون." هڪ زبان ٿي گلڻ ۽ يوسف چيو:"سائين جا ٻچا صاف ٻڌايو ڪهڙا آهيو؟" ڪڙڪيدار آواز مان اندران جواب آيو

يوسف ويچارو تہ وڏيري جي گهڪار ٻڌي ڏڪي ويو پر گلڻ همت ڪري جواب ڏنو. "اسان گلڻ ۽ يوسف اوهان جا هاري آهيون".

"نالائق، بدمعاش، اصل رات جو بہ نہ ٿا ڇڏين." ائين چوندي وڏيرو پاڻ اور ڪوٽ ۽ شال ۾ ملبوس ٽي اچي در تي بيٺو "ٻڌايو ڪهڙي اچي آفت پئي اٿو" وڏيري کنگهڪار ڪندي چيو.

گلڻ: وڏيرا وڏا ادي يوسف جي گهر واري کي ويم جا سور ٿيا آهن.

"تہ پوءِ مان ڇا ڪريان؟" وڏيري وچ ۾ ڳالهہ ڪٽيندي چيو.

توهان مهرباني ڪري گهوڙو ٻن ڪلاڪن لاءِ ڏيو تہ يوسف دائي وٺي اچي.

وڏيرو: دائي وٺي اچي گهوڙو ڏيو شرم ٿي نہ ٿو اچي سيءَ ڪو گهوڙن لاءِ پڳو بيٺو آهي، جڻ هت گهوڙا ڪنهن جي بابي جا آهن؟

گلڻ سائين مهرباني ڪريو نہ تہ مائي مري ويندي

وڏيرو: اهڙي ڪتي رن مئي ڇگي آهي جو روز پئي گڏهہ ويامي.

بس وڏيرا! جيڪڏهن توهان گهوڙو نہ ٿا ڏيو نہ ڏيو باقي گارگند تہ نہ ڪريو.

يوسف وڏيري جي ڳالهہ جي وچ ۾ پئي تکو ٿي ويو.

وڏيرو: بلي آهين بہ ڪو معتبر جنهن کي گار گند نہ ڪريون، نڪري وڃ ٻاهر نہ تہ هٽايانو نہ جيل ۾ نالائقن آڌي رات جو ننڊ ڦٽائي آهي.

يوسف ۽ گلڻ روئڻهارڪا ٿي وڏيري جي در تان موٽيا.

تو سچ چيو تہ هنن وڏيرن ۾ پائي جي بہ اميد ڪانهي، پر مون کان بيوقوفي ٿي هرويرو هلي بي عزتا ٿياسون.

يوسف: ادا اڄ هنن کي چڱي ريت سڃاتان تو هي پنهنجي ڪم وقت اصل اهڙيون پيا نوڙتون ڪندا جو سمجهيو تہ پٽ آهن پر جيڪڏهن منجهن ڪو ڪم پيو تہ پوءِ پيءُ بہ ٿيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن. هنن جو اٿڻ، ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ سڀ مطلب جو آهي، هي پيٽ جا ٻکيا آهن هنن کي فقط پنهنجو پيٽ پرٽو آهي، باقي انسانيت هنن ۾ ذري ماتر بہ نہ اٿئي.

هاٽي آءُ ئي وڃان ٿو دائي ڪي وٺي اچان، اجايو وقت وڃايوسين. هيستائين تہ ڪر آءُ پهچي وڃان ها!

نہ ٻيلي هي رات ٻاهر نڪرڻ جهڙي نہ آهي، پارو تہ ڏس ڪهڙي طرح نہ پيو وسي، وري تو وٽ نہ آهين ڪپڙا ۽ نہ جتي.

يوسف ـ مگر پنهنجي گهر واري جو ٿٿڪڻ ۽ لڇڻ مون کان ڏٺو نہ ٿو ٿئي، ڇا آءُ سردي ۽ پاري کان ڊڄي گهر ۾ ڪڪڙ تي وڃان ۽ زال پلي ٿٿڪي ٿٿڪي ساهہ ڏئي! ائين چئي يوسف هلڻ لڳو گلڻ ڪيس گهڻو ئي روڪڻ جي ڪئي ليڪن يوسف نہ مڙيو.

يوسف دائي جي ڳوٺ ڏي تڪڙو تڪڙو وڃڻ لڳو ۽ گلڻ موٽي گهرن ڏانهن آيو پرهہ ڦٽي ڏاري مائي ويم ڪيو مگر دائي جي نہ هئڻ ڪري ٻار مئل ڄائو ۽ مائي بہ ٿٿڪي ٿٿڪي هميشہ لاءِ خاموش ٿي وئي.

صبح جو دائي جي ڳوٺ وارن گس تي يوسف کي سردي ڪري مئل ڏٺو ۽ واٽڙا ٿي ويا تہ آخر يوسف هت ڪيئن آيو ۽ ڇو آيو؟

نيٺ سندس لاش ڳوٺ ڏي کڻي آيا ۽ واٽڙا ٿي ويا، جتان يوسف ۽ سندس زال ۽ ٻار جا لاش کڻي ماٺهو قبرستان ڏانهن پئي ويا تہ رستي ۾ جمعدار جو نوڪر گڏين جو وڏيري جو گهوڙو جمعدار جي چڙهڻ لاءِ وٺيو پئي ويو.

# مموهاري

از قلم: محترم ابن الياس سومرو

هن جو نالو محمد هو پر پٽس ۾ پاڙيوارا هن کي ممو ڪري سڏيندا هئا. هن جي قسمت ۾ وڏيري جي چڙٻن سهڻ ۾ سڄو ڏينهن چاڪي جي ڏاند وانگر وهڻ لکيل نہ هو پر چاڪاڻ تہ پٽس ۾ ڏاڏس بہ هاري هئا انهي ڪري هي بہ ضرور هاري ٿيو سندس انهي نوڪري ۾ ڪنهن بہ ارادي يا اميد جو دخل نہ هو جنهن ڪري نہ ضرورتون گهٽيون هيس نہ خواهشون. هتاڪ هن جي ذهيل دماغ ۾ محدود سمجهہ ۾ ڪڏهن عزت جذبي ۾ مايوسي جو ويچار نہ آيو. بس ايتري خبر هئس تہ هو هڪ هاري جو پٽ آهي انهي ڪري هي بہ هاري آهي ۾ شايد ڪنهن هاري جو پٽ فقط هاري ٿيڻ لاءِ پيدا ٿيندو آهي.

ممو جڏهن اڃان پندرنهن ورهين جو ٿيو تہ پٽس ڪيس ڪيئن نہ پيو گهوري ڏسندو هو شايد پٽس کي ممو جي مستقبل جي هاڻ يادگيري بيٺي هئي ۾ هن ممو لاءِ ڪجهہ سوچڻ.... پنهنجي متعلق هن پيءُ، ماءُ کي ڳالهيون ڪندي ٻڌو پٽس چئي رهيو هو"ڪائي ڪائي گڏهہ تي پيو آهي رمضان جا ٻئي ڇوڪرا ڪيئن نہ پيا ڪمائين. هي ڪو ننڍڙو ڪونهي. هاڻ تہ منهن ۾ ڏاڙهي بہ تي اچيس." ٻئي ڏينهن پٽس هن کي وڏيري گل محمد جي ٻني تي نوڪري وٺي ڏني. اهڙي طرح ممو جي مستقبل جي ابتدا ٿي.... ممو هاڻ ڇا ڪري هڪ وهٽ هو جو هميشہ ٻين جي هدايت ۾ حڪم تي ڪم ڪري، جنهن کي ڪوبہ ارادو نہ هجي. بلڪ هميشہ ٻين جي اولادن کي عملي جامو پهرائي سگهيو ٿي، ۾ جو هر هڪ چرپر ٻين جي اشاري تي ڪري هن کي ڪڏهن محسوس نہ ٿيو تہ منهنجي جسم جا ڪپڙا ڇيهون

چيھون چو تي ويا آهن. جسم ۾ بدبوءِ وارن ۾ مٽي چو جمع تي وئي آهي، رات جو بدن ۾ ايترو سور چو تو پوي. مگر احساس! ممو اهڙي فضا ۾ پيدا ٿيو هو جو جتي جسم کان ڪم وٺي سگهيو ٿي مگر دماغ کان ڪم نٿي وٺي سگهيو اهڙي طرح دنيا ۽ دنيا جي هنگامن کان بي نياز ممو جسم کان ڪم وٺندو رهندو رهيو پنج سال اک ڇنڀ ۾ گذري ويا.

هڪڙي ڏينهن صبح جو پهر هو ڪم پورو ڪري ممو سويل ئي سڌو گهر پهتو تہ گهر جي دروازي وٽ ڊگي گاڏي بيٺل ڏٺائين. اجان اندر گهڙيو تہ منهن هيٺ پٽس ۽ مامس کٽ تي ويٺل ۽ ڳالهيون ڪندي نظر آيس. ممو ياڪر پائي حب سان مامي کي گڏيو مامس سندس پيءُ کي چيو تہ"عبدالله ممو هاڻ لائق ٿي ويو آهي. جوان رسمت تي پيو آهي. توکي هاڻي بک ڪانهي. " عبدالله چيو ادا هن جهڙو سعادت مند اولاد خدا سڀ ڪنهن کي ڏي بس رڳو هن جي مراد اکين سان ڏسان." ممو ڏانهن منهن ڪري چيائين، ابا اندر وڃي مامي ۽ پنهنجي ماروٽ سان مل" ممو اندر آيو ۽ پيرين پئي گڏيو ۽ ان بعد رحمت کي ڪيڪاريائين. جا هاڻ سورنهن ورهين جي اچي ٿي هئي، ممو کي ياد آيو تہ جڏهن اسين ويا هئاسين مامي جن وٽ تہ رحمت اجان ننڍي هئي ۽ اسان گڏجي رانديون ڪيون هيون. پر هنن ٻن ٽن سالن ۾ ايڏي تبديلي. هي انهن خيالن ۾ نہ معلوم ڇا سوچي رهيو هو هن کي اها بہ خبر نہ پئي تہ ماٽس پر ۾ ويهي ڪجهہ چئي رهي هئي. ماٽس چئي رهي هئي تہ پٽ هاڻ مامهين جن هميشہ هت رهندا. مامهين جي بدلي هن ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٿي آهي.

ممو جي زندگي ۾ هڪ تبديلي اچي وئي. سندس مامو ترقي پسند خيالن جو هو ڪيس دين دنيا ۾ هڪ ئي سڪيلڊي ڏيءَ هئي. جا هن ممو کي ڏيڻ جو اڳيئي خيال ڪري ڇڏيو هو ويتر جو ممو ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو سو ممو ٿورن ڏينهن ۾ هڪ ٻيو شخص معلوم ٿيڻ لڳو. هو هاڻ باقاعده سنوارت ڪرائيندو هو ۽ ٻئي ٽيئي ڏينهن صاف ۽ ڌوتل ڪپڙا پائڻ لڳو. وري شهر مان نئين طرز جو بوٽ خريد ڪيائين. جنهن ڪري سندس ٻيا ساٿي ڪيس ڏسي رشڪ ڪرڻ لڳا ۽ انهي ڏينهن جو ڏاڍي بيچيني سان انتظار ڪرڻ

لڳا. جنهن ڏينهن ڳوٺ جي پاسي ۾ ميڙو لڳڻو هو مموءَ ان جي وڃڻ لاءِ اڳيئي تياري شروع ڪئي ڇو تہ ڪيس خبر هئي تہ هيڏي ساري ميڙي مان هٿين خالي، نڪو اچڻ چڱو نہ آهي ۽ مامي جي لاءِ ڪجهہ سوکڙي ۽ ٻي شيءِ شڪل پڻ وٺيو اچان. نيڪ انهي ڏينهن تيار ٿي ڪجهہ پئسن وٺڻ لاءِ زميندار جي بنگلي تي پهتو ٿوري دير ڪان پوءِ رئيس اوطاق تي گهرايس، ممو پٽڪي کي هٿن سان ناهيندو اندر داخل ٿي ويو. رئيس گل محمد رعب سان ڪرسي تي ويٺو هو ۽ پاسي ۾ ٻي ڪرسي تي ٽاٽي جو صوبيدار بہ ويٺو هو. تنهن ڪان پوءِ ٻيا بہ هيٺ آس پاس تڏن تي ضرورتمند ۽ خوشامدڙا ويٺا هئا. ممو کي ڏسي رئيس چيو "ڇئو ڇا لاءِ آيو آهين. اڄ ٻني تي ڪونہ ويو هئين ڇا؟"

"ڪجهہ پئسن جي گهرج آهي، ميلي تي ويندس. انهي ڪري سائين جن وٽ آيو آهيان. ممو ادب سان چيو "پوءِ پلا اڄ هوڏانهن وري ڪير ويندو. ماڻهن جي اڳي ئي ڪوٽ اهي، ڪم ڇٽو هليو آهين ميلي تي." رئيس ڪنگهڪار ڪندي چيو "ورهين ڪان پوءِ نڪتو آهيان. گهر ۾ ٻارن لاءِ شيءِ شڪل بہ وٺڻي آهي."

"ٻارن لاءِ سودو وٺڻو اٿئي تہ هتي وري پٺهين ڪمائيندو ڇا. نمڪ حرام هليو آهين سامهون ٿيڻ." ممو جي دل ۾ اهي اکر پالي وانگي چڀي ويا ۽ سندس ارمانن جو خون ٿي ويو ۽ تپي باهہ ٿي ويو "رئيس زبان جهل. رئيس آهين پاڻ تائين." ممو هاڻ ڳاڙهو ٿي ويو "غريبن تي ظلم ڪرڻ واجب نہ اٿئي، پنهنجي مزدوري ٿو وٺان. تنهنجي گهران ڪونہ ٿو کاوان. سڄو ڏينهن وهٽن وانگر وهون ۽ ان جي عيوض هي ٽا ڏيو." ممو کي عزت جو احساس ٿيڻ لڳو.

رئيس پنهنجي صوبيدار دوست جو خيال ڪندي ۽ ممو کي بگڙيل ڏسي چيو" ڪمدار هن جو حساب ڪتاب پٽس جو شام کي ڏئي ڇڏج." ممو غصي ۾ اوطاق مان نڪري گهر ڏانهن هلڻ لڳو.

انهي ڳالهہ کي مهينو گذري ويو اڄ ممو جو مڱڻو هو شام جو پهر هو ماستر ۽ ممو جو پيءُ عبدالله مهمانن جي آڌر ڀاءُ ڪرڻ ۾ مصروف هئا آس

پاس جا سڀ راڄ ڀائي جمع ٿي ويا هئا مگر باوجود دعوت جي بہ رئيس گل محمد جي غاليچي وارو هنڌ اڃان خالي هو راڄ جا چڱا مڙا سڀ هڪ ٻئي کان وڏيري جي غير حاضري جو سبب پڇي رهيا هئا مگر ڪوبہ سبب ٻڌائي نہ سگهيو هاڻ مجلس ان جو انتظار ڪرڻ لڳي. مگر وڏيرو گل محمد نہ آيو ٿوري دير کان پوءِ صوبيدار ۽ جمعدار ڇهن پوليس وارن سان اچي نڪتا ۽ ممو جي گرفتاري جو وارنٽ اچي عبدالله کي ڏيکاريائون. مجلس ۾ حيرت ۽ خاموشي ڇانئجي وئي، البتہ صوبيدار ايترو چيو تہ رئيس گل محمد جي رپورٽ تي هن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

# انڌي ۽ جنڊ

از قلم: محترم سائينداد سولنگي

ڪڪڙن ٽيون دس هنيون، نعمت ڪلمون پڙهي اٿي، چوڌاري نگاهه ڪئي ته مال سڀ هو جوڙو ڏاندن جو پوري ڳئون، ٻڳي وهڙي ۽ ڪارو ڳابو.

ڀِٽي پٽ جي ڳڏ ستل هئس تن مٿان رلي ڇڪي وجهي پاڻ اندر ڇپر ۾ ويهي، اندران ان ڇڄ ۾ وجهي اڳڻ ۾ اچي وئي.

نعمت اَن ڇنڊيندي سوچڻ لڳي " اڄ خانو جو پيءُ اچي ته چوانس ته ان کپي ويو آهي، ٻه ويلا ٻه ڪونه ٿيندو. ڪٽان نه ڪٽان پٽ سٽ ڪري اچي، وڏيري سومر کان نقابي(نقادي) وٺي يا ڏرمون مهتي وٽان اوڌر تي ڪٽي"

هوءَ انهن خيالن ۾ محو هئي ته پر واري گهر مان ڇڪي پيهڻ جو آواز آيو

نعمت جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو پاڻ به ان ڪٽي وڃي جنڊ تي ويٺي، جنڊ جي مڪڙي جا اٿه ڇڪيائين، جيئن اتو ٽلهو پيسجي.

جنڊ پيهندي وري خيالن ۾ پيئي " رات ماني کائڻ کان اڳ چيائين ٿي ته ڪريمداد ڪوسي جون سرون وجهٽيون آهن رات پاڻي جو وارو وٺي اچان ته سياڻي شام جو وڃي بيانو وٺي ايندس، جمع گذاري اول خير ڇنڇر کان وڃي سرون وجهندس، ويهه هزار سرون چيون اٿس، ٻه هفتا لڳي ويندا، جنهن مان ٽئين حصي جا ويهارو روپيه ملي پوندا."

نعمت جي اکين اڳيان ڪمدار ڏهن روپين جون ٻه وڏيون ڏڳيون چمڪاٽ ڪري ويون ۽ ڪنن ۾ ڪڻ ڪڻ جو آواز گونججي ويس.

خوشي ۾ جوش وچان جنڊ کي زور سان گهمائڻ لڳي. هوش نڪاٽي تڏهن آيس جڏهن جنڊ جو نلهو آواز آيس. مشڪي ڏنائين، تہ مار ٻڪي وجهڻ وسري ويئي اٿم.

ٻڪي وجهي پڙ پڙ ڪري چوڻ لڳي، "نہ نہ هينئر اڃي تہ نيرن ڪري يڪدم ڪوسي ڏي وچي ۾ پئسا وٺي اچي، ان ڪٽو بہ ڪونهي، سياٽي ڪاڻينداسون ڇا؟ "مال لاءِ گاهہ آڻ پاڻ ڪري ايندس. پنهنجي ٻني ۾ ڪل ڪبهہ ملهيار گهٽوئي بينو آهي، اتي پيهندي جي مهل تائين بہ تي ڪانيا آڻ بہ ڪري ايندس."

ان سڄو پيسجي ويو اٿو پاٽ مان ڪڍي پاري ۾ وڌائين. پوءِ ڀهاري ڪٽي اندر گهر ۾ ٻاهر اڱڻ اف ڪيائين. باهہ ٻاري مڙس لاءِ جوئر جو روٽلو پچائي رکيائين ۽ وٽي ۾ ڏونئرو ڪڍي پاڻ ڪير گڏڻ ويني اڃان بہ ٽي گهمرا مس ڏنائين تہ در وٽ پيرن جي آهٽ محسوس ڪيائين.

"ميرو اچي ويو" خوشي ۾ جيئن ئي ڪنڌ پوئتي ورايائين تہ دهلجي وئي، بہ مڙس ميرو کي کٽولي تي کنيو ٽي آيا.

"ادا ڪوڙا خير تہ آهي؟"

"مائي خير وري ڪهڙو ميرو کي اسر جو پاٽي ورائيندي بلا ڪاڏو آهي سو گذاري ويو."

نعمت جي اکين اڳيان انڌاروين اچي ويون. دانهن ڪري پٽ تي ڪري پيئي ۽ بيهوش ٿي وئي.

دردناڪ دانهن تي سڀ ڳوٺ واريون زالون ۽ مرد اچي گڏ ٿيا.

"پٽر پرائو سور پنهنجو" سيني ڳوٺ جي زالن ڪلاڪ منو پار ڪڍي رنو ۽ پوءِ ماٺ ٿينديون ويون.

"هنڌ اهو جلي جت باهہ ٻري" جيڪا حالت نعمت جي هئي، سا شل ڪنهن ويري جي بہ نہ هجي، ويچاري جو اڃهو آسرو ميرو هو نہ ميرو جو ڪو مائٽ هو نہ نعمت کي ئي خدا ڪو پنهنجو عزيز بخشيو هو. نعمت جڏهن ننڍڙي هئي تڏهن پنهنجي سوٽ حيدر سان شادي ٿي هيس پر اڃان ساماٽو مس هو تہ اهو گذر ڪري ويو.

ميرو ڪاتڪو مڙس هو پر ملان موسي جي صحبت ۾ اچي ويو. چورين چڏي نمازي بڻجي ويو. خاڪ شوري جو پورهيو ڪري گذران ڪندو هو ملان موسو ميرو پوءِ گهرا دوست بنجي ويا. جنهن جي مدد سان ڏيڍ سو ٽيج بخشاڻي جا ڏيئي نعمت سان شادي ڪئي هئائين. شادي ڪئي چار سال ٿيا مس هيس ٻه پٽڙا ٿيا هئن وڏو ٽن سالن جو هو ۽ ننڍو اڃان نون مهينن جو طفلڙو هو.

هي ڏانئڻ آهي، حيدر جو سر کاڌائين. پيٽ ۾ هئس ته پٽس مري ويو جائي ته وڏو ياٽس گذر ڪري ويو سيني ماڻٽن جو سر ڪنيائين. پڪ هئي ته اڄ نه ته سياڻ ميروءَ جو ٻه خاتمو آڻيندي، سو نيٺ ٿيو فاطمه صحت کي سس پس ڪندي چيو "اڙي ڪريما! ڪفن چاڙهو ڪير ٿو ڪري ۽ لنگهڻ ڪير ڪندو.؟"

"عزت ادي! ڪندو وري ڪير. پرائين دهلين احمق نچي، ڪنهن کي لاچار پيو آهي جو اهي ٻار ڪڻندو عزازت ۾ اٽن پيي ڪير؟"

"جنت ماني ته گهر هلي کائيندا سون پر نيٺ ٻه ته ڪفن جو چا ٿيندو؟"

"ساران رلي ۾ ويڙهي وڃي پوريندس." نازيءَ نڪ کي موڙو ڏيندي چيو.

اهي ٻالهيون تڏهن ئي ٿينديون آهن زالن کي گلا ڪرڻ جو وجهه ملندو آهي؟

جيتوڻيڪ اهي وڌ نعمت جي سهڻ کان ٻاهر هئا. ته ٻه هوءَ ڪري چا ٿي سگهي.

"الله ڏي بندو سهي."

چپ چاپ ويني سنائين. انهن مهڻن نعمت جي اندر ۾ ڪان چپايا. بي يارو مددگار.

اندران وڃي پچنيءَ مان ڪنگڻ ۽ ڪڙيون روپيون ڪٽي اچي ملياٽي مرادان کي ڏنائين.

"ادي موسي کي وڃي ڏي ته ڪٽي ڳهه رکي منهنجي ميرل کي سرهو ڪري اماڻي."

نعمت وٽ هينئر سواءِ ٻن ٻچڙن ۽ پنجن ڏورن جي ٻيو ڪجھ بہ نہ بچيو ملان موسي ڪي دوستي نيائڻ جو ڏاڍو اچي اونو ٿيو سو ٻئي ٽئي ڏينهن نعمت وٽ پيو ايندو هو دلاسا ڏيندو هو ۽ نماز روزي لاءِ تاڪيد ڪندو هوس. قيامت درزخ جا بيان ٻڌائيندو هوس.

ادا موسيٰ منهنجو ميرل تہ هٿ جو ڪشادو هو نيڪ ٻانهو هو ڪيئن ٿو پائين، روح ڇٽل هوندس، ڪين نہ؟

"مائي رحمت! سختي گهٽ هوندس، پر جواني جي زماني ۾ جو ارهہ زاريون ڪيون هئائون، انهن جو حساب بہ ڏيندو."

"ادا آءٌ تہ نماز ۾ هن جي ڇوٽڪاري لاءِ دعائون گهرندي آهيان، انهي ڪان سواءِ ٻيو ڪو وسيلو بہ نہ آهي."

ملي مشڪي ڏاڙهي ۾ آڱريون وجهندي چيو "ڇو نہ؟ ختما جمعاٽا، چاليها، اهي بہ تہ نيٺ هٽي هنڌ ڪندا، وڏن اوليائن سڳورن جا ڏس آهن سڀ ڪو وت آهر ڪري ٿو پر جيڪو گهڻا ختما ڪرائيندو ۽ گهڻا ملا مراٽا گهرائيندو انهي جي عزيز کي جيڪي سو سر ثواب ملندو."

ملان موسي جي اهڙن ڏٺن تي لڳي نعمت هڪ ڏاند پنجاهہ روپين ۾ وڪڻي سڀ ختما درود پورا ڪيا. نعمت جي سر تي هينئر زناني مڙساڻي هئي، ٻني جي سنڀال بہ اچي مٿس پئي، اڳي جا گلن وانگر پئي ٻهڪندي هئي سا ڏکن ۽ ڳڻتين سبب ٻيڙي تي لڳي، ساريون تيار ٿيون، ميرو جي ٻولي هئي تہ لابارو آءٌ پاڻ ڪندس، نعمت جي آزين نيزارين تي بہ ڪمدار نہ مڙيو لاهيارا وجهي ڏينهڪ پوک لٽاپائين. هڪ ڏڳو پنهنجو هوس سوال سرڙو ڪري ٻيو ڏڳو وني ٻن ٽن ڏينهن اندر ۾ ان تيار ڪيائين، ڳاهہ بس ٿيا ديرو تيار ٿيو وڏيرو سومر خان ٻنڻي تي آيو نعمت کي ڪڪيو ٿي تہ لابارو لاهيارن ڪيو آهي، ان ڪري ٻنڻي اڌو اڌ نہ مگر پنج اسمي ٿيندي تنهن ڪري زميندار کي ٻاڏاياڻين، وڏيرا پنج اسمي جي ٻن حصن مان مون بي واهي جو چا ٿيندو. لاباري ڪرڻ لاءِ آءٌ پاڻ تيار هئس، ڪٽي هفتو لڳي ها. پر ڪمدار نہ مڙيو مون تي رحم ڪر. اڌو اڌ ڪر." وڏيري نعمت کي اج ڏٺو هو هوءَ ديري ٻنڻي وقت ڪڏهن بہ نہ آئي هئي. آهي تہ گودڙي ۾ لعل! ڏکن ۾ هڙٻائجي وئي

آهي پر تہ بہ حويلي ۾ سيني کي لتي ڇڏيندي، هن کي ڪيئن هٿ ڪريان.؟ اهڙو گدڙاڇي وڏيري کي اندر ۾ پيو.

ماپاري کي حڪم ڪيائين، "پنج اسمي بتئي ڪر هن سال ۾ بوڏ واري سال وارا ٻج ۽ تقاوي بہ پري وٺ."

نعمت تي جڻ وڄ ڪري پيئي، وڃي وڏيري جي پيرن جي ڪري پئي، دامن جهلي چيائينس، "سائين ائين نہ ڪر مڙس ماريو خدا. ٻي واهي آهيان، بتئي نلهي ٿي آهي بتئي پنج اسمي، مٿان هي قرض نہ چڪاءِ حياتي آهي تہ ٻئي سال قرض لاهيندس."

وڏيري ماپاري کي دڙڪو ڏيندي چيو "ماپ ڙي ماپ، هن کي اڳتي وري ٻني ڏبي بہ ڇا.؟ زائفان ۾ ٻني، هن سال بہ رلائي ڇڏي آهيس؟"

نعمت جي اکين مان ٻتا ٻتا ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ وڏيري کي ليلائي چوڻ لڳي، جنهن ٻني تي اسان ايمانداري سان هيتري محنت ڪئي، جنهن ٻني جي پوئتان منهنجو سهاڳ لٽي ويو اهو آسرو ڪيئن ٽو ڪسين وڏيرا؟"

وڏيرو نہ مڙيو قرض بہ چڪايائين ٻني کان بہ جواب ڏنائين. نعمت کي ايترو نہ بچيو جو ڪٽي اک ۾ ڪٽو وجهي. نعمت لاءِ ويل وهي ويو هن محسوس ڪيو تہ سندس دنيا ڪرندي ڍهندي ٿي وڃي. دل ڦاڙي ۾ هيانءُ ڦٽي اوڇنگارون ڏئي دل جي بار کي هلڪي ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش تي ڪيائين. رئندي رئندي اڇي ڏينهن لڙيو مڙس جي مري وڃڻ کان پوءِ ڳوٺ جي سبڻ ۾ پيهڻ جو ڪم شروع ڪيو هئائين جوئي اڪيلو سندس آسرو وڃي رهيو هو ۽ هن انڌڪار واري زماني ۾ اهو آسرو هلڪي روشني سان ٽمڪي رهيو هوس.

ڪجهہ ڏينهن بعد شام جو وڏيري جي ڳوٺ جي هڪ دائي جنهن نعمت جا ويم ڪرايا هئا سا وٽس آئي، در لنگهڻ سان اڇي اوڇنگارن ۾ پئي، نعمت کي ڏکن چور چور ڪري وڌو هو هڪ واري سندس ڳوڙهن جو بند ٽٽي پيو ۽ پريل اکين گهڙي جيان هارجي ويئي.

مسين مسين ماٺ ڪيائون، حال احوال ڏنائون، ورتائون، دائي آئي هئي نعمت کي ڏسڻ جا ڪٽ تان لهي اچي پٽ تي پئي هئي، مهمان کي ڏاري

لپ ڏئي ٻارن کي ننڍ وجهي نعمت سنجها جي نماز ۾ مشغول ٿي، واندي ٿي وري اچي دائي سان ويئي، دائي نعمت جي چوٽي چمي سر سيني سان لئي پئي دعا ڪيس.

لهواريون اوڀاريون ڳالهيون ڪندي چيائين "نعمت جي تون چوين تہ آءٌ ڪوشش ونان، وڏيرو سومر تہ جي ڪٽي توکي پاڻ وٽ هاري، تہ هوند سڀ ڏک درد ڪافور ٿي وڃن. ڪاٺي پيچي ٻيٽي نہ ڪنديئن مون جهڙيون سوين تنهنجون سلامي ٿينديون. حويلي ۾ اصل سانئڻ ٿي ويندئي، آهين بہ ننڍي نيٽي تنهنجون ڪاريون ڪاريون اکيون. جاڙا جاڙا پرون. ڏند جهڙا ڪچ ڪوڏيون هي پورو پورو بدن. وڏيرو توتي اصلَ اکن ڇڪن ٿي پوندو رڳو جي تنهنجي مرضي هجي تہ مان وڃي وڏيري کي مڃايان."

دائي گهڻو سمجهايس، پر نعمت نہ مڙي، لاچار دائي صبح جو واپس موٽي وئي، اهڙي طرح دائي بہ ٿي پنڌ ڪيا ۽ چوندي رهيس، "نعمت بخت کي ٿي لتون هڻين."

آخرين طرح هڪ ڏينهن نعمت دائي کي چيو وڏيرو جيڪڏهن شادي ڪري تہ آءٌ تيار آهيان، باقي سندس سريت ٿي ڪين هوندس، ان کان چڪيون هڻي مري ويندس، اهو منهنجو آخري جواب آهي، جيڪڏهن وري تون مون وٽ آئي آهين تہ بڇڙو ڪنديسائين."

اجوڪي ڏينهن وري نعمت جي ڏکن ۾ اضافو ڪيو دستور موجب اچ سندس ڀورڪين موتيا، ڏنار کان پڇا ڪيائين جنهن اٽجاٽائي ڏيکاري، نعمت لنگهي ويئي ملان موسي وٽ، جنهن ٻڌايس، "مون کي شڪ ٿو پوي تہ ڍڳا وڏيري جي چرچ تي گم ٿيا آهن." نعمت بہ اها ڳالهہ اعتبار ۾ آندي وڏيڪ جاچ جوچ اجائي سمجهي ڍورن تان آسرو پليائين، "مولا جيڪي تون ڪرين، تنهن تي شڪر."

سڄي ڄمار تہ ڏک ڏٺئي رڳو چار سال هي خوشي جا گذاريم، سي بہ نہ سنئي، ماشاءَالله پريلن کي پيو پرين، انهن ڍورن جي ڪپ مون کان وڌيڪ ڪنهن پئي کي هئي؟ منهنجو ننڍڙو معصوم عمر! آهہ خدا تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيائين، تون هن جو رموز چو بند ڪيو؟ ڳڻون ۾ ڪير بہ ٿورو هيو سو بہ

تہ عمر لاءِ ئي هو هنن کي بہ تو يتيم ڪيو پنهنجي ان ڪان سڪائيءَ هيئنر ڏڏي ڪان بہ محروم ڪيو اٿئي، اسان ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي؟

معصومن جو ترس بہ توکي ڪونہ پيو ماٺهو چوندا آهن، تون انصاف وارو آهين پوءِ ڪڏهن انصاف ڪندين؟ مان تہ ٽيس اياڳي معصومن جو ڏوهہ ثواب تہ ڪيڏي ٻاهر ڪر، مون تہ عزيزن جا سر ڪاٽا. هنن ڪنهن کي رنجايو؟ جيڪڏهن تو وٽ هنن جو روز ڪونهي، تہ پوءِ تو هنن کي خلقيو ڇو؟ ميرل کي موسي چيو هو تہ انسان جي جمڻ کان اڳ خدا روزي پيدا ڪري ٿو ۽ مرڻ کان پوءِ بند ڪري ٿو پر اسان تہ جيئرا آهيون اسان جي روزي تي ڇو لت اچي وئي آهي؟ تنهنجي خدائي ۾ غلطي ڪانہ ٿي آهي، يا وري موسي ڪوڙ ڳالهايو هو.“ انهي وهڪ ۾ نعمت لڙهندي وئي ڇپ پيڪوڙي پي سوچيائين ڪنهن ڪنهن وقت تہ هيئئين ڇپ کي ڏندن سان ڇڪ ٿي هنيائين، چريائي وارو جنون اچي ويس، مٿو ڳرو ٿي ويس سو ٽوٽي تي اهلي ٽيڪ ڏئي ويهي رهي، نڪ مان گرم گرم هوا ٻاهر نڪري ويس اکيون اگڙ تي پيل ڇنل ڪتولي ۾ ڪٽي ڪپايون هيائين، ڳاڙهيون ٿي ويون هيس جڻ تہ دل جو سمورو خون اکين جي پردي ۾ اچي اٽڪيو هوس رڳو نشتر لڳڻ جي دير هئي، ننڊيون ڪري رت وهڻ لاءِ منتظر هو ٽيپهري جي ٻانگ ملي، نعمت جو هوش نڪاٽي آيو اٿي تي وضو ڪري وري ويهي رهي، پڻ پڻ ڪري چوڻ لڳي، جنهن خلقيو تنهن روزي بند ڪئي، اڄ ڪاٹڻ لاءِ اصل لپ ئي ڪانهي، ٽيون ڏينهن لاڪر بکاري آهيان صبح کان ونيءِ ننڍڙا بہ بکيا آهن، اڄ اجهي ٿا ٽيئي ڦٽڪي مرون، پوءِ اهڙي خدا کي ڇو ٿي ياد ڪريان.؟ اجهو پهر پلڪ ۾ وڃي ٿا سندس حضور ۾ حاضر ٿيون، اتي پوءِ ياد ڪنداسونس.“

ائين ويني ويچار ڪيائين تہ مائي حاجران متي تي پارو ڪٽڪ جو ڪنيو اندر گهڙي آئي ۽ چوڻ لڳي. ”نعمت منهنجي ننهن پيڪي وئي آهي، ان تہ پيهي ڏي هيءَ بہ پاٽيون اڳيون حساب اٿئي.“

نعمت جون اکيون ڦاٽي ويون هي ڇا؟ خدا تو وٽ انصاف آهي. خدا روزي ڏئي ٿو پر ڪنهن کي، انهن کي جيڪي ساٽس سينو ساهين خدا غريبن جو ڪونهي.... نہ نہ خدا رحيم آهي. غريبن تي ڪهل ڪئي اٿس نہ تہ ڇا لڳي مکي چوس حاجران جا پاٽهي اچي پيسا ڏئي وئي.

نعمت جي هينئر اندر ۾ رڳواهائي جنگ هئي روئي روئي نور وڃائي ويٺي اڳئي نور نچوڙيو هئائين سبڻ تي ويتر. هن ڏک بيحال ڪري ڇڏيس. سندس گذران هاٿي هوس جنڊ پيهڻو خدا جي رحم مان ايمان نڪري ويس. ان پيهندي ڪڏهن ڪڏهن جوڄڪي ايندي هئس تہ زبان مان نڪري ويندو هئس خدا غريبن جو ڪونهي.. وري آگر نڪ تي هٿي توبهہ توبهہ بہ ڪندي هئي ۽ وٺي زور سان جنڊ کي هلائيندي هئي وري ساڳيا خيال خدا غريبن جو ڪونهي، وري توبهہ ۽ وري جنڊ زور سان هلائڻ. وري ساڳيو جنون. "خدا غريبن جو ڪونهي."

# هي هاري

از قلم: محترم شيخ اياز

منهنجو انگ انگ ڏکي رهيو آهي، منهنجو روح چيچلائي رهيو آهي. منهنجي بدن تي اجان نشان آهن. گهرا گهرا، ڪارا ڪارا، نشان مون کي ڦٽڪا لڳايا ويا. ڇو؟ مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو. پنهنجا ننگ بچايا. ان ڪري پنهنجي نڪ تي مر نه لائي. ان ڪري آخر منهنجو گناهه ڪهڙو هو؟ ٻه ٽي ڪاموري ڪڙي جون، ٻه ٽي ڪارائي ڪمدار جون، ٻه ٽي پير فقير جون مطلب ته مٿان متو نه لاهي، ويو زميندار باقي ڏڙوائي ٻنئي جو ڍونگ رچائي ويٺا، ساري خريف بيگر ٻه وهياسين. وڏيري جي اوطاق جي چندڊ ڦوڪ ڪئي سين، ڪانيون پڄايونسين، مارڪيٽ تائين ان ڍوئي ڏنوسين پوءِ ٻه نه پلال جو پورو حصو مليو نه حقا ٻه ۾ گهٽتائي ٿي. ان هوندي ٻه زهر جو ڍڪ پيري ٻڙڪ نه باقي جڻ زبان نه هئي ڪنهن ڏاند کي جڻ ٻوٽاڙي ٻڌي ڇڏي هئي پر اسين ٻه ته آخر انسان آهيون رت جو ست ڏيندا سين پٽ کي پٽيون ٻڌنداسين، رکي سکي تي راضي رهنداسون پر غيرت نه وڪڻنداسين، ٻني وني تي سر ويندا آهن. آخر هر ڪنهن کي پنهنجي ماءُ ڀيڻ آهي، وڏيرو ته اسان جي لاءِ امڙ ابو آهي، هو ڪيئن اسان جي ننگ ۾ اکيون رکي، هو ته اسان جي پشت پناهه آهي، هو ڪيئن اسان جي شرم ۾ هٿ وجهي!

منهنجي پل چڪ اها هئي جو مون وڏيري ڪريم بخش کي چيو ته اهي نياپا سنيها منهنجي زال ڏي نه موڪل. اسين ٻروچ آهيون ۽ اهڙين ڳالهين مان نه جاڻون. بس پوءِ قيامت اچي وئي، وڏيري لفنگا ڇيڙي ڏنا.

منهنجي زال جتي تي وئي، هو ڪيس ستائي رهيا هئا، هن جي پٺيان ڪن تي هٿ رکي ڏوهيڙا تي چيائون، هن ڪي خوامخواهه طعنا تڪا تي هنيائون. مون وڏيري کي ميڙ منٿ، آزي نيزاري ڪئي پر هو نہ رهيو. الٽو منهنجو ڏاند سندس چرچ تي چوري تي ويو. غريب ماڻهو روز روپيو ڏيڍ پاڙو لڳندو هو هاڻي هڪ ڏاند سان ڪم ڪيئن هلندو ڪئين دفعا پاند ڳچي ۾ پائي، قرآن مصاف ڏنا پر هو مڙي. گهڙو پرجي نيٺ چلڪي منهنجي بہ صبر جي حد تي چڪي هئي تيون ڏينهن مان لوڙهہ ڪٽي سندس اوطاق تي ويس، چيم يا هيڏي يا هوڏي، منهنجو اهو ڏوهہ هو جو مون هن کي غصي ۾ بدشد ڳالهايو پر تون ئي چئہ تہ ان ۾ منهنجو ڪهڙو سچ پچ ڏوهہ هو مان بہ تہ آخر انسان آهيان گهوڙي تي بہ گهٽي تڪليف رکبي آهي تہ هو گوهي ڪندو آهي، سا ڪنهن بہ نہ ٻڌي، شاهد بہ وڏيري جا سرڪار بہ وڏيري جي، پوليس جو خرچ پکو بہ وڏيري جو اسان جو الله پر جڏهن مون کي ڦٽڪا تي لڳا تڏهن تہ شايد الله کي رحم نہ آيو."

صالح جي ڳالهہ ٻڌي منهنجي دل پرجي آئي، مون کيس آٿت ڏيندي چيو تہ اهو وقت دور نہ آهي جڏهن نہ زميندار رهندو نہ ظلم. گهڙو پرجي چڪو آهي، رڳو چلڪڻ جي دير آهي، صالح مرڪي ڏنو گهڙو چلڪندو تہ ڇا ٻوڙ آڻيندو صالح پنهنجي گهر هليو ويو رات جو پهريون پهر هو ساري عمرڪوٽ تي اونداهہ ڇانئجي چڪي هئي آسمان ۾ اڻ ڪٿ تارا ٽمڪي رهيا هئا، اسان جي دل جا زخم شايد انهن تارن کان زياده هئا، تن جو ڪوئي ڳاڻاٽو نہ هو پاسا بدلائيندي منهنجي اک لڳي وئي.

هلڪيون چيخون ڪنديون هوا ۾ اڏاميون اونداهہ جا تهہ ڇڊا ٿيندا ويا ۽ ڦڪي روشني ڦهلندي وئي، فجر جي وقت پاڪ ۽ پيار پريو ٿو ٿئي سڄي رات جي ننڊ ۾ ڪالهہ جا ٿاٻا ٿڪاوٽون، ڪشٽ ڪشالا، پلجي ٿا وڃن ۽ آدمي تر تازو ٿي اڄ جي جدوجهد لاءِ تيار ٿو ٿئي. مون مزي سان ڏندڻ ٿي ڪيو ۽ سوچيو ٿي تہ قدرت جو دستو ر آهي تہ دنيا جي هر ڀاڱي تان اوندهہ هڪ وقت نہ ٿي لهي. جڏهن هتي ڏينهن هو تڏهن روس، فرانس ۽ انگلستان ۾ رات هئي ۽ هتي رات آهي تہ اتي ڏينهن آهي. ساڳئي طرح

جهالت جي اوندهہ بہ ڪٽي اڳ ۾ تي لهي، ڪٽي پوءِ هي صبح جو پهريون ۾ ريڪائون ساري ڏينهن جي قسمت جي اڳڪٽي ڪن ٿيون صبح ٿيندو تہ اهي اونداهہ جا تهہ ائين گم ٿي ويندا. جڻ اونداهہ هئي ئي ڪانہ! همت درڪار آهي. شفق جي رنگ جيئن خون سان هولي کيڏٽي آهي.

مان انهي ساعراڻي تصور ۾ هوس تہ پرسان بيل گاڏي لنگهي ۽ ڪنهن رڙ ڪئي. "شيخ صاحب" مون چرڪ پري پنتي نهاريو صالح بيل گاڏي تي ستو پيو هو مون ويجهو وڃي ڪانئس پڇيو چو صالح خير تہ آهي؟ هن مهل ڪٿان ٿو اچين صالح مشڪل سان جواب ڏنو بس سائين الاجي ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي. جنهن جا ڪيتا پيو ڏيان، رات چورن منهنجو ڏاند چوڙيو هو مون کي جاڳ ٿي وئي ۽ ڏاند جي گهنڊڻي جو آواز ٻڌي پڳس، چورن ڪان گز کن مفاصلي تي هوس تہ پير ٿڙي ويو ۽ ڦهڪو ڪري وڃي ڪريس چور بہ نڪ ڪرائي پني تي لوڙهہ منهنجو ڪرنگهو ئي ٽني پيو. صالح پير جو مرو ڏيکارڻ لڳو ۽ مري کي هٿ لائڻ سان سيسراٽ ٿي ايريس."

دنيا ۾ ٻين شين سان سر لڳندو هو هڪ گهر واري ٻيو ڏاند سان، ڏاند تہ نہ هو پکي هو. جڏهن گوءِ ۾ پڇندو هو تڏهن ماٺهو ڏندين آڱريون ڏيندا هئا، واهہ ڙي پکي! جڻ پڇڙ تارو ڏنو! هوا سان ڳالهيون ڪندو وتندو هو هوا سان! مون کي گهر واري ڪان بہ ڏاند پيارو هو مون ڏيءَ جو سڱ ۽ بہ سؤ روپيہ اتر ڏنا هئا تڏهن تہ اهو ڏاند مليو هو اجان ٽي مهينا مس ٿيا تہ وڏيري اچي ويرو وڌم ۽ منهنجي ڏاند جي ڪر کي راتو واهہ ڏنپ ڏيارائين. ويچارو گگدام بہ مهينا تہ منڊو هو قرض پڪا ڪٽي حيلا وسيلا هلائي ڪيس خوش ڪيم. پاڻ بکيو ڏکيو گذاريندو هوس پر ڏاند کي روزانو مکڻ ڏيندو هوس. پلا ڏاند تہ نہ هو گوءِ ۾ پڇندو هو تہ سوين ماٺهو شرط رکندا هئا هڪڙي تہ زال بہ شرط ۾ هارائي هئي، پر اڄ ان منڊي ڏاند جي صدقي پنهنجو پير منڊو ڪري آيو آهيان. باقي مون کي چورن جو پتو پيو ۽ مون پلئہ نہ ڪيو تہ پيءُ جو پٽ ئي نہ سمجهجان".

صالح روز پير سوٽائيندو هو پر ڪيس چٽڻ ۾ ٽي مهينا لڳي ويا. انهي وچ ۾ صالح جي زال پنهنجي نٽ چاندي جي ٻانهين، جهومڪون، دري ٻيا

پڳل ڊٿل ڳهه ڳنڍا وڪٽي پورائي ڪئي. مان هفتي ڏيڍ ۾ هڪوارو صالح کان پڇڻ ويندو هئس. هو هميشه اها ڳالهه ڪندو هو ته ڏاند سان منهنجي ايتري محبت هئي. جيتري گهر واري سان ڏاند ته نه هو پکي هو زال مال تي سر ويندا آهن.

ڪالهه مان هوٽل تي چانهه پي رهيو هوس ته پريان ماڻهن جو هجوم لنگهيو هو ڪنهن کي کٽولي تي کڻي تي ويا. مون پڇيو ته ڇا ڳالهه آهي جو جواب مليو ته صالح کي لوڙهيون لڳيون آهن ۽ بيهوش ٿي ويو آهي. مان ان گوڙ سان حڪيم عبدالغفور جي دڪان تي آيس. جيترا منهن اوتريون ڳالهيون. نيٺ شاهو سرپرستي ڳالهه ٻڌائي چيائين ته ڪالهه صالح کي خبر پئي ته سندس ڏاند فلاڻي چور وٺ آهي. هن به ڪئي هم نه تم راتو واهه وڃي ڏاند ڇوڙي آيو. صبح جو ڏاند کي خوب ڌوتائين. گهگرون وڌائين. مکڻ کارائين. پوءِ هوٽل وٽان وٺي لنگهيس توکي شمن موچي جي ته خبر آهي. ٽٽڪ آهي ٽٽڪ! صالح اڃان لنگهيو مس ته هن مون کي چيو ته "مال موٽائڻ ته وڏي ڳالهه نه آهي. ڪڙو جو ڪوئي زال موٽائي" پر ڪنهن ۾ غيرت به هجي. چوڏهين صدي آهي. صالح ٻڌي هن ڏانهن ڏٺو پوءِ ايترو خيال نه ڏنائين. شمن وري چيو ته واهه ڙي واهه وڏيرا ڪريم بخش! چوزو هٿ ڪيو اٿئي چوزو! بيشڪ سائين بيشڪ زر ڦينڪ ته عشق ته پهه. اسان کي به پيو هجي ته اهي حور پريون آٽي ڏيڪاريونس هي ته ماڻهو جو ٻچو آهي. شمن مون ڏانهن ڏسي صالح ڏانهن اشارو ڪيو. صالح اهو ڏسي ورتو ۽ پوءِ ته اڇي ڳچي مان جهليائينس شمن ته اٽنر حرامي آهي. سو چيائينس ته اڙي اهڙي غيرت تڏهن ته نه ٿي اچئي جوٺهين وڏيري جي ٻڪ ۾ پئي آهي. تون جو هي ٿي مهينا پير سوٽائيندو هئين ۽ ڪمائي کان ويهجي ويو هئين تڏهن خرچ پکو ڪٿان ٿي هلائي. صالح جو منهن ٽامٽي هٽي ويو ۽ چيائينس ته سوئر جا ڦر. منهنجي زال ڪانيون وڪٽي پيسن تي رونبو ڪندي ٻن ٽن گهرن ۾ جنڊ پيهندي هئي ۽ ڪانيون وڪٽندي هئي يا پاڻ وڪٽندي هئي. انهي جو پتو منت ۾ لڳي ويندو هل منهنجي اکين سان ڏس پوءِ ته شمس کيس ڏنل شاهه جي مڪان تي وٺي آيس. مسجد جي پنيان مجاور جي لانڍي هئي

جنهن کي وڏيرو خرچ پهچائيندو هو ۽ ان ريت ان لانڍي کي پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن جو اڏو بڻايو هئائين. صالح رستي تان خيري ٻروچ جي گهر مان تڪي ڪهاڙي کنئين رستي تي ڪيس شمن ٻڌايو تہ ڪيئن سندس زال وڏيري سان لانڍي ۾ ملاقات ڪندي هئي.

ٻيلي هوءَ بہ لاچار هئي. شمن ڦتن تي لوڻ ٻرڪيندي چيو پهريون تہ ويچاري گهڻا ڏينهن ستيا جهلي ۽ وڏيري جي چنبي ۾ نہ آئي پر پوءِ جڏهن تنهنجو پير مڙي پيو تڏهن بک وگهي هن اهو ڪم ڪيو. هونءَ تہ رن جي ذات تي لعنت آهي پر تڏهن بہ هن ڏاڍا وس ڪيا پر پوءِ تہ ڏونگهي ۽ خرمو ڪاڏائين ۽ ٻورڻي جو سواد چکيائين. سو هري پئي، تون بہ مال جي پٺيان لڳي وئين ۽ زال وڃايئي، نہ لڳين ها تہ زال نہ ڪرئي ها. صالح هن کي ڪو جواب نہ ڏنو ٻئي لانڍي تي آيا. قدرت منهنجي مالڪ جي لانڍي جو در بہ ڪو ٻيڪڙيو پيو هو صالح ڏڪي سان اندر هليو ويو هن ڏٺو تہ سندس زال وڏيري جي ياڪر ۾ هئي نڪا ڪرائين ڪنڌ واري ڪهاڙي گجر وانگر منڊي لهي ويس. صالح وري ڪهاڙي کنئي تہ وڏيري کي بہ اڳ پوءِ ڪارو ڪري ماريان، تہ پٺيان شمن اوڙاهہ ڪري نڪا ڪرايس شمن کي صالح سان وڏيرو تہ اڳئي هو ٻيو وري وڏيرو بچي ويو الح اڌ مئو پيو آهي ساهو ڳالهہ ڪندي روئي ويٺو پلا جنهن گناهہ ڪيو سو بچي ويو باقي مئا صالح ۽ سندس زال، انڌير نگري آهي. هي دنيا، هي دلو راءِ جو راڄ! شاهو ڳالهہ ڪندي ٻڌايو تہ صالح جو ڏاند بہ وڏيري جا ماڻهو چوري ڪري ويا هئا، سندس مرو بہ انهن ڀڳو هو.

ٻئي ڏينهن مان حڪيم وٽ صالح کي ڏسڻ ويس هن کي ڪاپاري ڏڪ لڳو هو زخم گهرو ۽ موتمار هو بچڻ جي اميد ڪانہ هئي صالح وقلي رهيو هو منهنجي زال کي ڏاند سان پرڻايو ڏاند زال کان بہ پيارو آهي، ڏاند تہ نہ آهي، پکي! زال مال تي سر ويندو آهي، وڏيرا سوئر جا ڦر....“

# مون کي منظور نہ آهي

مترجم: محترم ثناءالله شيخ
(هنديءَ تان ورتل)

دنيا جون سڀئي چڱيون ڳالهيون هرويرو آرام ڏيندڙ ٿينديون آهن. اهڙو منهنجو عقيدو ڪونہ آهي. انهن ڳالهين مان هڪ ڳالهہ سوير صبح جو اٿي سير ڪرڻ آهي. آرام ملي يا تڪليف! مٺو ٿي پوندو ڊاڪٽر جو حڪم آهي. اڪيون مهٽيندي وڃي رهيو هوس. ٿوري پنڌ تي هڪ نوجوان ڏاڍي وڏي آواز ۾ ڳائيندي پئي ويو: "تعريف اس خدا کي جس ني جهان بنايا." انهيءَ دماغ کي سجاڳ ڪري رهي کهي ننڊ کي بہ ڀڄائي ڇڏيو. ڏٺم تہ رڳو مان ئي ڪونہ هوس پر ماڻهن جا ٽولن جا ٽولا وڃي رهيا هئا. پر انهن کي ڪم آهي، انهن کي مل ۾ وڃڻو آهي ۽ مل جو بگل وڃي چڪو آهي. انهن کي روٽيءَ جي ٽڪر ڪمائڻ لاءِ وڃڻو ئي آهي پر مون کي ڪهڙي مصيبت آئي جو ايترو پريشان آهيان. خير، ڊاڪٽر جي مرض! هن جڳهہ ۾ ڏٺي منهنجا ارادا ڊاڪٽرن کي سونپي ڇڏيا آهن.

وري آواز آيو: "تعريف اس خدا کي جس ني جهان بنايا." سوچيم، خدا جي تعريف ان ۾ ضرور آهي تہ هن زمين ۽ آسمان ٺاهيا ۽ ان تي اسان کي بہ ٺاهي ڇڏي ڏنو پر ان ڪان پوءِ ڪنهن ڇا ٺاهيو اهو بيو سوال آهي، هيءَ وڏي ٽيهہ هزار گهوڙن جي طاقت (Horse Power) واري مل ۽ هي چوماڙ مڪان ۽ هي باغ، هي لهرائيندڙ کيت بہ شايد خدا جي مرضيءَ سان، ان جي حڪم سان نهيا هوندا، پر اڪين ڏٺي ڳالهہ تہ اها آهي تہ اهي انسان ٺاهيا آهن.

تعريف ان خدا جي جنهن آهي سمندر بڻايو تعريف ان خدا جي جنهن جهنگل، پهاڙ گفائون بڻايون، پر مان نہ سمنڊ ۾ تري سگهان ٿو ۽ نہ ڪنهن جهنگل پهاڙ جي گفا ۾ مزي سان رهي سگهان ٿو. ڪنهن کي جيڪڏهن برو نہ لڳي تہ مان هيئن ڳائڻ چاهيان ٿو...

ڪاش منهنجي زبان بہ هن نوجوان جيان ڳائڻ لائق هجي ها ۽ مون کي پٿرن سان سر پچائڻ جو ڏپ نہ هجي ها تہ مان ڳايان ها. تعريف آهي آ ان نوجوان جي جنهن آهي پلنگ ٺاهيو. تعريف آ ان نوجوان جي جنهن آ ڪپڙو بڻايو ۽ وري روٽي ۽ دال بڻائي، گهوڙي گاڏي، موٽر لاري ۽ ڪائڻ لاءِ دوا پڻ ٺاهيائين.

ها، نہ ٺاهيو ڪنهن؟ مون هن مهل تائين ڪجهہ نہ ٺاهيو! پڙهي لکي جيڪڏهن ڪجهہ ٺاهيو اٿم تہ اهو آهي دفتر جي رجسٽر ۾ حساب ٺاهڻ ۽ ٻيو ٺاهيون اٿم ڳالهيون پر ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي؟ مون نہ ٺاهيو اهي تہ منهنجن پائرن تہ ٺاهيو آهي. فخر وچان چاتي ٻيٽي ٿي ويئي، مون انهن سيني ماڻهن جي طرف ڏٺو جيڪي صبح سان ميلن ۾ ڪم ڪرڻ وڃي رهيا هئا. مون چيو هي آهن منهنجا پائر. جن سڀ ڪجهہ بڻايو آهي.

ان وقت مل ۾ ويندڙ ماڻهن جي شڪل جهڙو هڪڙو آدمي پوئتان ڊوڙندو اچي ٻين سان مليو. هو سهڪي رهيو هو معلوم ٿي ٿيو تہ پوئتي پئجي وڃڻ ڪري وقت جي ڪميءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ هن کي ڊوڙڻو پيو آهي، هن ايندي ساهہ کڻي چوڻ شروع ڪيو. ”چا ڪجي يار چوڪر بيمار آهي، انهيءَ ڪري دير ٿي وئي آهي، ان جي ماءُ روٽي بہ نہ ٿي پچائي سگهي. سوچيم تہ هيءَ اسان جو پاءُ آهي. سندس پٽ بيمار آهي، هن کي شايد ڊاڪٽر جي بہ گهرج پوندي هوندي؟ ڊاڪٽر جو خيال ايندي ئي ڊاڪٽرن جي في جو خيال آيو ويچار ڪيم تہ هيءَ في ڪٿان ڏيندو هوندو ۽ ڊاڪٽر جي هڪ دفعي جي في تہ هن جي سڄي مهيني جي ڪمائي آهي.

صبح جو سير ڪرڻ جي وقت دل کي خوش رکڻ گهرجي، انهيءَ خيال اچڻ تي مون اها ڳالهہ وسارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيڪا ڳالهہ وسارڻ جي ڪوشش ڪبي آهي اها هر گهڙيءَ پيئي ياد ايندي آهي.

وري خيال آيو تہ ان ۾ بي انصافي ڪهڙي آهي؟ هنن ماڻهن محنت مزدوري ڪئي، انهن کي ان جو عيوضو ملي ويو. مزدور جيتري محنت ڪندا آهن ان جو اجورو انهن کي ملي ويندو آهي، ان ۾ بي انصافي اصل ڪانہ آهي پر وري خيال آيو جيڪڏهن محنت جي پوري مزدوري مزدور کي ملي ٿي تہ مالڪ وٽ ڇا بچي؟ هن جو پرائي پلي سان واسطو؟

هر گهڙي ويچار اچڻ لڳو هي ماڻهو چوماڙ مڪان تيار ڪن ٿا اهي ماڻهو جيڪي هيڏيون وڏيون مليون، ريل گاڏيون ۽ موٽرون تيار ڪن ٿا، سڄي دنيا جي پيٽ پرڻ جو سامان تيار ڪن ٿا، انهن کي رهڻ لاءِ مڪان ڪونہ آهن، رهندا بہ آهن تہ اهڙي جڳهين ۾ جتي پلا ماڻهو رڳو جانور ٻڌي سگهندا آهن. اهو ڪي ڪائيندا آهن جو ڪائڻ لائق ڪونهي ۽ سواريءَ جو تہ سوال ئي نٿو اٿي؟

جن مزدورن دهليءَ ۾ وائسراءِ جو محل تيار ڪيو اهي اڄ اهي جيڪڏهن اتان لنگهي وڃڻ چاهين تہ نٿا وڃي سگهن. اهو ڏسندا هوندا تہ هن جي دل تي ڇا وهندو هوندو؟ اف بي انصافي!

ان وقت هڪ ٺيڪيدار صاحب جو خيال آيو. جنهن جي لاءِ مشهور آهي تہ هو ڪنهن وقت پنڌرنهن روپين وارو منشي هو پر هاڻي ڏهن لکن جو آسامي آهي، خيال آيو تہ ڪنهن وقت هو پنهنجي تقدير سبب غريبيءَ جو ڏک پوڳي رهيو هو پر اڄ ان فائدي جي روپ ۾ گهڻو ئي ثواب ڪٽيو آهي، انهيءَ ڪري هزارن مزدورن جو پيٽ پري رهيو آهي ۽ خدا جي نالي ۾ خيرات پڻ ڪندو آهي.

مل جي دروازي وٽان لنگهيس تہ اتي لکيل هو:" نوڪريءَ لاءِ جڳهہ خالي ڪانہ آهي." ان جو مطلب ٿيو تہ گهڻيئي آدمي مزدوري ڳولڻ ايندا هوندا، جيڪي ڪجهہ بہ مزدوري نہ ملڻ ڪري بکيا مرندا هوندا. اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ آدمي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجي ۽ ان کي ڪم ڇو نہ ملي؟ هو بک ڇو مري؟ پر ڇا ڪجي؟ مال جي کپت ئي نٿي ٿئي.

مال جي کپت ڇو نہ ٿي ٿئي؟ هي ماڻهو جيڪي ايترو نڪما آهن اهي مزدوري نہ ملڻ ڪري ڪجهہ خريد نٿا ڪري سگهن. کپت ٿئي بہ تہ ڪيئن؟

"ڪپت ٿئي چو نٿي، جڏهن ايترا ماڻهو بکيا ۽ ننگا آهن تہ انهن ماڻهن جي بک مٽائڻ ۽ پيٽ پرڻ لاءِ انهن ماڻهن کي مزدوري ۽ محنت ڪرڻ چو نہ ٿي ڏني وڃي! گهڻو سوچڻ کان پوءِ ويچار آيو تہ جيسين نفعي جو آسرو نہ هجي، تيستائين ڪم ڪيئن هلي سگهي.

انهن سيني جو علاج سامهڻ واد ٻڌايو وڃي ٿو جيڪڏهن اشتراڪيت سان سنسار جي هيتري دک، درد جو علاج ٿي سگهي تہ ان ۾ خراب ڳالهہ ڪهڙي آهي پر اشتراڪيت مون کي پسند نہ آهي، چون ٿا تہ اشتراڪيت ۾ سڄي جائداد کسجي ويندي، اهو مون کي پسند ڪونهي تہ مون کي جيڪو هڪڙو ئي مڪان آهي سو بہ مون کان کسجي وڃي، پر ٻڌون ٿا تہ سماجواد ۾ سيني ماڻهن کي کائڻ لاءِ اٽو ۽ رهڻ لاءِ اجهو ملندو! ٿي سگهي ٿو پر مون کي مزدور سڏائڻ پسند ڪونهي، مان مزدور کي پنهنجو پاءُ چئي سگهان ٿو پر پنهنجو پاڻ کي مزدور نٿو سڏي سگهان ۽ سارو ڏينهن ٿو ڪري ڪير ڏوئيندو؟

پر حساب لڳائي چون ٿا تہ هن مشينريءَ جي زماني ۾ جيڪڏهن دنيا ۾ ڪوبہ آدمي بيڪار نہ رهي ۽ هر روز هر هڪ آدمي رڳو ڏيڍ ڪلاڪ ڪم ڪري تہ دنيا جون سڀ ضرورتون پوريون ٿي سگهن ٿيون. اهو نيڪ ٿي سگهي ٿو اهو ويچار بہ خراب نہ آهي، پر پهريائين چئي چڪو آهيان تہ دنيا جي هر هڪ چڱيءَ ڳالهہ ۾ مزدور بہ آهي. هرويرو ائين ڪونهي. سماجواد يعني مزدور، هارين جو رواج سنو ٿي سگهي ٿو پر مون کي منظور نہ آهي.

# انڌيري کان پوءِ

ازقلم: محترم ثناءَالله شيخ

هي سڙڪ پار ڪري رهيو هو سندس عمر تقريبن 50 سال هئي. مگر زماني جي ڳڻتين جي بوءِ جي ڪري سندس عمر وقت کان اڳي جهڪي ويئي هئي. هن جو سينو بہ اندر تي ويو هو ۽ هن جي نڪ تي ٿلهن شيشن واري عينڪ لڳايل هئي. جنهن مان اندر بيٺل اکيون ٻاهر نڪتل معلوم ٿي ٿيون. ڄڻ ڪہ هن جي اکين جي گهرن حلقن ۾ دفن ڪيل اميدن اکين جي واهہ مان نڪرڻ چاهيو ٿي. هو هلي رڪجي ويو. ڪنگهڻ لڳو هو اسڪول ماستر هيو ۽ سندس پينشن تي اچڻ ۾ صرف پنج سال باقي هئا. هو وري سڙڪ تي هلندي هلندي سوچڻ لڳو تہ نوڪري جي وڏي عرصي ۾ مون ڪيترن نہ شاگردن کي پڙهايو هوندو ۽ نہ معلوم ڪيترا وڏن وڏن عهدن تي پهتا هوندا. مگر مان بہ ماستر پنجاهہ روپين جي مٺي تنخواهہ اڃان بہ حاصل ڪري رهيو هو. هن نڪ صفا ڪرڻ شروع ڪيو. ڄڻ ڪہ هن احساس کي نڪ جي راهہ کان دور ڪرڻ ٿي چاهيو.

سورج جي روشني غائب ٿي چڪي هئي ۽ هو شهر جي گهٽين ۽ سڙڪن تي هلي رهيو هو. بجلي بتيون روشن ٿي ويون هيون، چنڊ چمڪي رهيو هو. غريب ٻار بہ پنهنجي پيءُ سان گڏ لنگهي ويا. پيءُ سني پوشاڪ ۾ هو ۽ ٻچن کي قيمتي رانديڪا هٿن ۾ هئا جن کي حاصل ڪري هو نهايت خوش هئا. انهن ٻارن کي ڏسي هو پنهنجن ٻارن لاءِ سوچڻ لڳو جي تعداد ۾ پنج هئا. رنگ جا ڪارا، سنها، بي طاقت ۽ ماني کائيندي بہ جهڳڙو ڪندا هئا. ڪيترا دفعا ٻارن رانديڪن واسطي ضد ڪيو هوندو ۽ هو هنن

کي "سياڻي وٺي ايندس" چئي نتائيندو هو مگر ٻار بہ "نہ اڄڻ واري سياڻي" مان مايوس ٿي چڪا هئا.

ٿاور اٺ هنيا ۽ اسڪول ماستر جا هي خيال ڇڙوڇڙ ٿي ويا ۽ ٽڪڙا ٽڪڙا قدم کڻندو هو هڪ منڊي وٽ رڪجي ويو. جتي ميمڻ صاحب جي ٻن ٻارن کي اٺ روپيہ ماهياني تي پڙهائڻ ويندو هو.

منڊي جي اندرين ڪمري ۾ هليو ويو ۽ نائين بجي تائين ٻارن کي پڙهائي ميمڻ صاحب کان گهر وڃڻ جي اجازت وٺڻ لاءِ ٻاهر آيو. ميمڻ صاحب چهري تي مسڪراهٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو تہ "ماستر صاحب! اچو! ذرا هتي ويهو!"

اسڪول ماستر فورن سمجهي ويو تہ سيٺ صاحب هاڻي ڪجهہ منڊي جي ليکي جو ڪم بہ ڪرائيندو ڇاڪاڻ تہ جڏهن بہ ماستر کان پڙهائڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪم وٺڻو هوندو هيس تہ هو اهڙي طرح مخاطب ٿيندو هئو.

اسڪول ماستر جو خيال درست نڪتو ۽ ميمڻ صاحب هن کي حساب ڪتاب جو رجسٽر ڏيئي اندر هليو ويو ۽ هو ڪلارڪي جو ڪم ڪرڻ لڳو. ڪجهہ دير کان پوءِ ميمڻ صاحب ٿوال سان هٿ منهن اگهندي اسڪول ماستر وٽ آيو ۽ وري مسڪراهٽ پيدا ڪندي چوڻ لڳو" ڪيئن ختم ٿي چڪو؟" "هائو" وراڻي اسڪول ماستر ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو تہ هو هٿ منهن اگهي رهيو هو. هن سمجهيو تہ ضروري ڪاڏي ڪاڏي ڪائڻ کان فارغ ٿي ويو آهي. ڪاڏي جو خيال ايندي هن ديوار تي لٽڪيل گهڙيال ڏٺو تہ ٻارنهن وڃي ويا هئا. ۽ هو اچان بکيو هو. هن جلد رجسٽر بند ڪري ميمڻ صاحب کي ڏيئي پاڻ گهر جو رستو ورتو.

بازار ۾ بلڪل خاموشي هئي گهٽو ڪري سڀ دڪان بند هئا ۽ دڪان جي دڪيءَ تي ڏينهن جا ٿڪل ۽ بيروزگار بي گهر عورتون ۽ مرد سمهيا پيا هئا. سامهون بازار جي سوڙهي ۽ اونداهي گهٽي ۾ بہ نوجوان عورت ۽ مرد هن کي ويندا نظر آيا. بجلي چمڪي ۽ بارش پوڻ لڳي. ٿوري وقت ۾ بارش زور سان وسڻ لڳي. هو بارش کان بچڻ لاءِ دڪان جي دڪيءَ تي ٿي ويٺو. ٿڌي هوا تيزي سان لڳي رهي هئي ۽ مکانن تي بيجان جسم ڪنبڻ

لڳا ۽ ٻارن جي ننڍين جسمن تي وار ڪڙا ٿي ويا. هو مائرن جي سڪل ۽ ٻي ماس ڇاتين کي چنبڙي پيا. اسڪول ماسٽر جي اکين ۾ ڳوڙها ترڻ لڳا. هن جي حالت انهن دڪانن تي پيل مفلسن کان بدتر هئي. ڇاڪاڻ تہ اسڪول ماسٽر انهن غريبن جي تڪليفن کي ڏسي بہ انهن جي مدد نہ ٿي ڪري سگهيو.

ٿاور ٻارنهن وڄايا، بارش بہ ڏيري ڏيري وسڻ بند ڪيو. اسڪول ماسٽر ان ماحول کان متاثر ٿي پنهنجي سيني جو طوفان جو جلد ئي اثر ڏيکارڻ وارو هو. سانڍي وري پنهنجو گهر ڏانهن پنڌ پيو.

# انسان حيوان ڪيئن بڻيو. . ؟؟
# حيوانن جون ٿي ميٽنگون

از قلم: محترم گوبند رام چگهه

**پهرئين ميٽنگ**

هڪ تمام گهاٽي جهنگل ۾ پنهنجي حالت تي ويچار ڪرڻ لاءِ عام حيوانن جي ميٽنگ ٿي رهي هئي. پريزيڊنٽ، سيڪريٽري ۽ ٻيا ميمبر موجود هئا. پريزيڊنٽ ڪيهر شينهن هڪ وڏي دڙي تي ويٺل هو. سيڪريٽري محترم گدڙ ويٺو هو. باقي ٻيا ميمبر پکي، گهوڙا، ڍڳيون، ڍاند، هاٿي، باندر ۽ هرڻ وغيره جانور هيٺ زمين تي ويٺل هئا. سيني جي اندر ۾ جوش ۽ اتساهه هو. پريزيڊنٽ صاحب سيني اڳيان هيٺين تقرير ڪئي:

"ڀائرو اڄ وڏي خوشي جي ڳالهه آهي جو اسان پنهنجا سڀ ذاتي ويرورودھ ۽ ويڇا وساري پنهنجي ڪريل حالت تي ويچار ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آهيون. اسان تي لڳل انسان هٿان جيڪي ظلم ٿي رهيا آهن جي چوڻ ۽ لکڻ کان ٻاهر آهن. مان عجب ۾ آهيان ته ڪٿي ڏٻرو انسان موٽن سوٽن جانورن کي پنهنجي حڪم هيٺ هلائي رهيو آهي. اسان کي مارڻ خواهه جيارڻ يا حد کان وڌيڪ بار کڻائڻ ۽ بک اُڃ ۾ مارڻ سڀ انسانن جي وس آهي. اسان ان کي ڪجهه به نٿا چئي سگهون، جا اسان لاءِ وڏي شرم جي ڳالهه آهي. مون کي انهن گهوڙن ۽ ڍاندن جي حالت تي ترس ٿو اچي جيڪي سخت سردي ۽ گرمي ۾ به انسان کي پنهنجي پٺيءَ تي کڻي گهمائڻ ۽ گاڏين ۽ بگين ۾ پاڻ ٻڌائي بار ڍوئين ٿا. مون کي پهاڙ جيڏن وڏن هاٿين جي حالت تي به رحم ٿو اچي جي انسان جي هڪ لوهي جي ڪنڊي اڳيان ٻلي جيان

گذاري رهيا آهن. ڪهڙو حق آهي انسان کي جو هو گابن، مينهن ۽ ٻڪرين جي ٻچن کي بک ماري انهن جو کير پاڻ پي مزا ڪري؟ ڇا انسان ۾ انهن کان وڌيڪ طاقت آهي ۽ ڍڳئون ۽ مينهن جو هڪ ٽولو بہ انسان جي موت آڻڻ لاءِ ڪافي آهي. اسان شينهن کي بہ ڪيئن نہ انسان سرڪس ۾ چهبڪ هڻي نچائي ٿو. جيتوڻيڪ شينهن جي هڪ گجڪار بہ انسان جو ساهہ سڪائي سگهي ٿي، پر اسان ان جي اڳيان ٻلي وانگر ٿي رهون ٿا. طاقت هوندي بہ اسان جي اهڙي ڪريل حالت ڇو ٿي آهي ۽ ان جي سڌارڻ جو ڪهڙور ستو آهي، اڄ ان تي ويچار ڪرڻ ضروري آهي. اسان کي اهڙو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. جيئن اسان ظالم انسان جي چنبي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري آزادي سان جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ گهمندا رهون."

پريزيڊنٽ جي انهيءَ تقرير بعد سيڪريٽري مسٽر گدڙ پنهنجي تقرير شروع ڪئي. جنهن چيو تہ: انسان برابر ڏاڍو آهي ۽ اسان کان طاقت ۾ بہ گهٽو گهٽ آهي، پر انهي هوندي بہ ان کي دٻائڻ ڪو آسان ڪم نہ آهي. هو اسان تي ڪو بدلي طاقت جي زور تي حڪومت نٿو ڪري، پر ان ۾ جو عقل آهي ان جي زور تي هو سڀني جانورن کي پنهنجي حڪم سان هلائي ٿو جيستائين انسان ۾ عقل آهي تيستائين اسان ان کي ڪوبہ نقصان نٿا رسائي سگهون، تنهن ڪري ان کي دٻائڻ لاءِ پهريائين ان جي عقل جو خاتمو ڪرڻ ضروري آهي."

پريزيڊنٽ سيڪريٽري جي رٿ کي ساراهيندي چيو "رٿ تمام سٺي آهي، جيڪڏهن اسان انسان جو عقل ناس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهياسون تہ پوءِ اسان آزادي جلد حاصل ڪري سگهنداسون. هينئر جلد اهو اپاءُ سوچڻ گهرجي، جيئن انسان جي عقل تي هڪدم پڙدو پئجي سگهي ۽ هو ڦري اسان جهڙو حيوان ٿي پوي"

پريزيڊنٽ صاحب جي انهن اکرن چوڻ بعد بہ چار منٽ تہ اتي ماٺ ٿي وئي. ڪو بہ ڪجهہ چئي نہ سگهيو آخر سيني کي چپ ڏسي رڇ اٿي بيٺو ۽ هينئين ريت تقرير ڪرڻ لڳو:

"پائرو! انسان جو عقل آساني سان ناس ٿي سگهي ٿو. هڪ اپاءُ آهي جو جيڪڏهن پوري ريت عمل ۾ آڻيو تہ اسان کي ضرور ڪاميابي حاصل ٿيندي اهو اپاءُ هي آهي:

جيڪڏهن انسان جي اندر حيوان پٽو پوري ريت پريو وڃي تہ ان جي عقل تي جلد پڙدو پئجي سگهندو. ان لاءِ اسان کي سخت قربانيون ڏيڻيون پونديون يعني انسان جي ڪاڏ خوراڪ ٿيڻو پوندو. جڏهن انسان سوين ڇيلا، ٻڪريون، مڇيون هرڻ، تلوهر، ۽ ڪڪڙ وغيره روزانو پنهنجي پيٽ ۾ لنگهائيندو تہ سندس عقل حيوان جهڙو ٿي پوندو. انسان پوءِ حيوانپٽي جا اهڙا ڪم ڪندو جي ڏسي خود حيوان بہ لڄي پيا ٿيندا. اسان جي رڳو قرباني ڪرڻ جي دير آهي. قرباني سان ئي آزادي حاصل ٿيڻي آهي. ظالم انسان جي چنبي مان پنهنجي قوم آزاد ڪرڻ جو اهوئي هڪ رستو آهي."

رڇ جي اها رٿ ڏاڍي سٺي ۽ آسان آهي. جيڪڏهن اسان پاڻ ماري ۽ "قرباني" ڏاري انسان جي خوراڪ بنجي پئون تہ ڪاميابي اسان جي هٿن ۾ آهي. چڱو وڃي رٿ تي عمل ڪريو يعني قرباني اختيار ڪريو. انسان اوهان تي ڇري وهائي تہ خوشي سان قتل ٿيو ۽ ان جي خوراڪ بڻجو. اهڙي ريت قرباني ڪرڻ سان اسان ضرور آزادي حاصل ڪنداسون. چا، اوهان انهي لاءِ تيار آهيو؟ هائوس مان آواز آيو.

"ها اسان تيار آهيون." پريزيڊنٽ چيو" تن من سان جواب آيو؟ ها تن من سان" پوءِ ميٽنگ ختم ڪئي ويئي.

**ٻي ميٽنگ:**

وري ڪن سالن کان پوءِ ٻي ميٽنگ ٿيڻ لڳي، پريزيڊنٽ، سيڪريٽري ۽ ميمبر جيتوڻيڪ سڀ اتي هئا، پر هنن پنهنجن وڏن جو شروع ڪيل ڪم وساريو نہ هو سيڪريٽري سالن جي ڪيل ڪم جي رپورٽ هن ريت ٻڌائي:

"پائرو! انسان جي عقل تي پڙدو وجهڻ لاءِ ان جي خوراڪ بڻجڻ جي جا رٿ اسان جن وڏن بحال ڪئي هئي، تنهن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ هزارن خواهہ لکين پائرن ان ۾ بهرو ورتو آهي. ڇرين سان ڳترا ڳترا ڪيا ويا، باهہ ۾

پچايا ويا. پر قرباني جو متو اختيار ڪندڙ پائر انهن تڪليفن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪري خون سان ساهہ ڏيئي انسان جي خوراڪ بڻيا. سيني ننڍن توڙي وڏن پائرن هن قربانيءَ جي جهاد ۾ بهرو ورتو پڪين وڏي همٿ ڪئي. اميد ڪان وڌيڪ اٿاهہ ڏيکاريائون وري انهيءَ قرباني جو نتيجو بہ اسان چڱو نڪري رهيو آهي. اميد ڪان وڌيڪ ڪاميابي اچي رهي آهي. ماس خوري اثر ڪري انسان ڏينهون ڏينهن پنهنجو عقل گم ڪري رهيو آهي. حيوانپڻو ان ۾ روز بروز وڌي رهيو آهي. هينئر تہ پاڻ کي بہ هڪ قسم جو حيوان سمجهي حيوانن کان بہ وڌيڪ بي عقلي جا ڪم ڪري رهيو آهي. ٻڪري ٻڪري جي، شينهن شينهن جو ۽ گهوڙو گهوڙي جو دشمن نہ آهي پر اڄ انسان انسان جي خون جو پياسي آهي، گهرو قوٽ وڌي رهي آهي. ڇا اسان لاءِ اها ٿوري ڪاميابي آهي.؟"

سيڪريٽري جي رپورٽ پڙهڻ بعد پريزيڊنٽ شينهن سردار چيو تہ"اها اسان لاءِ بيشڪ ڪاميابي آهي. مگر اسان کي ڪم ڇڏڻ نہ گهرجي. قوم جي آزادي لاءِ شمع جا پروانا ٿي اڳي کان بہ وڌيڪ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. همٿ ڪريو خدا بہ همٿ وارن جو مددگار آهي. جيستائين انسان ۾ ٿورو بہ انسانپڻو آهي، تيستائين اوهان اها قرباني ڪندا رهو ٿورو ماس خور ٿيڻ ڪري هينئر جڏهن انسان ۾ حيوانپڻو اچي ويو آهي. جو انسان انسان جي خون جو پياسي آهي پر جڏهن انسان روزانو ٻئي وقت ماس کائيندو ۽ هزارين پسون پنهنجي پيٽ ۾ لنگهائيندو تہ ان جي عقل تي ايترو پردو اچي ويندو جو پنهنجي ويجهن عزيزن جي خون وهائڻ کان بہ نہ رهندو. اهڙي ريت انسان پاڻ ۾ ئي وڙهي مرندا. پائرو! قربانيءَ ۾ ئي ڪاميابي آهي. ساهہ جي سٽ سهڻ سان ضرور آزادي حاصل ٿيندي" پريزيڊنٽ جي انهي جوشيلي تقرير سيني ۾ نئون اتساهہ پيدا ڪيو سيئي خوش ٿيندا. نينگ ٽپا ڏيندا ۽ نچندا پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. ميٽنگ ختم ٿي.

**ٽين ميٽنگ:**

سوين سال گذرڻ بعد وري ميٽنگ ٿي جاءِ ساڳئي هئي. پريزيڊنٽ شينهن خوشيءَ ۾ گد گد ٿيندي هيٺين تقرير ڪئي:

"يائرو! اڄ وڏي خوشي جو ڏينهن آهي جو اسان صدين کان پوءِ پاڻ ۾ گڏ ٿيا آهيون. اسان جن وڏن جا قومي آزادي لاءِ انسان سان قرباني جي جنگ شروع ڪئي آهي. تنهن جو نتيجو گهڻي قدر اسان لاءِ فائدي وارو نڪري رهيو آهي. ڪاميابي اسان جي تمام ويجهو آهي. اسان جي قوم جي وڏي ۾ وڏي دشمن انسان جو عقل هينئر گهڻي قدر چٽ ٿي چڪو آهي. هينئر انسان پنهنجي ڳچي تي پاڻ ڇري هلائي رهيو آهي. هر ڪنهن قوم، هر ڪنهن جاني ۾ هر ڪنهن ديس جا انسان هڪ ٻي جي خون جا پياسي ٿي چڪا آهن. انسان جو هر هڪ ملڪ ۾ هر هڪ ڳوٺ انهي جنگ جي باهه کان نه بچيو آهي. نت نئون سج سنئون لکين ماڻهو بـ گولن بندوقن ۾ توبن سان پاڻ ۾ وڙهي موت جو شڪار ٿي رهيا آهن. انسان جي ساري آڪڙ خاڪ ۾ ملي رهي آهي. اسان جي لاءِ انهي کان وڏيڪ خوشيءَ جي ڳالهه ٻي ڪهڙي ٿيندي؟

يائرو! توهان پنهنجي اهنسڪ قرباني هلائيندا رهو ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو ڪو وقت اهڙو ايندو جو اسان حيوانن جي ماس بدران ماڻهو ماڻهو جو ماس کائيندو ماءُ پٽ کي ماري کائيندي ۽ ننڍيو وڏي کي پڇائي کائيندو اڃي اهڙو وقتا يلي اڃي!! پنهنجي ڪوشش نه ڇڏيو. قرباني ڪندا هلو ظلم انسان جي چنبي مان اسان جي قوم آخر ضرور آزاد ٿيندي."

# عصمت

از قلم: محترم غوث ايچ محمود ميمڻ

"زبيده!"

"امان!"

زبيده پنهنجي بيمار ماءُ جي چارپائيءَ تي ويهي، سندس مٿي کي زور ڏيئي رهي هئي، ڏيوٽيءَ تي هڪ نڪر جو ڏيئو غربت زده زبيده جي تاريڪ ڪوٺڙي تاريڪ هئي، ليڪن تاريڪيءَ کي ايتري طاقت ڪٿي جو زبيده جي جواني ۽ جمال کي ڇپائي سگهي!

انهيءَ ۾ شڪ نہ آهي تہ زبيده شمع کان گهٽ نہ هئي ليڪن جيڪڏهن هوءَ شمع هئي تہ اهڙن پروانن لاءِ جيڪي جلڻ جو وکو نہ ڪڍن.

ليڪن زبيده اهڙن پروانن کان پاڪ هئي....

"زبيده!"

"امان!"

.. ۽ زبيده جو هٿ رکجي ويو. هن پنهنجو معصوم چهرو ڦيرائي پنهنجي ماءُ جي ڪمزور چهري کي ڏٺو. ماءُ جي دل ۾ ممتا جي لهر اٿي، ڪمزور هٿڙو وڌائي پنهنجي "لاڏلي" زبيده جا پريشان زلف ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

"زبيده! اڄ هي پاڙيسرين ۾ شور ڇا جو آهي.؟"

"امان اڄ عيد جو چنڊ ڏٺو آهي ۽ سڀاڻي عيد آهي."

"يڪدم ڳالهہ جو رخ ڦيرائي چيائين:" امان دوا ڪٿي اچان؟"

ليڪن ماڻس خاموش هئي.

عيد.

هوءَ سوچڻ لڳي. سياڻي عيد ٿيندي، سڄي پاڙي ۾ شادمانہ ٿيندا. زبيده جيڏيون نوخيزده دوشيزائون پاڻ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين سينگاريندڍيون. سندن پيءُ، ماءُ کين سهڻيون سوکڙيون ڏيندا. سندن سهيليون کين ڳلي ملي "عيد مبارڪ" پيش ڪنديون. ليڪن سندس زبيده....

ڪنهن وقت سندس زبيده بہ پنهنجي سهيلين جي لاڏلي هئي، اڄ اهائي زبيده هئي. غريب جو دوست ٿيڻ ڪوبہ پسند ڪونہ ڪندو آهي، ۽.... زبيده غريب هئي!

"امان دوا ڪٿي اچان؟" زبيده وري پڇيس.

ليڪن ماڻس خاموش هئي. هڪ ڳوڙهي خيال ۾ غلطان. سندس لبن تي هڪ هلڪي مسڪراهٽ رقص ڪري رهي هئي ۽ ان سان گڏ اکين ۾ آنسو بہ.

"ڪاش! اڄ تنهنجو والد زنده...." ۽ سندس آواز رڪجي ويو.

ڏيئي ٿر ٿر ڪئي....

" زبيده جي اکڙين ۾ آنسو چمڪندا ڏسڻ ۾ آيا.

نيڪ ئي تہ چئي رهي هئي تہ سندس ماءُ اڄ جيڪڏهن سندس والد زنده هجي ها تہ سياڻي عيد جي ڏينهن زبيده جي چولي تي چاليهہ چتيون ڏسڻ ۾ نہ اچن ها! اڄ جيڪڏهن سندس والد زنده هجي ها تہ چا هو ٻين وانگر ڪا سهڻي سوکڙي آڻي نہ ڏيئي ها! ليڪن سياڻي عيد جي ڏينهن جڏهن ٻار ۽ ٻڍو خوشيءَ ۾ محو هوندو، تڏهن مزدور زبيده پراوا ڪپڙا سبندي نظر ايندي.

صبح کان شام تائين، پنهنجي ماءُ جي زندگيءَ خاطر، پنهنجي پيٽ خاطر هوءَ ڪپڙا سبي ٻين کي ڏيندي هئي، ليڪن پاڻ اگهاڙي ئي رهجي ويندي.

.... ۽ بہ گرم گرم لڙڪ زبيده جي نازڪ پلڪن کان پري ٿي، بيمار ماءُ جي زرد چهري تي ڪريا. آنسن جي ڪرڻ تي ماڻس کان هڪ هلڪو چرڪ نڪري ويو. کيس محسوس ٿيو تہ هن زبيده جي دل کي چوٽ رسائي

آهي. ٻالهہ کي وسارڻ لاءِ هن چيو تہ"زبيده! اٿي دوا تہ کڻي اچ!" زبيده يڪدم اٿي. هڪ پراڻي ٽپائيءَ تان دوا جي شيشي هٿ ۾ کنئين.... ۽ ڪانئس هڪ بي آواز سڏڪو نڪري ويو. دوا خلاص ٿي چڪي هئي. دوا جي لاءِ گهر ۾ پئسو بہ ڪونہ هيو. مبارڪ رات تي غريب زبيده جي ڪمزور ڪلهن تي هيءَ نئين مصيبت اچي ڪڙڪي.

(2)

صبح جو وقت، عيد مبارڪ ڏينهن. ۽ پرده نشين زبيده پنهنجو پراڻو برقعو ڍڪي ٻاهر نڪتي. هاڻ هوءَ هڪ گهٽيءَ مان گذر ي آهي. سڄي شهر ۾ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ شادمانو آهي. ننڍڙا ننڍڙا ٻار سهڻيون سهڻيون پوشاڪون ڍڪي، ڊوڙي رهيا آهن. ليڪن هڪ زبيده هئي جنهن کي صبوح جو پاڻي بہ نصيب نہ ٿيو هيو. زبيده هلندي هلي ۽ هڪ پڪيءَ عمارت جي اڳيان اچي بيٺي. در کڙڪايائين. هڪ ننڍڙو نينگر نڪري آيو.

"خالہ بيگم اندر آهي؟" زبيده پڇيو.

"تنهنجو نالو؟"

"زبيده..."

ڇوڪرو اندر هليو ويو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ موٽي آيو.

"خالہ بيگم چئي ٿي تہ خالہ بيگم گهر ۾ ڪانهي!"

"زبيده جي مٿان ڄڻ ڪا بجلي ڪري، هوءَ وري هلندي هلي، سندس قدم تيزيءَ مان اڳتي هلندو هليو. هاڻ هو هڪ ٻيءَ عمارت جي اڳيان اچي بيٺي هيئنئر هن در ڪونہ کڙڪايو ليڪن يڪدم اندر هلي وئي.

"بيگم صاحب! منهنجي والده بيمار آهي. دوا خلاص ٿي چڪي آهي. دوا لاءِ پئسو ڪونہ اٿم. منهنجي اوهان ڏانهن ڪپڙن جي مزدوري بہ روپين کن ٿيندي جيڪڏهن ڏيو تہ اوهان جو احسان!" بيگم صاحب کي ڄڻ بخار اچي ويو.

"زبيده! مون وٽ تہ ڪوڏي بہ ڪانہ آهي. توکي تہ خبر آهي تہ اڄ عيد آهي ۽ عيد ڏينهن تمام گهڻو خرچ ٿيندو آهي..."

هينئر زبيده جي اندر ۾ غصي ۽ نااميديءَ جو طوفان اٿڻ لڳو ڇا مزدور کي پنهنجي مزدوريءَ جو بہ حق نہ آهي؟ سندس زبان مان وڏيڪ هڪ اکر بہ نہ اڪلي سگهيو ۽ هوءَ يڪدم اتي ٻاهر نڪري ويئي. هينئر زبيده جي عجيب ڪيفيت هئي.

ساري دنيا خوشيءَ ۾، ليڪن زبيده... ماءُ جي زندگيءَ جو سوال، دوا خلاص، نااميدي، هينئر ڇا ڪجي؟ قرض ڪٿجي؟ ليڪن غريب زبيده کي قرض ڏيندو ڪير؟ هوءَ نااميد ٿي پنتي موٽي. ليڪن نہ ڄاڻان وري ڪهڙي خيال اچڻ سان تيزيءَ مان اڳتي هلڻ لڳي.

مسجد ۾ ماڻهو عيد نماز پڙهي فارغ ٿيا هئا. هڪ ٻئي سان گلي ملي"عيد مبارڪ" ڏيئي رهيا هئا. خدا جي گهر ۾ سرمائيدارن جي حڪومت ٿي ڏسڻ ۾ آئي. امير اميرن سان وڏا وڏا ڀاڪر پائي ملي رهيا هئا. ليڪن جيڪڏهن ڪنهن غريب ڪنهن امير کي سلام ڪري عيد مبارڪ ٿي ڪئي تہ امير فقط ڪنڌ جي اشاري سان عيد مبارڪ قبول ڪرڻ تي فرمائي غريبن جا ٻار اميرن جي ٻارن جي ريشمي پوشاڪن کي حسرت جي نگاهن سان ڏسندا هلندا ٿي ويا.

مسجد جي دروازي تي سوين فقير بخشيش وٺڻ لاءِ ڪٺا ٿيا هئا. پويان هڪ پرده پوش عورت هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي هئي. اها هئي زبيده، پاڪدامن ۽ پرده نشين زبيده، جا اڄ پنهنجي ماءُ جي خاطر بيک وٺڻ تي مجبور ٿي هئي. سندس دل ۾ عجيب طوفان هيو. ڪيس ايتري همٿ نٿي ٿي جو پنهنجو هٿ اڳتي وڌائي ڪجهہ گهڙي، ماڻهو مسجد مان نڪرندا هلندا ٿي ويا، ليڪن زبيده خاموش ويٺي رهي.

آخر......

معصوم زبيده جو اهو هٿ جو ڪڏهن ٻاڻ بخشيش ڏيڻ تي هريل هيو خود بخشيش وٺڻ لاءِ اڳتي وڌيو. ماڻهو هلندا هليا ۽ سڀ هليا ويا.

"زبيده جي ترڪيءَ تي هڪ آنو چمڪندو رهجي ويو. هڪ آني مان ڇا ٿيندو؟ "خير ڪير ئي ڪٿي وننددس!" زبيده سوچيو ۽ هوءَ گهر ڏانهن موٽڻ لڳي ليڪن سندس قدم ٿڙڪندو رهيو هوءَ سجي لڏي رهي هئي.

زبيده ماءُ کي کير پياري دريءَ وٽ وڃي بيٺي هوءَ خيال ڪرڻ لڳي
تہ "ڇا غريبن کي خوشيءَ جي ڏينهن بہ خوشي حاصل نٿي ٿئي؟"

اڄ عيد جو ڏينهن ليڪن زبيده جو پيٽ خالي. سندس ماءُ لاءِ دوا فقط زبيده جي دعا هئي. ليڪن غريبن جي دعا بہ خدا وٽ نٿي پهچي! زبيده جي ماءُ جي حالت ويئي ٿي بدتر ٿيندي ۽ زبيده ويئي ٿي وڌيڪ پريشان ٿيندي.

(3)

پير صاحب حاجي رحمت الله. شهر جي هڪ اعليٰ ۽ پاڪ هستي ڪري ليکجڻ ۾ ايندو هو. هردلعزيز ننڍو وڏو ڪيس عزت جي نظر سان ڏسندو رهيو پڙهيل خواهہ جاهل ڪيس چڱيءَ طرح سڃاڻندا هئا پير صاحب جي خدمت بابت وقت بوقت اخبارن ۾ وڏا وڏا ڪالم ايندا هئا جيڪڏهن ڪو قوم جو ليڊر سندس شهر ۾ تشريف فرمائيندو هو تہ ميٽنگ ۾ وقت جي صدر جي ڪرسيءَ تي پير صاحب ضرور جهوليندو نظر ايندو هو. ساڳئي وقت "خدائي خدمتگارن" جي جماعت جو پريزيڊنٽ بہ هو عيد نماز پڙهائڻ لاءِ امام ضرور پير صاحب کي ڪيو ويندو هو شهر جي ڇيڙي تي سندس هڪ عاليشان مڪان هو جنهن ۾ پير صاحب جي پاڪ هستي "گوشہ نشين" هئي. سندس عاليشان مڪان جي ارد گرد غريبن جون جهوپڙيون جهولنديون نظر اينديون هيون ۽ ائين معلوم ٿيندو هو جڻ ڪہ ڪتا ڪنهن سرمائيدار جي قدمن ۾ جهڪي ۽ سندس منهن ڏانهن لالچي نگاهن سان تڪي رهيا آهن." من ڪو مانيءَ ٽڪر ڦٽو ڪري"

پير صاحب جي "حرم شريف" ۾ چوڏهن بيبيون هيون. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن پير صاحب جي ڪنهن مريد جي ڌيءَ يا ڀيڻ تن "نظر ڪرم" تي وڃي تہ هو ان کي پير صاحب جي خدمت لاءِ وقف ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. بيڪس زبيده جي اکين اڳيان هينئر پير صاحب جي "مبارڪ تصوير" ڦري آئي.

ڇوٽو قد، سفيد چهرو، لال اکيون، موٽي ڪمر، ڊگهي ڏاڙهي جنهن ۾ اڌ کان وڌيڪ وار خضاب سان رنڱيل نظر ايندا هئا. "سر مبارڪ" تي "دستار مبارڪ" جي جهلڪ ڊگهو اطلس جو ڪڙتو جنهن تي زريءَ جي رونقل پنين کان مٿي سٿڻ، "قدم مقدس" ۾ چيڪاتن وارو چمپل، هڪ تسبيح هٿ ۾ ته هڪ ٻڳچيءَ ۾ بلڪل باشريعت، زاهد ۽ ڪامل انسان.

تازو زبيده کيس صبوح جو مسجد "پيش امام" جي گديءَ تي ويٺل ڏٺو هو. سندس اڳيان ڪپڙن ۽ روپين جا ڍڳ لڳا پيا هئا جي کيس ماڻهو نذرانه طور ڏيئي رهيا هئا. ان وقت زبيده پنهنجن خالي هٿن کي ڏٺو هيو کيس عجب ۽ غصو اچي رهيو هيو. آخر هن کي ايتري پئسي جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ڇا اهوئي دولت جو جائز استعمال آهي؟ غريبن کي ڪوڏي ڏيڻ ۾ ڪيبائن ۽ گرن کي گنين ڏيڻ ۾ به گهنبا نه وجهن. ڪٿليءَ کان ڪسي واگهوءَ جي وات ۾ وجهڻ، ڇا اهوئي انسانيت جو اصول آهي؟

ليڪن بزده زبيده پنهنجي تقدير تي تهمت هڻي دل کي پرچائي رهي هئي. سندس هٿ ايترو پڙڪو نه ڪائي سگهيو جو انهن سرمائيدارن کان پنهنجو حق ڇني وٺي. بزدلي غريب جي پيڙهه، غريبن وٽ جيڪڏهن ڪا دولت آهي ته سندن آنسو ليڪن اهو آنسو به سرمائيدارن جي قدمن ۾ ڪيرايو ڇڏين.

وري ڪو زبيده کي اوچتو خيال آيو ۽ سٽ ڏيئي برقعو ڪڍي در کان ٻاهر نڪري ويئي. سج بڏڻ تي آهي ۽ زبيده وري به هڪ راز گهٽين جي گهمسان مان تيزيءَ سان اڳتي وڌندي نظر اچي تي. گهٽين ۾ ساڳيو ئي خوشيءَ جون چيٽون ۽ چيخون اچي رهيون آهن. بازارين ۾ بجلي رات مان ڏينهن ڪري ڇڏيو آهي. اميرن جي ترين ملي خريد وفروخت ڪرڻ لاءِ سون جون تيلهيون تيار ڏسڻ ۾ اچي رهيون آهن. غريب پئسي پئسي لاءِ نوڪرون سهي رهيا آهن. زبيده هي سڀ ڪجهه ڏٺو...

ليڪن سندس قدم جي تيزي وڌندي تي ويئي.

اچانڪ سندس قدم رڪجي ويو. زبيده پنهنجي اڳيان هڪ معصوم ٻار بيٺل ڏٺو.

معصوم چهرو معصوم نگاهون.

"امان... هڪڙو پئسو.."

زبيده پنهنجي خالي هٿن ڏانهن نهاريو ۽ سندس قدمن ۾ هڪ وار وري تيزي اچي ويئي.

آخر زبيده ڏٺو.....

هو عاليشان مڪان، سندس دروازن ۽ درين کي ريشمي پڙدا، بجليءَ جي رنگين روشني جا چنڊ جي چانڊاڻ کي شرمندو ڪري رهي هئي. اهوئي آهي پير صاحب جو مڪان، زبيده صدر دروازي وٽ اچي رڪجي بيهي رهي. اڄ هوءَ هڪ ڏاڙهي مرد وٽ وڃي رهي هئي. مدد لاءِ هٿ ٽنگڻ هڪ ان مرد وٽ جنهن جي نظر سندس هڪ وار تي بہ ڪڏهن ڪانہ پيئي. اڄ شايد هڪ پرده نشين کي پردو هٽائڻو پوي.

ليڪن پير صاحب سندس پيءُ جيڏو هيو هڪ زاهد ۽ عابد شخص!

زبيده خيال ڪيو تہ ان کان شرم ڪهڙو ڪيس مون جيڏيون ڏيئر هونديون.

زبيده اڳتي وڌي، اڃان اڳتي وڌي، اڃان اڳتي وڌي، سامهون هڪ عاليشان ڪمري ۾، هڪ عمده ڪوچ تي، هڪ فرشتہ صورت آدمي ويٺل نظر آيو. سندس چهرو تجلا ڏيئي رهيو هو.

زبيده اڳتي وڌي

نيڪ، اهوئي آهي پير صاحب حاجي رحمت الله!

پير صاحب جي اڳيان ٽيبل تي طرحين طرحين جا طعام ۽ ميوا رکيا هئا. جي هو نهايت بي حيائيءَ ۽ بيدرديءَ سان ويو ٿي پنهنجي پيٽ ۾ لنگهائيندو.

"ڇا هي هيترو کاڌو صرف هڪ آدمي لاءِ آهي؟"

زبيده خيال ڪيو ڪيس پنهنجو بکيو پيٽ ۽ بيمار ماءُ ياد آئي. عيد جو ڏينهن ۽ زبيده ۽ سندس ماءُ بکي؟ هڪ آدمي لاءِ ايترو کاڌو؟ زبيده تيزيءَ سان اڳتي وڌي، ليڪن بزدل عورت... پير صاحب جڏهن ڪنڌ مٿي ڪنيو تہ هڪ برقعي سان ڍڪيل عورت اڳيان ڏٺائين.

"ڪير آهين بچا؟"

"هڪ مصيبت زده عورت بابا."

"ڀچا منهن تان نقاب تہ هٽائي."

زبيده زرا هٻڪي.

"مون کان ڪهڙو شرم پٽ؟؟ چئي. پير صاحب پنهنجي شرافت جي سند پيش ڪئي.

زبيده منهن تان نقاب مٿي هٽايو.

حسين چهرو ڦڪا ڦڪا لال ڳل، جنهن تي آنسو ائين چمڪي رهيا هئا جيئن گلاب جي پنکڙين تي ماڪ جا قطرا.

پير صاحب کان ڇرڪ هڪ ڇرڪ نڪري ويو.

"اف! تيري ڪافر جواني جوش پر آئي هوئي."

پير صاحب اهو شعر دل ۾ اچاريو ۽ هڪ اونهي خيال ۾ غرق ٿي ويو.

"ليڪن تنهنجي نيڻن ۾ لڙڪ ڇو؟" پير صاحب زبيده جي معصوم نيڻن کي تڪيندي ڇيو.

پير صاحب جو سوال نيڪ ئي تہ هيو اميرن کي آنسن جي ڪهڙي ڄاڻ تہ آنسو ڇا ٿيندا آهن. کين ڪهڙي خبر تہ آنسو غريبن جي زندگيءَ جو هڪ ضروري جزو ٿيندو آهي. کيس ڪهڙي خبر تہ لڙڪ غريبن کي لوليءَ ۾ ئي ڏاج ۾ ملندو آهي.

"توکي ڇا کپي؟" پير صاحب سنجيدگيءَ سان پڇيو.

"صرف ڏهہ روپيا.." زبيده ڪنڌ زمين ۾ هڻي ڇيو. هو پنهنجن هٿن کي هٿي رهي هئي، سندس پيشاني کان پگهر جا قطرا ڪرڻ لڳا." منهنجي والده بيمار آهي. دوا لاءِ پئسو ڪونہ اٿم. آءُ اوهان کان خيرات وٺڻ ڪونہ آئي آهيان. آءُ مزدور آهيان ڪپڙا سبندي آهيان جيڪڏهن چاهيو تہ اوهان کي ڏهن روپين جا ڪپڙا سبي ڏيندس جيڪڏهن نہ تہ مون وٽ سبڻ جي مشين پئي آهي سا اوهان گروي رکي سگهو ٿا...."

"بس! صرف ڏهہ روپيا." پير صاحب هڪ هلڪو ٽهڪ ڏنو سندس اکين ۾ هڪ قسم جي چمڪ ڏسڻ ۾ آئي. هو اٿي اندر هليو ويو. زبيده جي اڳيان طرحين طرحين جا ميوا ۽ طعام رکيا هئا. کيس بک بيحواس ڪري

چڙيو. هن هڪ صوف ڪنيو وات تائين آندائين. ليڪن وري يڪدم رکي ڇڏيائين شايد پير صاحب جو خوف ٿيو. هو سرمائيدار هو ۽ سرمائيدارن جو مال غريبن کي ڪائڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي. جيتوڻيڪ غريبن جو مال سرمائيدارن کي کائڻ جو هر ڪو حق آهي.

ايتري ۾ پير صاحب بہ موٽي آيو. سندس هٿن ۾ ڏهن روپين وارا ڪيترائي نوٽ هئا زبيده جون اکيون خوشيءَ مان چمڪي اٿيون پير صاحب زبيده جي نزديڪ آيو."جيڪڏهن چاهين تہ هي سڀ ڪٽي وڃي سگهين ٿي. توتان تہ لک بہ قربان ڪري ڇڏجن. پير صاحب جي اکين ۾ لالائي هئي. شرارت هئي. زبيده جي چهري تي خوف جا آثار ڊوڙي آيا هوءَ اٿي ڀڄڻ لڳي ليڪن پير صاحب جو سندس ٻانهن ۾ هٿ پئجي ويو.

بتي وسامي ويئي ۽ هڪ هلڪي چيخ ٻڌڻ ۾ آئي.

مسجد مان اذان جو آواز آيو."الله اڪبر..." ڪجهہ وقت ڪان پوءِ ڪمري ۾ روشني ڦهلجي ويئي ۽ بيوس زبيده زمين تي پيل ڏسڻ ۾ آئي، بيهوش... ۽ مجبور زبيده..!!

هڪ عصمت دار جي عصمت نہ رهي. هڪ پاڪدامن جي پاڪيزگيءَ کي نچوڙيو ويو. نادار جي عصمت تي امير جي دولت جي فتح ٿي. هٽ مسجد ۾ غريب صفون ٻڌي الله جي سجدي ۾ ڪريل هئا. هت هڪ سرمائيدار ۽ مذهب جي ٺيڪيدار جي هٿان هڪ ڪمزور عورت جي عصمت لٽجي رهي هئي. شيطان مشڪندو رهيو. اميري، غريبيءَ جي بيوسيءَ تي ٺهڪ ڏيندي رهجي ويئي.

# هو باغي هو...؟؟؟

## از قلم: محترم"ج" جمالي

هم آهہ بهي پرتي هين تو هو جاتي هين بدنام
وه قتل بهي ڪرتي هين تو چرچا نهين هوتا

نہ هرگز نہ! هو شريف، سلڇڻو ۽ سليم طبع نوجوان هو رواجي تعليم هوندي بہ هن کي پنهنجي جهوپڙين واري ڳوٺ ۾ انهن جهوپڙين ۾ رهندڙ غريبن لاءِ ڪافي محبت هئي. سندس سليمي سياءَ ڪري ڳوٺڙي جو ننڍو وڏو ماڻهو کيس عزت ڏيندو هو. هن پاڻ کي نہ فقط پيارو ڪيو بلڪ هڪ فرمانبردار فرزند ڪري ڏيکاريو اهوئي سبب هو جو سندس والد(ميان احمد) جتي ڪا ڪچهري يا مجلس ٿيندي هئي تہ پنهنجي لائق فرزند جي نهايت فخر سان تعريف ڪندو هو ۽ ٻين جي واتان پڻ تعريف ٻڌي.

فرط مسرت ۾ محو ٿي جهولندو نظر ايندو هو هڪ دفعي دستور موجب ڪچهري گرما گرم متل هئي، حقي جو دور دوره چالو هو لهوارين اوپارين بعد ميان احمد پنهنجي هونهار فرزند(مظفر) ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو تہ پٽ! ڏٺي تو کي وڏي عمر ڏي، اسين هاڻي ماني کائي مٿي چڙهيا آهيون، حياتي تي پروسو ڪونهي. ڪپڙي جي نافت اها جا ڏسين ٿو ڪفن بہ ڪونہ ٿو ملي.

اجان ميان احمد ڪجهہ چوي ئي چوي تنهن کان اڳ مظفر چيو بابا! سائين ڪري شل اوهان جو سايہ عاطفت مون تي هميشہ هجي ڪپڙي جي تنگي جلد دور ٿي ويندي، حڪومت ضرور ڪونہ ڪو خاطر خواهہ بندوبست ڪندي، منهنجي خيال ۾ هاڻي اهي ڏينهن پري نہ آهن جڏهن

اسان بہ هن آزاد فضا ۾ آزاد باشندن جيئن ڪائيندا سين، پھريندا سين. آزاد ملڪن جي ماڻھن سان ڪلھو ڪلھي ۾ ملائي هلندا سين.

ميان احمد آمين شل! تنھنجي زبان قبول پوي. زندگي جا ڏينھن گذري رهيا هئا. هر ڪو پنھنجي ۾ پورو هو ڪپڙي جي قلت ڏينھون ڏينھن وڌندي ويئي، چئني طرفن کان ڪپڙو! ڪپڙو تيڻ لڳو هزارين بندگان خدا اگھاڙپ ڍڪڻ لاءِ عاجز ٿي پيا. ڪپڙي جي بليڪ مارڪيٽ عرش تي پھچي چڪي هئي. غريبن جون دانھون ۽ ڪوڪون صدا بصحرا ثابت ٿيون.

انھي مايوس دور ۾ اچانڪ ميان احمد جي طبيعت ناچاق ٿي پيئي، غريبت سارو سندس علاج معالج ۾ ڪابہ ڪمي نہ ڪئي ويئي. مگر "مرض بڑھتا گيا جون جون دوا ڪي."

مظفر آيو آهي، ميان احمد شدت بخار کان ڏڪندڙ آواز ۾ چيو:

جي. ها بابا! آئون ويٺو آهيان. مظفر جواب ڏنو.

ميان احمد. بابا! دوائون بيڪار آهن، زندگي جو ڏيئو وسامڻ تي آهي. هاڻي صرف هڪڙو عرض آهي تہ منھنجي ڪفن لاءِ ڪپڙي جو انتظام ڪجو.

ڪاش! ڪفن جي تسليءَ هجيم ها.

ائين چوندي پوڙهي احمد جو آواز بند ٿي ويو ۽ هڪ آخرين نگاهہ سيني تي وجھي ڪٽي اکيون بند ڪيائين. جنھن مان ائين پئي معلوم ٿيو تہ مٿا وس آهن جيئڻ جي.

ميان احمد جي فوتي جو ٻڌي سڄي ڳوٺ جا ماڻھو اچي گڏ ٿيا. ڪجھہ وقت روئڻ پٽڻ ۾ گذريو. آخر هڪ پرئي مڙس مظفر کي سڏي چيو تہ:

ابا! هي راهہ رباني آهي، هر ڪنھن کي هلڻو آهي. پوءِ ڪي اويل ڪي سويل هاڻي مڙس ٿي مائٽ کي سرهو ڪر، اٿئي ڪي پئسا تہ جوڙي پوتي جو بندوبست ڪجي.

مظفر رئندو گھر ۾ ويو ۽ ٿوري دير بعد 20 روپيہ پرئي مڙس کي ڏيندي، گلو گير آواز ۾ چيائين تہ:

چاچا اسان وٽ جيڪي هو سو اڳ ۾ ئي دوا درمل تي خرچ ڪري چڏيوسين هاڻي تہ فقط اهي پئسا آهن وجي پوري ڪريو.

ڪفن لاءِ ماڻهو شهر ڏي موڪليو ويو جو گهڻي وقت کان پوءِ خالي هٿين موٽيو. چئي ڪفن جو ڪپڙو ڪونہ مليو. گهٽي ئي ست ستاءَ ڪيم پر وريو ڪجهہ بہ نہ بليڪ مان پوري ڪفن لاءِ ڪم ازڪم 50 روپيہ گهرجن.

مظفر 50 روپين جو ٻڌي وائڙو تي ويو ايترا پئسا ڪٿان ايندا ڪير ڏيندو؟ سيئي حيران هئا تہ ڇا ڪجي، نيٺ صلاح مشوره بعد وري ٻي ماڻهو کي زميندار صاحب ڏانهن موڪليو ويو تہ اتان مرڻي جي تصديق ڪرائي وجي ڪپڙو وٺي اچي مگر ڪمبختي کان اها بہ ڪوشش ڪار آمد نہ ٿي، انهي پيچ ٻڪ ۾ سجو ڏينهن لڳي ويو مگر ڪپڙي ملڻ جي ڪابہ اميد ڪانہ هئي.

مظفر جنهن جي ڪنن ۾ پنهنجي والد جا اهي الفاظ گونججي رهيا هئا تہ ڪاش! ڪفن جي تسلي هجيم ها! سو ديوانن وانگر جنون ۾ اچي چوڻ لڳو تہ:

بابا! بابا! ڪفن ضرور ملندو. منهنجو پيءُ بنا ڪفن؟ ائين چوندو چرين جيئن شهر ڏانهن ڊوڙڻ لڳو ماڻهن کيس گهڻو ئي روڪيو مگر پنهنجي پيءُ جي آخرين وصيت پوري ڪرڻ خاطر دنيا جي ڪابہ طاقت مظفر کي روڪي نہ سگهي.

هو سڌو صاحب جي آفيس ۾ آيو ۽ وڏي واڪي رڙڪري چوڻ لڳو تہ:

هي ڪهڙو انڌير آهي؟ جو مئي لاءِ ڪفن نہ ٿو ملي. بليڪ مارڪيٽ ۾ هزارين وال هڙپ ڪيا وڃن ٿا زميندارن ۽ ڪامورن جي گهر ۾ سوين وال بنا گهرج جي سڙي رهيا آهن. مگر غريب جي لاش لاءِ 4 گز ڪفن محال آهي، هن شور تي آفيس جا ڪلارڪ وغيره نڪري آيا جن شور دفع ڪرڻ خاطر کيس ڪجهہ سمجهايو ۽ ڪجهہ ڊيڄاريو مگر:

مظفر تي مڪين جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو هو ويتر ٻي باڪي سان چوڻ لڳو:

توهان رشوت خور آهيو توهان هن گناهہ لاءِ جوابدار ٿيندا. توهان ٿي رشوت کائي ڪفن جو ڪپڙو بليڪ مارڪيٽ ۾ وڪڻو ٿا.

ايتري ۾ صاحب بہ گوڙ تي ٻاهر تشريف فرما ٿيو. ڇاتي ٺوڪي فرمائڻ لڳو ڇا جو گوڙ آهي؟

مظفر سائين منهنجي پيءُ رضا ڪئي آهي.

صاحب! وچ ۾ ڳالهہ کي ڪاٽيندي پوءِ اسان ڇا ڪريون؟

سائين ڪفن جو ڪپڙو ڏياريو ٻن ڏينهن کان لاش اسان جي گهر ۾ پيو آهي.

صاحب: ڪوڙو بدمعاش 5 ڏينهن کان لاش پيو آهي سيني جا پيءُ مري ويا آهن، ڪونهي ڪپڙو نڪري وڃ ٻاهر نہ تہ ڪاٺين نہ ڪلا.

مظفر جنهن جي جان اڳ ۾ ئي جلي رهي هئي تنهن ٺهہ پهہ چئي ڏنس تہ:

اي رشوت تي سڄيل خان صاحب! ڇا مان پنهنجي پيءُ کي ماري اچي ڪوڙ ڳالهائيندس تہ مون کي ڪفن جو ڪپڙو ملي. اسان غريب برابر آهيون مگر ڪفن چور نہ آهيون. اهي ڪفن گوس اوهان آهيو. جي چند سڪن تي خدا، رسول، دين ۽ ايمان کي وڪڻي پيٽ ڀريو ٿا. توهان خدا، قوم، ملڪ ۽ حڪومت جا دشمن آهيو. توهان کي ضرور سخت سزا ملندي. توهان ئي هن آتشڪده جا ٻاريندڙ آهيو. هنن ظلمن جو قدرت توهان کان ضرور بدلو وٺندي. مظفر تہ اڃان چوندو رهيو مگر صاحب وچ ۾ گجگوڙ ڪري حڪم ڏنو تہ اچا پيا ڏسوس. بس! هت تہ فقط اشاري جي دير هئي، پوءِ ويچاري مظفر جي وات ۽ نڪ مان خون ريلا ڪري وهڻ لڳو. بي حال ٿي ڪري پيو. ٻئي ڏينهن صبح جو خان صاحب بالا آفيسر رپورٽ ڪئي تہ مظفر نالي هڪ هنگامہ خيز باغي کي حڪومت خلاف بغاوت ڪندي گرفتار ڪيو ويو آهي. اجازت زحمت ٿئي تہ ڪيس امن وامان ۾ رخنو وجهڻ سبب ڪجهہ عرصي لاءِ..... ائڪٽ هيٺ نظر بند رکجي. ڇا! هو باغي هو؟

# انسان جو گوشت

ترجمان: محترم شيخ ثناءُالله

ٻوٽن ۾ ڪڙ ڪڙ جو آواز اٿيو ۽ هڪ گدڙ چمڪٽيءَ جي وڻ هيٺان نظر آيو. گدڙ ڪاٺيءَ ڏڪي هن جو آدر ڀاءُ ڪيو. هو ٻن ڏينهن کان پوءِ آيو هو هُن هِن جو بدن چٽيو ۽ چيو" تنهنجو چهرو ڦڪو ٿو ڪي ٿو. آخر تون به ڏينهن هئين ڪٿي؟"

گدڙ پنهنجون ناسون ڦنڊايون اکيون مچڪايون ۽ پڇ ٽاٽي چيو"خبر اٿئي ته مان انسان جو گوشت کائي آيو آهيان. سو به جيئرو، تازو لذيذ ۽ هاضمي دار."

"ماڻهوءَ جو ماس" عجب آهي، توکي جيئري ماڻهوءَ جو ماس مليو ڪٿان؟"

گدڙ ويهي چيو"تنهنجو ساٿ ڇڏڻ کان پوءِ مان شهر ڏانهن ويس. اونداهيءَ ۾ هن سڙڪ تي ڪيترائي ڳوناٽا پيانڪ پوتن وانگر چپ چاپ وڃي رهيا هئا. جيتوڻيڪ هنن جي پيرن ۾ هلڻ جي طاقت ڪانه هئي. تنهن هوندي به بک کان سندن آندن ۾ پيدا ٿيل گرميءَ جي ڪري هنن جي نسن ۾ ڦهليل بجليءَ جي زور تي هو مشين وانگر هلي رهيا هئا.

هن جي هلڻ مان ائين ٿي معلوم ٿيو ته جڻ سوين بکايل يسوع مسيح جي پنيءَ تي هڏين جو صليب کڻي موت جي گهاٽ ڏانهن وڃي رهيا هئا.

خير سڄو ڏينهن ڏڪندي شام تائين شهر جي ويجهو پهتس. هو شهر جو اهو پاسو هو جتان ملٽري جي گاهه جو ميدان شروع ٿي ٿيو سامهون به وڏيون ڪونيون هيون ۽ انهن جي سامهون سڙڪ جي ٻي پاسي هڪ پراڻي

جهوپڙي هئي. مون جهوپڙيءَ ۾ ليئو پائي ڏٺو. هڪ ٻڍو هڏن جي پڃري مثل گوڏا پيٽ ۾ وجهي ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺو هو جهوپڙيءَ جي هڪ ڪونيءَ مان هڪ ٻار ڪنجهي پڪاريو"پا...ٽي..."

ٻڍو اٿيو پر لڏي ويو. پنهنجي ڪمزور ۽ سڪل هٿ سان پٽ جي ٽيڪ وٺي، ٻي هٿ ۾ پاٽيءَ جون ٽانءُ ڪٽي ٻار جي طرف هليو. هن هٿ وڌائي ٻار جي وات تي پاٽيءَ جو ٽانءُ رکيو مس، تہ هن جي پير جي هڏين ٽڙڪو ڪاڏو هن جو هٿ لڏي ويو ۽ سڄو پاٽي ٻار جي مٿان هارجي پيو. ٻار ڏڪي ويو ۽ وري گهٽيل آواز سان ڪنجهي چيائين"پا...ٽي..."

ٻڍو ڀرڀرائين چپ تي ويو پر پوءِ پوت وانگر رڙ ڪري چيائين"مرين نٿو ڪمبخت! مر تہ جند تہ ڇٽي!" انهيءَ ڪان پوءِ سهڪڻ لڳو ۽ ويهي رهيو پوءِ سڏڪا ڀري ڀري چيائين"مر، ڀلي مر ڪمبخت!"

"ترس ترس! گداڙيءَ وچ ۾ رڪاوٽ وڌي ۽ پنهنجي ڀرسان واري ٻچي کي پاڻ ڏانهن ڇڪي کير پيارڻ لڳي ۽ ڀريل گلي سان چيائين"ڇا انسان پنهنجن ٻارن کي پيار نہ ڪندا آهن؟"

"ڪندا ڇو نہ آهن." گدڙ جواب ڏنو" پيار ڪري سگهڻ جي تہ ڳالھ آهي پر، جيڪو ڪري سگهي ٿو سو تہ ڪري ئي ٿو. سامهون واري ڪونيءَ ۾ هڪ ننڍو ٻار هارلڪس(ولائتي کير) نہ پيئڻ ڪري روئي رهيو هو ۽ ماڻس پيار ڪري کيس پياري رهي هيس. هن کي پيار ڪرڻ جي شڪتي هئي نہ؟ جهوپڙين ۾ رهڻ وارا پيار ڪري ئي ڪٿي ٿا سگهن؟ ويچارا مجبور جو آهن."

خير، ٻڌ مان اتان هليو آيس.

ٻي فٽ پاٿ تي ڪوني جي پٽ سان هڪ انسان ليٽيو پيو هو. مان ڀرسان ويس پر شايد هو مري چڪو هو ڀرڀرائين مان چڪر ڏيڻ لڳس پر پوءِ مان هن جي ويجهو ويس. چئني طرفن اونداهي هئي ۽ ڪونيءَ جون دريون پڻ بند هيون. موقعو ڏاڍو سٺو هو مان دٻيل پيرن سان لاش جي ويجهو ويس ۽ آهستي هن جي ڪنڌ ۾ چڪ هنيم تہ لاش چيٽ ڪئي. مان ڏڪي ويس هو انسان شايد مئو ڪونہ هو پر جيئرو هو مان اچل ڪائي پري ٿي ويس. هن

ماٺھوءَ دردناڪ آواز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مگر آوا ز هن جي گلي مان نڪري نہ سگھيو مان اندازو لڳايو تہ گھٽ ۾ گھٽ ٽن ڏينهن کان ضرور پياسو هوندو. هن جو خون بہ گھاٽ ۾ سوادي هو. هن پاسي بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سڀ بيڪار هئي. تڏ جي ڪري هن جو بدن ڪاراتجي ويو هو ۽ نسن ۾ خون جمي ويو هو.

مان وري هن جي نزديڪ ويس ۽ ڪنڌ وٽان ٿورو ٿورو ماس پٽڻ شروع ڪيم. هن وري دانهن ڪرڻ چاهي مگر آواز هن جي ڪلين ۾ اٽڪجي پيو. مان پوريءَ طاقت سان هن جو گوشت چڪيو هن جو لاش ٿوري پنڌ تائين ڇڪجي آيو ۽ پنين کان پنيءَ تائين گوشت لڙڪڻ لڳو. هو آدمي هڪ جميل چيٽ ڦاڙي بيهوش ٿي ويو.

انهي کان پوءِ بيهوشيءَ جي ڪري کائڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ پئي. مان آهستي آهستي سهوليت سان کائڻ شروع ڪيو. مگر صبوح اچي ٿيڻ ۾ هو. پرسان واري ڪونيءَ ۾ ماٺهو جاڳيا هئا. مٿان ڇت تان ڪنهن رات جو رکيل ٿڌو پاڻي هاريو. پاڻي اهڙو ٿڌو هو جهڙو برف.! منهنجي مٿان ٿورا ڇنڊا پيا تہ وٺي پڳس.

هو سڄو پاڻي اچي هن بيهوش ۽ بکي لاش مٿان پيو. تازن زخمن کي برف جهڙي پاڻيءَ جي ڇنڊڻ پوڻ سان هو ٿورو تڙپيو هو ڏاڍو وياڪل ٿيو مگر سخت ڪوشش ڪندي بہ هن جي منهن مان پڙڪو نہ نڪتو. ڏينهن ٿي ويو هو ۽ مان پرسان واري ڀوڻي ۾ لڪي ويٺس. سياري جي سونهري اُس ڪونيءَ جي پٽين تي پوڻ لڳي ۽ نچندا ٽپندا اُس جا ڪرٽا هيٺ لٿا ۽ لاش جي زخمن کي ڏسڻ لڳا. ڪرٽن جي گرمي آهستي آهستي لاش جي جڪڙيل رڳن کي کوليو. هن آدمي اکيون کوليون. پاسو ورايو ۽ درد کان تڙپڻ لڳو.

هن جو وقت لڪيل هو ۽ پرسان واريءَ ناليءَ مان مکيون اڏامي اچي هن جي وات پرسان ڀون ڀون ڪرڻ لڳيون. هٿ هلائڻ جي ڪوشش ڪيائين پر طاقت نہ ٿيس. پنهنجي سڪل زبان ڪڍي هن پنهنجي چپن تي گهمائي ۽ ڪنڌ لوڏيو. رڳن کي زور اچڻ سبب پنن جي زخمن مان خون وهڻ لڳس. هن

سجي طاقت لڳائي پاسو ورايو ۽ چپ زمين مان لڳائي زخمن مان وهيل خون چٽڻ شروع ڪيو.

"پنهنجو خون چٽڻ شروع ڪيو؟" گدڙيءَ ڪنبي پڇيو.

"ها ها، پنهنجو خون، پنهنجي ڪتيل رڳن مان وهندڙ خون، خبر اٿئي تہ هو ٿن ڏينهن ۽ ٽن راتين کان اُڃايل هو.

"مگر انسان پنهنجو خون بہ پيئندو آهي ڇا؟"

گدڙيءَ تعجب مان پڇيو.

"ڇو؟ اهائي تہ انسان جي خاصيت آهي. انسان ڀهريائين ٻي انسان جو خون پي گوشت کائي تہ جيئرو رهندو آهي ۽ جنهن کي ٻين جو گوشت نہ ٿو ملي سو پنهنجو ئي خون پيئي ٿو. اسين جانور ائين نہ ٿا ڪريون. انهيءَ ڪري توکي تعجب ٿو لڳي. مگر جانورن جي سڀي ڪمي انسان ئي پوري ڪري ڇڏي"

خير! هن ماڻهو جي نڙيءَ ۾ خون وڃڻ سان ڄمي ويو ۽ هن جو رهيو کهيو آواز بہ بند ٿي ويو. رستن تان ماڻهو اچڻ وڃڻ لڳا. دڪان کولڻ لاءِ هڪ ميمڻ صاحب فٽ پاٿ تان وڃي رهيو هو. لاش ڏسي هو ٿورو هچڪيو ۽ هٽي چيائين! جتي ڏس ڪمبخت مکين وانگر مئا پيا آهن. گهٽ ۾ گهٽ اچڻ وڃڻ جو رستو تہ ڇڏي ڏين....؟

ورهيہ جهڙو ڏينهن مس مس گذريو. رات آئي ۽ مان موقع سان هن جي پرسان وڃي هن جو گوشت آهستي آهستي کائڻ لڳس. هو سخت بيهوش پيو هو پر اڃان مئو ڪونہ هو. ڇاڪاڻ جو سڪل خون رکي رکي وهيو ٿي.

ايتري ۾ سامهون واري دري کولي ڪنهن ڇيو ڪتي کي ماري ڀڄائي ڇڏ.

جواب مليو"ڇڏي ڏي، هو بيڪاريءَ جا زخم چٽي رهيو آهي. ڪتي جي چٽڻ ڪري پاڻ زخم چٽي ويندس."

ماڻهو جاڳي پيا هئا. انهي ڪري مان جلدي هن جي دل جي ماس جو ٽڪر ڪڍي ڀڳس.

حال تہ مان سچو ڏينهن سمهيو رهيس ڇاڪاڻ جو مون کان پنڌ نہ پيو پڄي. شايد انسان جي گوشت کائڻ ڪري چربي جلدي وڌي ويندي آهي.

مون کي ڏاڍو عجب لڳندو هو تہ هي سيٺيون ۽ وياج خور واپاري ٿلها ۽ متارا ڪيئن ٿا ٿين. مان سمجهان ٿو تہ شايد هو سڄي حياتي انسان جو گوشت کائيندا هوندا.

"ڇڱو ڀلا هو ماس جو ٽڪر ڪٿي؟ گداڙي پڇيو گدڙ سڪل پنن جي ڍير ڏانهن اشارو ڪيو.

گداڙي انهيءَ طرف بيحد چاهہ سان ويٺي ۽ پنن کي چنبي سان پري ڪيو. هڪ ماس جو ٽڪر پيو هو. گداڙيءَ ٿوري دير لاءِ گدڙ طرف ڏٺو ۽ پوءِ هن ۾ چڪ هنيو پر يڪدم اچل کائي پٺتي هٽي.

"ڇا ٿيو؟" گدڙ پڇيو.

هي! هيءَ انسان جو گوشت ناهي، تو دوکو کاڌو آهي. هن ۾ اها گرمي ڪانهي، اها لذت ڪانهي، اهڙو چمڙو ڪڏهن ماڻهو جو ماس ٿيندو آهي؟"

نہ! نہ! هو صاف انسان هو"گدڙ ڪاوڙجي چيو" ڇا مان ماڻهو بہ نہ ٿو سڃاڻي سگهان! ڏگهي سلوار پهريل ڪوئي پرسان واري ٻوٽ جو بڪايل ٻوناٽو هو."

"بڪايل ٻوناٽو! تڏهن تہ مان چوان ٿي تہ هو انسان نہ هو."

"ڇو؟"

"هي ٻوناٽا ڪڏهين انسان ٿي سگهن ٿا؟ بک ۾ تڙپي تڙپي مرڻ وارا، غلاميءَ ۾ ٻڳهي ٻڳهي متجرڻ وارا، بہ ڪڏهين انسان ٿيندا آهن؟"

گدڙ شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪيو. هن غلام جو گوشت کاڌو. جو غلام انسان ٿي نہ ٿو سگهي.

# هندو يا مسلمان

از قلم: ڌرم وير
ترجمان: لڏا رام ڪي ڪندناڻي

سرڪاري اسپتال جي ورانڊي ۾ ٽيهه لاش قطار ۾ رکيا هئا. لاش نه نه هنن کي لاش چوڻ غلط ٿيندو مگر انهن کي جيئرو به چئي نٿو سگهجي. هو سڪل هڏن جا پڃرا جن جي مٿان پيلو ليلهر ۽ گهنجيل چمڙو لڳل هو. شهر جي الڳ الڳ سڙڪن تان مردا علاج لاءِ آندا ويا هئا. هنن کي بک جي بيماري ٿي پيئي هئي. انهي ڪري هو هلندي هلندي سڙڪن تي ڪري ٿي پيا ۽ آهستي آهستي ساهه ٿي ڏنائون. هندستان جهڙي خراب آبهوا واري ملڪ ۾ جتي روز بروز هڪ نه ٻي بيماري پوندي ٿي رهي ٿي اتي هيءَ به هڪ نئين قسم جي بيماري هئي. ٽولا ماڻهن جا ڳوڻن مان نڪري ٿي پيا ۽ هلندي هلندي بيهوش ٿي ڪرندا ٿي ويا جي وري نه ٿي اٿيا. سرڪار سمجهيو ته هي به هڪ نئين نموني جو ستيا گرهه آهي. تنهن ڪري مرڻ ڏيون. ڊاڪٽرن سمجهيو ته هيءَ مليريا جو ڪوئي نئون قسم آهي جو بينگال لاءِ معمولي ڳالهه آهي. ليڪن بيماري وڌندي ويئي. جڏهن سڙڪن تي لاشن جي ڪري مارواڙين جي موٽرن آفيسن جي بسين ۽ ملٽري جي لارين جي آمد رفت ۾ رڪاوٽ پئي تڏهين مسين مسين اسان جي مهربان سرڪار جون اکيون کليون ۽ انهي ڪري هي ٽيهه بکايل سرڪاري اسپتال ۾ علاج لاءِ آندا ويا هئا ۽ ڏاڍي خبرداريءَ سان ورانڊي ۾ گهميل پڪي فرش تي ليٽايا ويا هئا.

ڊاڪٽر ۽ نرسيون حيران هيون ته هيءَ ڪهڙي عجيب بيماري آهي؟ هڪدم ٽيهه نوان مريض!

وراندي ۾ شانتي هئي. هڪ قبرستان واري ڏهڪائيندڙ خاموشي، سڀ مردا خاموش. يڪدم ڪڙ ڪڙ جو آواز آيو ۽ هڪ نرس وراندي جي ڏاڪڻ چڙهندي نظر آئي. چڙهڻ ۾ هن جو هڪ جوراب هيٺ کسڪي ويو ۽ هوءَ بيهي ٺيڪ ڪرڻ لڳي. هن جي بوٽ جي ڪڙ ڪڙ شايد ڪنهن بکايل جي بي حيا دل کي جاڳايو. هن پاسو ورايو. نرس اڳتي هلي جڏهن هن جي پرسان لنگهي تڏهن بيڪسي نظر سان نرس کي ڏٺو ۽ ڪوشش ڪري چيو"پا....ڻي...."

نرس ٿوري وقت لاءِ گم ٿي ويئي.

"ڪيتري وقت تائين" ڪوئي ڪم ڪندو رهندو. صبح کان وٺي پوشاڪ بہ نہ پوري طرح پائي نہ سگهي آهيان. هوءَ اڳتي هلي ويئي.

مريض جي خشڪ گلي مان وري هڪ دردناڪ دانهن نڪتي "پاڻي...."

"مرڻ ڏيوس." نرس ائين چئي پرسان واري ڪمري ۾ هڪ شيشي جي سامهون بيهي ڪنڌ ۾ بدّل رومال جي ڳنڍ ڇوڙڻ لڳي.

"پاڻي" هن گهٽيل آواز سان چيو هو! ايا ڳو انسان بہ پنهنجي زندگي ۽ موت جي ڳنڍ کولڻ ۾ مشغول هو.

نرس ڏاڍي حيران هئي، ڳنڍ کلي نہ سگهي. هو ماٺهو بہ چپ هو. نرس پنهنجي پوشاڪ ٺاهي هلي ويئي.

مريض جي دانهن بند نہ ٿي. پرسان واري لاش ۾ ڪجهہ حرڪت معلوم ٿي ۽ ڪمبل مٿي ڪري هڪ ٻڍيءَ سر ٻاهر ڪڍيو انهيءَ ڪان پوءِ هوءَ اٿي ۽ هڏن جي پڃري وانگر لڏندي لمندي هڪ ٽين جي دٻي ۾ پاڻي کڻي آئي ۽ مريض جي وات تي اچي رکيائين. هو پنهنجو پوئون پساهہ کڻي رهيو هو. پهريون ڍڪ هن جي گلي مان هيٺ ويو پر ٻيو ڍڪ هڏڪيءَ جي ڪري ٻاهر نڪري آيو. ٻڍيءَ ٿوري دير لاءِ مايوس منهن سان مريض کي ڏٺو ۽ چپ چاپ ڪمبل جي هيٺان پئجي رهي.

ايتري ۾ نرس ڊاڪٽر کي وٺي موٽي آئي ۽ انهيءَ پياسي مريض ڏانهن اشارو ڪيو. ڊاڪٽر اسٽيٿيسڪوپ لڳائي ڏٺو. هن ڪمبخت جي پياس هميشہ لاءِ لهي وئي هئي. منهن پري ڪري عجيب آواز سان چيو"ختم....."

پوءِ کيسي مان هن نوٽ بڪ ڪڍيو واچ ڏسي وقت نوٽ ڪيو ۽ نرس کان پڇيو"هي بکايل ڪٿان کڄي آيو هو؟"

"سپلاءِ آفيس جي سامهون." نرس جواب ڏنو.

"هندو يا مسلمان؟"

"معلوم ناهي"

"معلوم ناهي، چڱو هن جي پرسان واري مريض کان پڇو."

نرس پرسان واري مريض کي اٿاريو پر هو نہ اٿيو. ڊاڪٽر جتيءَ سان ڪمبل مٿي ڪري ڇڏيو ۽ ڏاڙهي چيو: "اٽ".

ٻيڙي ڏڪي اٿي ويٺي.

"هيءَ آدمي ڪير هو؟" ڊاڪٽر پڇيو.

"حضور هي آدمي بکيو هو."

"بکيو هو؟ اهو ڪير ٿو پڇي. چڱيءَ طرح جواب ڏي" ڊاڪٽر شوخ نموني چيو.

"ڏس! هي سرڪاري ڪم آهي."

نرس آهستي سمجهائي چيس. "سرڪار اهو نہ ٿي پڇي تہ هي آدمي بکيو هو يا پياسو. سرڪار اهو پڇي رهي آهي تہ هي آدمي هندو هو يا مسلمان؟ جو تہ اسپتال جي رجسٽر ۾ داخل ڪرڻو آهي."

"معلوم ناهي حضور." ٻيڙيءَ جواب ڏنو.

"نهيو ڇڏي ڏي، چڱو هوڏانهن واري مريض کان پڇ."

هوڏانهن واري مريض جواب ئي نہ ڏنو. نرس شوخ ٿي پڇيو پر جواب نہ آيو ڇاڪاڻ جو هو مري چڪو هو ۽ مردن کي مذهب جي کهڙي پڇاڻ. جو جو هو خدا وٽ پهچي ويندا آهن.

ڊاڪٽر هڪ نئون مردو ڏٺو ۽ وائڙو ٿي ويو. هن اسٽيٿيسڪوپ ڪڍي جاچ ڪرڻ شروع ڪئي. اٽڪل ايڪويهہ بکايل مري چڪا هئا.

ڊاڪٽر پنهنجي مددگار کي سڏايو ۽ چيو" ڏس هنن باقي ٻچيل ٻڪاين کي هڪ هڪ تکي انجيڪشن ڪري ڪڍي ڇڏ نہ تہ هي بہ مري ويندا.

"جيڪڏهن هتي نہ تہ ٻاهر مري ويندا." مددگار جواب ڏنو.

"ٻاهر مرن تہ پرواهہ ناهي. هتي مرندا تہ سرڪار جي بدنامي ٿيندي ۽ پيو ٻڌ. اخبار ۾ رپورٽ فقط ستن موتن جي موڪلج. باقي هتي اچڻ کان اڳ ٻهريائين مري ويا ها، سمجهيئي."

ٿوري دير ۾ باقي ٻڪايل ڪڍيا ويا.

ٻڍي ڏاڍي ڪمزور هئي. هوءَ پنج قدم هلي پر پوءِ ويهي رهي پيٽ ۾ جڏهن بک آنڊن ۾ چڪ وجهڻ لڳس، تڏهن وري هوءَ اٿي ۽ ٿاٻڙندي اڳتي هلي.

ڀر سان هڪ صابڻ جي ڪمپني هئي جنهن جي دروازي تي هڪ موٽو پنجابي دربان وينو هو. ٻڍي هن جي سامهون ويئي ۽ ٻئي هٿ ڊگها ڪيائين پر چئي ڪجهہ نہ سگهي. گلي ۾ پنهنجي عزت آبروءَ جي مهر لڳي ويس. پنجابيءَ ڏٺو ۽ ٻچڙيءَ طرح ڪلي چيو هل! هل! اڳتي هل. جيڪڏهين تون جوان هجين ها تہ پنج ڏهہ پئسا ملي بہ وڃنئي ها. هاڻي ڪهڙي منهن سان پنڻ آئي آهين، هل، ڀڄ."

ٻڍيءَ جي گهنجيل پنبڙين مان بہ ٻي حيا ڳوڙها ڪري پيا. هوءَ هلڻ لاءِ ٿورو ڦري تہ پنجابيءَ چيو!

"توکي خيرات گهرجي، هتي خيرات جي ڪمي ڪانهي. هندستاني تہ پنهنجي پيءُ جي مرڻ تي خيرات ڪندا آهن، پوءِ مردن لاءِ ڇو نہ خيرات ڪندا. هوڏانهن وڃ اتي سيٺين پنڊار کوليو اٿئي."

ٻڍي انهيءَ پاسي ويئي پنڊاري جي دروازي تي ڏاڍي ڀيڙ هئي. هڏين جا اڻ ڳڻيا پنجرا پوتن وانگر سڪل هٿ ڊگهيڙي وينا هئا. اپرَيل جوئر جي سڳنڌ هوا ۾ ڦهليل هئي. ٻڍيءَ هڪ اونهو ساهہ کنيو جڻ ساهہ سان ئي پيٽ ڀرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

ڪم ڪندڙن هڪ ديڳ جوئر جي ڪچڻيءَ جي آٽي سيني جي سامهون رکي ۽ ڪيويءَ سان ڪڍي جوئر ورهائڻ لڳا. هڪدم هل هنگامو مچي ويو. ٻڍي اٿي ۽ ديڳ کي پهچڻ جي اجائي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

ايتري ۾ هڪ ڪم ڪندڙ رڙ ڪري چيو"ڏسو! ڏسو! هن ديڳ کي هٿ لڳايو:

"ديڳ کي هٿ لڳايو! هندو آهي يا مسلمان؟"

"مسلمان نظر اچي رهي آهي."

"هڪالي ڇڏ ڪمبخت کي."

ٻڍي بي عزتي جي ڪري مايوس ٿي اٿي. هن جو قصور ڪهڙو هو؟ ڇا مسلمان انسان نہ آهن؟ هوءَ اٿي ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ لڳي.

سامهون هڪ پيو پندار هو هن کي همٿ نہ ٿي اوڏانهن وڃڻ جي پر انهيءَ جي مٿان چنڊ تارن ان سائو جهنڊو لڳل هو سامهون هڪ والينٽر بيٺو هو هن روڪيو"هتي فقط مسلمانن کي کاڌو ملندو آهي."

"مان بہ مسلمان آهيان" ٻڍيءَ جواب ڏنو.

"سامهون واري پندار تان کائي ڪري هيڏانهن ٿي اچين. ڪافر آهي. صاف ڪافر. شڪلي مان نہ ٿو ڏسينس." ٻي والينٽر چيو:

"پچ! پچ! هتي ڪافرن لاءِ کاڌو ڪونهي. هل؟ وڃ."

"خدا جا ٻيندو! الله اناج جي داڻن تي مذهب جو ٺپو ڪونہ لڳائي ڇڏيو آهي.

توهان جي عجيب ڳالهہ ٻڌي مون کي مسلمان هجڻ ۾ شرم ٿو اچي."

"پاڳل آهي." هڪڙي چيو.

"بک کان دماغ خراب ٿي ويو اٿس."

"الله ڪافرن کي اهڙي ئي سزا ڏيندو آهي."

ٻڍي چوندي ويئي. "توهان ڪافرن کي کاڌو نہ ٿا ڏيڻ چاهيو تہ نہ ڏيو! اصل نہ ڏيو ڪمبختن کي! اها ڌرتي ماتا اجان غائب ڪانہ ٿي ويئي آهي جنهن اسان کي بنا ڪنهن مذهبي پيد ياو جي پيدا ڪيو آهي. توهان جي

ان ڪائڻ ڪان مان هن ڏرتي تي مري مٽڻ وڌيڪ پسند ڪريان ٿي. خدا توهان جو ڀلو ڪري“

”هوءَ رڙيون ڪندي هڪ طرف هلي ويئي. ٻئي ڏينهن شهر جي مکيہ ۽ مشهور روزاني اخبارن ۾ وڏين سرخين سان لکيل هو:

”بنگال جي هن ڏکر ۾ سڄو هندستان، پرانت ۽ ڌرم جو ڀيد ڀاو وساري سهائتا ڪري رهيو آهي. مارواڙين ۽ اسفهانين(مسلم سرمائيدارن) ٻنهي عام لنگر کوليا آهن. انهي باري ۾ اسين سرڪاري اسپتالن جي اڻ تڪ مدد بہ ڀلي نہ سگهنداسين. اسان ڪي انهن سيني لاءِ دلي همدردي آهي.“

انهيءَ جي هينيان هڪ ننڍي ۽ رواجي خبر پڻ ڇپيل هئي.

”جيتوڻيڪ سرڪاري اسپتالن جي ڪوشش ڪري بکايلن جو تعداد گهٽو گهٽ آهي تنهن هوندي بہ موت برابر ٿي رهيا آهن. مسلمانن جي پنبار جي پرسان هڪ ٻڍيءَ جو لاش لڌو ويو آهي جا پوري وقت تي اسپتال ۾ نہ پهچي سگهڻ ڪري مري ويئي. اها خبر نٿي پوي تہ لاش ڪي ساڙجي يا پورجي ڇاڪاڻ جو اهو سڃاڻڻ ۾ نٿو اچي تہ ٻڍيءَ هندو هئي يا مسلمان....“

❋

هاري حقدار زنده باد!        انقلاب زنده باد!

# هاري گيت

مرتب:

**باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي**
بي.اي آرنرز (ممبئي) هلال امتياز

پاران
**سنڌ هاري ڪاميٽي**

| نمبر | گيت | شاعر |
|---|---|---|
| 1 | هاري آ نام منهنجو | طالب |
| 2 | سرمايہ داري | غلام حيدر |
| 3 | مزدور | حامي |
| 4 | اي هاري اٿو يار بيدار ٿيو | اسلم |
| 5 | انقلاب ڳاءِ | شيخ اياز |
| 6 | مفلسي کي خطاب | شيخ اياز |
| 7 | لال جھنڈا (اردو) | مجاز |
| 8 | ايڏو سينو ساهيندس | دلگير |
| 9 | شهيد مائي بختاور | شيخ اياز |
| 10 | باغي | نياز همايوني |
| 11 | مظلوم جي پُڪار | فاني |
| 12 | اڳتي قدم | شيخ اياز |
| 13 | غريبي ۽ اميري | راز |
| 14 | بتاۓ (اردو) | رضوانی |
| 15 | پهريدار | فاني |

| | | |
|---|---|---|
| 16 | مزدور | عبدالڪريم گدائي |
| 17 | سرخ سیلاب (اردو) | ز-خ |
| 18 | دهوڪي دي نعري (سرائيڪي) | هاشمي |
| 19 | هاريءَ جو هوڪو | رشيد |
| 20 | لیڈر کی آمد (اردو) | کیفی اعظمی |
| 21 | طلسم ٹوٹ گیا (اردو) | تیغ |
| 22 | سورهيائيءَ جو سبق | فاني |
| 23 | سارا سنسار ہمارا ہے (اردو) | سجاد |
| 24 | هاريءَ جو حال | عارف |
| 25 | بشرط استواری (اردو) | ساحر لدھیانوی |
| 26 | عورت (اردو) | کیفی اعظمی |
| 27 | آهنگ | ساحر |
| 28 | هاريءَ جو زمانو | حيدر |

# هاري آ نام منهنجو

از قلم: محترم حڪيم محمد صادق طالب
پريزيڊنٽ، خيرپور ناٿن شاهہ هاري شاخ، سنڌ هاري ڪاميٽي

ڪيتي مان ڪرڻ وارو واهن ۾ وهڻ وارو
تڪليف سهڻ وارو سک ٻئي کي ڏيڻ وارو
آ فيض عام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

مان مفلسي جي اندر ڪنهن کي ڪيان منسٽر
ڪنهن کي ڪيان گورنر حق جي سچاٽي ميمبر
ٿئي ها غلام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

جڏهن صبح جو ستارو اڀري اچا نہ يارو
ننڊ ۾ آ لوڪ سارو مان جهنگ هلڻ وارو
سک آ حرام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

سڱ سان ٻڌي لنگوٽي سانجهي اچان ٿو موٽي
پاٽيءَ جي هٿ ۾ لوٽو هڪڙو بصر بيو روٽي
هي آ طعام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

مون پوک جڏ پچائي ٻنئي جي مهل آئي
مون لئي ٻچي نہ پائي گهر کي پريو سوائي
خالي مقام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

جورو جفا ستم آ هڪ سو ڍهون قلم آ
بيگر بہ دمبدم آ هر هڪ قدم آ
محشر خرام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

غم ۾ سدا گذارڻ جنري وجود مارڻ
ڏک بک تي صبر ڏارڻ ساوڻ سيارو ٽارڻ
ڪم صبح شام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

ناهيان جهان گشتو مزدور آهيان سستو
شيرين منهنجو گفتو انهن ٻڌڻ جو رستو
سڀ کي سلام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

جهنگن ۾ رت وهايان بر باغيچو بنايان
منتن ۾ جر سڪايان اف سان جبل اڏايان
ٻڌ ٻڌ ڪلام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

طالب خدا متائي ڪنهن اوج تي رسائي
منهنجو نہ حق وڃائي شل عرض هي اگهائي
رب الا نام منهنجو
هاري آ نام منهنجو

# سرمايہ داري

از قلم: محترم غلام حيدر بلوچ، جيڪب آباد

ستم ۽ غضب آهي سرمايہ داري
جهان ۾ اذيت آ سرمايہ داري
نشان مصيبت آ سرمايہ داري
مزورن تي شامت آ سرمايہ داري
سراپا هي آفت آ سرمايہ داري
ستم ۽ غضب آ سرمايہ داري

هي مزدور جنهن ڪان جهان گلستان آ
جو گلزار هستيءَ جو روح روان آ
هي بي ڪس آ بي وس آ بي خانمان آ
هي مفس آڏ بي زر آب و دان آ
ستم ۽ عضب آ سرمايہ داري

ڪنهين کي نہ آ، هن جي حالت جي پرواهہ
ضرورت جي پرواهہ نہ حاجت جي پرواهہ
مصيبت جي پرواهہ نہ آفت جي پرواهہ
جي آهي فقط هن جي محنت جي پرواهہ
ستم ۽ غضب آ سرمايہ داري

نہ جيسين هي گهٽ ٿيندي غفلت شعاري
نہ جيسين ڪبي ختم سرمايہ داري
نہ ٿيندي غريبن جي حاجت برآري
ستم نوع انسان تي رهندا ئي جاري
ستم ۽ غضب آهي سرمايہ داري

# مزدور

ازقلم: محترم عطا حامي، خيرپوري

ڪالهہ رستي ۾ گڏيو هڪ نوجوان
ڇا ڪيان مان تنهنجي حالت جو بيان
هڪ سراپا درد جي تصوير هئي
خنده زن جنهن تي سندس تقدير هئي
دل شڪستہ روح افسرده اداس
زيب تن اگڙيون لڱل ميرو لباس
خشڪ لب خستہ جگر سينہ فگار
نوجوانيءَ جي تمنا جي مزار
غمزده نا واقف عيش و فراغ
گل تي ويو هو جنهن جي راحت جو چراغ
مان پڇيو تان ڪير آهين اي نوجوان؟
هن چيو مزدور آهيان مهربان
في سبيل الله هٿ لائي نٿو
زندگي فرياد و ماتم تي وئي
منهنجي دنيا هڪ جهنم تي وئي
نشئہ دولت ۾ دنيا چور آه.
سخت مشڪل ۾ مگر مزدور آه.

## اي هاري اٿو يار بيدار ٿيو

ازقلم: محترم حافظ ضياءُ الحق اسلم ياروديرو

اي هاري اٿو يار بيدار ٿيو
خدا واسطي هاڻ هوشيار ٿيو
ٿيو متفق ڪين ڪي ڏار ٿيو
خودي ڏاريو پاڻ خوددار ٿيو
ڇا ظالم ڪندو نڪري نروار ٿيو
توهان مرد آهيو نہ مردار ٿيو
جي سرمايہ دارن جي سرڪار آهي
تہ مولا توهان جو مددگار آهي
ڏسو هر ڪا آفت تہ هاريءَ جي گهر
نہ آهي ڪا دولت تہ هاريءَ جي گهر
جي ڪپڙي جي قلت تہ هاريءَ جي گهر
جي ان جي ڪا نافت تہ هاريءَ جي گهر
جي بي ڪائي ذلت تہ هاريءَ جي گهر
غرض هر مصيبت تہ هاريءَ جي گهر
ڇا هاري ڪو اهڙو گنهگار آهي
جو رحمت بہ ان کان ٿي بيزار آهي
بکيو ساري عالم ۾ آهي تہ هاري
ڏکيو آلِ آدم ۾ آهي تہ هاري
سدا رنج ۾ غم آهي تہ هاري

مصيبت ۾ ماتم ۾ آهي ته هاري
ڪريل هر ڪنهين ڪم ۾ آهي ته هاري
پيل پوئين اڄ دم ۾ آهي ته هاري
ڇا هاري رڳو هر جو حقدار آهي؟
۽ هر جي ڪمائي جو ٻيو يار آهي؟
ڏسو هاري پنهنجا سنياليو جهڳا
اڏيل کهڙا پنهنجي مٽان تو اجها
ٻٽي ٽوٽيون تنتي رڪيل ڪي ورا
مٽان تن جي آهن پيل سر سِڪا
وسي مينهن جي پوءِ ته آهن مزا
نه باقي رهي چلهه به آجي ادا
سڄو گهر ئي پاٽيءَ سان تمتار آهي.
اي هاري وڏيري جو اوج و ڪمالات ڏس
وڏيري جون ماڙيون ۽ محلات ڏس
وڏيري جا دنيا ۾ درجات ڏس
وڏيري جا هر عيش و لذات ڏس
وڏيري جي ڏهه وال دستار آهي
ته ويهه وال وڏ پاڇي سلوار آهي
وڏيري جا هٿ حنا سان رڱيل
۽ سونيون منديون سهٽيون تن ۾ پيل
۽ لب پان کان خوب ڳاڙها تيل
زريدار آ بوٽ ويتر نهيل
عجب ڪوٽ سلڪي آ سهٽو ڍڪيل
۽ پٽڪو سٺو طرو هٽ ڪن ڪُتل
پٽو ٻانهن ۾ ڪنڌ ۾ هار آهي
سراپا غضب جنهن جي رفتار آهي
وڏيري ڪي ان گهر پڇايو توهان

وڏيري جا ڪيسا پرايو توهان
وڏيري کي رتبو وڌايو توهان
وڏيري جي عزت وڌايو توهان
وڏيري کي سائين سڏايو توهان
وڏيري کي پڳ ٻڌايو توهان
وڏيرو نہ اهڙو وفادار آهي
جو پهريان توهان تي سندس مار آهي
وڏيري جا لک توهان تي ستم
سندس سڏ مصيبت نما دم بدم
سدا ئي سندس هڪ نہ ٻيو آهہ م
رڳو کيس پنهنجو ئي پٽڪو ۽ غم
نہ ڪنهن جي ضعيفيءَ نہ ان کي ڪرم
ڪڇي ڪوئي جي ڪيئي ان وٽ قلم
غريبن جو ڪوئي نہ غمخوار آهي
وڏيرو وڏو تن لئي آزار آهي
ڪٽو ڪاٽي ٻني ڪمايو توهان
توهان پوکيو ٻج رنبايو توهان
سڄي پوک ٻيهي پچايو توهان
وري جهار جهرڪي اڏايو توهان
لتايو توهان ڳڏ ڪرايو توهان
توهان ڳاهي ۽ ان ٻٽايو توهان
جڏهن ٻار هاٽي تي تيار آهي
وڏيري جي بس ٻئي متا ٻار آهي
ڏنو ووٽ ان کي تہ ميمبر ٿئي
توهان جي اتي خاص رهبر ٿئي
ڦري پنهنجي حالت ڪا برتر ٿئي
ڪا دولت ٿئيمال ٿئي زر ٿئي

تہ ان لئي تہ هو مثل خنجر ٿئي
جو ساڳيو وري قاتل سر ٿئي
مگر هي تہ ساڳيو زميندار آهي
جو اصلي ڪان هارين جو خونخوار آهي
انهن جي حڪومت ۾ لک ٻُک مئا
انهن آندي ڪنترول بچڙي وبا
انهن آندي ٻي ملڪ تي هر بلا
سندن پيٽ "هل من مزيد" آ ادا
نہ پرجي نہ بس ئي ڪري بي حيا
سندن پيٽ ۾ جيڪو بقڪار آهي
سو سمجهو وڏو ئي زيان ڪار آهي
وڏيرا زميندار هيئن ٿا گهرن
تہ هاري صفا اڻ پڙهيا جٽ هجن
نہ ڪنهن قاعدي ڪان سي واقف ٿين
نہ ڪنهن بئي سڏاري ۾ هرگز اچن
رڳو پنهنجا نوڪر تي هردم رهن
سدائين پيا سائين ۽ سائين ڪن
اي هاري وڏيرو وڏو مار آهي
جو هر وقت ڏنگ لاءِ هوشيار آهي
چڙهن موٽرن تي ٿا ٽين ٽين ڪري
وڏيرا وڏا پيٽ ساجهر پري
پڳڙ ڪِو ڪو ٽوپي ٽڪڻ تي ڏري
رلن ووٽرن لئي پري ڪان پري
چون هاءِ هاڻي اتو اندر ڳري
ڏيو ڏڌ متان ڪوئي ٿٿڪي مري
ڪري ڪو پنڌ پئي "ڪلر" آهي
ڏيئي زور حالت تي اج زار آهي

متان ووٽ ظالم وڏيرن کي ڏيو
متان ووٽ سرڪاري چيلن کي ڏيو
متان ووٽ مطلب پرستن کي ڏيو
متان ووٽ ملت فروشن کي ڏيو
متان ووٽ مصنوعي مُلن کي ڏيو
متان ووٽ مڪريل پيرن کي ڏيو
ڏيو ووٽ ان کي جو حقدار آهي
فدا قوم تان جنهن جو گهر ٻار هاري آهي
پڪاري اٿي جيڪو هاري جو نام
اٿاري اٿي جيڪو هاريءَ جو نام
اچاري اٿي جيڪو هاريءَ جو نام
اجاري اٿي جيڪو هاريءَ جو نام
سو هاري جو مالڪ ۽ مختيار آهي
سوئي اسلم سر جو سردار آهي

# انقلاب ٻاءِ

ازقلم: محترم شيخ مبارڪ اياز

(1)

انقلاب انقلاب ٻاءِ انقلاب
جيئن زمين آسمان
جي کُلي پئي زبان
شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ
ڪنڊ ڪنڊ چونڪ چونڪ
جيئن ڏئي اتي جواب
انقلاب!
انقلاب انقلاب ٻاءِ انقلاب ٻاءِ

(2)

هي ٻه ڪونياءُ آهه
جو مزور ياءُ آهي
سو لهو پيئي پيو
جنهن سبب جيئي پيو
سو پيئي پيو شراب
انقلاب!
انقلاب انقلاب ٻاءِ انقلاب ٻاءِ

(3)

ڏوڙهن سماج کي
لوڙ سامراج کي
تاهه سو نئون نظام
جو چڱو چئي عوام
هي نظآم آ خراب
انقلاب!
انقلاب انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

(4)

ڳاءِ ڳاءِ نوجوان
جئن زمين آسمان
جي زبان کُلي پئي
زندگي اٿي چئي
انقلاب! انقلاب
انقلاب!
انقلاب انقلاب ڳاءِ انقلاب ڳاءِ

# مفلسي کي خطاب

ازقلم: محترم شيخ اي راز

تنهنجي هن سرد طبيعت ۾ تغير آٽيان
چٽنگ تي، چولي پٽي، تو کي وري پڙڪايان
تنهنجي حالت کي ڏسي چو نہ توکي شرمايان
جيسين بيڪار عمل ڪوش تي تيسين تاٽيان
ناهہ ڪا ڳالهہ وڏي ڪجهہ بہ جي دولت ناهي
ها مگر ڳالهہ وڏي آهہ جي عزت ناهي
شاڪر افلاس تي، افسوس ڪرين تون ڇا جو
چٽگ دنيا جي وڏي بار ڪنان تين آ جو!
ها مگر توکي ڪوئي چو نہ تو انسان سمجهي؟
تو کي زردار جو هر بار بہ حيوان سمجهي!
تو ۾ خودداري ڪٿي ۽ وري احساس ڪٿي
ڇا ٿيو جو هر انساني سنڌ ناس ڪٿي؟
تو ۾ غيرت جي هجي چو ٿئين ناشاد ائين
يعني درگاهہ ۾ هر روز ڪرين تو تون سلام
تو نئين زردار جي چائنٽ تي جهڪين صبح ۽ شام
چٽنگ تون آهين خداوند اڳيان سربسجود!
منحصر ان جي عنايت تي سنڌ ٿيو بهبود!
پو وري ڪنهن جي شڪايت هي شڪوه ڇا جو؟
تو کي دل آهہ ڪٿي هي وري بلوه ڇا جو؟
جيڪي توکي تو ملي تنهن تي قناعت ڪريون
۽ ڪرين ڪنهن جي اڳيان دست طمع چو تو دراز؟
ڪوڙ ۽ مڪر ڇڏي سچ جي عادت ڪر تون
سر تسليم هجي خم نہ جهڪي جسم نياز
ڏس تہ پوءِ ڪئن نہ تي بڻجي پوي دنيا تنهنجي!
يعني خوددار جي تين چو نہ ٿئي عقبيٰ تنهنجي؟

# لال جھنڈہ

از قلم: مجاز

شیر ہیں چلے ہیں ڈراتے ہوئے
بادلون کی طرح منڈلاتے ہوئے
زندگی کی راگنی گاتے ہوئے
لال جھنڈہ ہے ہمارے ہاتھ میں

ہاں یہ سچ ہے بھوک سے حیران ہیں
پر یہ مت سمجھو کہ تم بیجان ہیں
اس بری حالت میں بھی طوفان ہیں
لال جھنڈہ ہے ہمارے ہاتھ میں

ہم ہیں وہ جو موت بیرخی کرتے نہیں
گم ہیں وہ جو موت سے ڈرتے نہیں
ہم ہیں وہ جو مر کے بھی مرتے نہیں
لال جھنڈہ ہے ہمارے ہاتھ میں

چین سے محلوں میں ہم رہتے نہیں
عیش کی دریا میں ہم رہتے نہیں
بھید کی دریا میں ہم بہتے نہیں
لال جھنڈہ ہے ہمارے ہاتھ میں

جانتے ہیں ایک لشکر آئے گا
توپ دکھلا کر ہمیں دھمکائے گا
پر یہ جھنڈہ بھی یوں ہی لہرائے گا
لال جھنڈہ ہے ہمارے ہاتھ میں

کب بھلا دھمکی سی گھبراتے ہیں ہم
دل میں جو ہوتا ہے کہہ جاتے ہیں ہم
آسمان ہلتا ہے جو گاتے ہیں ہم
لال جھنڈہ ہے ہمارے ہاتھ میں

لاکھ لشکر آئے کب ہلتے ہیں ہم
آندھیوں میں جنگ کی کھلتے ہیں ہم
موت سے ہنس کر گلے ملتے ہیں ہم
لال جھنڈہ ہے ہمارے ہاتھ میں

# ايڏو سينو ساهيندس

از قلم: محترم هري دلگير -لاڙڪاڻو

(1)

تنهنجي در پيچوان هليس، هن دنيا جي فريادي تي،
تنهنجو پوڄا پاٺ ڪيو مون، پريمي آشا وادي تي،
بدلي ۾ پيچوان ڏنئہ ڇا؟ جيون جي بربادي تي،
بک ۽ دک جو مرض مدامي، بي رحمي، بيدادي تي،
هي تنهنجي ئي امداد تي،
ليڪن هاڻي پرون تاڻي، ناٿ نڳيءَ جو ٿاهيندس،
ناٿ نڳيءَ جو ٿاهيندس،
مان ايڏو سينو ساهيندس!

(2)

تنهنجي در ڏنوان! هليس، مان بيڪس ۽ بيڪاري تي،
ليلايم تي، ٻاڏايم تي، ڪيڏي آهہ و زاري تي،
بدلي ۾ بيدردي ڏنئہ ڇا؟ ڦٽ لعنت ۽ خواري تي،
انگ اگهاڙي، پيٽ بکئي تي، ڦٽ ڦٽ مار اماري تي،
هيءَ حالت توکان سداري تي!
ليڪن اج مان، ٻڃي طوفان، ڪوٽ سندءِ تي ڪاهيندس،
ڪوٽ سندءِ تي ڪاهيندس،
مان ايڏو سينو ساهيندس!

(3)

جنهن کي جڳ پڳوان سڏي ٿو سو بہ تہ آ ڏنوانن جو
ڏنوانن جي دل ۾ واسو آهہ سون شيطانن جو
هن انساني بستيءَ ۾ ٿو حڪم هلي حيوانن جو
فخر وٺن ٿا، ڪوس ڪري هو انساني ارمانن جو
ٿا خون پيئن انسانن جو!
تن سان لڙندي بدلو وٺندس، سر جو سانگو لاهيندس
سر جو سانگو لاهيندس،
مان ايڏو سينو ساهيندس!

(4)

هاڻ بغاوت جو مان گهر گهر يئي ناد وڄائيندس،
پنهنجي غصي جون چنگاريون، اُيِ ۾ آءُ اڏائيندس،
چٽنگ چٽنگ مان بادل ناهي، پيانڪ باه وسائيندس،
هيءَ پاپن جي جيئري بستي، ڪک پن مثل جلائيندس،
مان دنيا نئي بڻائيندس!
جيڪو وهندو سو ئي لهندو دنيا اهڙي ناهيندس،
دنيا اهڙي ناهيندس،
مان ايڏو سينو ساهيندس!

# شهيد بختاور جي ياد ۾

ازقلم: محترم شيخ اياز

(جا جيئري هارياڻي هئي، موت کان پوءِ راڻي آهي)

زندگي جي راهه تي سينو سهائيندا هلو
موت جي منهن ۾ خوشيءَ جا گيت ڳائيندا هلو
آهه بختاور وهايو خون، عورت جي لهو
هان متان گهٻرائجي ڳوڙها وهائيندا هلو
ڏس تہ قرباني ڏسي مرڪيو زمين ۽ آسمان
عيد قربان آ اسان جي مسڪرائيندا هلو
عائشہ جي سر بلندي جو قسم، راڻي هئي
هي نہ هارياڻي هئي، سو سر جهڪائيندا هلو
فاطمہ جو روح هوندو جهومندو اڄ دوستو،
طاهره جي خاڪ تي رحمت وسائيندا هلو
ائين مڪمل ٿي نہ سگهندو زندگاني جو ڪتاب
هر ورق تي موت جون مهرون لڳائيندا هلو
زندگاني جي قفس ۾ آ اوهان تي منحصر
چيچلائيندا هلو يا ڇهڇهائيندا هلو
عرش تان جنهن کي ڪري هر وقت بختاور سلام
فرش تي اڄ ان ارادي کي جڳائيندا هلو
خون مان منصور جي آئي اناالحق جي صدا
خون بختاور بہ "ان تي حق" چوي ٿو جابجا

# باغي

ازقلم: محترم نياز همايوني

اگر اڄ ڪلمۂ حق کي ڪرڻ ظاهر بغاوت آهہ
۽ باطل کي هٽي ٺوڪر ڪرڻ قاصر بغاوت آهہ
اگر مظلوم عورت کي پڙڪائڻ بغاوت آهہ
۽ سرڪش مرد کي ڏمڪي سان ڏمڪائڻ بغاوت آهہ
اگر ظالم جو ظلم ۽ جبر ميٽائڻ بغاوت آهہ
۽ مظلومن جي دل ۾ انقلاب آڻڻ بغاوت آهہ
اگر سرمايہ داري کي ڪرڻ درهم بغاوت آهہ
۽ غربت مان غريبن کي ڪيڍڻ هڪدم بغاوت آهہ
اگر تدبير سان تقدير بدلائڻ بغاوت آهہ
۽ جهولي نقش کي نئين رنگ سان ٺاهڻ بغاوت آهہ
اگر اڄ نغمۂ يڪسانيت آڻڻ

# مظلوم جي پڪار

ازقلم: محترم ڪيئلداس فاني

(1)

اي اڳواڻ! مبارڪ، تنهنجي قوم سندي اڳواڻي
او ڏنوان! وڏايون، تنهنجي واه وڏي ڏنواني
تون وڏندو وئين منهنجو تو مان گهٽبو ويو ايمان
هوُ تنهنجو هندستان
هي تنهنجو پاڪستان
مون مفلس جو ڇاهي جنهن تي آءُ ٿيان نازان؟

(2)

مان جهنگن ۾، تون بنگلن ۾ موجي محل نواسي
تون فرحت عشت ۾، مون وٽ چنتا جي چوراسي
قحط سمي ۾ تنگ گذر مان ڪيئن ڪٽي گذران؟
هوُ تنهنجو هندستان
هي تنهنجو پاڪستان
مون مفلس جو ڇاهي جنهن تي آءُ ٿيان نازان؟

(3)

مون تو لاءِ ڇاڇا نہ ڪيو تہ بہ حال بڻيو ڇا منهنجو؟
جو منهنجي هڏ ماس ڪمايو سو منهنجو ٿيو تنهنجو
هيءَ انصاف قيام قبولي ڪو بہ نہ قاعديدان
هوُ تنهنجو هندستان
هي تنهنجو پاڪستان
مون مفلس جو ڇاهي جنهن تي آءُ ٿيان نازان؟

(4)

امن امان جو مالڪ بڻجي مون سان ڪريون مدايون
منهنجي اشرافت سان تنهنجون اتڪل ۾ ارڏايون
مال ويو پر جان وڃڻ جو هاڻ ٿيو امڪان
هوُ تنهنجو هندستان
هي تنهنجو پاڪستان
مون مفلس جو ڇاهي جنهن تي آءُ ٿيان نازان؟

(5)

تنهنجو ظلم زياني ڪيسين منهنجو سر سهسائي
منهنجو ڏيرج ڪيتر تنهنجي ابليسي آزمائي؟
ڪاسائي! پاڻيءَ کان منهنجو خون ڪيئہ ارزان
هوُ تنهنجو هندستان
هي تنهنجو پاڪستان
مون مفلس جو ڇاهي جنهن تي آءُ ٿيان نازان؟

(6)

گهڻو سٺو جن گهڻو ڏٺو جن، هاڻ نہ جهل ۾ جهلبا
ايمانداريءَ جي اکرن ۾ پورا ڪين پنيلبا
او ناصح! تنهنجي نصيحت جو مون وٽ ڪو بہ نہ مان
هوُ تنهنجو هندستان
هي تنهنجو پاڪستان
مون مفلس جو ڇاهي جنهن تي آءُ ٿيان نازان؟

(7)

ممڪن ناهي فيل مست سان ڪوئي هٿ اٽڪائي
پر هيڪر قسمت کي ڏسندس ٽڪر سان ٽڪرائي
منهنجي دل ۾ ارمانن جو جئن نہ بچي نشان
هو تنهنجو هندستان
هي تنهنجو پاڪستان
مون مفلس جو ڇاهي جنهن تي آءُ ٿيان نازان؟

(8)

بي انصافيءَ جي بستي کي جيڪر آگ لڳايان
باهہ لڳائي بي دردن کي دل جي باهہ بجهايان
سرمائيدارن جي اڳواٽي ويڙها ڪيا ويران
هوُ تنهنجو هندستان
هي تنهنجو پاڪستان
مون مفلس جو ڇاهي جنهن تي آءُ ٿيان نازان؟

# اڳتي قدم

ازقلم: محترم شيخ اياز

هو ڪاري ڪڪري ڇائي آهه
اولهه ڪان آنڌي آئي آهه
وک پو نہ پٺ تي هٽڻي آهه
منزل تي ساهي پٽڻي آهه

--

تقدير ڪڏهن بہ نہ نهندي آهه
تدبير هميشہ ڏهندي آهه
دل پو بہ نہ پنهنجي رهندي آهه
هي قيد اسان کي ڇِڄڻو آهه
هن پار يقيناً وڃڻو آهه

--

مجبور نہ شل انسان ٿئي
معذور نہ شل ايمان ٿئي
مشڪل تہ پئي آسان ٿئي!
دنيا تہ گلن جي سيج نہ آهه
لاحاصل ليڪن هيچ نہ آهه

--

اڄ اڄ تہ مقدر بدلايون
اڄ اڄ تہ فلڪ کي شرمايون
اڄ راڳ نئين جڳ جون ڳايون
ٽڪراءِ انهي کي جو روڪي
گهبراءِ نہ اڄ سينو ٺوڪي

# غريبي ۽ اميري

از قلم: محترم شيخ اي راز

هي تو آواز ٻڌو؟
ڪنهن آ شفتہ سري جو آواز
آهلي هيڏي تون آ منهنجي قريب
هو ڏٺئہ سامهون جو آه قصر بلند
ڪنهن تونگر جو اهو آهہ محل
مون کي هن مان ٿي اچي خون جي بوءِ
جنهن جي بنياد ۾ مزدور جو گوشت
جنهن ۾ مفلس جو لهو
تون ڪٿهڙي جي ڏسين ٿي هيٺان
ياسو حر مان ٻڌل هڪ انسان
جڻڪ دنيا کان بنهہ آ بيزار
ڇائنجي جنهن تي ويو دور خزان
جنهن جي دنيا ۾ نہ ڪو پنهنجو آهہ
جنهن جو گهر آهہ اها فٿ پيري
جنهن جي ميراث اهو آهہ ڪتو
گودڙي ايءَ ۽ اهو ئي ڪشڪول

ڪجھہ تہ سوچي تو مگر
پنھنجي ميراث ڏسي
۽ ڏسي شاهي محل گئلري کي تو ڏسي
هو ڏسين ٿي؟ زر و زر بخت ۾ ملبوس حسن
يعني ساڙهي جو دمڪ
زر و زيور جي چمڪ
ترورا منهنجي اکين ۾ ٿا اچن
آهہ هيرن جي ڪٺين جو هي هار
ڪئن نہ چهتي پيو آ گردن سان!
هو تہ ڏس! ڪئن ٿي ڏسي نفرت سان
يعني انسان کي حيوان سمجهي
مفلسي تي ٿي کلي اڄ اميري
ههڪڙي محبوب حسين
جنهن جي دل موم هجي
آهہ ڇو پٿر دل؟
بس اميري جي اها آهہ سندا!

# بتائیے؟

از قلم: محترم لطفی رضوانی

وہ انسان ہے کہ جو انسان سے بیزار ہو جائے؟
وہ انسان ہے کہ جو انسانیت پر بار ہو جائے؟

وہ انسان، وہ مہذب، وہ ترقی یافتہ انسان
کہ جس کی ہر ادا انسانیت آزار ہو جائے؟

شجاعت وہ کہ ظلم و بربریت جس سے شرمائے
پیام آشتی کسی آڑ میں خونخوار ہو جائے؟

شراب تند کی بدبو گوارا اس کی فطرت کو
غریبوں کے تنفس سے مگر بیمار ہو جائے؟

بنا ڈالی ہے اُس طرز ادب کی اُس نے دنیا میں
کہ شیطان بھی غلامی کے لئے تیار ہو جائے؟

# پهريدار

از قلم: محترم ڪيئلداس فاني

(1)

اجان نہ پهريدار!
ٿئين تون پهري مان بيزار.

نيڻ نکندب جئن رات سڄيءَ ۾ ڍرڪي ڪين ڍڪين ٿو
”هي ها“ جي هوڪن هڪلن سان نڙي بہ چست رکين ٿو
پنهنجي گهر جو خاوند واهي واهي گهر گهوري ٿين پر ڏي راهي
لوڙ ڪيئہ لاچار.
رات ڇپر جي، جيءَ جو جوکو ڏاڍن جو ڌهڪار.

(2)

تون جاڳين پر سيٺ ستل آ بي فڪر و بنگلن ۾
تنهنجي جان خريدي روپين ويهن يا ٽيهن ۾
سيٺ سمهيو سڀ چنتا لاهي تو وٽ ڦر جو ڦرنو آهي
وھ! تنهنجو ويچار
مال پرائي تي تو ٻڌجين سر سهسائڻ هار.

(3)

مورک پهريدار! جي هيڪر پنهنجو قدر سڃاڻين
ڪوڙي نانو شرافت ۾ جي سچ ڪا حرفت ڄاڻين
چاڪر مان تون مالڪ ٻڌبين ماڻهن ۾ تون ماڻهو ڳڻبين
عمر نہ سهہ آزار
توڙ تجوڙي ڪر تون هٿ ڪي ياڳ پريو هٿيار

(4)

عمر ويئہ اوجاڳا ڳاتي ياڳ نہ تو جاڳايو
ياڳ پلو خود ڏيندو جي تو ٻانهن ٻل ڏيکاريو
همت تو وٽ هستي تو وٽ مڙساڻي سڀ مستي تو وٽ
ڪيڏ پوريل ڪلدار!
تنهنجي زور اڳيان ڇا بيهندو بي زور و زردار.

# مزدور

ازقلم: محترم عبدالڪريم گدائي

جهالت ۽ غربت ۾ هر دم رهي جو
سڄو سال سانده ڏکن جيان وهي جو
تتيءَ ۽ ٿڌيءَ جي مصيبت سهي جو
ڏکن ۽ ٻڪن ۾ وهي ۽ ڳهي جو
جهان ۾ انهيءَ کي ٿو مزدور چئجي
سڄو ڏينهن جيڪو ٻين لئي ڪمائي
ٻين لاءِ ماڙيون ۽ بنگلا بڻائي
ٻين واسطي ڪارخانا هلائي
بکيو پاڻ! روزي ٻين کي رسائي
جهان ۾ انهيءَ کي ٿو مزدور چئجي
زماني جو ٻين لاءِ هر دم وڪاڻو

پٺيءَ هيٺ بستر نہ ڪوئي وهاڻو
ڍڪي انگ تي جو پراڻو سراڻو
جماعت جنهين کي ٿي ڪوني اياڻو!
جهان ۾ انهيءَ کي ٿو مزدور چئجي
زماني جي ظلمن کي رنجو چئجي
نہ ٻچڙن کي ڪپڙو نہ عورت کي چادر
نہ پنهنجي بدن تي لنگوٽي برابر
نہ ڪوسيءَ ٽڏيءَ ۾ ڪو پيرن ۾ پادر
نہ اجهو نہ لٽو نہ ڪاڏو ميسر
جهان ۾ انهيءَ کي ٿو مزدور چئجي
زماني جي ظلمن ڪان رنجور چئجي
جنهين جان پنهنجي ٻين لئي گنوائي
سڄي عمر ڪاڏي پگهر جي ڪمائي
جمع ٿي جنهين وٽ ڪڏهن ڪين پائي
ڏني خون جيڪو ٻين لئي گدائي
جهان ۾ انهيءَ کي ٿو مزدور چئجي
زماني جي ظلمن ڪان رنجو چئجي

# سرخ سیلاب

از قلم: ز-ح-

ابھی چنگیز کے وارث ہیں جہاں میں موجود
ظلم اور جبر کے ایوان ابھی باقی ہیں
نادری چین میں دم توڑ رہے ہے لیکن
ہٹلریت کی نگہبان ابھی باقی ہیں!

سرخ سیلاب نہ پابندے سلاسل ہوگا
گولیاں روک نہیں سکتی ہیں طوفان کو
کیسا قانون امان کس کے تحفظ کا سوال
بھوک کی آگ جلا ڈالے گی فرمانوں کو۔

سرخ پرچم کے وفادار مرے ہمسفرو
آئو مودی وجینتی کان فسانہ دہرائیں
پرچم سرخ کی سرخی کو ہے در کار ابھی
اس قدر خون کہ زنداں و سلاسل بہہ جائیں۔

# دھوکے دے نعرے

از قلم: محترم غلام محمد ہاشمی

کوئی فرقہ بندی دا ہو یا پجاری
کوئی ہے اخوت دا بنیاں بپاری
کوئی کٹر لیگی تے کوئی احراری
بنے لوئی خلافت گرپی مکاری
مین سار ان دے دہنداں پساراں نوں دیکھا
تے "لیلے رہیں گے" دے نعراں نوں دیکھا
من سنداسی ہوگا کیا دے بھی نعرے
تے وجدے سی کجھہ لااللہ دے بھی نعرے
تے ووٹان دی خاطر خدا دے بھی بٹیرے
ای سارے سی موسم دی بٹیرے
ای بنگلان دی مالک تے قومی لٹیرے
میں ووٹاں تے لٹروے نیازی بھی دیکھے
تے مسجد دے مُلان نمازی بھی دیکھے
مجاہد بھی دیکھے تے غازی بھی دیکھے
اے ساری سی سرمایہ داراں دے ٹٹو
ای دولت دے مجنوں تے دہلڑ نکھٹو
میں ایسے اماماں تے پیراں توں باغی
میں قومی لٹیراں امیراں توں باغی
میں ووٹاں دے شوقی وزیراں توں باغی
نے زر داری نقشاں لکیراں توں باغی

بغاوت نوں لبھدا پیا ہاں بہانساں
انہاں دی تباہی دا نیڑی زماناں
انہاں دین دے ناں تے فتنے چلائے
کئے پیر سدی تے ملاں بلائے
انہاں نوں رجایا تے حلوے کھلوائے
وزارت سنبھالی تے نظریں نہ آئے
ہن اسلامی ناں وی جماعت سنواری
نوی میں جال لائے پرانے شکاری
غریبو اُٹھو، سارے قانون بدلو
ایھ ممتاز، ممدوٹ تے نون بدلو
پرانے دفاتر تے مضمون بدلو
اٹھو سرخ پرچم دا لائو پھریرا
کرو ساری دنیاں تے صادق سویرا
اُٹھو ساز لونال محفل سجائو
امن قائم دنیا نوں کرکے دکھائو
غریبان دی دنیا نئی اکھ بسائو
جتھی کوئی مذہبی لٹیرے نہ ہوون
نالے ہندو مسلم دے جھیڑی نہ ہوون
اُٹھو اے کسانوں تے مزدور اُٹھو
نواباں امیراں دے مقہور اُٹھو
ای محنت تہیں عاجز تو مجبور اُٹھو
اُٹھو تے کرو وار بھرپور اُٹھو
اُٹھو ساری دنیا دے کایا پلٹ دو
نہتے قانوناں دے تختے الٹ دو۔

# هاري جو هوڪو

ازقلم: محترم رشيد احمد لاشاري رشيد اديب فاضل ڪراچي

(1)

ڪير آهي جو ٽٽي تو صبح جو ساجهر سجاڳ؟
ڪير آهي جو تو سمجهي خواب غفلت کي نياڳ؟
ڪير آهي جو تو ڳائيندو اچي غربت جو راڳ؟
ڪير آهي جو تو ڀانئين سور سلطاني سهاڳ؟
ڪير آهي جنهن کي ناهي صبح جي ماني نصيب؟
ڪير آهي جنهن کي ڪوٺي ٿي سڄي دنيا غريب؟

(2)

ڪير آهي جو رهي تو مبتلا آفات ۾؟
ڪير آهي جنهن جي آهه زندگي سڪرات ۾؟
ڪير آهي، آهه جو رنجه ويلا جي وات ۾؟
ڪير آهي، جنهن جي ڇپري تي ٿمي بسات ۾؟
ڪير آهي جو رهي تو تنگ ۾ بک تو مري؟
ڪير آهي جو ڪمائي تو پدرين جا گهر ڀري؟

(3)

ڪير آهي جو پري ڪان آهه پڏرو لوڏ ۾؟
ڪير آهي جو اچي هلندو تو هڪڙي گوڏ ۾؟
ڪير آهي ٻاجهري جنهن جي ٻڌي تي ٻوڏ ۾؟
ڪير آهي جو ڪڏهن پرجي نه تو هيٺ هڏ ۾؟
ڪير آهي جو چوي تو "ڪيڙ وَهه ٻگاتي پڳا"؟
ڪير آهي جو چوي تو "توُ ڪٻي ٻاهر ٻگا"؟

(4)

ڪير آهي چيڙ جو جنهن ڪي سدائين آهه سڏ؟
ڪير آهي جنهن جو هر دم تو وري ڪوڏر ڏي هڏ؟
ڪير آهي جو اُسن ۾ تو سڙي ڏاندن سان گڏ؟
ڪير آهي جو رهي تعليم ڪان تو ڏڏ جو ڏڏ؟
ڪير آهي جو ڪمائي تو ڪروڙن جا ڪروڙ؟
ڪير آهي جو تو ڪائي رات جو ڇانيي جو ٻوڙ؟

(5)

ڪير آهي جو ٻٽيو آهي وڏيرن جو غلام؟
ڪير آهي جو تو ڄاڻي پنهنجي خودداري حرام؟
ڪير آهي جو چوي تو وقت ڪي آهي سلام؟
ڪير آهي جنهن جون پڳڙيون ٿيون ٿين هر صبح و شام؟
ڪير آهي جو فريبن جو نشانو آهه ٿيو؟
ڪير آهي جنهن جو مسڪن قيدخانو آهه ٿيو؟

(6)

ڪير آهي جو نہ ٿو پنھنجو ڪري تدبير ڪي؟
ڪير آهي جو سنواري ڪين ٿو تقدير ڪي؟
ڪير آهي جو ٽپڙ وڪڻي ٿو ڏئي ڏن پير ڪي؟
ڪير آهي جو ٿو ڏئي ڍر ظلم جي زنجير ڪي؟
ڪير آهي جو ٿو پالي پيٽ هر انسان جو؟
ڪير آهي جو کٽي نيڪو ٿو آب و نان جو؟

(7)

ڪير آهي جو ٿئي ٿو قرض ۾. هر دم تباھ؟
ڪير آهي جنھن کي ڏک حملو ٿا ڪن بنجي سپاھ؟
ڪير آهي جنھن کي چئجي اڪتفا جو بادشاھہ؟
ڪير آهي جنھن جي آ الله پنھنجي ڏي نگاھ؟
ڪير آهي جنھن جي دل ۾ آخدا جو پروسو؟
ڪير آهي کي ڪونهي غير جو ڪم خرسو؟

(8)

اڄ تہ مان توکي ٻڌايان ٻڌ تہ آهيان ڪير مان؟
اڄ تہ مان توکي ٻڌايان ڪئن ٿيان ٿو زير مان؟
اڄ تہ مان توکي توکي ٻڌايان ڪئن ڪٽان ٿو پير مان؟
اڄ تہ مان توکي ٻڌايان ٿو ڏسان انڌير مان؟
اڄ تہ مان توکي ٻڌايان پنھنجي ڏک جو داستان؟
اڄ تہ مان توکي ٻڌايان شڪوهٔ اهل جهان.

(9)

مون کي هاري ٿا سڏن آهيان وڏي آزار ۾
تو سهان جٺ ڦٺ وڏيرن جي سدا سنسار ۾
پاڙ پنجي ٿي وڃي بيگار ۾ وانگار ۾
جي تو ڪچان واتان ڪچان ٿئي ڪيس تو سرڪار ۾
سال سارو تو ڪمايان ته به تو ڳڻتين ۾ ڳران
پيٽ ۾ وٺ ٿا پون ڏک تو ڏسان بک تو مران.

(10)

منهنجي سببان ٿا ملن سرمايہ دارن کي خطاب
منهنجي سببان ڪن وڏيرا ٿا وزارت دستياب
منهنجي سببان آهہ آيو جڳ ۾ تازو انقلاب
منهنجي سببان غرق ٿيو آهي غلاميءَ جو غراب
مان سبب آهيان مسلمانن جي عز و شان جو
مون کي سمجهڻ گهرجي باني ملڪ پاڪستان جو.

(11)

جي هيا ڏيندا دلاسو مون کي پاڪستان جو
اڄ نہ ٿا سي قدر ڪن منهنجي وڏي احسان جو
تن کي اولو ڪين آ منهنجي ڏکئي گذران جو
درد جو غم جو الم جو رنج جو ارمان جو
ٿيا فقط آزاد آهن ملڪ جا سرمايہ دار
سچ چوان تو آهہ هارين لاءِ ساڳيو حال زار

(12)

ڪڪ پيچي ھيٺو نہ جي ڪن ٿا سي عزت ٿا لھن
خانصاحب خانبھادر جا لقب حاصل ٿا ڪن
پاڻ ٿا ڪن عيش ۽ ھاري ٿا ھر دم ڏک ڏسن
ڇا اھا روزي روا آھي بنائي ذوالمنن
ھاءِ ڪونھي ظالمن کي روز محشر جو خيال
سيرت خير الوريٰ پياري ميمبر جو خيال

(13)

ڪا اسان کي پٽ نہ آھي پنيرائي ڪو ڪري
آھہ حاجت عيش جي حاجت روائي ڪو ڪري
رھنما بڻجي اسان جي رھنمائي ڪو ڪري
وقت مشڪل آھہ اڄ مشڪلڪشائي ڪو ڪري
سک اسان جي لاءِ چڙھندو آ وڏيرن کي ٻرو
ناھہ دنيا ۾ اسان جو ڪو اجھو ۽ آسرو

(14)

ڪيترن سالن جا روزه دار آھيون اي رشيد!
من اسان جو ٻيو ٿئي طالع ھلال، يوم عيد
ظالمن جي ٿي رھي مٽي زماني ۾ پليد
ٿئي عيان دور اخوت ۾ اھا گفت و شنيد
”ھم نوالہ ھم نشين ڏسجن ٿا محمود و اياز“
”ڪين اڄ آھي رھيو شاھہ و گدا جو امتياز“

# لیڈر کی آمد

از قلم: محترم کیفی اعظمی

شور ہے چار طرف راہنما آتا ہے
مشکلیں ختم ہوئے عقدہ کشا آتا ہے
درس غیرت ہے یہ ایثار زمانے کے لئے
تشنہ کاموں کے طرف ابر عطا آتا ہے۔

جھنڈیاں شہر سے لہراتے ہیں اسٹیشن تک
پھاٹکوں کی یہ سجاوٹ کہ پشیماں ہے فلک
گیس کی یہ مہ رقصدنہ، یہ بیرقی تارے
کہکشاں کہاتی ہے گھونگھٹ زہے تابندہ سڑک۔

موٹریں رینگتی ہیں ناز سے پہنے ہوئے ہار
جال پھولوں کا ہے ہر تانگہ پہ گھوڑوں پہ بہار
نشۂ فخر میں قابو سے جو باہر ہے جلوس
دمبدم کرتی ہے مضبوط پولیس اپنا حصار۔

پارک کو دیکھ کے حیران ہے چشم رضوان
ایک اک خیمہ پہ فردوس کا ہوتا ہے گماں
بھاپ اُڑی جاتی ہے دیگوں سے چرا کر خوشبو
ابھنڈتا پھرتا ہے انبوہ پہ مطبخ کا دھواں۔

اپنی جنت سی نکلتے بھی اگر ہیں لیڈر
جذب ہو جاتے ہیں نظروں میں یہ رنگین منظر
اس قدر بارش نعمت یہ ضیا کا سیلاب
کیسے محسوس ہوں تاریک میں بھوکوں کی کھنڈر

اس تکلف سے تو اظہار ملال اچھا ہے
کام اچھا سہی کب اس کا مآل اچھا ہے
"ان کے دیکھنے سے جو آجاتی ہے مُنہ پر رونق
وہ سمجھتے ہیں کہ بیمار کا حال اچھا ہے۔"
غالب

# طلسم ٹوٹ گیا

از قلم: محترم تیغ الہ آبادی

بلندیوں پہ شراروں کے گفتگو سن کر
ستارے کانپ رہے تھے کہ جانے کیا ہوگا
فضا میں گونج اُٹھا قہقہہ امارت کا
یہ آہر من نہ ہوا گر تو پھر خدا ہوگا۔
خدا ہی تھا کہ مہ و مہر کی دریچوں سے
بہ صد غرور، بہ صد ناز مسکراتا رہا
اسی کے فیض سی دنیا میں مالدار انسان
لہو کے اشک تو کیا اس نے ہڈیاں لے کر
خود اپنے قصر تمنا میں آگ روشن کی
جبین وقت پہ بل دیکھ کر بغاوت کے
برادران حقیقی کو صرف لودے دی
برادران حقیقی نے یہ بھلا ڈالا
کہ لوکے دونوں سرہ خود اُنہی کے خون کے ہیں

ہم ایک سمت مسرت، ہر ایک سمت نوید
کسے مجال، یہ کہدے کہ یہ جنازے ہیں!
یونہی جنازوں پہ دن رات جشن گوتے رہے
یونہی بہار کی تقسیم گل کھلائی رہی
جسی "خرد" کی "جنوان خودی" نہ پالا تھا
وہ زیست مرگ خودی پر بھی مسکراتی رہی
خودی کی موت تو جذبا کا تقاضا تھی
خدا کے فضل سے لوگوں کو روٹیاں نہ ملیں
وہ دور تھا کہ جوان عصمتیں شہید ہوئیں
ہزاروں جسم بکے جن کو بوں‌یاں نہ ملیں
ہزاروں جسمون کی قیمت اگر ملی بھی تو کیا
فضا میں گونج اُٹھا قہقہہ امارت کا
بلندیوں پہ شراروں کی بات پوری ہوئی
زمین پہ امن و سکون کا طلسم ٹوٹ گیا۔

# سورهيائيءَ جو سبق

از قلم: محترم ڪيئلداس فاني

(1)

جڏهن غلامي ساهہ گهٽيندي
غيرت تن مان اڀري ايندي
کهڙي دل قربان نہ ٿيندي
ويڙهہ وڄڻ جو وير؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

(2)

مشڪل ۾ منجهي ڪيئن ٿو مانجهي
پختي دل وهمن کان وانجهي
صبح سڏي ٿو سورهہ سانجهي
دير نہ پانءِ او ير
دل تان غم ڪر دُور دلير!

(3)

جاڳڻ جو جڳ ناد وڄايو
سيڪو سڏ تي ڪڏندو آيو
توکي ڪنهن ابڪي نہ اُٿاريو!
هيءَ سانجهي نہ سوير
دل تان غم ڪر ڏُور دلير!

(4)

ڪيترو پاڻ غلام سڏيندين؟
ڪشت ڪشالن سان نہ ڪٽيندين؟
چرڪ پري بزدل نہ ڇڏيندين،
هيٺائيءَ جي هير؟
دل تان غم ڪر دور دلير!

(5)

سستيءَ جو جيئڻ ضعف ڀرو ٿئي،
همت جو هڏ پاڻ پرو ٿئي،
ڪوشش ضايع ڪين ذرو ٿئي،
پانڌيئڙا! ڪڻ پير،
دل تان غم ڪر ڏُور دلير!

(6)

ڪاميابي خود پير چميندي،
فتح مبارڪبادي ڏيندي،
قرباني ڪل وير وڍيندي،
نحس غلاميءَ نير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

(7)

آهه هن سان ويس ۾ آزادي،
صلح رکي هن سان سازي،
بي هٿيارن جي ڇا بازي!
شير ڪري شمشير
دل تان غم ڪر دور دلير!

(8)

سورهه سينگ سنباهي هل تون،
ٻانهن جو ڏيکارج ٻل تون،
دهشت سان ڏڏڪائج دل تون،
شان رکي وٺ شير،
دل تان غم ڪر ڏُور دلير!

(9)

ڪونڌ ڪنڌ ڪپائڻ سک تون،
نيزي نوڪ نوائڻ سک تون،
رڻ ۾ ريج وهائڻ سک تون،
ڇڏ پڄندن جا پير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

(10)

قوم نه سا قسمت کي روئي،
دشمن جو جا خون نچوئي،
مستڪ جا لوهوُ سان ڌوئي،
ڍونڍين لائي ڍير،
دل تان غم ڪر دور دلير!

## سارا سنسار ہمارا ہے
### از قلم: محترم سجاد ظہیر

مظلوموں نے ملکوں ملکوں اب جھنڈا لال اُٹھایا ہے
جو بھوکا تھا جو ننگا تھا اب غصا اس کو آیا ہے
کیوں روکنے سے رک جائیں ہم- سارا سنسار ہمارا ہے
سارا سنسار ہمارا ہے سارا سنسار ہمارا ہے

ہم محنت سے مزدوری سے دھن دولت پیدا کرتے ہیں
پھر لاٹھیں گولی کھاتے ہیں اور الٹے بھوکوں مرتے ہیں
ہو ایسا چوپٹ راج ختم، سارا سنسار ہمارا ہے،
سارا سنسار ہمارا ہے سارا سنسار ہمارا ہے

تعمیریں ہیں خیراتیں ہیں، تیرتھ او حج بھی ہوتے ہیں
یوں خون کے دھبے دامن سے یہ دولت والے دھوتے ہیں
کیوں دان کے ٹکڑے کھائیں ہم، سارا سنسار ہمارا ہے
سارا سنسار ہمارا ہے سارا سنسار ہمارا ہے

ہم دنیا نئی بنائینگے، ہم بستی نئی بسائینگے،
راجا انگریزوں دھنیوں کو ہم ملکر مار بھگائینگے
کیون پرجا راج نہ ہو قائم، سارا سنسار ہمارا ہے،
سارا سنسار ہمارا ہے سارا سنسار ہمارا ہے

# هاريءَ جو حال!

ازقلم: محترم شاهنواز عارف

(1)

عجب آ حال هاريءَ جو هميشہ هر هلائي ٿو
وڏي جهنگ ۾ ڏئي ڦريادڙا واريءَ جا ڏاهي ٿو
ٽتيءَ ۾ ڇا ٿڌيءَ ۾ هو هلر هر وار ڳاهي ٿو
ڪٽي ڪاتي هٽي ڪوڏر سڄي ڪيتي سنڀاهي ٿو
اکين ۾ اوجهراٽيون ۽ رکي صد چاڪ سيني ۾،
ڳجهو آهن جو طوفان آهہ هاريءَ جي پسيني ۾.

(2)

لتاڙي ٿو لنڊيون لوڙها نہ پيرن ۾ چنل پادر،
ڪپهہ پوکي جو دنيا ۾ اگهاڙو سو رهي اڪثر،
لٽي ان وائري ڳاهي مگر بک ۾ اهو بدتر،
ڪري پل عيش پيو سيڪو مگر هاري رلي در در،
گذاري ڏينهن هڪ پڻ ڪو نہ ٿو سکيو مهيني ۾،
ڳجهو آهن جو طوفان آهہ هاريءَ جو پسيني ۾.

(3)

ٽڪل بازارون ڇنل ڪپڙا بکيو آهي پيٽ هاريءَ جو
ٻلي ٻيا موٽرون مان نہ هن کي خرچ لاريءَ جو
ٻتي تنهن کي ميسر ناهہ وڃ ريءَ رات ڪاريءَ جو
اهو آهي فسانو ان جي پر غم عمر ساريءَ جو
سندس حسرت جو درياءَ ٿو رهي بند آبگيني ۾
ڳجهو آهن جو طوفان آهہ هاريءَ جو پسيني ۾

(4)

هي شڪوه يا شڪايت ناهہ پر دل جي صدا آهي
جي شاهوڪار ۽ هاريءَ سندو هڪ ئي خدا آهي،
مگر ڇو حڪمران هڪڙو ۽ ٻيو ان جو گدا آهي،
ٻئي هڪ ٿي وڃن مولي سندم هي التجا آهي،
خدايا! آه ڪا رحمت سندءِ پنهان خزيني ۾،
ڳجهو آهن جو طوفان آهہ هاريءَ جي پسيني ۾.

# بشرطِ اُستواری

از قلم: محترم ساحر لدھیانوی

خون جمہور میں بھیگے ہوے پرچم لیکر
مجھ سے افراد کی شاہی نے وفا مانگی ہے
صبح کی نور پہ تعزیر بٹھانے کے لئے
شب کی سنگین سیاہی نے وفا مانگی ہے
اور یہ چاہا ہے کہ میں قافلہ آدم کو
ٹوکنے والی نگاہوں کا مددگار بنوں،
جس تصور کی ہزیمت کا گنہگار بنوں
ظلم پر وردہ قوانین کے ایوانوں سے
بیڑیاں تکتی ہیں، زنجیر صدا دیتی ہے
طلق تعزیر سے انصاف کی بت گھورتے ہیں
مسند عدل سے شمشیر صدا دیتی ہے
لیکن اے عظمت انسان کے سنہرے خوابو
میں کسی تاج کے سطوت کا پرستار نہیں
میرے افکار کا عنوان ارادت تم ہو
میں تمہارا ہوں، لٹیروں کا وفادار نہیں۔

# عورت

از قلم: محترم کیفی اعظمی

اُٹھ مری جاں! مری ساتھ چلنا ہے تُجھے
قلب ماحول میں لرزاں شرر جگن ہیں آج
حوصلے وقت کے اور زیست کے یک رنگ ہیں آج
آبگینوں میں تپان ولولہ سنگ ہیں آج
حسن اور عشق ہم آواز ہم آہنگ ہیں آج
جس میں جلتا ہوں، اسی آگ میں جلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! میری ساتھ ہی چلنا ہیں تجھے۔

تیرے قدموں میں ہے فردوس تمدن کی بہار
تیری نظروں ہے گھوارہ نفس و کردار
تابہ کے گرد ترے وہم و تعین کا حصار
کوند کر مجبس خلوص سی نکلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! میرے ساتھ ہی چلنا ہے تجھے۔

تو کہ بے جان کھلونوں سے بہل جاتی ہے
تپتی سانسون کی حرارت سے پگھل جاتی ہے
پاؤں جس راہ میں رکھتی ہی پھسل جاتی ہے
بن کے سیماب ہر اک ظرف میں ڈھلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! مرے ساتھ ہی چلنا ہے تجھے

زندگی جہد میں ہے صبر کے قابو میں نہیں
نبض ہستی کا لہو کانپتے آنسو میں نہیں
اُڑنے کھلنے میں ہے نکہت خم گیسو میں نہیں
جنت اک اور ہے جو مرد کے قابو میں نہیں
اس کی آزاد روشنی پر بھی مچلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! میری ساتھ ہی چلنا ہے تجھے

گوشہ گوشہ میں سلگتی ہے چتا تیرے لئے
فرض کا بھیس بدلتی ہے قضا تیرے لئے
قہر ہی تیری ہر اک نرم ادا تیرے لئے
زہر ہی زہر ہے دنیا کی وا تیرے لئ
رت بدل ڈآل اگر پھول پھلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! میری ساتھ ہی چلنا ہے تجھے۔

قدر ابتک تری تاریخ نے جانی ہی نہیں
تجھ مین شعلے بھی ہیں بس اسک فشانی ہی نہیں
تو حقیقت بھی ہے دلچسپ کہانی ہی نہیں
تیری ہستی بھی ہے اک چیز جوانی ہی نہیں

اپنی تاریخ کا عنوان بدلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! میرے ساتھ ہی چلنا ہے تجھے۔

توڑ کر رسم کا بت بند قدامت سی نکل
ضعف عشرت سی نکل وہم نزاکت سی نکل
نفس کی کھیچے ہوئے حلقہ عظمت سے نکل
یہ بھی اک قید ہی ہے قید محبت سی نکل
راہ کا خار ہے کیا، گل بھی کچلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! میرے ساتھ ہی چلنا ہے تجھے

توڑی عزم شکن وغدغہ پند بھی توڑ
تیری خاطر ہے جو زنجیر وہ سوگندبھی توڑ
طوق یہ بھی ہے "زمرد کان گلوبند" بھی توڑ
توڑ پیمانہ مردان خرد مند بھی توڑ
بن کے طوفان جھلنکا ہے اُبلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! میرے ساتھ ہی چلنا ہے تجھے۔

تو فلاطون و ارسطو ہے تو زہرا پروین
تیرے قبضہ می ہے گردوں تیری ٹھوکر میں زمین،
ہاں اُٹھا جلد اُٹھا پائے مقدر سی جبین،
مین بھی رکنے کا نہیں وقت بھی رکنے کا نہیں
لڑ کھڑائے گی کہاں تک کہ سنبھلنا ہے تجھے
اُٹھ مری جان! میرے ساتھ ہی چلنا ہے تجھے۔

# آہنگ انقلاب

از قلم: محترم ساحر لدھیانوی

میرے جہاں میں سمن زار ڈھونڈھنے والے
یہاں بہار نہیں، آتشیں بگولے ہیں
دھنک کے رنگ نہیں، سرمئی فضاؤں میں
اُفق سے تابہ اُفق پھانسیون کے جھولے ہیں
پھر ایک منزل خونبار کی طرف ہیں روان
وہ رہنما جو کئی بار راہ بھولے ہیں
بلد دعوی جمہوزیت کے پردے میں
فروغ مجلس و زندان ہے تازیانے میں
بنام امن ہیں جنگ و جلد کے منصوبے
بہ شور عدل، تفاوت کے کارخانے میں
دلون پہ خوف کے پہرے، لبوں پہ قفل سکوت
سرون پہ گرم سلاخون کے شامیانے میں
مگر مٹے ہیں کہیں جبر او تشدد سے

وہ فلسفی کہ جلادیئے گئےدماغوں کو
کوئی سپاہ ستم پیشہ چور کر نہ سکے
بشر کی جاگی ہوئی روح کے ایاغوں کو
قدم قدم پہ لہو نذر دے رہی ہے حیات
سپاہیوں سے اُلجھتی ہوئی چراغوں کو
رواں سی قافلہ ارتقائے انسانی
نظام آتش و آہن کا دل ہلائے ہوئے
بغاوتون کے دھل بج رہے ہیں چار طرف
نکل رہے ہیں جو ان مشعلیں جلائے ہوئے
تمام ارض جہاں کھولتا سمندر ہے
تمام کوہ و بیابان ہیں تاملائے ہوئے
مری صدا کو دبانا تو خیر ممکن ہے
مگر حیات کی للکار کون روکے گا؟
فصیل آتش و آہن بہت بند سہی
بدلتے وقت کی رفتار کون روکے گا؟
نئے خیال کی پرواز روکنے والو!
نئے عوام کی تلوار کون روکے گا؟
پناہ لیتا ہے جن مجسمون کی تیرہ نظام
وہیں سے صبح کے لشکر نکلنے والے ہیں
ابھر رہے ہیں فضائوں میں احمریں پرچم
کنارے مشرق و مغرب کے ملنے والے ہیں
ہزار پھول کھل کے رہیں گے جو کھلنے والے ہیں۔

# هاري جو زمانو

از قلم: حيدر بخش جتوئي حيدر

(1)

سنڌ جا ساھ ۽ دلبر هاري،
قوم جا هار ۽ سينگار ۽ زيور هاري،
تنهنجي احسان جي هيٺ آه بشر هر هاري،
ٿيا زمانو ۽ زمين تنهنجا ثناگر هاري،
قوم ساري ٿي هينئر ڳائي ترانو تنهنجو
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

(2)

ڪو زمانو هو جڏهن دهر ۾ غمسار هئين،
بکيو بيمار هئين زار ۽ بي يار هئين،
ڪهڙو غمگين ۽ مايوس ۽ لاچار هئين،
غرض مسڪينيءَ ۾ گهر ٻار کان بيزار هئين،
هڪ جنم ٿيپ هئي زندان هو خانو تنهنجو
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

(3)

توکي انگريز تي ڦريو ۽ زميندار لٽيو
وياج خورن تي ڦريو توکي عملدار لٽيو
توکي بيدرديءَ سان هر هڪ ٺڳ نمڪخوار لٽيو
ظالمن تي لُٽيو گهر ٻار خزانو تنهنجو
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

(4)

پنهنجي حال تي آخر توکي غيرت آئي،
ذات هاريءَ ۾ غضب واري بغاوت آئي،
هر زميندار ۽ ظلم لئي شامت آئي،
”هاري حقدار“ جي نعري سان قيامت آئي،
جهنگ جهر بحر ۽ بر ۾ ٿيو فسانو تنهنجو
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

(5)

تنهنجي طاقت جي اڳيان هرڪائي طاقت ٿي ختم،
تنهنجي حملي اڳيان انگريزي حڪومت ٿي ختم،
ظالم انگريز سان انگريز جي اُمت ٿي ختم
يعني جاگيري زميندايءَ جي لعنت ٿي ختم،
جو بہ هو خوار ٿي دشمن ٿيو روزانو تنهنجو
اٿ هاري آيو آ زمانو تنهنجو.

(6)

هاڻي مزدور ۽ هاريءَ جي حڪومت ٿي آهہ
يعني برباد حڪومت جي غلامت ٿي آهہ،
قائم انسان سان انسان جي سنگت ٿي آهہ،

پورهئي محنت لئہ دنيا هتي جنت ٿي آهہ.
نئين دنيا آ متيو نقشو پراڻو تنهنجو.
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

(7)

هاڻي محنت کي مليو درجو عبادت جو آهہ.
هاڻي محنت ئي ٻيو نالو ڪرامت جو آهہ.
پورهيو اڳ وانگي نہ اڄ بوج مصيبت جو آهہ.
پورهيو اڄ باعث فرحت، مزو فطرت جو آهہ.
محنت ۽ پورهئي ۾ آ شان شهانو تنهنجو.
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو

(8)

تنهنجي محنت ٿي ڪري ڪکڪ ۽ جوئر پئدا.
ڏوڙ مٽي منجهان موتي ۽ جواهر پيدا.
باغ باغات گلستان معطر پيدا.
آهي ڇا ڇا نہ ڪيو ڏاتي ۽ ڪوڏر پيدا.
هي جهان آ ڪرامت ۽ فسانو تنهنجو
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

(9)

نئين دنيا ۾ نہ بک آهہ نہ بيماري آهہ.
اگر آهي تہ دوا مفت شفا واري آهہ.
هر ڪنهن چهري ۾ لالاڻ جي گلزاري آهہ
خوش بهار آهہ ۽ سرسبز سگهو هاري آهہ.
آهہ مزدور بہ خوش يار يگانو تنهنجو.
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

(10)

اڄ جوانن لئي ڪم ڪار ڪُليل عام آهي،
اڄ هارياڻي تي آ راڻي ۽ گلفان آهي،
ٻار اڄ کيل سکيا ۾ جمندي جام آهي،
پير مردن کي هينئر پينشن آرام آهي.
راڳ راحت سان خوشيءَ سان پريو خانو تنهنجو
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو

(11)

آهي تي پختي پڪي هاري حڪومت برپا،
يعني تي علم ۽ سائنس جي طاقت برپا،
يعني ٿيا تجربہ فڪرات ۽ محنت برپا،
جن وسيلي تي جهان ۾ ويئي جنت برپا
جاهل فقر اجايو هو بهانو تنهنجو.
اٿ هاري اجهو آيو آ زمانو تنهنجو.

## ہاری ہے حق دار

از قلم: سید کاوش رضوی

اپنی دھرتی
اپنی محنت
اپنی پیداوار
اے ساتھی
ہاری ہے حق دار

اپنے دریا
اپنی موجیں

اپنے یہ گلزار
اے ساتھی

ہاری ہے حق دار
ہم ہیں طوفانوں کے بیٹے
آزادی کے راگ
خوش حالی کا سورج ہم ہیں
ہم دھرتی کے بھاگ
ہم نے کھیتوں میں بوئے ہیں
ہیرے اور پکھراج
خون سے ہم نے سینچے ہیں
یہ سونے کے بازار
اے ساتھی
ہاری ہے حق دار
اپنی محنت، اپنی دھرتی
اپنی پیداوار
اے ساتھی
ہاری ہے حق دار

(1950ء)

*

# زميندار شاهي
# عرف
# كمدار جاكارناما

# ڪارنامو پهريون

لکندڙ: باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي
بي اي آنرز(ممبئي)، هلال امتياز

وڏيرو چتو خان کٽ تي ليٽيو پيو آهي.
ڪمدار ڪوسو خان گلم تي ويٺو آهي،
وڏيري صاحب جا پير دٻائي رهيو آهي.

وڏيرو: ڪمدار رمضان شريف جو مبارڪ مهينو اچڻ وارو آهي، روزا رکبا. فجر مهل روزي رکڻ لاءِ کير ضرور کپندو. ڏهه پنڌرنهن روزائت ٿيندا. انهيءَ ڪري ڪا ڍڳي هٿ ڪر. هن موچاري مهيني ۾ ڪو ثواب جو ڪم ڪجي ۽ آخرت جو توشو ڪجي.

ڪمدار: قبلا. ڍڳي رحيم خاصخيلي، پنهنجي هاريءَ جي تازي ويائي آهي، ڀلوڙ آهي، کير جام اٿس. اها ڪاهرائي ڪٽي تا ٻڌون. پوءِ اوهان جي کير جي پورت چڱيءَ طرح ٿي ويندي.

وڏيرو. متان نه ڏئي!

ڪمدار: بابس به ڏيندو. ڪڪ پن پنهنجا چري، زمين پنهنجي ۾ پهري، نه ڏيندو ته وهندو ڪٿي؟ اوهان جي حياتيءَ جو خير هجي. عمر ڪمداري ڪئي اٿم، حجامت ڪانه ڪئي اٿم.

وڏيرو: اڙي بابا! اڄ ڪلهه هنن "هاري حقدار" جتن جو مغز ڦيرائي ڇڏيو آهي، هنن جو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي. متان جٽ انهن جي ڏٽن ۾ آيو هجي.!

ڪمدار: نه قبلا. نه! فڪر نه ڪريو. ائين انڪاري جواب ڏيندو ته پاڻ به انهيءَ ڍڳيءَ جو کير پيتو اٿس! اهڙين مهلن لاءِ ڏنو دائم. موسو ڪونه ويٺا آهن؟ جن تي سائين جن جو هٿ آهي! هميشه پوليس کان بچايو ويٺا آهيون. اوهان جو حڪم ٿيندو ته اها ڍڳي ته ڇا. پر سندن رن به ڪٽي ايندا. اوهان جا اڳيئي آزمايل آهن. ڪيتوري به اوهان سان نٽي نهي، پوءِ ڪيئن نه

راتو واهہ سندس ڪٽ اوهان وٽ حاضر ڪيائون. قبلا! اوهان وڏي دل ڪريو. اهو خسيس ڪم آهي، تي ويندو.

وڏيرو: ڀلا، ابا، سڳورو مهينو آهي. ملن مولوين جو چوڻ آهي تہ هن مهيني ۾ ختمن جو ثواب گهڻو ٿو ٿئي، سو موچاري ماني لاءِ گيهہ بہ کپندو ڪڪڙ بہ کپندا، ڇيلا بہ کپندا. چوندا آهن تہ ٻارهن مهينن جي ڪمائي هن مهيني ۾ ڪائجي ڪارائجي. مسجد ۾ ماني بہ هر روز روزائتن جي روزي ڇوڙڻ لاءِ ڏبي. اها بہ ضرور موچاري موڪلجي، نہ تہ ماڻهو ڪلندا. گيهہ جو اگهہ اڄ ڪلهہ تمام چڙهي ويو آهي. پنج روپيہ سير آهي پنهنجو جيڪو گيهہ ٿئي ٿو اهو اندر مير خان جي شاديءَ لاءِ گڏ ڪندا ٿا وڃن. سو يارا گيهہ، ڪڪڙ، ڇيلا وغيره ڪجهہ گڏ ڪر. ڀلارو مهينو آهي. ڪا تہ نيڪي ڪريون، خير خيرات ڪريون!

ڪمدار: سائين وڏي دل ڪريو. گهڻائي مال وارا پنهنجي زمين ۾ رهندا آهن. وڃي ٿو ٽپايان. اڄ سڀني جو مال ڪاهرائيندس. ڏک تي، پوءِ پاڻهي ڏيندا منتائو. پاڻي ڀل هينيان لنگهندو. ايندو اوهان وٽ پوءِ سڀ ڪجهہ گهر ويٺي ئي ملي ويندو. رکو ڪم خدا تي. بادشاهہ پير ساڻي ڏيندو. سڀ فتح.

(ڪمدار وڏيري جي حڪم موجب سڏو رحيم خاصخيلي وٽ وڃي ٿو. رحيم جي زال کي چوي ٿو تہ"اڙي رن! رحيم گهر ۾ آهي؟ ٻاهر موڪلينس." رحيم ٻاهر اچي ٿو.)

ڪمدار: اڙي، رحيم! تنهنجي ڍڳي هڪ مهيني واسطي زميندار کي کپندي روزن رکڻ لاءِ. کير جي ضرورت آهي. اها شام جو ڪاهي وڏيري جي اوطاق تي پهچائي اچج.

رحيم: ڪمدار صاحب، اسان وٽ فقط هڪ اها ڍڳي آهي. اسان سڄو سال بنا ڳنڌڻ جي بک مئا آهيون. انهيءَ ڍڳيءَ جي جهڻ ڏڌ تي آس لڳايو ويٺا هئاسون، سا مس مس وياڻي آهي ۽ جنهن کان پوءِ جهڻ سان ماني کائي پيٽ ڀريو اٿئون! وڏيرو ڀوڙ ڀاڄيءَ سان ماني کائي سگهي ٿو. اسان مسڪينن جو گذر ئي انهيءَ جهڻ تي آهي. اسين بہ مسلمان آهيون، روزا رکنداسين، اسان کي معافي ڏيو.

ڪمدار اها گفتگو ٻڌي ٻاهر نڪري چوي ٿو:

ڪمدار: لڏ هتان، ڪڻ تپڙ، تنهنجي ٻني بند، تنهنجو پاڻي بند، بلڪ تنهنجو اسان جي زمين ۾ هلڻ گهمڻ بند. پاهر نڪتو آهين تہ بي عزت ڪندوسان". اسان جي "واٽر" مان پاڻي پريو اٿئي تہ ڏاڙهي پٽيندوسانءِ!

هڪ آواز: الله، الله! خدا جي زمين، خدا جو پاڻي، خدا جي مخلوق! ليڪن مالڪ زميندار ۽ ڪمدار!

(رحيم ڪمدار جي ڌمڪي ٻڌي ڏجي وڃي ٿو. لٽل منهن سان گهر ۾ گهڙي ٿو ۽ گهر واريءَ کي چوي ٿو:)

رحيم: خدا جي قدرت! رمضان جو پلارو مهينو شاهوڪارن ۽ زميندارن لاءِ نعمتون برڪتون پاڻ سان ڪنيون آيو آهي. مگر اسان غريبن ۾ ڪهڙي خرابي آهي جو هيڏي سزا، هيڏي عتاب هيٺ آيل آهيون؟ پنهنجي هٿن سان پورهيو ڪريون، حلال ڪمائي کائون تہ بہ مصيبتون اسان مٿان! ڪنهن سان ظلم ڪرڻ جي تہ طاقت ئي اسان ۾ ڪانهي، نہ ڪنهن جو حق غضب ڪريون. الٽو زميندار اسان جون حق تلفيون ڪن! نمازون بہ اسين پڙهون، مسجدن جي رونق بہ اسان جي دم سان روزا بہ اسان رکون، تڏهن بہ مصيبت ۾ مبتلا، مسڪيني ۾ گرفتار! سرمائيدار حرام کائو ظالم، غاصب، تڏهن بہ پرلطف حياتيون گذاري رهيا آهن! خدايا هي ڇاهي؟

رحيم جي زال: خدايا، هن عذاب جي حياتي مان اسان کي ڪڏهن ڇوٽڪارو ملندو؟ ڪالهہ وڏيري سڏ ڪرايو تہ رمضان جي مهيني لاءِ سسيون نهرائڻيون آهن. اڇو اڇي بيگر ڪمايو منهنجو ننڍو ناخوش هو تنهن ڪري ڪونہ ويس. صبح سوير مون روزائتن سان سگوري مهيني ۾ جا جٽ ٿي سا مون کي خبر آهي. شايد اسان غريبن جو خدا ٻيو آهي ۽ زميندارن جو ٻيو آهي. اسان غريبن وارو خدا، وڏيرن واري خدا کان ڪمزور آهي! اسان نڌڻڪا آهيون. تڏهن تہ ههڙا ظلم اسان سان ٿين ٿا؟

(زال مڙس هڪ ٻئي سان حال اوري، ڏپ ۽ خوف جي حالت ۾ ويهي رهن ٿا. وڏيري جو ڪمدار ناراض ٿيو آهي. خدا ڄاڻي اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو.!)

(ڪمدار وڏيري جي اوطاق تي اچي ٿو.)

ڪمدار: وڏيرا سائين! توهان سچ سمجهيو هئو. رحيم بي ايمان، بدمعاش، ائين ڪيئن ٿو سڏو ٿئي؟ هاڻي اوهان جي حڪم لاءِ ترسيل

آهيان. خار کان ماني کائڻ تي وٺيم. هڪ خسيس ماڻهو اهڙو جواب ڏنو آهي، جو ڪيس خون ڪرڻ تي دل تي چوي، هاڻي حڪم اوهان جو.

(مولوي صاحب به وڏيري جي مجلسن ۾ حاضر آهي. وڏيرو ان ڏانهن مخاطب ٿي شرعي حڪم حاصل ڪرڻ لاءِ چاره جوئي ڪري ٿو.)

وڏيرو: مولوي صاحب، اسان اوهان جهڙن علمائن کي في سبيل الله روزا رکايون، روزا ڇوڙايون، غريب غربي کي واٽ الله جي تڪر کارايون. اهو ڪم خير جو آهي. روزن جي مهيني لاءِ هڪ ڪمبخت کان کير لاءِ ڏڳي گهريسون پر بي ايمان هن خير جي ڪم ۾ ڏڳي ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي. هاڻي مولوي صاحب اهڙو ماڻهو سزا جي لائق آهي يا نه؟

مولوي: بيشڪ، بيشڪ، جناب، اوهان سخي آهيو. سخين جو رتبو مٿانهون آهي. سخي بهشتي آهن. اهڙي ماڻهوءَ کي سزا ڏيو.

وڏيرو: ڪمدار ابا، ٻڌئي شرع جو حڪم هاڻي وڃي ڪر ڪافر جو ڪارو منهن، پل ته لوڙي خدا جي طرفان سندس تقدير ائين آهي. ڏوهه ڪنهن جو ڪونهي.

(صبح جو رحيم پنهنجي گهر اچي ڏسي ته ڏڳي وتاڻ تي ڪانه آهي. هڪو ٻڪو آسپاس جي ڳوٺ وارن کي فرياد ڪري ٿو ته منهنجي ڏڳي چور ڪاهي ويا آهن. پير ڪٺائڻ ۾ مدد ڪريو. ڳوٺ وارا کيس چون ٿا ته ادا اسان حاضر آهيون، پر صبح ساڻ ڪمدار حڪم ڏيئي ويو آهي ته وڏيري جي چيڙ آهي. سڀ اوطاق تي هلو. جيڪڏهن دير سان آيا ته ڏنڊ وجهندو سانو. چيڙ به وڏيري جي سريت جي گهر ناهڻ جي آهي. دير ڪئي سون ته اسان لاءِ شامت اچي ويندي. باقي تون هلي وڏيري کي ستاءِ ته اهو موڪل ڏئي ته هلنداسون."

(رحيم سيني سان گڏجي وڏيري وٽ وڃي ٿو ۽ کيس چوي ٿو:)

رحيم: سائين، وڏيرا صاحب، منهنجي ڏڳي چوري ٿي ويئي آهي. پير ڪٺائڻ لاءِ اڄ ماڻهن کي چيڙ کان موڪل ڏيو. اوهان جي پاڙي ۾ وينو آهيان. هي اوهان جي عزت جو سوال آهي.

وڏيرو: بي ايمان، بدمعاش! ٻاهر نڪر، نه ته ٻچ ٿو ڪرايانءِ. ڪهڙو منهن کڻي آيو آهين؟

(رحيم ويچارو غريب، چارو ناچار خاموش ٿي، پنهنجي تقدير تي روئي ٿو. آسمان ڏانهن هٿ کڻي ڪنهن طاقت جو انتظار ڪري ٿو.)

* سڀ مولوي هڪ جهڙا نہ آهن ڪي مولوي هارين جا همدرد ۽ هاري تحريڪ سنڌ هاري پارٽي جا حامي آهن. (مصنف)

## ڪارنامو ٻيون

(وڏيري صاحب جو پير اچڻو آهي. انهيءَ جي مهماني ۽ رسائي لاءِ ڪمدار کي حڪم ڪري ٿو.)

وڏيرو: ڪمدار صاحب، اڄ سائين اچڻو آهي. ماڻهو سئو کن ساڻس ايندا. ابي ڏاڏي جا دعوتي آهيون. دعوت سائينءَ جي ضرور ڪبي. بندوبست تمام سٺو رکبو. اهڙو سٺو ٿئي جو پنهنجي دعوت مڙني مريدن کان موچاري ٿئي.

ڪمدار: سائين منهنجا، فڪر نہ ڪريو. اڄ سيني هارين کي حڪم ٿو ڪريان تہ اچوڪو سمورو کير هتي پهچائين، چيلا تہ اڳيئي اوهان جي روزن بلي گڏ ڪيا اٿم. باقي رهيل آهن، اهي بہ ضبط تا ڪريون. هڪڙي رن آهي، ان وٽ متارو چيلو آهي. انهي ڏينهن پئي ڪرڪي. اڄ ضرور زوريءَ بہ کڻبس.

(مولوي صاحب قطع ڪلام ڪندي چوي ٿو:)

مولوي: ماڻهو تہ ڪهڙا دين کان ڦرندا وڃن. هڪڙي خير ۽ ثواب جي ڪم لاءِ بہ پيا ڪرڪن. بادشاهہ پير جو اولاد ٿو اچي، ان لاءِ ڏيڻ ۾ ڪيڏو نہ ثواب ٿيندن!. اهڙن ڪنجوسن جو مال زوري کائڻ بہ جائز ۽ حلال آهي.

(شام جو هارين جي گهرن ۾ مال اچي ٿو ڪمدار ڏاڙو هڻڻ شروع ڪري ٿو. چيلا، چيليون، کير سڀ ڪجهہ لٽي زوري کڻائي اچي ٿو. ڪنهن کي بہ ڪچڻ جي مجال ڪانہ آهي. سڀ غريب رمضان شريف جي برڪتن ۽ پير صاحب جي دعائن ۽ فيضن کي هڪڙي طرح پاڻ تي نازل ٿيندو ڏسي آسمان ڏانهن نهاريندا رهيا ۽ هن منطق کي سمجهڻ کان قاصر رهيا. فقط اها بيوه رن زال وڏيري وٽ رئندي اچي ٿي ۽ چوي ٿي:)

رن زال: وڏيره صاحب! سائين منهنجا! منهنجو خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ وسيلو ڪونہ آهي. ڪمائڻ وارو ڪوبہ نہ آهي. اهو ڇيلو انهيءَ لاءِ بيهاريو هوم تہ وڪڻي ڪو لٽو وننديس. آءٌ انگ اگهاڙي آهيان. مون تي رحم ڪريو.

وڏيرو: اڙي، رن زال کي جهلي چوٽيءَ کان ٻاهر ڪڍوس. هھڙي خير جي ڪم کان نٽائي ٿي. تون ڪهڙي مسلمان آهين، توتي رحم ڪهڙو؟

(ڪمدار وارن کان جهلي، ڌڪا ڏيئي مائيءَ کي ٻاهر ڪڍي ٿو. وڏيرو صاحب فرمائي ٿو:)

وڏيرو: واهہ ڙي ڪمدار واهہ، تنهنجا ڪم!

هڪ آواز: ڇا پيرن کي اهڙين دعوتن کائڻ کان شرم نٿو اچي.!

## ڪارنامو ٽيون

(ڪمدار وڏيري کي صلاح ڏئي ٿو:)

ڪمدار: سائين، راڻي ماڇيءَ جي ٻني ڏاڍي پلي ٿي آهي. انهيءَ کي ڪنهين طرح ٽپڙ ڪٽائي، پجائي اها ٻنيءَ جي وندي بہ اوهان جي لنگر ۾ ڪم آڻجي اهي حرامي ماڻهو نڪو ڪن خير، نڪو خيرات. اهڙي پلي ٻنيءَ مان اهڙي بي ايمان کي اصل ڪيڻ گهرجي. ڇيڙون بيگرون بہ پئي گسايون اٿس. اهو چڱو بهانو آهي. جيڪو ماڻهو زمينداري سڌ نہ پري انهيءَ کي ٻنيءَ ۾ ڪهڙو حق آهي.؟

وڏيرو: (ڏاڙهي تي هٿ گهمائي) شاباش! بيشڪ ڪڍي ڇڏينس.

ڪمدار راڻي کي سڏائي چوي ٿو:

ڪمدار: راڻا، بابا تون نڪو اچين ڇيڙ تي، نڪو ڏئين ٿو سڌ سلو. تنهنجو ٻنيءَ ۾ ڪوبہ واسطو ڪونهي. اڄ کان پوءِ ٻنيءَ تي آيو آهين تہ تنهنجو خير ڪونهي.

(راڻو دانهون ڪندو وڏيري وٽ دانهن کڻي اچي ٿو. پير صاحب سفيد ريش هٿ ۾ تسبيح، کٽ تي ويٺو آهي. وڏيرو صاحب گلم تي ويٺو آهي. ٻيا سڀ ماڻهو پٽ تي ويٺا آهن. پير صاحب جو پيارو ڪتو کٽ تي ويٺو آهي. راڻو ماڇي اچي پير صاحب کي پيرين پئي ٿو ۽ وڏيري کي عرض ڪري ٿو:)

راڻو: سائين! مون غريب سان ظلم ٿيو آهي. ناحق ڪمدار مون کان زمين کسي آهي. ڪمدار جي چوڻ تي نہ لڳو. ڪمدار جا ڪڏا ڪم آهن. (پير صاحب کي هٿ ٻڌي عرض ڪري ٿو.) سائين اوهان وڏيري صاحب کي چئو مون سان ناحق نہ ڪري. ڪمدار وڏو ظالم آهي. بي حيا اسان جي زالن کي تڪي ٿو. اسان اشراف ماڻهو آهيون. انهيءَ ڪري منهنجي ٻني ڦرجي ٿي. قبلا! ڪو داد ڪريو!

وڏيرو(پير کي): قبلا! هي ڦريل وهابي ماڻهو آهي. سچ پڇو تہ اوهان جو چاليهون ٽويو وچان ڪيندا آهيون تڏهين بہ هي منڪر پيو ڪرڪندو آهي. سچ پڇو تہ مان انهن سورن کان ٿو ڪيڏانس.

راڻو: نہ سائين! رڳو ڪمدار جي چورت آهي. مون مسڪين سان ناحق ٿو ٿئي.

پير صاحب. (ڏاڙهيءَ تي هٿ گهمائي، تسبيح رکي. جلال ۾ اچي چئي ٿو: ڪمينا. بي ايمان! توکي خبر ناهي تہ آءٌ بادشاهہ پير جو اولاد آهيان. لکها مريد اٿم، جي اميد تہ انشاءَالله تعاليٰ روز محشر سڀ ياڪر ۾ وجهو وينو هوندس ڪنهن کي بہ ڪوسو واءُ نہ لڳندو. سڏو ڪٽيو ويندو سان بهشت ۾. هنن جا سڀ گناهہ مون پنهنجي سر تي کنيا آهن. تو جهڙي ڦريل منڪر کي اها سزا تمام ٿوري آهي. پنهنجي سچن مريدن سان آءٌ ساٿي آهيان. وڃ جيڏانهن ويٺو اٿئي. ڪيو مردود کي پنهنجي ڪچهريءَ مان.

(ڪمدار اٿي ٿو راڻي کي وارن مان جهلي ماريندو ماريندو ڪيس ٻاهر ڪيڍي ٿو.)

هڪ آواز: يا خدا. تنهنجي دنيا جا پير. فقير. ملا مولوي، شاهوڪار ۽ سرمائيدارن جو طرف آهن ڇا؟ تون ڪٿي آهين. تون بہ هنن جو طرفدار آهين؟

(راڻو ويچارو رئندو رئندو هليو وڃي ٿو.)

# ڪارناmون چوٿون

اڄ قدر جي روزي جو ڏينهن آهي. وڏيري ۽ ڪمدار روزو رکيو آهي. درويشانہ صفت پنهنجي زعم ۾ مومن بنيا ويٺا آهن. سندن واهي، گاهہ ڪرڻ وارو نوڪر، ڏنو ٽري اچي ٿو ۽ هٿ ٻڌي(ٽري ٻوليءَ ۾) چوي ٿو:

ڏنو واهي: وڏيرا صاحب! اسان جي ملڪ تي مينهن وٺا آهن، ڍوريون ڀرجي ويون آهن. اڄ آءُ رشڪٽ وٺندس. پنهنجي وطن ويندس، تہ وڃي ٻني پوکيان، متان وٺ بہ وڃي. منهنجو حساب ڪريو مون کي اڄ چوٿون چنڊ آهي. چنڊ اڏا باقي تي ڏينهن آهن. مون اَن وٺان وڙيو ڪجهہ بہ ڪونهي. هاٽي سائين مون کي پند جو پگهار ڏيو تہ آءُ ڏڪيان پنڌ کي.

وڏيرو(ڪمدار کي): ڪمدار ڏسين ٿو حراميءَ جا ڪم، دغا باز ياڙيو اسان کي دغا ڏئي هليو وڃي ٿو. هينئر اسان ٻيو اهڙو ماڻهو ڪٿان آڻينداسين؟ تون دغا باز دغا ٿو ڪرين.

ڪمدار: سائين، وڃي تہ ٻلي وڃي. پگهلن جون ونديون اصل ڪونہ ٿين. سو سو پگهار ڪان ائين موچڙو وڃي تہ ٻلي وڃي. هن ياڙيءَ کي خدا جو خوف ڪونہ آهي. رمضان شريف جو مهينو سڳورو ڏينهن ههڙي دغا.؟

ڏنو: سائين بادشاهہ! مون اوهان سان ٻول ڪئي، هئي تہ برسات پئي، ملڪ وسيو انهيءَ مهل آئون ٻڌو ڪونہ ويهندس. پنهنجا ڪيت وڃي پوکيندي سوڙيندس. سو سائين کي چوان مون سان جام(ظلم) نہ ڪريو. ٻيلي خدا جي سرڪار ڏاڍي اٿان. منهنجا ٻچا رب پيٽ کان رهجي ويندا. مون هيل نڪو لائي، نڪو لابارو ڪيو آهي. اَن وٺ نوڪر ٻينس، منهنجي گهرين خدا جو سنهن تہ هيڪو ڪڻ بہ ڪونهي.

وڏيرو: ڪڻ جا پٽ! نڪر ٻاهر. ٻڃ. اڙي ڪمدار جهلينس ڏاڙهيءَ مان، ڪيينس ٻاهر. روزي اڳي ئي هلاڪ ڪري ڇڏيو آهي. ڪڍ ٻي ايمان کي ٻاهر، هٽانس نہ بندوق.

ڪمدار اٿي ڏني کي ڏاڙهيءَ مان جهلي ٻاهر ڪڍي ٿو.

ڏنو: اڙي سائين! ائين مڪر، ڙي ڪمدار! مڪر! مانجي ڄاڙي تو جهورين. بيلي خدا جو خوف ڪر!

وڏيرو: خدا جا پٽ، نڪر ٻاهر.

ويچارو ڏنو ڏاڙهي پٽائي رئندو رئندو تڙ روانو ٿئي ٿو. ٻڪن ۾ پاهه ٽيندو، پنڌ ڪندو آخر گهر پهچي ٿو. زال ڪيس ڏسي چوي ٿي:

زال: مٺا مس مس وريو آهين، اسين ته ٻکن ۾ مري رهيا آهيون. تون تان وڏيرن جا ٻوڙ پلاءُ ڪايو وينو هئين.

ڏنو: هائو ٻيلي، وڏيري ٿان ٻوڙ پلاءِ اهڙا کارايا آهن جو پنڌ جي حياتي تائين ان ڏس مهاڙ ڪين ڪندس.

زال آندو اٿئي ڪو ٻارين لاءِ ٿول. ٻار ته ابا ابا! ڪريو پيا تو جي منهن ڏي ڏسين. تون ڪڇين به ڪين ٿو!

ڏنو: لٽي ڪڇان ڪڄاڙو. چار ماهه برابر پريا مٿان رت ٿيس وڏيري جي راڊي شاهه(راضي شاهه) ڪهڙي ماني وڃي. ٻچين ۾ ڪا رڙ پويس. هيڪئي پيسو ڪانه ڏنئين. بادشاهه پير چٽو ڪريس. ڪالهه ڪان ٻکيو رکيو هوئين. ويوسين ڳنانس موڪلائڻ. روجي ۾ چٽو ٿيو وينو هئو. پگهار ته ڪونه ڏنئين، ڪارو منهن ٿئي ڪمدار جو ڪري ٿو ان کي ٻچ. پوءِ تان مون تي چڙهي ويو. ڪرڪ ٿي جهولائين. مان جيئن مئو هوس. جيئن تيئن ڪري ڦتڙي جند ڇڏائي ساهه بچائي تو توٽي پڳو آهيان. چيم ته ٻچين پيڙو ٿيان پوءِ ٻکين ۾ اسان ڪونه وڃايو آهي. هاٽي تان ٻک مران. آهي ڪو داٽو ڦڪو؟

زال: مٺا، داٽو ڪٿان آيو؟ تو داٽين جو ڇا لاباري جي ڪري ڏنو هو. او ڊوري تي سوار ويا ڦري، اسين ان ڏانهن جا سورين ۾ آهيون، ڳوٺ وارن کان اڌاري سڌاري ڏکيا ويلا پٽي لنگهاياسون، تان جي آسري اڄ ٻيو ويلو آهي. لنگهڻ وينا آهيون. ٻچين کي ڪڄاڙو کيڻ لاءِ ڏيان؟

# ڪارنامو پنجون

ڪمدار: سائين وڏيرا صاحب دعا ڪجو. نصيب وارا آهيو. اوهان تي الله سائين جا لطف آهن. چون ٿا تہ، "سٽن اوليائن جي ڪرامت ڳوٺ جي وڏيري کي ٿئي ٿي." اڄ عيد جو ڏينهن آهي، ڪا دعا ڪجو. اوهان جي دعا خدا جي دربار ۾ اگهاڻل آهي.

وڏيرو: ابا، خوش هوندين، وڏ هوندين، تو بہ چڱن جا هٿ ڏٺاريا آهن. توکي ڪو حيلو ئي ڪونهي. ڪمدار ڳالهہ تہ ٻڌ، پاڻ واري هاريءَ... جي ڇوري اڄ مون ڏٺي آهي. دل ۾ ڇهنڊيون پئي وجهي.

ڪمدار: آهي بہ ڇوزو. هينئر ساماڻي آهي. حڪم ٿئي تہ ڪوشش ڪريون.

وڏيرو: ڪمدار، اهو تہ حج ٿو ڪٽين. ڪو مزو وناءِ.

ڪمدار: حاضر سائين، رک خدا تي

ڪمدار ڦٽين جي چونڊن ۾ ڇوڪريءَ جي ماءُ ۽ مائٽياڻين سان ڦٽين جي لاٽيءَ ۾ رعايت ڪري ٿو. خوشامد ڪري ٿو. هاري پيا دل ۾ سڙن ٿا تہ بيلي اڄ اسان جو بہ آهي. هي ڪمدار ۽ وڏيرو پنهنجي مطلب لاءِ اسان جو ڏيرو ئي ڏول ٿا ڪن. ڪڇون ٿا تہ مرون ٿا. ڪريون ڇا؟ وجهہ وٺي ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ڪمدار پنهنجو مطلب ٻڌائي ٿو. ڇوڪريءَ جي ماءُ چوي ٿي:

ڇوڪريءَ جي ماءُ: ابا اسين اشراف ماڻهو. تون چوين ڇا ٿو؟ اهو ڪم اسان کان ڪونہ پڄندو. تون بہ پنهنجين ڌيئن نياڻين وارو آهين. پنهنجي دل تي هٿ رکي ڏس.

ڪمدار: (ڪاوڙ مان) رن، لونڊي، توکي مان ڏسي وٺندس. تنهنجي مٽي ۾ گيهہ پوندي بدبخت تنهنجو مٿو ٿو سڙي! تہ وڃي کڏ ۾ پئو. منهنجي ڏاڙهي آهي تہ سڄي آکهہ جيل ۾ وجهائيندوسانو. نہ تہ منهنجو نالو ڪوسو لاهي ڪتي تي رکج. ڪوسو خان آءُ آهيان، ٻڌو هوندئي.

ڪمدار شام جو پنين تان چڪر لڳائي وڏيري جي حاضريءَ تي اچي ٿو.

وڏيرو: ڪمدار، ڪر خبر ڇا ڪيئي؟

ڪمدار: سائين چوريءَ جي ماءُ وڏي حرامزادي آهي. اصل نٽي مجي. هاڻي علاج مون سوچيو آهي. همت اوهان ڪريو پوءِ پئون پارنهن. هن جا وارث هٽايون جيل ۾. پوءِ پويان خوشي سان نه ته زوري ڪنداسون. رن به پاڻهي ٿيندي ميڻ.

وڏيرو: چڱو يار. تو اسان کي ميرپور جو پنڌ وڌو. باقي اهي اندر ڏسجانءِ.

ڪمدار: سائين تيل ترن مان نڪرندو آهي. پئسا توکي انهن هارين مان ڪڍي ڏيندس. اڄ هنن کي موچڙو لڳندو ته سياڻي پيا ساڱائيندا.

(وڏيرو صاحب ميرپورخاص وڃي ٿو. هڪ وڏي پوليس عملدار سان ملي ٿو:)

پوليس عملدار: وڏيرا صاحب ڪهڙو حال آهي. فصل ڪيئن ٿيو آهي؟ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

وڏيرو: سائين جن جي قدمبوسي لاءِ آيو آهيان اوهان جي بادشاهيءَ ۾ پيو ته خوش وينا آهيون. هڪڙا بدمعاش آهن، تن رڻ باري ڏنو آهي. راتين جو وينا آهيون، پهرا ڏيون.

پوليس عملدار: ڪير آهن؟ نالا ڏيو. درخواست لکي ڏيو. اسان حد جي صوبيدار ڏانهن موڪليندا سين ته انهن لاءِ جانچ ڪري.

وڏيرو: سائين منهنجا، منهنجي ڳالهه تي اعتبار ڪريو. آءٌ عزت وارو ماڻهو آهيان. پنج هزار روپيه ڍل پريندو آهيان. اوهان جي ڪاتي جا ايڪيهه آفرين ناما اٿم. پوليس جو هر وقت مددگار آهيان. ڪوڙ سچ ۾ شامل آهيان.

(پنج ساوا، سئو سئو روپين جا پاڪستاني نوٽ لفافي ۾ وجهي ميز تي رکي ٿو) سائين هي آهي اوهان جي مهماني.

(عملدار نوٽ ڏسي گفتگو نرميءَ سان ڪري ٿو.)

پوليس عملدار: وڏيرا صاحب، آءٌ پڌل آهيان ڳالهين تي اعتبار ڪونه ڪندو آهيان، مگر اوهان جي لاءِ مون کي عزت آهي. هاڻي اوهان خيال نه

ڪريو. انهن ماڻهن کي جلد هڪ سئو ڏهين قلم جي ڪارروائي ۾ اڙائيندس، اوهان بي فڪر رهو.

بس ڏهاڪي ڏينهن کان پوءِ ڇوڪريءَ جو پيءُ، چاچو مامو سڀ 110 قلم هيٺ گرفتار جيل ۾ بند آهن. وڏيري جي عيش جي ڪري جيل ۾ سڙي رهيا آهن. هي دانهون ڪري رهيا آهن: "يا خدا، اسان ته ڪنهن جو ڪک به ڪونه چورايو آهي. هي مصيبت اسان تي ڇو نازل ٿي آهي؟"

ٻئي طرف وڏيري ۽ ڪمدار جي ڪارروائي ملاحظه فرمايو! هنن غريبن کي پوليس جهلي وڃي ٿي. ان رات گهر ۾ ڪابه پهر نه ڏسي هڪ وڏيري جو پاليل بدمعاش ڇوڪريءَ جي گهر ۾ اندر گهڙي ٿو. وڏيرو ۽ ڪمدار پويان آهن.

ڇوڪريءَ جي ماءُ کي ڇون ٿا ته رن سلام ٿئي، اڃان به ڪنديءَ انڪار ته پوءِ توکي هٽايان جيل ۾!

ڇوڪريءَ جي ماءُ: ابا اسان غريبن اوهان جو ڪهڙو گناهه ڪيو آهي. پاڻ نياڻين وارا آهيو.

ڪمدار: بس ڪر لونڊي، اڙي ٻڌينس ٻوٿ. (بدمعاش مائيءَ جو ٻوٿ ٻڌي ٿو. ڇوڪري ڊپ کان ڪنبڻ لڳي ٿي ۽ دانهون ڪري ٿي.)

## ڪارنامون ڇهون

(ڦٽين جي چونڊائي جي موسم اچڻ واري آهي ڪمدار سان وڏيرو منصوبو رٿي رهيو آهي.)

وڏيرو: ڪمدار وڏا! خبر اٿئي ته هن سال منهنجي سريت جي ڀاءُ جي شادي ڪرڻي آهي؟ شادي ڏام ڏوم سان ڪنداسون. خرچ جي پورائيءَ لاءِ به صلاح ڪجي.

ڪمدار: سائين تيل ترن مان نڪرندو آهي. هاڻ وارين ڦٽين مان شاديءَ جو خرچ ڪيئنداسون.

وڏيرو: واهه ڙي دلبر واهه! نمڪ حلال ٻچو آهين. پوءِ ڪهڙي ٽل رٿي اٿئي.

ڪمدار: اوهان وڏي دل ڪريو. خرچ ڪان نہ ڊڄو. ٿهڙا ضروري خرچ نہ ڪندا تہ پٽ ويندن، بس تور واري اڌ مٽي آهي نہ؟ انهيءَ ۾ بہ سير ٻيا بہ هينيان لوهہ جا وجهايون ٿا. ٻيا لڪنداسون ڏنڊ هارين تي. روپيہ بہ اڍائي هزار هوندا. اوهان خيال نہ ڪريو.

وڏيرو: واهہ ڪمدار واهہ! شل خداوند تعاليٰ جل جلالہ تنهنجو ڀلو ڪري

ڪمدار: وڏيري جي ٻيرن تي هٿ رکي سائين آمين!

ڦٽيون چونڊڻ شروع ٿين ٿيون. ڪمدار لاهيارن جون ڦٽيون توري رهيو آهي. جنهن لاهياري جو مڻ آهي، ان کي ٽيهن سيرن جي معجزائي پئي ملي. ڪير ڪچي ٿو تہ مري ٿو. 110 قلم جو شڪار ٿئي ٿو يا سيفٽي ايڪٽ جو. مني بہ ماٺ، مني بہ ماٺ. آخر اگهہ جي فيصلي لاءِ زميندار هارين کي چوي ٿو:

وڏيرو: ابا، هاريو ڪريو اگهہ جي صفائي.

هاري: سائين ڦٽين جوا گهہ سادا ڇويهہ روپيہ آهي. اوهان اٺ آنا ٻلي پاڙي جا ڪاٽيو.

وڏيرو: وڏا پيٽچوٽ آهيو اوهان جو مغز خراب ٿيو آهي. اوهان کي اگهہ ويهہ روپيہ ملندو.

هاري: سائين اسان سان ظلم ٿي ويو. سادا ڇهہ روپيہ مڻ تي ڇوٽ!

وڏيرو: بس ڪريو بي ايمان بس ڪريو نہ تہ ڪٿو ٽپڙ نڪرو ٻنيءَ مان.

## ڪارنامو ستون

پير تي ميلو چالو آهي. هزارها ماڻهو اچي گڏ ٿيا آهن. وڏيرن جون اوطاقون تيار پيون ٿين. اسان جو وڏيرو بہ اچي پهتو آهي.

وڏيرو: ڪمدار وڏا، ميلو واهہ جو لڳو آهي.

ڪمدار: سبحان الله، جانئل، نبابي، حاڪم، سڀ اچي ويون آهن. رات اسان وٽ بہ چونڪي ڏينديون.

وڏيرو: پر ناچ جو ميدان پورو تيار نہ آهي؟

ڪمدار: سائين، ڪيترا هاري ڪونہ آيا. مني چيو تہ منهنجو پاٽيءَ جو وارو آهي. نبوءَ چيو تہ منهنجي زال بيمار آهي.

وڏيرو: هنن کي ڪا چڱي سيکت ڏجي.

ڪمدار: ڏهہ ڏهہ روپيہ روزانو ڏنڊ. تڏهن هي جٽ سکندا. حاضر سائين مزور رکي ڪم جو پورائو ڪريان ٿو.

رات جو محفل لڳي ٿي، ڪيري راڳ ڳائي ٿي وڏيرو گامڻ خان بہ شريڪ ٿئي ٿو. ٻئي وڏيرا جوش ۾ اچي ڪيريءَ مٿان روپين جي بارش ڪري رهيا آهن. وڏيري گامڻ خان جو کيسو خالي ٿي وڃي ٿو. پنهنجي پسنديده عورت جي اڳيان رعب قائم رکڻ ضروري جاڻي ٿو. پنهنجي غنڊن ساٿين کي(جي اڪثر زميندار رکندا آهن) اشارو ڪري ٿو جي وڏيري چٽي خان کي ڏڪ هڻن ٿا. وڏيرو چٽو خان بي عزت ٿئي ٿو. چٽو خان رات جو بچيل عرصو بي آراميءَ سان گذاري ٿو. پنهن جون آڱريون چڪن سان پٽي ٿو.)

ڪمدار: سائين ايتري قدر بي آرام ڇو آهيو؟ مون سائين جن کي اڳي ئي صلاح ڏني هئي تہ ڪنن کان چڱو سڪار ڪونہ ٿيندو آهي. اوهان وٽ پنج ست رهزن وڏا ڪاتڪو ڌاڙيل ضرور هئڻ کپن. اها صلاح ونو ها تہ رات هي حال نہ ٿئي ها.

وڏيرو: ڪمدار تو جيڪي همراهہ ٻڌايا هئا انهن سيني تي سرڪار جي ڪرڙي نظر آهي. سيني تي انعام رکيل آهن. پنهنجي عزت جو بہ تہ خيال رکڻو آهي.

ڪمدار: قبلا، اوهان جي عزت خدا سلامت رکندو اها ٻجڻ جهڙي ڳالهہ نہ آهي. اوهان سان حد جو صوبيدار ۽ ڊپٽي صاحب اڳي ئي نهيل آهن. اوهان هميشہ کان رسايون ڪندا آهيو. ساڻن ڪوڙ سچ شامل آهيو. گهڻو ئي ٿا کارايون. وڏي ڳالهہ تہ وزير صاحب جي پارٽي جا ماڻهو آهيو. اهو پلا پنهنجي پارٽيءَ جي ماڻهوءَ جي ڪيئن مدد نہ ڪندو؟ جيڪڏهن وزير صاحب پنهنجن کي ڇڏيندا تہ وزارتون خير ڪي سلامت هوندين. اوهان همت ٻڌو. اڄ ڪلهہ زمانو آسان آهي. ڪاءِ ۽ ڪاراءِ. صوبيدار هٿيار بند پوليس بہ ڌاڙي لاءِ ڏيندا.

وڏيرو: (ڪمدار جي ڳالهه دل سان لڳيس ٿي.) تڏهن ته يار هٿ ڪر. گامڻ کان پلئه ضرور وٺنداسون. ههڙي محفل ۾ عزت ورتي اٿس. هيءَ ڳالهه سيني ماڻهن ڏٺي ٻڌي آهي. سياڻي اسان جي ڪير مڃيندو؟ اسان کي ڪير ليکيندو؟ عزت بچائڻي اٿئي ته وارو ڪر آڻ ڪي مڙس مانجهي.

ڪمدار: سائين پرواهه نه ڪريو. اڄ کان وٺي ان پاڻي حرام آهي جيستائين اهو انتظام نه ڪريان. رک خدا تي.

هفتي کان پوءِ وڏيري گامن خان جو ڌاڙو لڳي ٿو. ڪيس خون ڪيو وڃي ٿو. ملڪيت لٽي وڃي ٿي. ڏالون ڀڄايون وڃن ٿيون. وڏيري ڇتي خان جي دل بهار ٿئي ٿي. ڪمدار خوشيءَ ۾ نٿو ماپي. پوليس ۾ فرياد ٿئي ٿو.ڌاڙو عدم پيدا.)

# ڪارناموا ٿون

ڪمدار: قبلا! مختيارڪار وٽان ٽپيدار آيو آهي. ويهه ڇيڙا گهري ٿو. گورنر صاحب جي منزل آهي. چار ڏينهن منزل اٿس. ٽپيدار ٻيو دفعو آيو آهي. ڏاڍو شور ٿو ڪري.

وڏيرو: بابا پورائو ڪرڻو آهي. هن لاءِ ڪليڪٽر صاحب مون کي روبرو چيو هو. ڪليڪٽر, ڊپٽي ضلع جا مختيارڪار, ماجسٽريٽ, انهيءَ ڪم ۾ لڳل آهن, جيئن خير سان گورنر خوش ٿي وڃي.

هڪ هاري: هائو سائين, چوٿون ڏينهن مختيارڪار صاحب جي ڪورٽ ۾ منهنجي شنوائي هئي. مختيارڪار تنبو پٽي هٽايا. ڪليڪٽر مٿان نظرداري ٿي ڪيس.

ٻيو هاري: هي ڪم ته پٽيوالا ڪندا آهن.

وڏيرو: بيوقوف! گورنر راضي ٿيو ته خدا راضي ٿيو. ڪليڪٽر اڃان ڪچو آهي, پڪو ڪيئن ٿيندو؟

ٽيون هاري: قبلا! هن ڪليڪٽر ته رڳ ٻاري ڏنو آهي. سرشتيدار معرفت ۽ زميندار.... معرفت پئسا وٺي ٿو. سرشتيدار ضامن تي هڪ سئو روپين کان گهٽ ته وٺي.

رضانامي تي قائداعظم فنڊ لاءِ پنجاهه روپيه وٺي ٿو ڪوبه وڏيرو سئو روپيه ڏئي ته بندوق جو پروانو. پنج سئو روپين تي ريوالور جو ليسن. بزار لايو وينو هو. باقي هارين کي بچاءَ لاءِ به ليسن کان جواب. پوءِ به ڪليڪٽر پڪو ٿئي؟

ڪمدار: پلا ويچارا عملدار ڇا ڪن؟ پگهار پندرنهن سون مان پورت پويس ٿي؟

هاري: مهيني ۾ پندرهن سئو ٿورا آهن؟

ڪمدار: بابا! پندرنهن سون جو ته شراب ڪپي. موٽر، ڪانا، شڪار ڪتان اچن؟

وڏيرو: ڪمدار، گورنر وڏيري صاحب خان جي دعوت قبول ڪئي آهي. اسان به چو نه هلي دعوت ڏيون!

ڪمدار: صاحب خان تي هڪ سئو ڏهين جو ڪيس هلندڙ هئو؟

وڏيرو: توکي خبر ناهي ته نئين وزارت ٺهڻ سان ڪيس جي ڪارروائي نڪري وئي؟

ڪمدار: ها! مون کي خبر نه هئي. ته پوءِ اسان به چو نه گورنر صاحب کي دعوت ڏيون. مفت ۾ نالو ٿيندو. سڀ ماڻهو موچڙي ۾ ٿيندا. پنج هزار خرچ ٿيو ته پرواهه ناهي. تيل ترن مان نڪرندو.

وڏيرو: تڏهن هاري ڪيو.

(وڏيرو پنجاهه هاري زوري مسي ڪيدي ڪليڪٽر جي بنگلي تي وڃي ٿو. ڪليڪٽر انسپيڪشن بنگلي جي ڪرسين کي پالش بينو ڪرائي ضلع جا ڇهه مختيارڪار اردليءَ ۾ بينا اٿس.)

ڪليڪٽر: مختيارڪار! پوليس جا تنبو لڳي ويا آهن؟

مختيارڪار: هائو حضور بورڊ به لڳايا اٿم. ڪليڪٽر: مختيارڪار! ڏسي اچ ته اترين تنبن ۾ ڪموڊ برابر آهن؟

مختيارڪار وڃي ٿو.

ڪليڪٽر: مختيارڪار! اسٽيشن کان بنگلي وارو رستو هڪدم ڏٺاريو.

مختيارڪار: هائو سائين (باهر وڃي ٿو).

ڪليڪٽر: مختيارڪار! مڇي، ميوي، پيسٽري لاءِ ڪراچي ۾ بندوبست ڪريو. جيئن وقت تي سڀ شيون هجن.

مختيارڪار: گاڏي اچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ آهي. ٻئي گاڏيءَ ۾ ويندس.

ڪليڪٽر - تون مختيارڪاريءَ جي لائق ناهين، هڪدم وڃ.

(مختيارڪار ٻاهر وڃي ٿو. پٽيوالي کي چوي ٿو تہ بسترو ۽ ماني اسٽيشن تي پهچاءِ.)

ڪمدار: (ڪليڪٽر کي) حضور! وڏيرو ڇتو خان اوهان جي لاءِ بيٺو آهي. پنجاهہ ڇيڙا بہ آندا اٿس.

ڪليڪٽر: مختيارڪار! هن کي وٺي وڃو ۽ وڃي منهنجي بنگلي جي صفائي ڪرايو. (مختيارڪار ٻاهر وڃي ٿو) وڏيرا، اوهان جي مهرباني، معاف ڪجو گورنر صاحب جي اچڻ ۾ باقي صرف ٻارنهن ڏينهن آهن. هينئر رڳو گورنر صاحب جي منزل ۽ شڪار جو ڪم آهي. ٻيا سڀ ڪم، ڪيس ڇڏي ڏنا اٿئون.. جيئن هن جي ڪم ۾ سوڀ ٿئي.

وڏيرو: جناب عالي! اسان وٽ بہ شڪار جام آهي. هڪ شام جو اسان جي دعوت قبول ڪريو.

ڪليڪٽر: وڏيرا صاحب! هي ڪم اوهان کان زور آهي. اوهان پنج هزار روپيہ خرچ ڪندا؟

وڏيرو: اوهان جو سر سلامت، خدا سائين سڀ ڪجهہ ڏنو آهي. هي ٻہ هزار روپيہ فنڊ ۾ وٺو.

(ڪليڪٽر صاحب ٻہ هزار روپيہ وٺي ڪيسي ۾ وجهي ٿو.)

ڪليڪٽر: بابا، هن جي رسيد ڪيڍي ڏجو.. وڏيرا، مان اڄ ئي گورنر صاحب بهادر کي لکان ٿو تہ اوهان جي شڪار جي دعوت بہ قبول آهي. هاڻي وڃي بندوبست ڪريو.

وڏيرو ۽ ڪمدار پنهنجي ڳوٺ پهچن ٿا ۽ هارين تي مارو شروع ڪن ٿا. خرار ٻاجهر جو گاڏين ۾ ڪٽائي جهنگ ۾ ڇٽين ٿا. ٻارنهن ڏينهن ۾ چار خرار ان ڇٽيو وڃي ٿو. تتر سوين گڏ ٿين ٿا. ڦاسايل تترن جون ٽنگون ڀڃي انهن کي جهنگ ۾ اڇليو وڃي ٿو.

هڪ هاري: يار، منهنجا ٻچا بک ٿا مرن تہ وڏيرو چوٿائي ان بہ نٿو ڏئي. هتي خرارين ان پيو هاريو وڃي. واهہ شڪار!

(گورنر صاحب شڪار ڪري تو ۽ 500 تتر ماريا وڃن ٿا.)

ڪليڪٽر: شاباش وڏيرا! عاليشان شڪار لڳو آهي خبر اٿئي تتر ڪراچي ويندا، لاهور ويندا.

وڏيرو: سائين اوهان جي مهرباني آهي.(ڪليڪٽر ڏانهن مخاطب ٿي) سائين آئينده سال گورنر جنرل صاحب جي بہ دعوت ڪندس.

ڪمدار: واهہ واهہ! اڄ سيني وڏيرن کي لٽي ڇڏيوسي. وڏيرو صاحب جتي پهچڻو هو اتي پهتو!

هڪ هاري: ان پوڪيون پچايون اسان، جهنگ ۾ ان هاريون اسان، باقي وڏيرو جتي پهچڻو هو اتي پهتو. انگريز ويو پاڪستان ٿيو پر عملدار شاهي اڳي کان بہ اڳري، اسان جي لاءِ اهائي ٽيپهري.

ڪمدار: اوهان جي لاءِ اهي ئي موچڙا!

هاري اڳواڻ: افسوس! جڏهن تہ اسان جي هاري وطن پاڪستان جي تعمير، عزت ۽ استحڪام خاطر قوم جي هر فرد جون تمام طاقتون، مدت، منت، ڏينهون ڏينهن مشغول ۽ وقف ٿيڻ کپن، تڏهن هي فضول خرچي، هي وقت سان راند! انگريز ويا، پوءِ هنن انگريزي ردي روايتن شڪار، دعوت، زوري، فضول ڏيڏپ، کي ڪيستائين جاري رکيو ويندو؟ هي رسمون ئي رشوت، بي ايماني، شرابخوري، بدامني ۽ تمام خرابين جو بنياد آهن.!

## ڪارنامو نائون

ڪمدار: سائين! سيٺ چمنداس بہ ڪونہ ٿو ڏسجي. هندستان هليو ويو.

وڏيرو: ڪيتري زمين اٿس؟

ڪمدار: ہ سئو ايڪڙ يلي زمين اٿس. هڪ واٽر ڪورس تي.

وڏيرو: چڱو سڀني هارين کي سڀاڻي هتي سڏاءِ.

ٻئي ڏينهن تي چمنداس جا ڏهہ هاري وڏيري جي اوطاق تي اچن ٿا. ڪمدار هارين سان ڳالهائي ٿو:

ڪمدار: بابا! وڏيرو اوهان کي زمين جي الاٽ منٽ ڪرائي ڏيندو. جوڙي تي پنجاهہ روپيہ ٻهريون خرچ لڳندو.

هاري: سائين پنجاهہ روپيہ ڇو؟ هاري پارٽيءَ وارا مفت ۾ زمينون وٺائي ٿا ڏين.

وڏيرو: توهان کي زمين نہ کپي ڇا؟

سڀ هاري: سائين اسان جو گذران ڪيئن ٿي آهي، اسان ويهن سالن کان اٽي وٽا آهيون، سيٺ جا ڇٽا اسان وٽ آهن.

وڏيرو: بابا! ڇٽا ڪير ٿو پڙهي. جيڪڏهن زميندار حصو ڏيو تہ زمين الاٽ ٿيندي، نہ تہ زمين ويندي مهاجرن ڏي.

ڪمدار: بابا ڇڱو ٿو ٿيئو آٺيو پئسا.

ٻهريون هاري: سائين ڪٿان پئسا آڻيون. سيٺ سمورو ان ڪٽي ويو قرض ۾. ٻني ۾ ٻج رکيو اٿئون پئسو ڪٿان آڻيون؟

وڏيرو: تہ پوءِ زمين ڪسجي ويندي. هارپ لاءِ سڪندئو. خبر ڪانہ اٿو تہ آلومل جي سموري زمين هزار ايڪڙ مهاجرن کي ملي وئي.

ڪمدار: سيني مڪاني هارين کي مهاجرن ڪڍي ڇڏيو. پنجن کي تہ جيل ۾ وجهايائون.

وڏيرو: اوهان سان بہ ساڳي جٺ نہ ٿئي تہ منهنجو نالو ڦيرائجو.

ڪمدار: سڪرامداس جا سڀ هاري ڪهڙو نہ خوش ويٺا آهن. رڳو زميندار حصو اسان کي ڏيندا آهن. مڻ تي چار سير ڏيندا آهن. ٻيو سڀ خرچ معاف.

ٻيو هاري: ٻنئي تہ سرڪار اڌو اڌ مقرر ڪئي آهي.

وڏيرو: توکي خبر ناهي تہ مسعود ڪليڪٽر ٻنئي اڌو اڌ ڪئي هئي، پر وزيرن هاري تي بہ سير مڻ تي ڇٽي وجهي ڇڏي بہ سير ٻيا اسان جا.

وڏيرو: بابا، اسان تي بہ خرچ آهن. گورنر جون دعوتون ڪيئن ڪريون؟ آخر بار تہ مڙيو ئي اوهان هارين تي آهي.

هاري: بار تہ اسان تي، پر اسان جو بہ زمين تي حق آهي يا نہ؟ اسان سالن کان ڪمايون ڪري زمينون ناهيون، هاڻي سموري زمين مهاجرن کي ڇو ملندي، ڪو قاعدو قانون آهي يا نہ؟

ڪمدار: بابا، قاعدو قانون آهي وزيرن جي هٿ ۾. پاڪستاني وزير آهن وڏا مهاجر، مهاجرن ۽ وڏيرن جي بادشاهي آهي.

وڏيرو: ائين آهي، پر اسان وڏيرا به مئا ڪونه آهيون. گهٽيئي مهاجرن جا ڪم لاٿا اٿسي. گهٽن کي پچايو اٿسي. بابا هاريئو! اسان سان شامل ٿيو ته بچاءُ ٿيندو.

چوٿون هاري: سائين، برابر مهاجر اسان جا پائر آهن. پنهنجو ديس لٽائي آيا آهن. اسان جو فرض آهي ته هنن سان هر ڪا همدردي ڏيکاريون ۽ پنهنجي انسانيت جو ثبوت ڏيون. پر جيڪڏهن اسان اصلي هارين کي حق نه ڏنا ويندا ۽ اسان کي پنهنجي قديمي ڳوٺن مان ڪڍيو ويندو ته اسان جي دل مان ڇا نڪرندو.

پيو هاري: ائين سمجهنداسين ته مهاجر نه ٿيا پر مصيبت ٿي.

ٽيون هاري: پوءِ اسان لاءِ پاڪستان فري خاڪستان نه ٿيو ته ٻيو ڇا ٿيو!

چوٿون هاري: ماٺ ڪريو. بابا اسان جا هاري اڳواڻ پاڪستاني وزيرن ۽ حاڪمن سان لکپڙهون هلائي رهيا آهن. اسان سان ضرور انصاف ٿيندو.

پنجون هاري: "هاري حقدار" اخبار ڪانه پڙهي اٿو جا حيدرآباد سنڌ مان نڪرندي آهي.؟

وڏيرو: اڙي ها! ها! ڏٺي اٿم اها اخبار. انهيءَ تي ڇاڻ ٿا سرڪار ڪان بندش وجهايون ۽ ايڊيٽر کي به وجهايونس ٿا جيل ۾. اوهان مهاجرن جو طرف وٺي ويٺا آهيو.

ڪمدار: هندن جي ڏينهن ۾ بيگر چيڙ هيون. خرچ ۽ ابواب به هئا. پر هندن زمينون ته هارين کان نه ٿي کسيون.

وڏيرو - هي هاري موچڙن سان سڌا آهن. زمينون به مهاجر کسين ۽ پاءُ پاءُ به انهن کي ڪن ٿا.

پنجون هاري: نه سائين، موچڙن وارا ڏينهن گذري ويا. مهاجر اسان جا هاري پائر آهن، مهاجرين ۽ اسان هاري گڏجي زمينداري کي ختم ڪنداسين، تڏهن ملڪ ۾ امن ۽ آسودگي ايندي انهيءَ ۾ ئي پاڪستان جو

استحڪام آهي. مسٽر غلام محمد پاڪستاني وزير ڪراچي ۾ تازي تقرير ۾ اها ڳالهه قبول ڪئي هئي.

وڏيرو: (پنجين هاريءَ کي) هان! تون ڪميونسٽ آهين! توکي جيل ۾ ٿا وجهايون. ڪمدار، يڄ. وڃي ڪليڪٽر صاحب کي خبر ڏي تہ ملڪ ۾ چاڻ فساد متو.

(ڪمدار ٻاهر وڃي ٿو.)

پهريون هاري: سائين جيئن اوهان جي مرضي، اسان توهان سان ٻڌل آهيون.

ٻيو هاري: سائين مان بہ اوهان سان ٻڌل آهيان. ٽيون هاري، سائين مان بہ اوهان جو ٻيلي آهيان. وڏيرو چوٿين ۽ پنجين هاريءَ کان سواءِ سيني هارين کي الاٽمينٽ آرڊر وٺي ڏئي ٿو. پنجون هاري ٽئين ڏينهن سيفٽي ائڪٽ هيٺ گرفتار ٿئي ٿو. پنجين ۽ چوٿين هاري جي زمين هڪ مهاجر ۽ صغير پٽ جي نالي الاٽ ٿئي ٿي.

## ڪارنامو ڏهون

شام جو وقت آهي وڏيرو چنتو خان اجان گهوڙي تان لهي مس ٿو تہ ڪمدار ڪوسو خان بسم الله! بسم الله! ڪندو اچي گهوڙو وٺيس ٿو.

وڏيرو: ڪمدار، گهوڙو ڏاڍو هلاڪ ٿيو آهي، واهيءَ کي ڏينس تہ چڱي طرح گهمائي، ڪرڪرو هٽيس ۽ وهنجاريس، جيئن ٿڪ لهيس، سياڻي تون مکڻ جي سير اڌ کي ڪنهن مردار هاريءَ کان جهٽي هڻ تہ ڪميت کي ڪو ڏيؤ ڪرايون.

ڪمدار: حاضر سائين، صبح ٽيڻ ڏيو باقي گهوڙي جي هستي ئي اور ڏسندؤ. ٻيو جنهن ڪم سان ميرپور ويا هئا سو تہ فتح ڪري آيا نہ؟ پاڻ واري صوبيدار صاحب کي تہ ڪيس مان ڇڏائي آيو نہ؟ ٽيو ڪو ان نمڪ حرام ٻير ماڇيءَ جو ڪارو منهن. رن پٽ جو فريو آهي! ڪميٽي ڪم اهڙو ڪيو آهي، جو جيئري ڳڏهہ جي ڪل ۾ سبائي ڇڏجيس. رهي ٿو درياءَ جي ڪنڌيءَ تي ۽ وجهي ٿو واڳن سان وير!

وڏيرو: ڪمدار ڪم اهڙو ٿيو جو ته ڪڏهين نه ٿيندو. صوبيدار صاحب کي بنهه پيسين ڳنهي آيو آهيان. شاهدن کي دبائي، منجهائي، ڪجهه لٽ سان، ڪجهه چٽ سان، پنهنجي پاسي ڪري سڄو ڪيس ڪٽي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو مانس. هيءَ ماڇياڻي جو پٽ به هليو هو اسان جي فيصلي کي اورانگهڻ. پر ڪمدار اڄ چڱائي جو وقت ڪونهي. ويچاري صوبيدار صاحب اسان جي چوڻ تي هن ڪمدار کي ڪٽي ڇڏيو نه ته ڇڏيونس ها ته حال ته وڃي وڏي گهر ۾ ڇهه ٻارنهن مهينا ٻي دريافتو ڇڪيون ڇڪي ها. بدمعاش هليو هو صوبيدار تي رشوت جو ڪيس ڪرڻ هاڻي مورڳو ٿو ڪيس ڳڇيءَ ڪان ونيس. مان به صوبيدار کي چٽي آيو آهيان ته ڪر انهيءَ حرامزادي سوئر جي پٽ تي بدناموسي جو ڪيس، پلي ته اڳتي ٿئيس الهه تلهه چٽ، پوءِ جٽ کي خبر پوي ته گهٽي ويهين سئو آهي.

ڪمدار: واهه سائين واهه! اڄ ته اوهان جا پير ڌوئي ڪٽي پيان. هن ماڇياڻي جي پٽ جو به مٿو ويو اٿس ڦري. چي: آءٌ بي گناهه تي ٻڌو ويس. پڇيس ته ڪميٽا هتي گناهه بي گناهه جي ڪهڙي ڳالهه هئي، وڃي پوين ها جيل ۾ ته ڪتو به ڪونه پونڪئي ها. روپيه 100 ڏئي پنهنجي جند ڇڏايئي. اسان جو ٿورو ٿوري جي ماڳ، اٿلو هليو آهين صوبيدار صاحب کي ٻڌائڻ. بادشاهي پنهنجي پيءَ جي ڏني هئائين.

وڏيرو: پر ڪمدار هاڻي ڏسجان، سيڪت به اهڙي لهندو جو هڪ سهندو لڪ سڪندا. پر وري ٻين ڪان پڇي پوءِ سڌ ڪندو. اجان ته مردود پنجين ڪوهين تي پنڌ ۾ هوندو. اسان کي ارمان رڳو پنهنجي ڪميت جو آهي. اوٽ موٽ ڏهه ڪوهه هي آيو آهي. وارو ڪر واهي کي ڏس. ڪو گاهه داڻا گهوڙي کي ڏنائين يا وڃي جوءِ جي ڪڇ ۾ ساجهر ئي ستو.

(ڪمدار گهوڙي جي ٿهل ۾ لڳي وڃي ٿو. وڏيرو گهر وڃي ٿو آرامي ٿئي.) صبح جو وقت. وڏيرو چتو خان اوطاق ۾ کٽ تي ليٽيو پيو آهي. ڪمدار ڪوسو خان پاسي ۾ ڪانپ ڪڍيو منجيءَ تي وينو آهي. رکي رکي مچون پيو مروٽي ۽ کنگهڪارون پيو ڪري.)

وڏيرو: ڪمدار وڏا، ملڪ ويو مزي مان نڪري.

ڪمدار: سو وري سائين ڪيئن؟

وڏيرو: اڙي ڪيئن وري ڪيئن! ڪالهہ ميرپور ۾ اسڪولن جو صاحب گڏيم. چيئين وڏيرا زوري تعليم شروع ٿي ويئي آهي. اوهان پنهنجن هارين کي سمجهايو تہ پنهنجا ٻار اسڪول ۾ چڏين، نہ تہ مٿن ڏنڊ وجهندس، جيل ۾ اماڻيندس. بس ڪٿان پيو اچي ڪٿان پيو وڃي!

ڪمدار: پر سائين، صوبيدار صاحب تہ پنهنجو آهي. هن اسڪول جي لنگور صاحب کي ڪهڙي طاقت آهي، جو اوهان جي هارين کي جهلائي سگهي. جي هارين جا ٻار پڙهندا تہ پوءِ اوهان کي سائين سائين ڪير ڪندو؟ ساري حڪومت ۾ دٻدٻو ئي ختم ٿي ويندو. هو نوري واڍي جو پٽ ئي ڪٽي ڏسو چار ڪتابڙيون پڙهيو آهي، تہ بس سمجهي ٿو تہ ملڪ جو والي ئي مان آهيان. جٽ پڙهيو الله اڙيو. تنهن ڏينهن اوهان کي رستي تي مليو تہ نوڙي پيرين بہ ڪين پيو. وري ٻئي ڏينهن اوطاق ۾ آيو تہ ڪنڌ ۾ هو چوري کي ور. اچي مون سان منجيءَ تي ويهي رهيو. ائين تہ سائين منهنجا هر ڪو آپي شاهہ ٿي پوندو. پوءِ تہ ٻہر ماچيءَ جهڙا سئو نڪري پوندا. منهنجو تہ خيال آهي تہ هن ماچاڻي جي پٽ کي بہ انهيءَ چوري ئي مٿي ڪٽي اياري چوٽ چاڙهيو آهي.

وڏيرو: ڪمدار وڏا اهو تہ نهيو پر توکي خبر آهي تہ هاڻي اسڪولن جي صاحبن کي بہ ڪورٽ هلائڻ جون اختياريون مليون آهن. هو پاڻ ڪيس هلائي ڏنڊ وجهندا ۽ سزا ڏيندا. اسان جي صوبيدار کان اها ڳالهہ ڳري آهي. هاڻي ٻيو ڪو رستو ڳولڻو پوندو.

ڪمدار: سائين اوهان چٽا پيا آهيو آءُ تو پاڻهي انهيءَ ڪم کي منهن ڏيان، اوهان رڳو وينا مزا ڏسو. هارين جا پٽ بہ ٽا پڙهن، ڏاهري بہ هليا اپ کي ترارون هڻن.

وڏيرو تہ ٻيلي ڪر ڪو بلو سياڻي هو اسڪولن جو ساندو آهي هتي اچڻو آهي، چيائين پئي تہ اوهان جي اوطاق ۾ هارين کي سڏائي انهن کي ڪا سمجهاڻي ڏيندس. ڏسج متان هاري اچي وڃن سندن مٿين مٿين ڳالهين ۾.

ڪمدار: سائين، تنهن جو اوهان ڪوبہ خيال نہ ڪريو. پر مون کي هڪڙي ڳالهہ تہ سمجهايو. هي جيڪي وڏا وڏا زميندار ميمبر ۽ وزير ٿيو وينا آهن، انهن کي ڪهڙيءَ لنڊي ڪاڏو آهي،. جو پيا ٽا اهي پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڙا هڻن.؟

وڏيرو: ڪمدار، توکي خبر ناهي، اسان جي پائر زميندارن جو ڏوهہ ڪونهي. اهي سڀ ووٽ ڏيڻ جا معجزا اٿئي، سچ پڇين جي هنن بي عقل هارين کي نہ اها خبر پئجي وڃي تہ هي جيڪا ووٽ جي لٽ وٺن آهي، سا کهڙ انہ ڳرا ڳرا وار ڪري سگهي ٿي تہ هوند ڏسين تہ اسين ۽ تون بس سندس هڪ ئي ڏڪ سان وڃي ڪياڙي کوڙيون. بس هڙئي هن جي حوالي ٿي وڃي. ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪي بہ ميمبر چونڊجي ويا آهن، سي ميڙئي ۾ پورا اٿئي تہ ڪنهن بہ طرح پنهنجا کيسا گرم ڪريون ۽ ٻيو تہ آئينده ووٽ هٿ ڪريون. وڙهيل تہ پاڻ ۾ اڳي ئي آهن، بس پوءِ پاڻ وٽائڻ لاءِ پيا هڪ ٻئي جون چنچريون لاهين. چي، وزير هيئن نٿا ڪن، هونئن نٿا ڪن، ڪجهہ تہ ڳالهائڻ لاءِ گهرجين. نہ ٻيو وري شهرن مان بہ چار ميمبر چونڊجي آيا آهن. اهي ٿا اسان جي زميندار ميمبرن ۽ وزيرن کي پاڻ ۾ ويڙهائين ۽ اخبارن ۾ بدنام ڪرائين. پوءِ اهي اسان جا وزير ڪجهہ پاڻ بچائڻ لاءِ ڪجهہ پاڻ وٽائڻ لاءِ مڙيئي پيا ٿا ڪڏهن ڪڏهن هارين غريبن ۽ مزدورن جا نالا وٺن باقي مون سان پاڻ اسان جي ميمبر وڏيري ڪيهر خان ڪن ۾ ڳالهہ ڪئي آهي تہ اهي زوري تعليم، بالغن جي تعليم جا ۽ اهڙا ٻيا سوال رڳو هڪڙا ڍونگ آهن ماڻهن کي الو بنائڻ جا.

ڪمدار: اڙي سائين، شل خدا تنهنجو پلو ڪندو. ڳالهہ اهڙي پتي جي اڄ منهنجي مغز ۾ ويهاري اٿئي جو بس دل خوش ٿي ويم آءٌ بہ چوان تہ هي جو جاگيرداري ختم ڪرڻ جا سوال، هي هارين جي حقن جون ڳالهيون، هي ٻنئي جا فيصلا سڀ اسان کي پنهنجا زميندار ميمبر ۽ وزير ٿا هر هر چيڙين، سو هاڻي سمجهيم تہ هو ويچارا رضا خوشيءَ سان ائين ڪم نہ ٿا ڪن. ها سائين هنن کي بہ ضرور حڪومت هلائڻي آهي. ڏسو تہ اسين پاڻ ئي هتي کهڙا نہ رنگ برنگي منتر شنتر ۽ اڙتيون ڦڙتيون ٿا وينا هڻون. تڏهين تہ مس مس ڪارخانو هلي سگهي.

وڏيرو: تہ پوءِ هاڻي جي ڪم جو مڙئي ڪو بندوبست ڪري ڇڏجان.

ڪمدار: سائين، رک الله تي ڪم تہ نازڪ آهي، پر ڏسون تہ آخر ڇا ٿو ٿئي. لڳي ٿو من اسان کي بہ ڪو وارو ملي، سڀ سٽائي ٿي پوندي، رکو اوهان ڪم ڪريم ٿي.

(ڪمدار ٻاهر نڪري ٿو وڃي. وڏيرو سنئون ٿي چادر تاڻي سمهي ٿو رهي.)

(ٻنپهرن جو وقت. ڪمدار گهمري تي ٿو نڪري. هڪ ٻنيءَ ۾ لابارو چالو آهي. پنج ست همراهه ۽ ٻه چار زالون ڪڙٻ لڻڻ ۾ مشغول آهن. ڪمدار کي پري کان ايندو ڏسي پاڻ ۾ ڪمدار جي باري ۾ ڳالهيون ٿا ڪن.)

حمزو: اچيو ٿو بي غيرت, بدمعاش الائي ڪهڙي ٿو مصيبت کنيو اچي پاڻ سان.

الهورايو: ٻيلي، هي زميندار ته ڪمدار ڳوٺي اهڙا ته پاڻ وٽ رکن, جيڪي ڏيهان راڄان تڙيل، جن کي نه پنهنجن جي نه پراون جي. پنهنجي پيءُ کي به هوند ڪين ڇڏين!.

علي دوست: اهڙا جي ڪمدار نه رکن ته پوءِ سندن ها ۾ ها ڪير ملائي، چوريون ڪير ڪرائي، خون ۽ ڌاڙا ڪير هڻائي, اسان ۽ اوهان جو رت ڪير چوسي، سندن پڙوت ڪير ڪري. حرامخورن جي وات ۾ حرام جي هڏي ڪير وجهي؟ چوندا ڪين آهن ته چورن جا پائر ڳنڊي چوڙ.

بختاور: انهيءَ مارئي ڌاڙهي ڪوڙئي کي ڪهڙي ٻين جي لڄن جي ٻين جي نياڻين سياڻين جي ساڃهه. جنهن پنهنجيءَ زال کي ڪُهي ڪٽي ڦٽو ڪيو جنهن پنهنجيءَ معصوم نياڻيءَ کي ڪٽي ٽڪين وڪڻي ڇڏيو. جنهن پنهنجي سڳي چاچي جو ڌاڙو هڻائي جيل ۾ اماڻائي ڇڏيو تنهن ۾ وري ڪهڙي چڱمڙسي جي اميد رکبي؟ پرائي مال تي ڪمدار بنيو وتي ٿو پنهنجن مٿان چوڪيون ڪندو! لائي چائي چغلي چوري ته انهيءَ نانگن ڪاڌي جو ڏنڌو آهي.

ڀاڳل: ادي، ماريو نيٺ ته پنهنجا ڪيتا ڏيندو. شال ڪيئان ڳاري مرندو. مون رن زال جو چيلڙو ڪاهي وڃي پنهنجي ڪار منهن وڏيري جو پيٽ ڀريائين.

ڪمدار ويجهو اچي ڪڙڪي سان سلام ٿو ورائي هڪڙو هاري وڏي گهوڙو ٿو ونيس.

حمزو: ڪمدار وڏا, ڏيو خير جا حال احوال خوش ته آهيو؟

ڪمدار: يار وينا خير جي الله ڪريون. وڏيرو صاحب ڪالهه ويو هئو ميرپور، ڏاڍي هڪڙي ڳري ڳالهه ٻڌي آيو آهي، چيم ته اوهان کي ڇتائي ڇڏيان، متان وري مياري ڪري وجهو.

علي دوست: ڪمدار صاحب، ٻيو آهي ته خير؟ اڄ ڏاڍي اڇي اسان جي ساهه سان لڳي اٿئي. اسان ته ادا اڳي ئي مئا پيا آهيون. هن کان وڌيڪ اسان تي ٻي وري کهڙي آفت اچي نازل ٿيندي.

ڪمدار: ادا علي دوست، کهڙي ڳالهه ٿو پڇين! سرڪار زوري تعليم شروع ڪئي آهي. چون ٿا ته جيڪڏهن هاري پنهنجا ٻار اسڪول ۾ نه ڏيندا ته مٿن ڏنڊ وڌا ويندا. ڪين جيل اماڻيو ويندو.

علي دوست: ڪمدار بس ڳالهه ٻه اها! تعليم ۾ سرڪار زوري ڇو ٿي ڪري! اسين ته يار ٻاڻهي ٻار پڙهائڻ لاءِ تيار وينا آهيون. علم علم آهي. ٻڌو ڪين اٿئي ته علم بادشاهه آهي. سو ڪو خراب آهي ڇا؟ ڪيئن ٿو ڀائين ادا الله اوڀايا؟

الهه اوڀايو: هائو ادا! جيڪي پڙهيا سي ڏاوا پيا علم کان سواءِ انسان حيوان جي آچار.

علي دوست: ڪمدار صاحب! ٻڌئي! هتي سيئي چوندا آهن ته اسان هارين کي علم لاءِ چاهه ئي ڪونهي ۽ اچي ڏڳها وعظ ڪندا آهن ته علم ههڙو علم ههڙو سي ته ٻيلي ڏسا ته نڳ ٿا معلوم ٿين يا ته چريا ۽ ڳهيلا ٿا ڏسجن علم کي ڪير نه چاهيندو؟ اسان ته ٻيلي ٽڏا شوڪارا پري پري، پنهنجي قسمت کي پيا روئون. پر، من اسان جي ٻچن جو ڪو ڀاڳ سنو ٿئي جو چار اکر پڙهي پون. ڪمدار صاحب سرڪار کي وڃي چئو ته زوريءَ جي هتي ڪا ڳالهه ئي ڪانهي. ڪڏهن طبيب به بيمار جو ڪو زوريءَ علاج ڪندو آهي. حلوي ڪائيندي اسان جا ڏند ڪونه ڏکندا.

حمزو: ٻيلي ڳالهه ته علي دوست تنهن جي بنهه لک لهي، پر جو ڇوڪرا ڏيون اسڪول ۾، پوءِ اسان جي ماني ڪير کڻي ايندو، ڳاڏيءَ تي ڪير وهندو، ڍور ڪير چاريندو، جهار جهرڪي ڪير هڪليندو، ڪم ڪار ۾ اسان سان ڪير ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندو؟ ٻئي ڦتين ڏينهن ضرورت پوي جي ڪانين، ڪاٽيءَ جي گاهه جي، شڪار جي. هن جي، هن جي، بيگر به ائين ئي بيٺي آهي. ٻيلي اسين پورهيت ماڻهو ڪم ڳهي ڳهي ته عمر به ڳري

ويئي اٿئون. تڏهن بہ پانڌي پوري ڪانهي. ڇوڪرا جيڪي سي ونڊي اڏو پانڌي ڪمايو پيا اسان کي ڏين. ڪيئن قصو ٿيندو. ملي خبر تہ ڪا پويئي ڪانہ ٿي.

علي دوست: ادا حمزا. ڳالهہ اها نہ آ تنهن ڏينهن هاري حقدار وارو هڪڙو جوان گڏيو تنهن تہ اهائي ڳالهہ ٻڌائي تہ جيسين زميندار ي قانون آهي. جيسين اوهان جي پگهر جي پورهئي جي ڪمائيءَ جون پيون ٻٽيون ٿينديون. تيسين اوهان اهڙائي پيٽ ٻکيا ۽ انگ اگهاڙا پيا رهندو. تيسين نہ اوهان جي پيٽ جي پورت ٿيندي. نہ ئي اوهان جا ٻار ڪو علم پڙهي سگهندا. پوءِ پلي ڪٽي ڪو زوريءَ تعليم جاري ڪري. بالغن جي تعليم شروع ڪري يا ڪٽي اوهان سيني کي جيلن ۾ بند ڪري اوهان کي پڙهائي!

الهہ اوبايو: واهہ. واهہ! اڙي هاري حقدار جوان شل خوش هجين! ڪٽي تہ وڃي مرض جي نبض تي هٿ رکيو اٿئي! سچ تہ اسان پنڻ کان پڙهڻ ڪٽي ٿو ياد اچي. مون کي ياد آهي تہ پر سال هڪڙي ٻئي هاري حقدار جوان ميرپور ۾ پئي تقرير ڪئي تہ روس ملڪ ۾ جتي هارين زميندار يءَ کي ختم ڪري پنهنجي سرڪار ناهي آهي. اتي ڏهن سالن جي ٿورڙي ئي ويرم ۾ سڀ ماڻهو ننڍا وڏا. زالين مڙسين جهڙ پڙهي پيا ۽ هاڻ اتي اڻ پڙهيل آهن ئي ڪونہ.

ڪمدار: اڙي گمراهہ هاريئو! اسين بہ ڏسي رهنداسون. اوهان کي اهي هاري حقدار وارا جوان ڪٽي تا عوشين اڪارين. اڙي بيوقوفو! اهي اوهان کي جهنم جي تري ۾ وڃي ڦٽي ڪندا.

(ڪمدار گهوڙي تي لانگ ورائي ککو وکو ٿي تکو تکو هليو ٿو وڃي.)

علي دوست: اڙي ازلي دشمن. تنهنجي ۽ تنهنجي ڪڏا توري وڏيري جي بهشت کان اهو اسان کي پنهنجو دوزخ بہ پلو.

(ٽين مهيني کان پوءِ ڳوٺ ۾ اسڪولن جو وڏو صاحب بيهر اچي ٿو. اسڪول جو ماستر صاحب 17 هارين جا نالا پڪاري ٿو جن جا ڇوڪرا اسڪول ۾ غير حاضر رهيا آهن. 17 هارين. جن تي اڳيئي سمنون تعميل ٿي چڪيون آهن. اچي ٿا حاضر ٿين. وڏيرو ڇتو خان ڪمدار کوسي خان سميت هارين سان گڏ اندر اچي ڪرسي تي هڪ پاسي ويهي ٿو رهي. ڪورٽ شروع ٿئي ٿي.)

منسٽر صاحب: حضور هي 6 هاري اڳئين دفعي بہ حاضر ٿيا هئا ۽ مٿن اوهان 2_2 روپيہ ڏنڊ وڌو هئو. هي هاڻي ٻيهر انهيءَ ئي ڏوهہ ۾ اوهان وٽ پيش ٿيا آهن.

صاحب: بابا! اوهان کي ڇا ڇوٽو آهي؟ اهوئي نہ تہ اوهان غريب آهيو اوهان جا ڇوڪرا اوهان کي ڪم اچن ٿا وغيره وغيره.؟

بابا! هاڻي اوهان خيال ڏيئي ٻڌو ڇا بہ هجي، اوهان کي پنهنجا ڇوڪرا اسڪول ۾ هر روز موڪلڻا آهن. ان ۾ اوهان جو ئي فائدو آهي. جي نہ تہ اوهان تي سرڪار ڳرا ڏنڊ وجهندي ۽ جي پوءِ بہ ٻار نہ آيا تہ اوهان کي شايد جيل ۾ بہ اماڻيو وڃي. هاڻي اوهان مان جن ڇهن تي اڳئين دفعي 2_2 روپيہ ڏنڊ پيو هو تن تي هن دفعي 10_10 روپيہ ڏنڊ آهي ۽ اوهان مان باقي ٻين يارهن ڄڻن تي 5_5 روپيہ ڏنڊ آهي ۽ اوهان سان باقي ٻين يارهن ڄڻن تي 5_5 روپيہ ڏنڊ آهي. جلد ڏنڊ جا پئسا ڀياريو ۽ اڳتي اسڪول ۾ پنهنجا ڇوڪرا باقاعده موڪليو.

وڏيرو: صاحب! هي وٺو 115 روپيہ هنن اسان جي هارين جو ڏنڊ. ڇڏيو ويچارن غريبن جي جند.

صاحب: وڏيرا صاحب! هيءَ ڪهڙي ماجرا آهي؟ اڳي بہ اوهان ئي هنن ڇهن هارين طرفان 12 روپيہ ڀري ڏنا هئا. هاڻي بہ هڪدم 115 روپيہ ٿا ڀري ڏيو. مون کي تہ ميان ان ۾ اوهان جي وڏي ڪا خطرناڪ چال ٿي ڏسڻ ۾ اچي.

وڏيرو: سائين! انهيءَ ۾ چال وري ڪهڙي؟ هي سمورا اسان جا ٻچا آهن. اسان جا هاري آهن. اسان ئي هنن کي نہ بچائينداسون تہ ٻيو وري ڪير هنن جي ويجهو ايندو؟

هاري: ٻنئي مهل تہ تون ئي ترپٽ ڀهاري هڙيئي هارين جو ڪنيو وڃين. هارين ويچارن کي اهوئي بوجهڻ ڪلهي تي. پر هتي تہ وڏو سخي مرد ٿي ويو آهين. هارين جي پاران ٻڪ رپين جا ڏنڊ ڀري ڏيڻ اهو تيل بہ ضرور انهن ئي ترن مان نڪرندو.

(وڏيرو ڇتو خان ۽ ڪمدار ڪوسو خان اوطاق ڏانهن خوش خوش وڃي رهيا آهن. پاڻ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪندا ٿا وڃن.)

وڏيرو: ڪمدار وڏا، ٻيلي تون تہ هوند سرڪار جو وزير، سونهين، رستو اهڙو ڳولهي ڪڍيو اٿئي جو بس نانگ بہ پيو مري، لٺ بہ بچي پيئي آهي.

ڪمدار: سائين! بس رکيو وينا هجو الله تي، هاڻي هڪڙو ٻيو ڪم ڪريو بس پوءِ سمجهو تہ سڀ سٺائي.

وڏيرو: ڪمدار وڏا سو وري ڪهڙو؟

ڪمدار: سائين منهنجا هاڻي بہ چار تڏا وٺي هو جيڪو نہ اوهان جو ٻاهر وارو منهہ خالي پيو آهي تنهن ۾ ڪٽي رکايو. پنهنجي ملان کي ڪٽي اتي ويهاريو. ڪٽي مڪتب، ٻيا ڇتن جا ٻار سيپارا پڙهندا. سمجهندا ڏوڙ ٻيا جهولندا ۽ مٿيءَ جا مٽ ڀريندا ۽ ڪانيون ميڙيندا. ڇري پوندي ۾ خوش. پوءِ ڏسون تہ ڪيئن ٿو اهو زوري تعليم جو اسڪول هلي.

وڏيرو: ڪمدار وڏا، ڳالهہ تہ اهڙي ڪئي اٿئي جو تہ بادشاهہ هجان، تہ منهن موتين سان هوند ڀري ڇڏيانءِ.

ڪمدار: سائين! بس هڪڙي ڳالهہ اها ڪريو. هوڏانهن اوهان بيگر جي وٽ وٺان هڪ نہ ٻئي ڏانهن لايو اڄو باقي اهي ڏنڊ جا 200 روپيہ ڇهين ٻارهين مهيني پيا ڀريندا سون، سي بہ ٻنئي مهل ٻيٺا ٿيا پيا وصول ٿيندا. جوڏيجن جي ڏر جوڏيجن جي منهن ۾. اهي ڇتن جا ٻار پڙهندا جو اسين سيئي مري ويا آهيون. الله اوهان کي نيڪي ڏئي، اڄان سنڌ انهن هاري حقدار وارن گدڙن ڪانہ ڪاڏي آهي.

آواز: ياد رکو ٻن گدڙن شينهن ماريو هو. ٻئي ڪندي اوهان تہ پاڻ رڳو زهريلا مڇر آهيو جو ستل شينهن هاريءَ کي پيا ٿا ڪائو ۽ سندس رت چوسيو. ستل شينهن اڄهو جاڳيو ڪي جاڳيو. پوءِ اوهان موسمي مڇر رڳو ڀون ڀون ڪندا، منهن مٿو پٽيندا رهجي ويندو. اڄان ڀلي ٿورو ترسو. اڄان ڀلي ٿورو وقت وڏيڪ انتظار ڪريو.

# ڪارنامو يارهون

(سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي ضمني چونڊ ٿي رهي آهي. پنڌرنهن ڏينهن ۾ اليڪشن ٿيڻ واري آهي. مسلم ليگ جي زميندار اميدوار جي مقابلي ۾ سنڌ هاري پارٽي جو اميدوار بيٺو آهي.)

ڪمدار: نواب صاحب جو ڪم واهه جو پيو هلي!

وڏيرو: سوين يقيني آهي. هاري اميدوار جو ڊپازٽ به رد ٿيندو. مسلم ليگ جي ٽڪيٽ، حڪومت جي پنيرائي ۽ زميندارن جي ٻڌي ۽ طاقت! هاري به خوش آهن ته اسان حقدار ٿينداسون!

ڪمدار: سائين! مسلم ليگ جي ٽڪيٽ جو فيصلو ٿيو؟

وڏيرو: فيصلو؟ بابا، فيصلو ٿيو پيو آهي. مسلم ليگ اسان وڏيرن جي جماعت آهي. اسان جو خيال آهي ته ٽڪيٽ نواب صاحب کي ئي ملندي.

ڪمدار: سائين! ڪيترن وڏيرن مسلم ليگ جي ٽڪيٽ لاءِ درخواست ڪئي آهي.

وڏيرو: ڪمدار، درخواست ته نواب ۽ حاڪم خان ڪئي آهي، پر حاڪم خان کي دستبردار ڪرايو ويندو. ڪهڙي وڏيري کي ڪتيءَ ڪنيون آهي، جو لک منو روپيه خرچ ڪندو ۽ مسلم ليگ ۽ حڪومت جو به مقابلو ڪندو.

ڪمدار: پوءِ هاري اڳواڻ کي به دستبردار نه ڪرائي سگهبو؟

وڏيرو: بابا! هي بي ايمان دستبرداري ڪونه ڏيندا. سنڌ هاري پارٽي چوي ٿي ته اسان هارائي هارائي نيٺ کٽينداسين. جتن کي ووٽ جو حق ملي ويو آهي. پهرين اليڪشن ۾ هاري اڳواڻ کي ٽي سئو ووٽ مليا هئا. ٻيءَ اليڪشن ۾ ٽي هزار ووٽ مليا ۽ ذري گهٽ کٽيو هئائين. چي زميندار هارين وٽ پيش ته پون!

ڪمدار: نواب صاحب ۽ خانبهادر ته وڙهيل هئا هاڻي ڪيئن نهي ويا؟

وڏيرو: انهن کي سچ تہ هاري پارٽي ناهيو آهي هاري پارٽي ملڪ ۾ باهہ ٻاري ڇڏي آهي، جتي ڪٿي ”هاري حقدار! هاري حقدار!“ توکي خبر ناهي تہ روس ۾، چين ۾، چيڪوسلوويڪيا ۾، بلغاريہ ۾، هنگري ۾ رومانيا ۾، پولينڊ ۾، البانيہ ۾، زمينداريءَ کي ختم ڪري زمينون هارين کي ورهائي ڏنيون ويون آهن.

هاڻ هتي بہ هي نياڳا هاري ائين نہ ڪن. ضلع جي سيني زميندارن کي سڏائي هتي هڪ زميندار ايسوسيئيشن ناهي وئي آهي تہ بابا جيڪڏهن اجان پاڻ ۾ وڙهندئو تہ زمينداري ختم! هاڻي سڀ زميندار هڪ ٿي ويا آهن.

ٻيو وڏيرو: هارين ۾ برابر سجاڳي آهي، جاتي ڪاٽي سنڌ هاري پارٽيءَ جون شاخون آهن. ننڍڙن ڳوٺن کي بہ انهن نہ ڇڏيو آهي.

ٽيون وڏيرو: غريبڙا غريبڙا هاري هينئر پيرين بہ نہ ٿا پون ۽ پري کان سلام، چي اسان هاري پارٽي جا ميمبر آهيون. بيگر ۽ چيڙ کان تہ قسم کنيو اٿن! هاڻي هاري اسيمبليءَ ۾ اميدوار ٿا بيهن! ڇا هاري، ڇا ميمبري! خدا جي قدرت آهي!

ٻيو وڏيرو: هارين کي ووٽ جو حق مليو ئي ناحق.

چوٿون وڏيرو: حق ملين تہ ڇاهي، اسان وٽ انهن کان ڪاغذي حق کسڻ جا گهڻائي رستا آهن.

ڪمدار: اهو ڪيئن؟

چوٿون وڏيرو: ڪمدار، توکي خبر ناهي تہ جو هاري هڪ ايڪڙ ونڻ يا ساريون پوکي ٿو سو ووٽ جو بہ حقدار آهي. انهيءَ حساب سان سڀ هاري ووٽر آهن پر لسٽن ۾ داخل ٽيون حصو بہ ڪونہ آهن.

ڪمدار: ڇو داخل نہ آهن.

چوٿون وڏيرو: بابا، مختيارڪار اسان سان شامل آهن. انهن نالا داخل ئي نہ ڪيا آهن.

ٽيون وڏيرو: ارمان آهي جو هاري پارٽيءَ وارن ڪيترا نالا درخواستون ڏيئي داخل ڪرايا هئا. هارين کي اسان گهڻو برغلايو تہ درخواستن تي صحيح نہ ڏيو. اوهان کي ملٽري ۾ ڀرتي ڪندا. گهڻن هارين، صحيحون نہ ڏنيون، پر ڪيترن صحيحون ڏنيون ۽ انهن جا نالا داخل ٿي ويا.

چوٿون وڏيرو: لسٽون جڏهن چيڪجن ٿيون تڏهن هزارها غلطيون ٿين ٿيون. نالو چٽو تہ لسٽ ۾ چٽو نالو جانڻ تہ لسٽ ۾ خانڻ. ذات مصراڻي تہ لسٽ ۾ نصراڻي وغيره وغيره. اهي سڀ ووٽ رد.

ٽيون وڏيرو: ياد نہ اٿو تہ مان ٽي پنا ڦاڙائي ڇڏيا. نالائي گم.

چوٿون وڏيرو: بس رڳو اهو ڇا؟ هاڻي هارين لاءِ اهي پنڊرنهن ڏينهن مصيبت ڪنداسين. بہ چار مولوي هٿ ڪيا اٿئون. مولوي لاءِ بہ سئو روپيہ اهي ڪافي آهن. هلي هارين کي چوندا تہ "بابا، اسلام خطري ۾ آهي، مسلم ليگ کي ووٽ ڏيو. هاري اڳواڻ ڪافر اٿو. اوهان کي اَن کپي يا ايمان." مولوي صاحب تقرير تہ ڪري ٻڌايو.

مولوي: ڪامريڊ! ڪامريڊ!! ڪامريڊ!!! دنيا جي مٿان نئين آفت نازل! چوڏهينءَ صدي جون علامتون ۽ اثر بلڪل عيان آهن! هڪڙا ننڍا ٻيا وڏا. جنهن تي خدا فضل ڪري، جنهن تي خدا ڏمريو، سندس مرضي. خدائي قانون جو ڪوس ڪري غريب ۽ امير کي يڪسان ڪيو ويندو. الاهي امرن جي انحرافي ڪئي ويندي ۽ بعد ۾ ڪفر جو ڳاڙهو جهنڊو کڙو ڪري مالڪ سان برميچندو تہ قيامت نہ ايندي تہ ٻيو ڇا ٿيندو؟ تون بہ رئيس، مان بہ رئيس تہ گڏهہ ڪير هڪليندو؟ جي هارين جو راڄ ٿي ويو تہ چٽبو انڌير نگري چرپٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاڄا. هاريئو! زميدراري اسلام ۾ جائز آهي. ڪنهن جو حق نہ کائو ڪنهن جو حق کائڻ حرام آهي. زميندارن جو حق آهي.

چوٿون وڏيرو: واهہ مولوي صاحب واهہ! هاڻي ٿا هاري ڪٽن. مولوين کان پوءِ پيرن مرشدن کي ڀاؤ وجهنداسين. هارين کي ساهہ آهي جو مرشدن کان منڪر ٿين. اسان سيني وڏيرن کي قرآن ڏنو آهي تہ هر ڪو وڏيرو پنهنجي هارين کي مسجد ۾ سڏائي قرآن تي هٿ رکائي قسم کڻائي تہ مان ووٽ نواب صاحب کي ڏيندس بندوقن ۽ ريوالورن جا ليسن، هندن جي زمين تي قبضا، قلم 111 سيفٽي ائڪٽ، حر ائڪٽ، سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن هيٺ مقدما، هي ڪم تہ اڄ وزيرن جي اشارن تي پيا ٿين. اڄان بہ ووٽر اسان کان ٻاهر ويندا. تنهن کان پوءِ اليڪشن واري ڏينهن سڀ هاري اچي اتي ئي مرندا. "پٺهان نمڪ کائي ووٽ ٻين کي نہ ڏين. پولنگ آفيسر ۽ پرزائيڊنگ آفيسر تہ پنهنجي کيسي ۾ آهي. هڪ هڪ کي پنج سئو روپيہ مهماني رات

جو ووٽ داخل ٿي ويندا. هاري صبح تي ايندا تہ پرزائڊنگ آفيسر چوندو تہ بابا ووٽر جو ووٽ داخل آهي، اوهين ڪوڙا ووٽ ٿا ڏيو. هليا وڃو نہ تہ وجهندوما نوَ جيل ۾.

ڪمدار: پوءِ تہ سائين پئون پار نهن.

نواب صاحب زنده باد! مسلم ليگ زنده باد!

زميندار شاهي زنده باد! پاڪستان زنده باد!

(غريب آباد جي شهر ۾ هاري جلسو هلي رهيو آهي. آسپاس جا هاري اچي ڪٺا ٿيا آهن. هاري پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن.)

پهريون هاري: ادا تقريرون گهڻيون ٿي ٻڌيون اٿسي ووٽ گهڻائي دفعا ڏنا اٿسي. پر اسان لاءِ ٿئي تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو. جيڪو انهيءَ ڪرسيءَ تي ويهي ٿو اهو هارين کي وساري ڇڏي ٿو. اليڪشن وقت هر ڪو وڏا واعده ڪندو آهي. پر پوءِ اسان غريبن جي ڪوبہ ڪونہ ٻڌندو آهي.

ٻيو هاري: ائين برابر آهي. اسان ووٽ تہ ڏنا آهن. پر ڏنا ڪنهن کي اٿئي؟ هيلتائين تہ اسان رڳو وڏيرن ۽ انهن جي چاڙتن کي پئي ووٽ ڏنا آهن. پر هاڻي تہ اسان جي پنهنجي هاري پارٽي ميدان ۾ آئي آهي.

ٽيون هاري: چا، اسان ڪنهن هاري ڪاميٽي جي اميدوار کي ڪامياب ڪيو آهي ۽ جو اسان کان ڦري ويو آهي؟ نہ! افسوس جو اسان هارين تہ هاري ڪاميٽي جي اميدوارن کي پئي ڪيرايو آهي ۽ وڏيرن کي کٽرايو آهي. توڙي اسان پنهنجي هاري اڳواڻن کي پئي هارايو آهي. تڏهن بہ هنن اسان کي نہ وساريو آهي. انهن وري بہ اسان جي حقن لاءِ جنگ جاري رکي آهي. اسان کي ووٽ جو حق ونرائي ڏنائون، اسان جا ووٽ داخل ڪرايائون. تڏهن تہ زميندار بہ اسان کي پڇن ٿا. اڳي تہ اسان کي وڏيرا مٽيءَ دز سمجهندا هئا. اڳي تہ اسان ليکي ۾ ئي ڪونہ هئاسين. اسان کي هاري ڪاميٽي سجاڳ ڪيو آهي.

ٻيو هاري: ها! جڏهن اسان پنهنجي اڳواڻ کي ڪامياب ڪريون ۽ هو اسان سان دغابازي ڪري تہ پوءِ اسان جي ميار ٽيندي.

ٽيون هاري: پر هاري اڳواڻ اسان سان دغا نہ ڪندو. ان لاءِ بہ سبب آهن.

هڪ تہ سنڌ هاري ڪاميٽي جي ٽڪيٽ پئسن جي زور تي يا مائٽي جي زور تي نہ ملندي آهي. هاري ٽڪيٽ هڪ سچار، همت واري، قابل اڳواڻ کي ملندي آهي. جو آزمايل اڳواڻ آهي. اهو فيصلو سنڌ هاري ڪاميٽي ڪندي آهي جنهن ۾ سڄي سنڌ جا نمائندا آهن. ٻيو تہ جڏهن اسان هاري هڪڙي غريب هاري اڳواڻ کي هڪ نواب جي مقابلي ۾ بيهاري ڪامياب ڪنداسين تہ اهو هاري اڳواڻ بہ ايترو سمجهندو تہ هاڻي "هاري جيڪڏهن هڪڙي نواب کي(سندس پئسن، مولوين ليگ عملدارن جي مدد هوندي) ڪيرائي سگهن ٿا تہ مون غريب کي تہ پل ۾ ختم ڪري سگهندا."

چوٿون هاري: پر انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن اسان جو چونڊيل هاري اسان سان غداري ڪندو تہ اسان هڪدم ڪيس ڪن ڪان وٺي ٻاهر ڪڍنداسين. غرض تہ حڪومت جون واڳون اسان جي پنهنجي هٿن ۾ رهنديون. اسان جو دشمن مقابلو ڪري ڪٿي ڪونہ سگهندو. اسان پنهنجي دشمن کي پٽي ڪامياب ڪيو آهي.(ڪمدار بہ پهچي وڃي ٿو)

ڪمدار: هاري ڀائرو! مان بہ هاري آهيان ۽ هاريءَ جو پٽ آهيان. گذارن لاءِ ڪٿي ٿو وڏيري وٽ نوڪري ڪريان. اوهان هاري اجايو ٿا پاڻ کپايو اسيمبلي جي ميمبري وڏن ماڻهن جو ڪم آهي. اوهان وٽ پئسو ڪٽي آهي؟

هاري گڏجي: هڪ هڪ هاري، هڪ روپيو روز چندو ڏيندو. اسان پنهنجي ماني ڪائينداسين. پنهنجي ڳاڏين ۾ يا پنڌ ايندا سين. اسان جي هاري قوم ڪهڙي بہ وڏي زميندار کان شاهوڪار آهي.

ڪمدار: ڀلا، هڪڙو ميمبر جيڪڏهن ڪامياب بہ ٿيو تہ پنجاهہ زميندار ميمبرن جي مقابلي ۾ ڇا ڪري سگهندو؟ اجائي ٿر ٿر پيو ڪندو!

ٽيون هاري: تنهنجو مطلب تہ هارين لاءِ پڪي اوندهہ هجي ۽ سڀ ميمبر زميندار هجن. عجب تہ سنڌ جي ٽيهارو هزار مزدورن لاءِ هڪ ميمبر آهي، سنڌ جي ٽن هزارن زميندارن جا ٻہ عيوضي آهن. سنڌ جي ٽي سئو کن انگريزن لاءِ ٽي ميمبر آهن. پر سنڌ جي ٽيهہ لک هارين جو هڪڙو ميمبر بہ پنهنجي حق ۽ همت سان ويهن زميندارن ميمبرن جيترو ڪم ڪري سگهندو. هڪ پٿر ڏهن نڪرن کي ڀڃي سگهي ٿو.

مسلم ليگ توڙي ڪانگريس کي پنهنجي طاقت قائم ڪرڻ ۾ ڪيترا سال لڳا. اسان جو پهريائين هڪ اميدوار ڪامياب ٿيندو ۽ پوءِ اسان ٻيون جايون بہ کٽينداسين. سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن جون فقط ٻہ جايون آهن، ٻيون جايون هارين جون آهن.

(وڏيرو چتو خان ٿو اچي ڏهاڪو غنڊا ساڻ اٿس.)

وڏيرو: هيترا سارا هاري اچي گڏ ٿيا آهن!

ڪمدار: (وڏيري کي آهستي) سائين، خبردار ٿيو. اسان جا ڏهاڪو همراهہ هتي ڪجھ نہ ڪري سگهندا. هتي ماڻهين موچڙا نہ کائون!

هي جلسي کي ڦٽائڻ لاءِ آيا هئا پر هتي سندن دال نہ ڳري

وڏيرو: ٻچا هاريئو! ان جو منهن جنڊ ڏانهن ۽ جنڊ جو منهن ان ڏانهن. زميندار هاريءَ کان سواءِ هلي نہ سگهندو ۽ هاري زميندار کان سواءِ هلي نہ سگهندو. نواب صاحب ڏاڍو لائق ماڻهو آهي. اصلي خانداني آهي. هميشہ چونڊبو ايندو آهي. مسلم ليگ جو اميدوار آهي.

(مولوي صاحب بہ اچي وڃي ٿو.)

مولوي: مسلم ليگ ئي مسلمانن جي واحد سياسي جماعت آهي. ٻيون سڀ جماعتون ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. سڀني هارين کي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. سنڌ هاري پارٽي مسلمانن جي شيرازي کي ٽوڙي رهي آهي.

هاري: مسلمانن جي شيرازي ۽ برادري کي ٽوڙيو آهي تہ زميندارن ۽ سرمائيدارن ٽوڙيو آهي. مسلم قوم جي شيرازي قائم ڪرڻ لاءِ رستو آهي، سرمائيداري ۽ زميندراي کي ٽوڙڻ ـ مسلم ليگ اهڙي جماعت آهي، جنهن ۾ سرمائيدار ۽ زميندار توڙي هاري شامل ٿي سگهن ٿا. ياد رهي تہ جتي زميندار جو وجود موجود آهي، اتي هاري ڪجھ نہ آهي. اڄ جيئن شينهن اڳيان ٻڪري آهي، تيئن زميندار اڳيان هاري سون سالن جي ستم ۽ دٻاءَ هاريءَ کي ايترو هيسائي ڇڏيو آهي، مجبورن هارين کي اهڙي جماعت ٺاهڻي پئي آهي. جتي زميندارن جو دخل نہ هجي ۽ جا صرف هارين لاءِ رکيل رهي. اهڙي جماعت جي ذريعي ئي هو پاڻ ۾ ملي سگهن ٿا. آزاديءَ سان ڳالهائي سگهن ٿا ۽ ترقي ڪري سگهن ٿا. زميندار طبقو جدا آهي ۽ هاري طبقو جدا آهي. پوشاڪ ۾ خوراڪ ۾، خيالن ۾، مسلمان زميندار، هندو زميندار جي ويجهو

آهي. بنسبت مسلمان هاريءَ جي. مولوي صاحب اسلامي شيرازه ڪيئن پيدا ٿيو؟ مڪ معظم مان مهاجر مديند منوره ۾ وڃن ٿا. انصار پنهنجون ملڪيتون تہ مهاجرن کي ورهائي ڏين ٿا. پر جن کي بہ ٿي زالون آهن، اهي پنهنجون زالون بہ چڏي مهاجرن کي پرڻائي ڏين ٿا. هي هتي برادري ۽ برابري ڪٿي آهي. مسلم ليگ جي زميندار ميمبرن ۾ اسلامي برادري ۽ برابري؟ مسلم ليگ جا ليڊر مسلماني شيرازه هن ملڪ ۾ سمجهن ٿا تہ انهن جي حڪومت قائم رهي. هنن جو مسلماني شيرازه سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. سنڌ هاري ڪاميٽي ئي برادري ۽ برابري جي اصول جي تائيد ڪري ٿي. زمينداري ۽ جاگيرداري کي ختم ڪرڻ سان ئي قومي شيرازه قائم ٿي سگهي ٿو.

مولوي: سنڌ هاري پارٽيءَ جا اڳواڻ روسي آهن. ڳاڙهو جهنڊو کڻي گهمن ٿا.

هاري اڳواڻ: مولوي صاحب هاري اڳواڻ سڀ سنڌي ۽ پاڪستاني آهن. ڪي بلوچ آهن، ڪي سماٽ روسي نہ آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ جي مصيبتون ۽ ظلم ڪنڌي هاري سهي رهيا آهن، سي ظلم ٻين ملڪن جي هاري سان بہ پئي ٿيا آهن. روس ملڪ ۾ زار شهنشاهہ جي حڪومت ۾ زميندارن جا بي انداز ظلم هئا. زميندارن کي پنهنجي پوليس هوندي هئي، جنهن جي ذريعي هو هارين کي ستائيندا هئا. هارين لاءِ بہ رستا هئا. مرڻ يا وڙهڻ. روس جي هارين ۽ مزدورن ٻڌي ڪئي ۽ سال 1917ع ۾ عظيم انقلاب آندو جنهن ۾ زار شهنشاهي زميداري ۽ سرمائيداري کي ختم ڪيو ويو. اهو بہ غلط آهي تہ روس ۾ مذهب تي بندش آهي. ائين هجي ها تہ اتي جا مسلمان ۽ عوام اهڙي حڪومت کي هٽلر جي حملي وقت ختم ڪري ڇڏين ها. پر مسلمانن ۽ عيسائين سيني گڏجي حڪومت کي بچايو ۽ هٽلر سان مقابلو ڪيو ۽ ان کي ختم ڪيو. اها روس جي مزدورن ۽ هارين جي طاقت هئي. جنهن دنيا کي هٽلر شاهيءَ کان بچايو. اڄ دنيا کي ريلن، تارن، ريڊئي، اخبارن هڪ ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪا جي ڪٽڪ کي پارلو نقصان پهچائي ٿو تہ نوابشاهہ ۾ ڪٽڪ جو اگهہ وڌي ٿو. جمڙائو جي ڪپهہ سني ٿئي ٿي تہ ان جو اثر قاهره ۽ شڪاگو جي بزارين تي پئي ٿو. يورپ ۾ لڙائي لڳي ٿي تہ بنگال ۾ قحط سبب 35 لک هاري مرن ٿا. اڄ هر قوم، ٻي قوم سان

واسطو رکي ٿي، ان ڪان سبق وٺي ٿي ۽ ترقي ڪري ٿي، الڳ رهڻ سان ختم ٿئي ٿي. روس جي هارين ۽ مزدورن دنيا جي هارين ۽ مزدورن کي وڏو سبق سيکاريو آهي، جنهن لاءِ اسان کي هنن جو شڪر گذار ٿيڻ کپي. چاڪاڻ ته موٽر هڪ انگريز ناهي، تنهن ڪري اسان کي بيل گاڏيءَ ۾ سفر ڪرڻ کپي؟ عربن دنيا کي علم هيئت، ڪيمسٽري، الجبرا وغيره سکايا انگريزن انهن ۾ اضافو ڪيو ۽ ريلون فولا وغيره ايجاد ڪيا. ڳاڙهي جهنڊي جو مطلب ڇا آهي؟ ڳاڙهو جهنڊو هڪ انقلابي جهنڊو آهي. ڳاڙهو جهنڊو معنيٰ مظلومن ۽ ستايلن جي خون مان رڱيل ڳاڙهو ڪپڙو ان تي ڏاتو ۽ مترڪو آهن. ڏاتو هاريءَ جي نشاني آهي ۽ مترڪو مزدورن جي نشاني آهي.

ڳاڙهو جهنڊو معنيٰ ته هاري ۽ مزدور گڏجي پنهنجو خون ڏيئي آزادي وٺي سگهن ٿا. مزيد معنيٰ هي آهي ته ڏاتي سان ظلم جي فصل کي لڻيو ۽ مترڪي سان ظلم جو مٿو ٽوڙيو. هي آهي ڳاڙهي جهنڊي جي معنيٰ. ڳاڙهو جهنڊو معنيٰ هارين ۽ مزدورن جو اتحاد عرب ۾ مصر ۾ انگلينڊ ۾ آمريڪا ۾ اهوئي مزدورن ۽ هارين جو جهنڊو آهي، اهوئي سبب آهي، جو زميندار ۽ شاهوڪار طبقو ۽ سندن ايجنٽ ڳاڙهي جهنڊي کي ڌڪاريندا آهن ۽ هاري ۽ مزدور ان کي بلند ڪندا آهن.

وڏيرو ڪمدار ۽ مولوي لاجواب ٿي هليا وڃن ٿا. هاري اڳواڻ هارين ڏانهن مخاطب ٿي تقريرون ڪن ٿا.

پهريون هاري اڳواڻ - (تقرير ڪري ٿو.) منهنجا هاري ڀائرو! اچو ته پاڪستان کي مضبوط ڪريون. اسان جي سنڌ ۾ ٽيهه لک کن هاري رهن ٿا! انهيءَ ۾ اصلوڪا ۽ نوان هاري اچي وڃن ٿا. جيستائين هن زمين تي هاري چڱي طرح آباد نه ٿيو آهي، تيستائين پاڪستان به مضبوط نه ٿيو آهي.

هندن جي چاليهه في صدي زمين اٽڪل ٽيهه لک ايڪڙ - اڄ هارين جي هٿ ۾ آهي، سنڌ جي زمين جو وڏو حصو اهڙن زميندارن ۽ وڏيرن جي هٿ ۾ آهي، جن وٽ هزار ايڪڙن کان وٺي لک ايڪڙن تائين زمين آهي. اهوئي سبب آهي جو هاري نئون توڙي اصلوڪو - زمين تي پوري طرح آباد ٿي نه سگهيو آهي.

سنڌ جو زميندار ۽ جاگيردار طبقو جنهن پندرنهن سالن کان سنڌ اسيمبليءَ تي قابض آهي، سنڌ تي راڄ پئي ڪيو آهي، تنهن اڄ تائين سنڌ

جي ٽيھن لکن ڏتڙيل ۽ زميندار ي جاگيرداري جي ظلمن جي چڪي ۾ پيسجندڙ هارين ۽ غريب عوام لاءِ ڪجھ بہ ڪونہ ڪيو آهي. رشوت خوري، خويش پروري، نفع بازي ۽ بي ايماني رستي سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن پنهنجو گھر پئي پريو آهي. اڄ جھڙي طرح سنڌ جو زميندار ۽ جاگيردار لکين هارين جو خون چوسي رهيو آهي، تنهن کي ڏسي هر انصاف پسند ماڻهو کين نفرت ڪرڻ لڳو آهي. اڄ هزارين هاري زمين تي زبردستي بي دخل ڪيا ٿا وڃن. هارين جي ڪمايل فصل مان کين پيٽ قوت جيترو بہ نٿو ڏنو وڃي. پوليس ۽ ڪامورا زميندارن جي اشارن تي نچي رهيا آهن ۽ هزارين غريبن کي ناحق سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن، حر ائڪٽ ۽ سنڌ سيفٽي ائڪٽ هيٺ جيل ۾ بند ڪيو ويو آهي. ٻهراڙيءَ ۾ امن امان ڪونہ آهي، هاريءَ جي جهوپڙي ۽ سندس هڪ ڍڳو بہ سلامت نہ آهي، چورن ۽ ڌاڙيلن کي هٿائيندڙ ۽ پناھ ڏيندڙ زميندار اڄ سنڌ تي راڄ ڪري رهيا آهن.

پندرنهن سالن کان جڏهن سنڌ جدا ٿي آهي، سنڌ هاري ڪاميٽي مطالبو ڪندي آئي آهي تہ ٽيننسي ائڪٽ(هارين جي حقن جو قانون) پاس ڪيو وڃي، جاگيرداري جي دقيانوسي سرشتي کي ختم ڪيو وڃي. زميندارن ۽ ڪامورن جي ظلمن کي بند ڪيو وڃي، مگر اڄ تائين انهن جي فائدي جو هڪ قانون بہ پاس نہ ڪيو ويو آهي. سنڌ جو هاڻوڪو وزيراعظم جڏهن کان ڪرسي تي ويٺو آهي، تڏهن کان ٻٽاڪون هڻي رهيو آهي تہ "جاگيرداري کي ختم ڪيو ويندو هارين جي حقن جو بل اسيمبلي جي هلندڙ اجلاس ۾ پاس ڪرايو ويندو" وغيره وغيره.

"هارين جي حقن جو بل" ۽ "جاگيرداري بل" جيڪو موجوده وزارت ناهيو آهي، تنهن جو پردو بہ فاش ٿي چڪو آهي. ٽيننسي بل جي ذريعي هارين کي وڏيڪ شڪنجي ۾ جڪڙيو ويو آهي. "جاگيرداري بل" ۾ جاگيردارن کي زميندار بڻائي سندن طاقت کي مضبوط بنايو ٿو وڃي. هارين ۽ عام پبلڪ کي دوکو ۽ فريب ڏنو ٿو وڃي.

هاري ڀائرو! اڃان بہ اوهان غافل رهندا؟ اڃان بہ ووٽ وڏيرن کي ڏيندا ۽ پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻندا؟ اوهان جي ووٽ جو حقدار هاري اميدوار آهي. منهنجو نشان ڏاتڻو آهي. اميد تہ اوهان هن آزمائش ۾ پاس ٿيندا!

هاري حقدار زنده باد! پاڪستان زنده باد!

هاري مولوي: اسلام عليڪم. هاري ڀائرو! مان اوهان جو توجهه ڦن ڳالهين ڏانهن ڇڪائيندس. هڪ تہ زميندادي بابت اسلام جو ڇا رايو آهي ۽ ٻيو تہ ووٽ لاءِ قرآن جو قسم ڇا معنيٰ رکي ٿو.

قرآن شريف موجب زمين جو مالڪ خدا آهي ۽ صالح ٻانها، صلاحيت رکندڙ ٻندا. هاريءَ کان وڌيڪ صلاحيت رکندڙ ڪير ٿي سگهي ٿو؟ هاري جي ئي محنت آهي، جو زمين سان زمين ٿئي ٿو ۽ جنهن جي محنت سان زمين، زمين ٿئي ٿي.

زڪوات جو حڪم، ورثي جو حڪم ۽ خيرات لاءِ تاڪيد. هي سڀ احڪام، سرمائيداري ۽ زميندار ي کي ٽوڙڻ جا وسيلا آهن.

حضرت رسول ڪريم صلعم جو فرمان آهي تہ جيڪڏهن هڪ آسودگي مومن جو پاڙيسري غريب پاءُ رات جو بکيو سمهي ٿو تہ اهو آسودو مومن، پورو مومن ناهي. مومن اهو آهي جو ٻئي مومن لاءِ اها ڳالهہ چاهي، جا هو پنهنجي لاءِ چاهي. ان جي حاضريءَ ۾ يا پر پٺ.

قرآن شريف موجب سڀ مومن ڀائر آهن. جيستائين زميندار ي ۽ سرمائيداري قائم آهن، تيستائين هي ڀائپي صرف نقلي ۽ زباني آهي ۽ نہ حقيقي. هڪ زميندار جو لکن جو مالڪ آهي، جو سوين نوڪر رکي ٿو. جنهن جا ڪتا بہ بنگلن ۾ رهن ٿا ۽ گوشت طعام کائين ٿا اهو زميندار هڪ غريب، محتاج، بکايل مومن جو ڪهڙيءَ طرح ڀاءُ ٿي سگهي ٿو؟ اهو زميندار ان غريب کي ڀاءُ ڪري سمجهي ٿو؟ هرگز نہ.

اسلام جي بهترين تفسير اسان جو نبي سڳورو آهي. جيڪڏهن سرمائيداري ۽ زميندار ي سٺيون شيون هجن ها تہ اسان جو نبي بہ زميندار هجا ها. حالانڪ پاڻ سڄي حياتي سڀ ڪجهہ عوام سان ونڊي کاڌائين ۽ آخر وفات وقت ڪو سرمايو يا ملڪيت پوين لاءِ نہ ڇڏيائين. رسول اڪرم صلعم جي حياتي حقيقت ۾ سرمائيداري جي برخلاف هڪ جدوجهد هئي. هڪ اصحاب پنهنجي جاءِ تي ماڙي نهرائي، پر رسول ڪريم صلعم غصو ڪيو ڇاڪاڻ تہ اها ماڙي ان اصحاب جي تڪبر جو باعث ٿئي ها. ان اصحاب کي پنهنجي ماڙي ڊاهڻي پئي.

قريش قوم جا سردار پاڻ کي عوام کان برتر ۽ بالا سمجهندا هئا. پنهنجون ڌيئون جيئري ماري ڇڏيندا هئا يا انهن جي شادي نہ ڪرائيندا

هئا. جو هو ڪنهن کي پنهنجو مٽ نہ سمجهندا هئا. ٻئي طرف ڪيترين زالون پرڻجي زال ذات کي بي عزت ڪندا هئا. هنن جي مغروري جي حد ڪانہ هئي. ٿوري تڪرار تان قبيلن ۾ سالها لڙايون هلنديون هيون. پيغمبر انهن سردارن جو مقابلو ڪيو ۽ انهن کي ختم ڪيائين.

ڇا اڄوڪن زميندارن، سردارن ۽ جاگيردارن ۾ انهن قريشي سردارن کان گهٽ خرابيون آهن؟

هاري ڀائرو! اسلام هڪ بت نہ آهي، جنهن جي پوڄا ڪجي. اسلام هڪ عمل جو پروگرام آهي. جيئن جيئن نيون حالتون ۽ مشينون پيدا ٿينديون وڃن ٿيون، تيئن تيئن اسان کي انهن جو فائدو وٺڻو آهي ۽ اڳتي قدم کڻڻو آهي.

اسان جي پيغمبر جي ڏينهن ۾ غلاميءَ جو رواج هئو. اسان جي پيغمبر غلاميءَ جي رواج کي قطعي حرام نہ ٺهرايو(جيئن شراب کي) پر غلام جي حالت کي بهتر بنايائين ۽ غلام کي آزاد ڪرڻ کي وڏو ثواب قرار ڏنائين. انسان ذات ترقي ڪري جڏهن 1842ع ۾ انگريزن پارليامينٽ رستي غلاميءَ کي قطعي بند ڪري ۽ ڏوهہ ٺهرايو، تہ ڇا هي عمل رسول اڪرم جي ارادن جي موافقت هو يا مخالفت ۾؟ ڇاڪاڻ تہ رسول اڪرم جي ڏينهن ۾ غلامي قطعي ناجائز نہ هئي تہ اها اڄان بہ قطعي ناجائز نہ ٿئي؟ جيڪڏهن اسان جا علماءِ اهڙيون فتوائون ڪيندا تہ ان ڪري غلاميءَ جي رواج کي مدد ڪانہ ملندي، بلڪ عوام اسلام کان بدظن ٿيندا.

شادين جي مسئلي کي ڏسو رسول اڪرم جي زماني ۾ مردن کي چئن شادين جي اجازت هئي. گهڻيون شاديون تہ فقط زال ذات جي بي عزتي ۽ غلامي جي نشاني آهن، پر ان ۾ مرد جي بہ غلامي آهي: "جو رکي ٻئي کي غلام آهي حقيقت ۾ اهو غلام" هر قوم ۾ زالن ۽ مردن جي آدمشماري قريب قريب ساڳي آهي. جيڪڏهن هڪ هزار مرد هڪ هڪ زال جي عيوض چار چار زالون پرڻبا، تہ ٽن هزار مردن کي هڪ هڪ زال بہ نہ ملندي. هڪ گهر ۾ چار زالون ۽ هزارين ڇڙا نوجوان! هن سان ڪيتريون سماجي خرابيون نڪرن ٿيون، سو هر ڪو سمجهي ٿو.

هينئر جيڪڏهن پاڪستان جون زالون ۽ عوام پنهنجي حالت بهتر بنائڻ لاءِ گهڻين شادين تي پابنديون ۽ بندش وجهڻ لاءِ جدوجهد ڪن ۽

ڪامياب ٿين ۽ اهڙو قانون پاس ڪرائين، تہ ڇا هي اسلام جي اصولن جي مخالفت ٿيندي؟ هرگز نہ. جيڪڏهن اسان جا علماءَ گهٽين شادين جي رواج کي قائم رکڻ لاءِ فتوائون ڪيندا تہ ان ڪري هن رواج کي مدد ڪانہ ملندي، مگر عوام اسلام کان بدظن ٿيندا. زميندار ۽ سرمائيدار ئي گهٽيون شاديون ڪري سگهن ٿا. زميندار جي ختم ٿيڻ سان خودبخود گهٽين شادين جو رواج بہ ختم ٿي ويندو ۽ ٿيڻ کپي.

جيڪڏهن اسان جا ڪي پيغمبر گڏهن جي سواري ڪندا هئا تہ گڏهن جي سواري جي منت قائم ڪرڻ لاءِ ريلن، موٽرن ۽ هوائي جهازن جي سواريءَ جي بہ خلاف اسان جا علماءَ فتوائون ڪيندا هئا؟ جيڪڏهن ڪڙيون فتوائون ڪيندا تہ ان ڪري ماڻهو ريلن ۽ جهازن کي ڪونہ ڇڏيندا، بلڪ عوام علمائن ۽ مذهب کان بدظن ٿيندا.

هاري دوستو! هاڻي مان قسم جي سوال تي اچان ٿو. قرآن هڪ هدايت جو ڪتاب آهي. حق، امانت ۽ انصاف خاطر قرآن جو واسطو ڏبو آهي. قرآن کي ڪنهن بہ غلط ڪم لاءِ استعمال نہ ٿو ڪري سگهجي. هتي زميندار اسلام ۽ علمائن کي پنهنجي ذاتي مطالبن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن ۽ هنن قرآن کي بہ نہ ڇڏيو آهي.

ووٽ لاءِ قرآن جو قسم ڏيڻ غلط آهي ۽ پاڪستاني قانون موجب بہ ڏوهہ آهي. ووٽ هڪ عوام لاءِ جمهوري حق آهي جو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي آزادي سان پنهنجي ۽ قوم جي ڀلي خاطر استعمال ڪرڻو آهي. زميندار کي ڪوبہ حق ناهي تہ هو قرآن جو واسطو ڏئي يا قرآن جو قسم کڻائي، هاريءَ کي مجبور ڪري تہ جيئن هو ووٽ وڏيري کي ڏئي.

ڇا! جيڪڏهن هڪ ماڻهو ڪنهن زال کي چوي تہ "قرآن جو جو قسم اٿئي مون سان مل" تہ اهو قسم جائز آهي؟ هرگز نہ.

ڇا، جيڪڏهن ڪنهن کي چئجي تہ "قرآن جو قسم اٿئي تہ نماز نہ پڙهہ يا چوري ڪر!" تہ هي قسم جائز آهي؟ هرگز نہ.

ڇا، جيڪڏهن ڪنهن زميندار کي ڪو هاري چوي تہ "قرآن جو قسم مون کي پنج ايڪڙ زمين ڏي" تہ زميندار ڏيندو؟

تنهن ڪري منهنجا هاري ڀائرو! توهان جيڪڏهن قرآن تي هٿ رکي قسم کنيو آهي تہ "مان وڏيري کي ووٽ ڏيندس" تہ اهو قسم باطل ۽ بي

قائدي آهي. اوهان کي پنهنجي مرضي ۽ ضمير موجب ووٽ ڏيڻو آهي. انهيءَ باطل قسم جو ڏوهي زميندار آهي ۽ اوهان بلڪل آزاد آهيو. مان اوهان کي زوردار درخواست ٿو ڪريان تہ اوهان پنهنجو ووٽ هاري اميدوار کي ڏيو.

هاري ڀائرو! مون اوهان جو ڪافي وقت ورتو آهي. ٻين دوستن کي بہ ڳالهائڻو آهي. مان خالي ڪجهہ لفظ پنهنجي علماءِ ڀائرن ڏانهن خطاب ڪريان ٿو.

افسوس آهي جو جڏهن اسان جي سامهون زميندارن جا هارين مٿان طرح طرح جا ظلم ٿي رهيا آهن، ملڪ ۾ هيڏي بدامني ۽ بي ايماني آهي، تڏهن اسان جا علماءِ ڀاءُ مسجدن، مراقبن ۽ حجرن جي ڪوٺين ۾ خاموش لڪا وينا هئا ۽ هن ظلم جي مقابلي ۾ ڪوبہ قدم نہ ٿي کنيائون. هاڻي جڏهن هاري پارٽي جا اڳواڻ غريبن جي امداد تي نڪتا آهن، تڏهن اهي علماءِ ميدان ۾ آيا آهن. نہ غريبن جي مدد لاءِ. پر هاري اڳواڻن جي مخالفت لاءِ.

هنن علمائن جا دليل ڏسو: ڇي هاري اڳواڻ ڏاڙهي رکائيندا تہ اسان کين ووٽن ۾ مدد ڪنداسين! آءٌ ڀانيان ٿو تہ هنن علمائن جي وس ۾ هجي ها تہ قائداعظم محمد علي جناح بانيءَ پاڪستان کي ڦاسي تي لٽڪائين ها(ڇاڪاڻ تہ هو ڏاڙهي مڇون ڪوڙائيندو هو!)

جي هاري اڳواڻ پردي جي فائدي ۾ ناهن. هنن سڳورن کي خبر ناهي تہ هارين وٽ برقعن لاءِ ڪپڙو ڪٿي آهي؟ هارياڻيون ويچاريون گهر ۾، جهنگ ۾، مانيون پچائين، جنڊ پيهن، ڀهاري ڏين، رونبا ڪن، لابارا ڪن، ٻار پالين، هاڻي برقعو پائين يا ڪم ڪن!

هاري دوستا! افسوس آهي جو اسان جي علمائن اسلام ۽ مذهب کي هڪ بت بنائي ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي جو مسلمان، عرب توڙي افغان، ايراني توڙي مصري، غلاميءَ ۽ محتاجي ۾ جڪڙيل آهن، باوجود انهيءَ جي تہ هو ڪلمو پڙهن ٿا، روزا رکن ٿا، قرآن ۽ قيامت کي مڃين ٿا. ”روزا، نمازون اي پڻ چڱو ڪم پر اهو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسين پرينءَ کي.“

هاري دوستو! فهم پيدا ڪيو. عقل پيدا ڪريو. همت پيدا ڪريو تہ توهان جي ڪاميابي يقيني آهي. خدا حافظ!

هاري حقدار زنده باد!

ٽيون هاري: (تقرير ڪري ٿو)

هاري ڀائرو! مولوي صاحب مذهبي نقطي نگاهہ کان ڪافي روشني وڌي آهي تہ زمينداريءَ جو خاتمو جائز ۽ ضروري آهي. اميد تہ اوهان هن حقيقت کي سمجهيو آهي ۽ آئينده ڪنهن بہ زميندار جي ڇاڙتي مولويءَ تي برغلائجي نہ ويندا. زميندار جي زندگي ۽ اعمال تي هن جي مذهب جا مليل آهن، جي مولوي زميندارن جا سٽيا لقما کائيندا آهن، انهن کي بہ اوهان سڃاڻي ويا هوندا.

هاڻي مان اوهان کي هڪ قدرتي دليل ٻڌائي ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ زمينداري ختم ٿيڻ کپي:

جنهن قدرت اسان کي دنيا ۾ وجود ڏنو ان اسان کي ڪي طاقتون بہ ڏنيون ۽ ڪن شين جو اسان کي محتاج نہ رکيائين. اسان کي قدرت هوا جو محتاج رکيو. هوا کان سواءِ اسان پل بہ جي نہ ٿا سگهون. جڏهن قدرت اسان کي هوا جو محتاج رکيو تڏهن هوا کي هر هنڌ موجود بہ ڪيائين، بغير قيمت جي ۽ سڀني لاءِ يڪسان، جيڪڏهن هوا کي باٽلن ۾ بند ڪري سگهجي ها تہ ڪيترا ! سرمائيدار پئسن سان هوا جو واپار ڪن ها ۽ هزارن غريبن کي جيئڻ نہ ڏين ها.

قدرت اسان کي روشنيءَ جو محتاج ڪيو. سج جي روشنائي کان سواءِ اسان ڏسي نہ ٿا سگهون. سج جي روشنائي پوک ۽ وڻن جي اسرڻ لاءِ ضروري آهي. توهان ڏنو هوندو تہ وڻ جي ڇانو هيٺ فصل سٺو نہ ٿيندو آهي. جڏهن قدرت اسان کي روشنيءَ جو محتاج ڪيو تڏهن روشنيءَ کي بہ بغير بها جي هر ڪنهن لاءِ موجود رکيائين. سج جي روشني هر ڪنهن لاءِ موجود آهي.

اهڙي طرح پاڻي بہ ضروري شين مان آهي ۽ هر ڪو ماڻهو ڌرتيءَ مان ٿوري محنت سان حاصل ڪري سگهي ٿو. هر هنڌ ڌرتيءَ ۾ پاڻي موجود آهي.

انهن سڀني کان سواءِ انسان ڪاڌي جو محتاج آهي، ڪپڙن جو محتاج آهي ۽ جاءِ جو محتاج آهي ۽ انهن سڀني جو بنياد آهي، زمين، ڌرتي، زمين مان اناج پيدا ٿئي ٿو ڪپهہ پيدا ٿئي ٿي، زمين مان گاهہ نڪري ٿو جو مال، ڍڳن، گهوڙن لاءِ ضروري آهي. وغيره وغيره ڪنهن بہ انسان جو گذران زمين

ڪان سواءِ نہ ٿو ٿي سگهي. تہ جنهن قدرت اسان کي زمين جو محتاج ڪيو آهي، ان زمين بہ موجود ڪئي آهي ۽ اها زمين بہ بغير قيمت جي هر ڪنهن کي ضرورت موجب ملڻ کپي. ملڪ خدا جو! خلق خدا جي! هي انصاف ناهي تہ هڪڙو ماڻهو ويهہ هزار ايڪڙ والاري ويهي ۽ هزارها ماڻهن کي گذران لاءِ ايڪڙ بہ نہ ملي. زمين تي هر ڪنهن انسان جو برابريءَ جهڙو حق آهي. سنڌ ۾ جيڪڏهن نوي لک ايڪڙ زمين آهي ۽ پنجيتاليهہ لک آدم تہ هر هڪ انسان ٻن ايڪڙن جو حقدار آهي. هي آهي قدرتي قانون. هن قدرتي قانون کي زميندارن ٽوڙيو آهي. هاڻي هاريءَ پائرو! اوهان کي هنن قدرتي قانون ٽوڙيندڙن کي ٽوڙڻو آهي. زميندار کي ختم ڪري زمين هارين ۾ ورهائڻي آهي. جنهن گهر ۾ چار ڀاتي آهن، انهن جو حق اٺ ايڪڙ آهي. جنهن ۾ اٺ ڀاتي آهن. انهن جو حق سورنهن ايڪڙ آهي.

سنڌ هاري پارٽي زميندار جي خاتمي جو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو آهي. اوهان ان جا ميمبر ٿيو. هاري اميدوار کي ووٽ ڏيو جوئي هلي اوهان لاءِ اها جدوجهد ڪندو.

هاري حقدار زنده باد!

چوٿون هاري اڳواڻ ـ (تقرير ڪري ٿو)

هاري پائرو! اوهان کي شاباس آهي، اوهان ماٺ سان اسان جو آواز ٻڌي رهيا آهيو. سيئي ويهي رهو. اوهان زمين تي ويهڻ جا هيراڪ آهيو. وڏيري جي غنڊن جلسي کي ڦٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اوهان ڏنو تہ ڪيئن نہ ڦڪا ٿي موٽي ويا. هي آهي اوهان جو اتحاد هن وقت ڪا طاقت ڪانهي، جا اسان جي جلسي کي ڦٽائي سگهي. هاڻي هاري پائرو! هي آخرين تقرير آهي. آءٌ اوهان کي مکيہ اصول سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندس.

اوهان جو هيستائين اهو خيال پئي رهيو آهي تہ ويچارو غريب هاري ڪئين زميندارن جو مقابلو ڪري سگهندو؟ ڇا جهرڪي، ڇا باز! ڇا مسڪين هاري، ڇا طاقتور زميندار! زميندار سان مقابلو معنيٰ ٽڪر سان مٿو ڦاڙڻ، وغيره وغيره.

هينئر مان اوهان کي ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ حقيقي طاقت جو مالڪ ڪير آهي. زميندار يا هاري.

دنيا ۾ جيڪي بہ شيون انسان جي ڪم جون آهن انهن ۾ هڪ طاقت سمايل آهي. ڪتاب يا قلم، ڪپڙو يا ڪاڏو، وڻ يا پوک، مڇي يا موتي، مشين يا ماڙي غزل يا ڳجهارت، هر ڪنهن شئي ۾ هڪ طاقت سمايل آهي ۽ اها آهي انساني محنت. انساني پورهيو درياءَ جي پاڻيءَ جي قيمت تڏهن آهي، جڏهن دلو پري گهر آڻجي ٿو يا واهہ کوٽي زمين تي پهچائجي ٿو. هيرو جبل اندر ڪا قيمت نہ ٿو رکي. جڏهن انسان جبل کي چيري ڦاڙي هيري کي ٻاهر ڪڍي ٿو تڏهن هيرو قيمت رکي ٿو. هر شيءِ جي قيمت جو مدار انسان جي محنت جي مقدار تي آهي.

هاڻي اچو پوک تي. زمين کي سڌاري ڪير ٿو هر ڪير ڪاهي ٿو؟ هاري! ريج ڪير ٿو ڏئي، جهار ڪير هڪلي ٿو؟ هاري! لابارو ڪير ڪري ٿو ڳاهہ ڪير ڳاهي ٿو؟ هاري! رونبو ڪير ڪري ٿو چونڊو ڪير ڪري ٿو؟ هاري! ان جي معنيٰ تہ حقيقي طاقت جو مالڪ هاري آهي.

زميندار هر ڪاهيندو آهي؟ نہ! جهار هڪليندو آهي؟ نہ! لابارو ڪندو آهي؟ نہ! ڪاتي ڪٽندو آهي؟ نہ! تنهن جي معنيٰ تہ زميندار هڪ بيڪار هستي آهي زميندار هڪ ڍيري آهي.

حقيقي طاقت جا مالڪ اوهان هاري آهيو ۽ نہ زميندار. زميندار اوهان جا محتاج آهن. هي آهي اوهان جي حقيقي حيثيت، مگر قصو الٽو آهي. ان اپايو بہ اوهان ۽ بک بہ توهان جي گهر ۾. ڪپهہ پوکيو بہ اوهان ۽ انگ اگهاڙا بہ اوهان. حقيقي طاقت جا مالڪ، قوم جا ابا بہ اوهان ۽ ذليل حالت بہ اوهان جي! شينهن بہ اوهان، پر گدڙ زميندار اوهان کي هيسايو ويٺا آهن.

ٻئي طرف ڏسو اوهان هارين کي هاڻي ووٽ جو حق مليو ويو آهي. توڙي اوهان جا سڀ ووٽ داخل نہ آهن، توڙي اوهان جا ووٽ غلط لکيل آهن، تڏهن بہ جتي هڪ زميندار ووٽر آهن، اتي هڪ سو هاري ووٽر آهن!

ڇا اوهان جي ووٽ جو وزن زميندار جي ووٽ کان گهٽ آهي ڇا؟ هرگز نہ! نواب غيبي خان کي بہ هڪ ووٽ آهي ۽ اهڙو ئي ووٽ هڪ هاريءَ کي بہ آهي.

هاري ڀائرو! حقيقي طاقت جو مالڪ بہ اوهان، ووٽ بہ سڀ اوهان جا يعني حڪومت جون سموريون واڳون بہ اوهان جي هٿن، پوءِ بہ اوهان

مصيبتون ۽ ظلم سهو ۽ زمينداري کي ختم نہ ڪريو! هي آهي "پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اڇ مرن" وارو معاملو.

هاري ڀائرو! اٿو جاڳو ڀاريو.

اوهان ضرور چاهيو ٿا تہ:

زميندراي، جاگيرداري کي ختم ڪري زمين اوهان کي ورهائجي ملي؟

رهڻ لاءِ سٺو گهر، ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو بيماري ۾ مفت علاج ۽ ٻارن جي مفت تعليم جو بندوبست ٿئي.

دٻاءُ جا ڪارا قانون، جهڙوڪ سنڌ سيفٽي ائڪٽ، سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن، حر ائڪٽ رد ٿين ۽ قلم 110 جي ناجائز استعمال کان بي گناهہ هارين جو بچاءُ ٿئي.

هندن جون ڇڏيل زمينون فقط اصلوڪن هارين ۽ ڪاشتڪار مهاجر کي ملن.

نقاوي، ٻج، ليس مني جون سهولتون هارين ۽ مهاجرن کي ملن.

گذران کان گهٽ پيدائش وارين زمينن تان ڍل معاف ٿئي ۽ ننڍن ڪاتيدارن کان رعائتي ڍلون ورتيون وڃن.

ظالم زميندار، رشوتي عملدار ۽ پوليس جي ظلم کان ڇوٽڪارو ملي.

تہ ان لاءِ هڪ رستو آهي:

تہ

سنڌ هاري ڪاميٽي جا ميمبر ٿيو ۽ هاري اميدوار کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو.

انقلاب زنده باد!

سنڌ هاري ڪاميٽي زنده باد!

پاڪستان زنده باد!

پورو ٿيو.

هاري انقلاب سلسلو 5

هاري حقدار زنده باد!    انقلاب زندهہ باد!

# چوندب غندا گردي...؟

لکندڙ

**باباءِ سنڌ حيدر بخش الهداد خان جتوئي**

بي. اي آنرز(ممبئي) هلال امتياز

اپريل 1951ع

**هاري دارالاشاعت**

ويسٽ ڪچو حيدرآباد سنڌ

(1 _ آنہ)

# چونڊ يا غنڊا گردي؟

17 سالن جي ڇوڪري کي ڪيئن کهڙي چونڊايو......؟؟

جعلسازيءَ جي ڏوهارين کي ڪيئن ڇڏايو ويجي ٿو. رفيق حيدر بخش جتوئي جو 11 اپريل 1951ع وارو پريس بيان:

دادو جوهي ضمني چونڊ خلاف گورنر سنڌ کي جيڪي درخواستون ڏنيون ويون هيون انهن ۾ لاجواب دليل هئا. وڪيلن رٽرننگ آفيسر دادو(مسٽر مدد علي شاهه) هٿان مسٽر عبداللطيف جي نالن جا نامينيشن پيپر بيجا طرح ورتا ويا هئا ۽ ڪيئن مسٽر عبداللطيف(مسٽر محمد ايوب کهڙي جي سالي) جو نامينيشن پيپر بيوجهه طرح قبول ڪيو ويو هئو. هو پنجن مهينن کان پوءِ پئي درخواستون رد ڪيون ويون ۽ هن مهم ۾ اعلان ڪيو ويو تہ درخواستن ۾ واعدي جي ضروري قانونن جي تعميل نہ ڪئي وئي هئي.؟

گورنر جو ڪيڏو بہ وڏو عهدو هجي، پر هر طرح جي اهم معاملي ۾ هن جو فرض هئو تہ صاف کولي ٻڌائي تہ اهي ڪهڙا"ضروري" قانون هئا ڪجهہ عوام ۾ اعتماد خاطر(ڇاڪاڻ تہ انهيءَ معاملي بنسبت هر هنڌ عوام جو احتجاج هئو) ۽ ڪجهہ آئينده لاءِ مثال ۽ هدايت خاطر.

جيتري قدر مون کي معلوم آهي تہ مسٽر محمد بخش ميمڻ، سنڌ سرڪار جي قانوني صلاحڪار(هينئر هن کي سنڌ چيف ڪورٽ جو جج مقرر ڪري نوازيو ويو آهي) ۽ هر ڪنهن ضمني اليڪشن ۾ مسٽر کهڙي جي دائمي مددگار ۽ جنهن تي پاڻ انهيءَ معاملي ۾ بداخلاقي ڪارروائين جي تهمت هٽي. ان مون کي ٻڌايو هئو تہ اوهان پنهنجي درخواست ۾ رول 62.

(2) هيٺ بداخلاقي ڪارروائين جي فهرست شامل ڪانہ ڪئي آهي. بداخلاقي ڪارروائين جو سوال تڏهن اٿي ٿو جڏهن مختلف پولنگ

استيشنن تي اليڪشن ٿئي ٿي. هن حالت ۾ ائين ڪونہ ٿيو. هن حالت ۾ سوال صرف نامينيشن پيپرن جي بيجا رد ڪرڻ ۽ بيجا قبول ڪرڻ جو هر ڏينهن هوندي بہ منهنجي درخواست ۾ بداخلاقي ڪارروايُن جي جڳهہ ۽ وقت ڏيکاريا ويا هئا ۽ مسٽر شاهنواز جي درخواست ۾ فهرست بہ شامل ٿيل هئي.

(3) قمبر-شهدادڪوٽ ضمني اليڪشن خلاف منهنجي درخواست جو حشر بہ شايد اهڙو ئي ٿئي جهڙو دادو جوهي، اليڪشن خلاف درخواست جو جڏهن تہ هاڻي مسٽر کهڙو چيف وزير آهي. پر ڪي ڪارروايُن جي فوجداري ڏوهہ آهن سي عوام جي ڌيان تي آڻڻ ضروري آهن. عوام جنهن جو فيصلو ئي آخر ۾ وڃي قائم ٿيندو.

(4) آءٌ ڏيکاريندس تہ ڪهڙن طريقن سان مسٽر احمد سلطان چانڊئي، جو هڪ 17 سالن جو ڇوڪرو آهي ان پنهنجو نالو قمبر، شهدادڪوٽ تڪ جي ووٽرن جي ياداشت ۾ داخل ڪرايو. مسٽر احمد سلطان کي ڪيئن مسلم ليگ ٽڪيٽ ملي ۽ ڪيئن مسٽر کهڙي ۽ ٻين وزيرن ۽ عملدارن ۽ زميندارن گڏجي 15 مارچ 1951ع تي اليڪشن کي هڪ واهيات تماشو بنايو ۽ مسٽر احمد سلطان کي چونڊيو اهي حقيقتون مون کي اڳي ئي 21 مارچ 1951ع جي بيان ۾ ڪيون هيون.

## جعلي شاهدي

لاهي هينئين طرح پيش ڪئي آهي:

(الف) عمر جي سوال تي

(1) جنرل رجسٽر غيبي ديرو سنڌي اسڪول. هن رجسٽر ۾ اٽڪل 400 صفحا آهن ۽ هر هڪ صفحي جي ڪنڊ تي ٿلهي ٽائيپ ۾ صفحہ جو نمبر ڇپيل آهي.

سڄي رجسٽر مان اٽڪل بہ ڀاڱي ٽي حصا داخلائن اڳ ڀريل آهن. جي گهٽن سالن بابت آهن ۽ باقي صفحا خالي آهن.

مسٽر احمد سلطان کي خاص تاريخ(31 مارچ 1951ع) تي بالغ بنائڻ لاءِ ٻن تعليم کاتي جي ماڻهن(مسٽر عبدالغفور موجوده هيڊ ماسٽر غيبي ديره ۽ مسٽر ڏٽي بخش سابق هيڊ ماسٽر غيبي ديره) جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن.

جنرل رجسٽر جو پنيون خالي پنو ٽوڙيو ويو آهي ۽ ان کي رجسٽر جي وچ ۾ پوري هنڌ تي ڳنڍيو ويو آهي. خالي پني جي خالن ۾ مسٽر احمد سلطان جو نالو جعلسازي رستي درج ڪيو ويو آهي ۽ سڀ خانا پريا ويا آهن.

دستخط مسٽر ڏٽي بخش جو آهي جو 1948ع ۾ غيبي ديره اسڪول جو هيڊ ماسٽر هئو ۽ جو هاڻي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج لاڙڪاڻه ۾ هڪ استاد آهي.

هن ڏٽي بخش کي نواب سر غيبي خان جا ماڻهو لاڙڪاڻه ڪاليج مان نواب جي موٽر ۾ غيبي ديره وٺي ويا هئا ۽ ڪانئس ڪم ڪڍيو ويو هئو.

جعلسازي هينين ڳالهين مان پڌري آهي.

(الف) نئين ڳنڍيل خالي پني جي ڪنڊ، جنهن تي صفحه نمبر لڳل آهي. ساڦاڙي گم ڪئي وئي آهي.

(ب) خالي پني جي مس ۽ پراڻن داخلائن جي مس مختلف آهن.

(ج) جنرل رجسٽر جي جا نئين سر جلد بندي ڪئي وئي آهي. سا نهڪي نه ٿي اچي.

(2) داخلا جو خط جو مسٽر احمد سلطان جي داخلا لاءِ مرحوم مسٽر محمد خان غيبي ديره جي هيڊ ماسٽر ڏانهن لکيو هئو.

هي خط مسٽر محمد خان جي وفات کان پوءِ جعلسازي رستي ٺاهيو ويو آهي. هن خط تي مسٽر محمد خان جي صحيح ظاهر ظهور جعلسازي آهي. هي جعلسازي مسٽر محمد خان جي انهن صحيحن جي پيٽ مان ظاهر ٿيندي جي صحيحون اهڙن ڪاغذن تي آهن جن جي صحت ۾ شڪ شبه نٿو ٿي سگهي. (سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي ڪاغذات، جوڳن جي فيصلن ۾ صحيحون وغيره.

چيپيل انگ 194 (جو ڏيکاري ٿو ته اهو فارم 1940ع کان اڳ جو ڇپيل ناهي) 193 ۾ بدلايو ويو آهي ۽ پوءِ ان کي 1938ع ۾ ڪيو ويو آهي.

(3) وئڪسينيشن رجسٽر (ٽڪن جو ڪتاب)

هن رجسٽر ۾ جدا جدا عمرين لاءِ جدا جدا خانه آهن. هڪ سال ٻه سال وغيره ۽ آخر ۾ ٻه خانا آهن جن ۾(الف) ڇهن سالن کان گهٽ ۽ (ب) ڇهن

سالن کان مٿي عمر وارا ڏيکاريا آهن ۽ هر حالت ۾ هينيان توڙي پاسي تي جوڙ ڏيکاريو ويو آهي.

هن حالت ۾ قمبر جي ويڪسينيٽر بہ ڪارناما ڏيکاريا آهن.

(الف) هن مسٽر احمد سلطان جي عمر جي انگ مٿان مس هاري آهي ۽ پوءِ 3 سال(سال) کي ڦيرائي 13(سال) ڪيو آهي.

(ب) هن ڇهن سالن کان گهٽ "ڇهن سالن کان مٿي" وارن جوڙ جي انگن کي پڳو آهي.

خوش قسمتي يا بدقسمتي سان وئڪسينيٽر هيٺين جوڙ جي انگن کي هٿ نہ لاتو آهي. انهيءَ ۾ بين حقيقتن ۽ حالتن مان جعلسازي ظاهر آهي.

## (ب) ملڪيت جي سوال تي:

1950ع تائين مسٽر احمد سلطان کي قمبر تعلقہ ۾ ڪابہ زمين جي ملڪيت ڪانہ هئي جنهن جي باري ۾ هن سرڪار کي ڪابہ ڍل جمع ڪرائي هجي. قمبر جي مختيارڪار (مسٽر عباسي) رڪارڊ آف رائيٽس جي سچي نقل جي بدران(جوئي تعلق رڪندڙ رڪارڊ آهي) ڱنمبر شماريگ جو نقل پيش ڪيو آهي ۽ ان ۾ تمام ضروري نڪتو يعني سال ڪهڙو سو نہ ڏيکاريو ويو آهي. سال جي انگ جي عدم موجودگي اردئا ڪيل آهي تہ جيئن سب جيل لاڙڪاڻہ (مسٽر عبدالقادر قادري) ۽ پبلڪ پراسيڪيوٽر لاڙڪاڻہ(مسٽر فقير محمد جعفري) کي لکيو وڃي. جي لکجڻ لاءِ بلڪل قيام ۾ منتظر هوا. ڪهڙي قيمت سان، سو هنن حالتن ۾ سڀ ڪو ماڻهو سمجهي سگهي ٿو.

روينيو مختيارڪار وارهہ کان وارهہ تعلقہ ۾ مسٽر احمد سلطان جي مالڪئي ۾ ڪجهہ زمين 1948ع ۾ آئي( نہ 1946ع ۾ جو مقرر سال آهي) مسٽر احمد سلطان جي زمين جي رڪارڊ آف رائيٽس جي نقل ۾ مختيارڪار (مسٽر محمد لائق) متعمدا سال جو انگ ڪونہ ڏيکاريو آهي.

## عمر بابت صحيح ثابتي

مون کي لاڙڪاڻہ ضلع ۾ معتبر ذريعن مان معلوم ٿيو آهي تہ سنڌ هاري ڪاميٽي ورڪر(مسٽر الاهي بخش قريشي) جي فرياد تي رشوت توڙ کاتي جي عملدارن هينيان دستاويز پڪڙي هٿ ڪيا آهن:

1 ـ جاگيردارن جي ٻارن جي تعليم جو ماهواري نقشہ:

غيبي ديري جاگير متعلق مٿئين نقشي جي اصل ڪاپي جا ساڳئي مستر ڏٿي بخش، هيڊ ماستر غيبي ديره اسڪول جي هٿ اکرن ۾ آهي، سا غيبي ديره اسڪول مان هٿ ڪئي وئي آهي ۽ ان ۾ مستر احمد سلطان جي ڄمڻ جي تاريخ 25 اپريل 1934ع آهي. جنهن موجب هو 31 مارچ 1964ع تي. جا، مقرر ڪيل تاريخ آهي. 12 سالن کان بہ گهٽ عمر جو هئو ۽ 24 فيبروري 1951ع تي جڏهن سندس نامينيشن پيپر کي رٽرننگ آفيسر لاڙڪاڻہ قبول ڪيو هئو. تڏهن هو 17 سالن کان بہ گهٽ عمر جو هئو نامينيشن پيپر لاءِ ضروري عمر 25 سال آهي.

(2) حاضري جو ڪتاب:

رشوت، ٽوڙ عملدارن غيبي ديره اسڪول جي انگريزي لاءِ ڪلاسن جو حاضريءَ جو ڪتاب آگسٽ 1946ع وارو نہ هٿ ڪيو آهي جنهن موجب انهيءَ وقت مستر احمد سلطان جي عمر 12 سال 5 مهينا هئي ۽ اها داخلا تعليم جي ماهوار نقشہ سان بہ ٺهڪي اچي ٿي.

(3) مستر احمد سلطان جي وڏي ڀاءُ مستر شاهہ محمد جي عمر، جو هڪ سال وڏو آهي ۽ سندس پيڻ جي عمر جا هڪ سال ننڍي آهي، انهن جي عمرين جون داخلائون بہ مٿئين رجسٽر ۾ داخل آهن ۽ انهن مان بہ هي حقيقت ظاهر ٿي ٿئي تہ جنهن وقت مستر احمد سلطان جو نامينيشن پيپر بحال ٿيو انهي وقت سندس عمر 17 سالن کان گهٽ هئي.

(4) اهڙا ڪاغذات هٿ ڪيا ويا آهن جن مان ظاهر آهي تہ مستر احمد سلطان جو خطنہ طوهر 1945ع ۾ ٿيو هئو. جنهن وقت سندس عمر 11 سال هئي. جا ڳالهہ سياويڪ آهي. ائين ناهي تہ ان وقت سندس عمر 20 سال هئي. جيئن هاڻي واهياتي نموني ۾ ڪوڙ ڪري چيو وڃي ٿو.

(5) نواب سر غيبي خان ۽ مستر احمد سلطان جي نوڪر مستر ليڇمڻداس کان حساب ڪتاب جا ڪاغذات هٿ ڪيا ويا آهن، جن ۾ مختلف عملدارن ۽ ماڻهن کي ڏنل رشوت جون رقمون درج آيل آهن.

(6) رشوت ٽوڙ عملدارن هڪ چٺي هٿ ڪئي آهي جا مختيارڪار قمبر مسٽر لڇمڻ داس ڏانهن لکي آهي ۽ ان ۾ هي ته: ”جيڪي اوهان چيو آهي، ان جو پورائو ڪيو ويندو.“

**سول سرجن لاڙڪاڻہ:**

مٿين حالتن جي مد نظر سمجهي سگهجي ٿو ته مسٽر احمد سلطان جي عمر بابت سول سرجن لاڙڪاڻہ (مسٽر محمد مصطفيٰ آرائين) جو جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ ته مسٽر احمد سلطان جي عمر ڪنهن به حالت ۾ ساڍن پنجويهن سالن کان گهٽ آهي ان ۾ ڪيتري بيهودگي آهي، جو سول سرجن اهڙو سرٽيفڪيٽ جاري ڪري سگهي ٿو سو ساڳين لحاظن تي ڪنهن بيمار کي زهر به ڏيئي سگهي ٿو. دادو جي سول سرجن(مسٽر عبدالرسول) مسٽر شاهنواز جي عمر 27 سالن مان گهٽائي 22 سال ڪئي ۽ مسٽر محمد مصطفيٰ وري مسٽر احمد سلطان جي عمر 12 سالن مان وڌائي 21 سال ڪئي آهي. انهن سول سرجن جي انهن ڪارنامن جو علاج ٿي سگهي ٿو يا نه؟

**رشوت ٽوڙ کاتو:**

هي نهايت خوشيءَ جي ڳالهہ آهي ته رشوت ٽوڙ کاتي جي عملدارن مسٽر کهڙي توڙي ٻين وزيرن جي دوستن خلاف جانچ جي ڪارروائي ۾ ايمانداري، تيز خيالي ۽ همت ڏيکاري آهي. اهي عملدار قوم جي مبارڪ جا مستحق آهن. زمانو ڏيکاريندو ته انهن کي مسٽر کهڙو ڪهڙو عيوضو ٿو ڏئي. بهرالحال مسٽر بي ڊبليو بڊ، انهن سڀني جو بالا عملدار جنهن اپريل 1951ع تائين نوڪري ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو هئو ۽ جنهن تاريخ اندر هو اها جانچ پوري ڪري سگهي ها، ان کي نوڪريءَ مان بيدخل ڪيو ويو آهي.

**مسٽر محمد ايوب کهڙو**

مسٽر محمد ايوب کهڙي، چيف وزير سنڌ جي سنئين سڌي دست اندازي ۽ مداخلت سان رشوت ٽوڙ عملدارن جي جانچ ادارن جي رستي بند ڪئي وئي آهي. جي ماڻهو گرفتار ڪيا ويا هئا (هيڊ ماسٽر غيبي ديرو وئڪسينيٽر قمبر، مسٽر لڇمڻداس) انهن کي آزاد ڪيو ويو آهي ۽ جن وڏيڪ ماڻهن جون گرفتاريون ڪرڻيون هيون. جن جو تعداد پنجاهہ کان

متي هئو اهي بند ڪيون ويون آهن. سڀ رڪارڊ ۽ ڪاغذات، سڀ جج لاڙڪاڻـ جي ڪورٽ جي رڪارڊ ۽ خاندان سميت مسٽر کهڙي پاڻ وٽ گهرائي قابو ڪيا آهن ۽ ڪاغذن جي ٽپاس ۾ جا نقل جي قاصد موجب ڏنا آهن سي ناممڪن ٿي پيا آهن. هيڏي آرامي جا انهن بداخلاقين خلاف پريس ۾ تقريرن مان ثي مسٽر کهڙي وٽ انهن لاءِ ڪابہ معنيٰ ڪانہ آهي.

**نتيجو**

قانون ساز جماعت، پاڪستان آئين هيٺ اعليٰ ۽ تنظيم آهي، جا خود هاءِ ڪورٽ ججن کان بہ متي آهي. ڇاڪاڻ تہ جج بہ قانون جي جماعت جي حڪمن(قاعدن) جا پابند آهن. اهڙي جماعت جي ميمبرن جي چونڊ هر وقت مرحلہ ٿي. قوم جي وڏي ۾ وڏي ذميوار ۽ بي باڪ فرد قدائي آهي. جيڪڏهن اسان جا قاعده جيئن مسٽر کهڙي احمد سلطان (مسٽر عبداللطيف) کي چونديل هي ڪو سمجهي سگهي ٿو. ان قوم جو آهي ڪنهن کي مسٽر کهڙي جي گڏ ناهيندڙ اهڙن ڪمن ۾ بداخلاقين ذريعي چونڊجي ايندا جيئن مسٽر کهڙي احمد سلطان ۽ مسٽر عبداللطيف کي چونڊرايو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو تہ ان قوم جو آواز هر ڪنهن کي مسٽر کهڙي جي گذشتہ اعمال ڪئي مانس. مرحوم مسٽر الله بخش سميت تهمت رکي وئي هئي جو سندس قائداعظم کيس وزارت تان معزوليءَ کي پاڪستان جي جج صحيح ثابت ڪيو.

هي ڪتاب رفيق حيدر بخش جتوئي سنڌ هاري آفيس حيدرآباد مان شايع ڪيو ۽ هاري حقدار اليڪٽرڪ پريس ۾ ڇپيو.

# سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي ماهوار رپورٽ
# (فيبروري 1968ع)

جو بہ مزدور آ، هاري آ، سدا شاد رهي.
ديس سر سبز رهي، زنده ۽ آزاد رهي.
سوين "حيدر" جيان ڳائن ترانو تنهنجو.
ڏس اي هاريا! اچهو آيو آ زمانو تنهنجو.
"حيدر"

7 جنوري 1968ع ڪائونسل جي گڏريل اجلاس ۾، ڪائونسل جي ميمبرن، وڪيلن، شاگردن، قومي ڪارڪنن ۽ دانشورن کي رفيق نذير حسين حيدري جو خطاب
آفيس سيڪريٽري

آئون ننڍو هوس، غالبن سنڌي اسڪول ۾ پرائمري تعليم وٺي رهيو هوس، تہ اتي پڏو هوم تہ هڪڙو مختيارڪار بدين ۾ آيو آهي، جو ڏاڍو ڪرڙو ۽ ايماندار آهي، ذات جو آهي جتوئي. نالو اٿس حيدر بخش، ڪرڙو هن ڪري، جو چيائون تہ پير عالي شاهہ جي پرواهہ ڪانہ ڪيائين. ڪنهن ڳالهہ تان وارنٽ ڪڍي ڇڏيائين. بهرحال نالو پڌندا پيا هئاسين. مختيارڪار مان پڌوسون تہ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي ويو آهي. غريبن جي ڏاڍي خدمت پيو ڪري

وري اهو بہ پڌوسون، تہ ڊپٽي ڪليڪٽريءَ تان استعفا ڏيئي وڃي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿيو آهي.

غالبن سال 1949ع ۾ ٻيهريون دفعو ساڻس بدين ۾ ملاقات ٿي، اُها هيئن جو مرحوم مولوي محمد حسين سومرو کيس دعوت ڏيئي، بدين ۾ هاري ڪاميٽي قائم ڪرڻ ۽ هارين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ وٺي آيو هئو. اُتي مارڪيٽ ۾ جلسو ٿيو ۽ پاڻ تقرير ڪيائين. مولوي صاحب سان جيئن ته منهنجي سنگت هئي، مون کي به جلسي ۾ وٺي آيو هئو اُتي ملاقات ٿي ۽ آئون به جو مسلم ليگ کان بيزار ٿي پيو هوس، ليڊرن جي غلط روش، عوام دشمنيءَ مون کي ليگ کان بدظن ڪري ڇڏيو هئو انهيءَ ڪري هاري ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿي ويس.

هاڻي رفيق حيدر بخش جتوئيءَ سان روزمره ملڻ جلڻ ٿيندو رهيو. سندس نزديڪيءَ مان سندس عادت و اطوار کان وڌيڪ واقفيت ٿيڻ لڳي.

حيدر بخش جهڙو پرخلوص_ وطن دوست ۽ عوام جو خير خواهه ماڻهو مون ڪونه ڏٺو.

هُن سال 1950ع ۾ هارين جي رکواليءَ جو قانون (ٽيننسي ائڪٽ) پاس ڪرائي، زميندارن جي زياده لٽ کان هارين کي بچايو آهي. اُن کان پوءِ سڄي سنڌ ۾ اَڌو اڌ بٽئي جي تحريڪ هلايو اهڙيءَ طرح هر هنڌ اڌ بٽئي جو رواج جاري ٿيو ورنه زميندار هارين جو الو تلو کٽي ويندا هئا.

رفيق حيدر بخش، صبح و شام تتيءَ ٿڌيءَ جي ڪا به پرواهه نه ڪندو آهي، هميشه غريبن جي مدد هن جي زندگيءَ جو بهترين مشغلو آهي، هن کي ظلم و زبرستيءَ جو ذڪر ٻڌي دل تي ڌڪ لڳندو آهي.

هُن کي پنهنجي وطن سان والهانه محبت آهي، هُن کي سنڌي زبان دنيا جي هر زبان کان پياري لڳندي آهي، هُو وطن جي خاڪ کي اڪسير کان زياده ٿو سمجهي، هو پنهنجي مادري زبان کي بلبل جي آواز کان بهترين ڄاڻي ٿو انهيءَ ڪري هن ڪنهن به قسم جي ظلم و زبردستيءَ_ قيد و بند جي پرواهه نه ڪري هر وقت سنڌ جي معاملن تي پئي لکيو آهي، کيس بار بار جيل وڃڻو پيو زبان بنديءَ جي حڪمن جو مقابلو ڪرڻو پيو پر هُن جي قلم هميشه سنڌ جي عوام تي ٿيندڙ غير آئيني، غير قانوني زيادتين جي باري ۾ لکيو. هن جي زبان، شعر و نثر جي صورت ۾ هميشه سنڌ جي ساراهه جا گيت ڳايا. هن عين مارشل لا جي زماني ۾ جڏهن خوف کان شينهن جو ٻچو به پاڻي ٿي رهيو هئو ڍِلن جي يڪسانگيءَ تي هڪ پمفليٽ لکيو. جنهن

۾ هُن گورنمينٽ کان طلب ڪئي تہ سنڌ جي زميندار طبقہ تي رحم ڪري هنن کان ڍل اهڙي نموني ورتي وڃي، جهڙيءَ طرح پنجاب کان ورتي وڃي ٿي. ڍل جو تناسب سنڌ ۾ پنجاب کان گهٽ وڌيڪ آهي. انهيءَ پمفليٽ جي پاداش ۾ کيس فوجي ڪورٽ ٽي سال قيد جي سزا ٻڌائي جا هن سنڌ جي زميندارن خاطر صبر سان ڪاٽي ۽ پوءِ بہ ڍلن جي باري ۾ تفصيل سان بہ وڌيڪ پمفليٽ لکيا. درحقيقت هن وقت صوبائي اسيمبليءَ ۾ جيڪو ڍلن جو بل پاس ٿيو آهي، جنهن ۾ ڍلن جي يڪسانگيءَ کي قبول ڪيو ويو آهي، اها رفيق جتوئي جي اُنهن پمفليٽن جي بازگشت آهي، يا ائين چوان تہ اها رفيق محترم جي جيل وڃڻ جي قربانيءَ جو نتيجو آهي.

سنڌ جا زميندار ڀلي احسان فراموش ٿي چون تہ اُهو ڍل جو بل وڏيرن جو پاس ڪرايل آهي، پر انصاف پسند ۽ شريف زميندار تہ اِها حيدر بخش جي مهرباني مڃيندا ۽ آئينده نسل کيس خراج تحسين ڏيندا رهندا. نہ رڳو اُهي پمفليٽ، پر رفيق محترم سنڌ جي هر هڪ مسئلي تي ڪيترائي پمفليٽ انگريزيءَ ۾ لکيا آهن، جن ۾ هُن حقائن کان ڪم ورتو آهي. انگ اکر پيش ڪيا آهن. رفيق حيدر بخش هڪ وڏو اديب، ۽ بلند پايہ شاعر آهي، ادب و شعر ۾ سندس ڪيترين ئي تصنيفون آهن. بهرحال رفيق حيدر بخش هڪ محب وطن، بيباڪ سياستدان، واديءَ سنڌ جو مرد مجاهد، هارين، مزدورن جو همدرد، غريبن جو غمگسار ۽ لائق ليڊر آهي.

هو هينئر مچ سينٽرل جيل ۾ آهي. هُن جو قصور، هُن جو گناه، هُن جو ڏوهہ صرف هيءَ آهي جو هن کي پنهنجي وطن سان محبت آهي، هُن کي پنهنجي مادري زبان سان پيار آهي، هُن کي اهلِ سنڌ سان اُنس آهي، هُن جي دل ۾ سنڌ جي هر چيز جو پيار سمايل آهي، هُن جي خون ۾، هن جي رڳ رڳ ۾ واديءَ مهراڻ جي محبت موجون هڻي رهي آهي. هو فنافي السنڌ آهي، يا ائين چئجي تہ سنڌِ حيدر بخش جتوئي آهي، جتوئي سنڌ آهي.

اهو ناممڪن آهي تہ هن کي سنڌ کان جدا ڪري سگهجي، يا مادر وطن جي محبت کان علحده ڪري سگهجي، جتوئي انهيءَ محبت ۾ اهڙو تہ مست آهي، اهڙو تہ سرشار آهي، جو دنيا جي ڪابہ طاقت هِن کي هُن کان جدا ڪري نٿي سگهي.

رفيق حيدر بخش نہ تہ حڪومت سان ڪڏهن بغاوت ڪئي آهي، ۽ نہ اُن جو تختو اٿلائڻ لاءِ ڪا ڪوشش ڪئي آهي. هُن نہ تہ ڪڏهن ملڪ ۾ انتشار پکيڙيو آهي، نہ ڪنهن ٻيءَ دشمن حڪومت سان ساز بازي ڪئي آهي، هو نهايت سڌو ۽ صاف گو انسان آهي. هو سچ ۽ حق کان ڪڏهن ڪو نہ گسندو آهي، هو منافقي ڪونہ ڄاڻي، هو خوشامد ۽ چمچاگيريءَ کان نفرت ڪندو آهي، هو اهلِ سنڌ سان ٿيندڙ بي واجبين، بدسلوڪين کي برداشت نٿو ڪري سگهي. هو جڏهن ٻڌي ٿو تہ اهلِ سنڌ سان ڪابہ بي واجبي ٿي آهي تہ هن جي طبيعت ۾ هيجان پيدا ٿئي ٿو ۽ هو بي اختيار اُتي پهچي ٿو۔ اُتي جي باشندن سان سندن مصيبتن ۾ هو سچ ۽ حق چوڻ کان ڪڏهن ڪونہ گسندو آهي. اُنهن تان آزار ڏُور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو۔ انهن جي تڪليف کي پنهنجي تڪليف ڪري سمجهي ٿو ۽ نتيجي جي ڪابہ پرواهہ نٿو ڪري.

جيئن تہ تازو مکي ڍنڊ ايريا ۾ رهندڙ اصلي باشندن تي آيل سيٽلرن طرفان ٿيندڙ زيادتين لاءِ جڏهن ڪيس خبر پيئي، تہ هڪدم اُتي پهتو اُنهن جي حالات جو جائزو ورتائين، ۽ اُتي جي قديم باشندن سان مليو سندن حال پائي ٿيو اُنهن جي مسئلن کي پنهنجو مسئلو سمجهي هٿ ۾ کنيائين ۽ اُن بابت هڪ انگريزيءَ ۾ پمفليٽ لکي حڪومت کي حالات کان آگاهہ ڪيائين. شايد اها ڳالهہ حڪومت کي نہ وڻي۔ ڪيس مچ جيل ۾ انتهائي سرديءَ جي زماني ۾ سي ڪلاس ۾ زير حراست رکيو ويو حالانڪ انصاف تہ هيءُ آهي تہ اهڙي مردِ مجاهد جي احتجاج تي غور و فڪر ڪري ٿيل زيادتين جي تلافي ڪئي وڃي ها. پر جيڪڏهن ملڪ ۽ پنهنجي غريب پائرن لاءِ انصاف گهرڻ کي اسان جا ڪارنده گناهہ ٿا سمجهن، تہ پوءِ حيدر بخش جهڙي عوامي رهنما، غريبن جي خيرخواهہ کي ڪنهن ڪورٽ ۾ چالان ڪري مٿس ڪيس هلائي، عدالت کان گناهہ جو سرٽيفڪيٽ وٺي پوءِ کيس جيل ۾ وڌو وڃي ها. نہ تہ ڏهڙ دونس ڪري هن وطن پرست قومي هيرو کي هن پيرسنيءَ جي عالم ۾ جيل ۾، سو بہ سي ڪلاس ۾ بند ڪجي.

بهرحال رفيق حيدر بخش، جيلن جو ڏاڍو آهي، هُن کي جيل جي پرواهہ نہ آهي. هو بهادر آهي، هو جرئت مند آهي، هو جيل کاٽي ايندو. هو هينئر جيل ۾ ويو تي تہ خوش ٿيندو ويو. کلندو ويو. پوين کي دلداريون ڏيندو ويو

السلام عليڪم ۽ ياعلي مدد چوندو ويو خنده پيشانيءَ سان سيني کي ياڪر پائيندو ويو. هن جو ضمير پاڪ هئو. هن پاڻ کي بي ڏوهي تي سمجهيو انهيءَ ڪري تہ هو خوش هئو هن اڳئي ڄاتو ٿي تہ حق و صداقت جي پاداش ۾ ملڪ، قوم جي همدرديءَ ۾، مادرِ وطن جي محبت ۾ جيل ۾ وڃڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ آهي.

ڪي ماڻهو حيدر بخش تي الزام هڻن ٿا، تہ هو دهريو هئو هو خدا کي ڪونہ ٿو مڃي، پر خدا شاهد آهي، تہ نومبر جي وچ ڌاري مون ۽ ٻين ڪيترن رفيقن پنهنجي ڪنن سان ٻڌو جڏهن انهيءَ پڇڻ تي تہ: ماڻهو چون ٿا تہ تون خدا کي نٿو مڃين؟ جي جواب ۾ چيائين تہ "مون تي تہ خدا جا لطف آهن ڪرم آهن، الله جي صحيح معنيٰ ۾ بندگي تہ آئون ٿو ڪريان، جو سندس خلق جي سيني کان زياده خدمت ٿو ڪريان".

بهرحال آئون انهيءَ مرد مجاهد تي سلام ٿو ڪريان، جنهن پنهنجي مادرِ وطن ۽ اهلِ سنڌ جي باشندن لاءِ ڪڏهن بہ قيد و بند جي پرواهہ نہ ڪئي آهي. هو دل سان الله جي بندن جي خدمت ڪندو رهيو آهي ۽ هميشہ حق ۽ سچ جو نعرو بلند ڪندو رهيو آهي.

اسان کي گهرجي تہ سندس نقشِ قدم تي هلون، حق ۽ سچ چوڻ کان نہ ڊڄون، عوام جي بي لوث خدمت ڪندا رهون ۽ مادرِ وطن جي محبت ۾ مست ۽ سرشار رهون، جيئن رفيق حيدر بخش جتوئي آهي.

پاڪستان زنده باد!

سنڌ هاري ڪاميٽي زنده باد!

# ميٽنگون ۽ جلسا

## هاري ڪاميٽين وٽان پهتل رپورٽون

هاري ڪاميٽي ڳوٺ سڪندر لغاري جي ميٽنگ 31 جنوري 1968ع تي رفيق سڪندر خان لغاريءَ جي صدارت هيٺ ٿي، ميٽنگ ۾ ٿيل ڪم جو جائزو ورتو ويو ۽ اڳتي لاءِ ڳوٺن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ پروگرام تيار ڪيو ويو ۽ هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا:

* هيءَ ميٽنگ صدر سنڌ هاري ڪاميٽي رفيق حيدر بخش جتوئي جي گرفتاريءَ خلاف احتجاج بلند ٿي ڪري ۽ حڪومت جي انهيءَ قدم جي مذمت ٿي ڪري ۽ مطالبو ٿي ڪري ته رفيق جتوئي کي بنا شرط شروط جي آزاد ڪيو وڃي.

* هيءَ ميٽنگ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد جي ڏيان تي آڻيندي مطالبو ٿي ڪري ته هارين جي ڏڌا ڏڏ بي دخلين کي بند ڪرائڻ لاءِ قانوني تحرڪ وٺي هارين کي بي دخلين کان بچايو وڃي.

## ماتلي تعلقہ هاري ڪائونسل:

15 فيبروري 1968ع تي تعلقہ ماتلي هاري ڪاميٽي جو هڪ هنگامي اجلاس زير صدارت رفيق عثمان لغاري جي ڳوٺ سڪندر لغاري ۾ منعقد ٿيو. اجلاس کي خطاب ڪندي رفيق لغاري سيني ميمبرن کي سنڌ هاري ڪاميٽي جي گذريل ڪائونسل جي اجلاس ۾ پاس ڪيل ٺهرائن ۽ پروگرامن کان واقف ڪيو ۽ سيني ميمبرن تي زور ڏنو ته تعلقي اندر ڪم جي رفتار کي اڃا بہ وڌيڪ هلائڻ لاءِ جدوجهد ڪن۔ جيئن تعلقہ اندر گهٽي ۾ گهٽيون هاري شاخون قائم ٿي وڃن. اجلاس ۾ تنظيمي فيصلن کان سواءِ هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

* ماتلي تعلقہ هاري ڪائونسل جو هيءُ اجلاس حڪومت کان مطالبو ٿو ڪري تہ رفيق حيدر بخش جتوئي صدر سنڌ هاري ڪاميٽيءَ کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي_ هيءُ اجلاس حڪومت جي انهيءَ حڪم جي پڻ مذمت ٿو ڪري جنهن ۾ رفيق جتوئي کي "سي" ڪلاس ڏنو ويو آهي، ۽ مطالبو ٿو ڪري تہ کيس اي ڪلاس ڏنو وڃي.

* ماتلي تعلقہ اندر هارين کي غير قانوني طور تي زبردستي زمينن تان بي دخل ڪيو پيو وڃي_ ۽ ٽيننسي ائڪٽ جي ڪابہ پرواهہ نٿي ڪئي وڃي. هيءُ اجلاس ڊپٽي ڪمشنر کي اپيل ٿو ڪري تہ هڪدم تڪڙو تحرڪ وٺي هارين جي بي دخلين کي بند ڪرايو وڃي.

* هيءُ اجلاس ضلع اختياري وارن جي ڌيان تي آڻيندي مطالبو ٿو ڪري تہ تعلقہ مان بدامنيءَ کي بند ڪرائڻ لاءِ قدم کنيو وڃي.

## ٽنڊو باگو تعلقہ هاري ڪائونسل

ٽنڊو باگو تعلقہ هاري ڪائونسل جو اجلاس 13 فيبروري 1968ع جي ميلي خان شاهہ تي رفيق مير عبدالقادر ٽالپر جي صدارت هيٺ گڏ ٿيو. اجلاس ۾ تعلقہ جي ڪافي ميمبرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ٽي ڪلاڪ مسلسل تعلقہ اندر هاري ڪاميٽي جي شاخن قائم ڪرڻ، هارين جي روزمره جي تڪليفن لاهڻ لاءِ قانوني مدد ڪرڻ ۽ تعلقہ هاري آفيس کولڻ لاءِ بحث ٿيو ۽ ٻيا پڻ ڪيترا فيصلا ڪيا ويا. اجلاس کان پوءِ هارين جو جلسو پڻ ٿيو. جلسي ۾ رفيق الهڏنہ جمالي ۽ ٻين هاري ورڪرن تقريرون ڪيون، صدر جلسہ رفيق مير عبدالقادر ٽالپر آخر ۾ پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ محترم حيدر بخش جتوئي جيڪو ملڪ جي هر هڪ انسان سان محبت رکي ٿو ۽ هنن جي هر تڪليف کي پنهنجي تڪليف سمجهي ٿو. جيڪو ملڪ جو سچو محبِ وطن دوست آهي، اهڙي مجاهد تي غير جوابدارانہ تهمتون لڳائي جيل ۾ بند ڪرڻ، انصاف ۽ قانون جي سخت خلاف آهي. مير صاحب حڪومت جي انهن اهلڪارن جي سخت مذمت ڪئي جن غلط ڪوڙيون رپورٽون حڪومت کي موڪلي رفيق جتوئي کي نشانو بنايو آهي. مير صاحب حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ جيڪڏهن رفيق جتوئي حڪومت جي نظر ۾ ڏوهاري آهي تہ پوءِ کيس عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ هن کي موقع ڏنو وڃي

تہ هو بہ پنهنجي صفائي پيش ڪري. آخر ۾ مير صاحب چيو تہ رفيق جتوئي، سچ جي اُها لاٽ آهي جا هميشه اونداهين جو سينو چيريندي رهندي. جيڪو سنڌ جو آزاد ۽ اٽل ضمير آهي. جو ڪڏهن بہ مات نہ ٿيندو.

جلسہ ۾ هاري حقدار جي نعرن جي گونج ۾ هيٺيون ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

※ هيءَ هارين جو جلسو رفيق حيدر بخش جتوئي صدر سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي گرفتاريءَ تي افسوس جو اظهار ٿو ڪري ۽ حڪومت کان مطالبو ٿو ڪري تہ رفيق جتوئي کي بنا دير جي آزاد ڪيو وڃي.

## ٽنڊوالهيار تعلقہ هاري ڪاميٽي

رفيق حاجي خان ٽيپہ صدر هاري ڪاميٽي ٽنڊوالهيار جي صدارت هيٺ تعلقہ جي هاري ورڪرن جي هڪ ميٽنگ 18 فيبروري 1968ع تي گڏ ٿي_ جنهن ۾ حڪومت کان هيٺيان مطالبا ڪيا ويا:

※ هيءَ ميٽنگ مغربي پاڪستان جي گورنر کان مطالبو ٿي ڪري تہ صدر سنڌ هاري ڪاميٽي رفيق حيدر بخش جتوئي کي بنا شرط شروط جي آزاد ڪيو وڃي.

※ هيءَ ميٽنگ حڪومت کان مطالبو ٿي ڪري تہ هاري رهنما رفيق غلام محمد لغاري کي آزاد ڪيو وڃي.

※ هيءَ ميٽنگ ويٽ ڪانگ جي هاري مجاهدن جي ڪاميابيءَ تي خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿي ۽ سامراجي طاقتن جي پرزور مذمت ٿي ڪري.

## مسو بوزدار هاري شاخ

هاري شاخ مسو بوزدار جي ميٽنگ رفيق محمد حسن ٽيپہ جي صدارت هيٺ گڏ ٿي، جنهن ۾ هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

※ هيءَ ميٽنگ رفيق جتوئي جي گرفتاري جي مذمت ڪندي حڪومت کان مطالبو ٿي ڪري تہ کيس بنا شرط شروط جي آزاد ڪيو وڃي.

※ هيءَ ميٽنگ هاري ليڊر رفيق غلام محمد لغاري جي اوچتو گرفتاري تي افسوس جو اظهار ٿي ڪري ۽ مطالبو ٿي ڪري تہ کيس هڪدم آزاد ڪيو وڃي.

* هيءَ ميٽنگ اختياري وارن جو ڏيان ٽيننسي ائڪٽ جي داخل ٿيل ڪيسن ڏانهن ڇڪائيندي مطالبو ٿي ڪري تہ هارين جي حقن ۽ انصاف لاءِ ٽريبونل ۾ هارين جا نمائندا مقرر ڪرڻ جو حڪم ڪيو وڃي.

## نوابشاه ضلع هاري ڪاميٽي

رفيق بهادر خان ڪلوئي صدر هاري ڪاميٽي ضلع نواب شاه جي صدارت هيٺ ضلع جي هاري ورڪرن جو ميڙ گڏ ٿيو. اجلاس ۾ ميمبرشپ جي مهم کي زور وٺائڻ ۽ ٻيا ڪيترا اهم تنظيمي فيصلا ڪيا ويا. هڪ ٺهراءُ پاس ڪري حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو تہ صدر سنڌ هاري ڪاميٽي رفيق جتوئي کي آزاد ڪيو وڃي، يا مٿس ڪلي عدالت ۾ مقدمہ هلائي ڏوه ثابت ڪيا وڃن. ٺهراءَ ۾ رفيق جتوئي کي سي ڪلاس ۾ رکڻ جي پڻ مذمت ڪئي ويئي.

## شهدادپُور تعلقہ هاري ڪاميٽي

21 فيبروري تي شهدادپور تعلقہ هاري ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ رفيق رئيس بروهي جي صدارت هيٺ گڏ ٿي، جنهن ۾ هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا:

* هيءَ ميٽنگ مغربي پاڪستان حڪومت کان زوردار مطالبو ٿي ڪري تہ رفيق حيدر بخش جتوئي صدر سنڌ هاري ڪاميٽيءَ کي فوراً آزاد ڪيو وڃي.

* هيءَ ميٽنگ حڪومت کان مطالبو ٿي ڪري تہ مکي ڍنڍ جي هارين کي زمينن تان بي دخل نہ ڪيو وڃي ۽ زمينون اُتي جي قديم مقامي هارين کي هارپ شرط تي ڏنيون وڃن.

* هيءَ ميٽنگ حڪومت کان مطالبو ٿي ڪري تہ هاري ليڊر رفيق غلام محمد لغاري کي بنا شرط شروط جي آزاد ڪيو وڃي.

## پنو عاقل هاري ڪاميٽي

پنو عاقل هاري ڪاميٽيءَ جي ورڪرن جي هڪ ميٽنگ زير صدارت رفيق عبدالقادر انڍڙ جي 15 فيبروري جي منعقد ٿي. ميٽنگ ۾ ڪيترا تنظيمي فيصلا ڪيا ويا ۽ هيٺيان ٺهراءَ پاس ٿيا:

* هي هاري ورڪرن جو اجلاس رفيق جتوئي جي گرفتاري جي مذمت ٿو ڪري ۽ حڪومت جي انهيءَ قدم خلاف احتجاج بلند ٿو ڪري جنهن ۾ ڪيس "سي" ڪلاس ڏنو ويو آهي. ۽ مطالبو ٿو ڪري ته رفيق جتوئي کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي.

* هي اجلاس حڪومت کان مطالبو ٿو ڪري ته گڏو براج جي زمين مقامي هارين کي هارپ شرطن تي ڏني وڃي.

* هي اجلاس سکر ضلع جي ٻين سيني هاري ورڪرن کي اپيل ٿو ڪري ته ضلع اندر هاري تحريڪ جي تنظيم کي مضبوط ڪرڻ لاءِ جدوجهد کي تيز ڪري ڏين.

## دادو ضلع هاري ڪاميٽي

11 فيبروري 1968ع رات جو دادو ضلع هاري ڪاميٽي جي صدر رفيق علي احمد خان قريشي جي صدارت هيٺ هاري ورڪرن جو اجلاس گڏ ٿيو. اجلاس ۾ صدر محترم رفيق جتوئي جي گرفتاري بابت روشني وڌي ۽ ٻڌايو ته رفيق جتوئي سنڌ جي زبان آهي، جنهن کي هن نموني جيل ۾ "سي" ڪلاس ۾ رکي حڪومت چڱو ڪارنامو نه ڏيکاريو آهي. رفيق جتوئي جي گرفتاري سنڌ جي هر هڪ محبِ وطن شهري کي صدمه پهچايو آهي. ۽ ٻين جماعتي فيصلن کان سواءِ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته:

رفيق جتوئي سنڌ جو محبوب رهنما ۽ سنڌ جي عوام جي زبان آهي، جنهن کي بنا تهمتن جي جيل ۾ "سي" ڪلاس ڏيڻ واري حڪومت جي قدم خلاف هيءُ اجلاس احتجاج بلند ٿو ڪري ۽ مطالبو ٿو ڪري ته رفيق جتوئي کي فوراً آزاد ڪيو وڃي.

# گشتي مراسلو

## هارين_ زميندارن ۽ عملدارن کي گذارش

فصل لهڻ وقت هاري آفيس حيدرآباد ۾ هارين وٽان عام جام اِهي شڪايتون اچي رهيون آهن (هن وقت بہ) تہ هارين سان ونڊيءَ ۾ بي انصافيون جاري آهن ۽ سنڌ ٽيننسي (هارپ) ائڪٽ 1950ع ۾ بيان قانونن جو ڪوبہ خيال نٿو ڪيو وڃي، هن وقت چيٽ (ربيع) جو فصل لهڻ وارو آهي، اهڙيءَ حالت ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پنهنجو فرض سمجهي_ هن گشتي مراسلي ذريعي، زميندار دوستن کي گذارش ٿي ڪري تہ قانون جو احترام ڪن ۽ مروت کان ڪم وٺن، عملدار دوستن کي بہ عرض ٿي ڪري تہ هارين کي قانوني بچاءَ ڏين، ۽ پنهنجي هاري ڀائرن کي پڻ عرض ٿي ڪري تہ پنهنجي ڪاڏي لاءِ ضروري اناج نيڪال نہ ڪن، نہ تہ تمام ڏکيا ڏينهن ڏسندا، ۽ پنهنجي حقن لاءِ عملدارن وٽ قانون جوئي ڪن، ۽ هاري ورڪرن سان ملن ۽ هنن کان قانوني مدد حاصل ڪن_ جن سيني کي اهڙيون هدايتون ڏنل آهن، سنڌ هاري ڪاميٽي، پنهنجي هن مراسلي ۾ في الحال ڪجهہ ضروري، سنڌ ٽيننسي (هارپ) ائڪٽ جا قانون، پيش ٿي ڪري، انهيءَ اُميد سان تہ اسان جا هاري ڀائر، زميندار دوست، ۽ عملدار صاحب، هِن مان فائدو وٺن، جيئن ڪنهن سان بہ ڪا بي انصافي نہ ٿي سگهي:_

قلم 17: ڪنهن قبوليت، دستور يا رواج هوندي بہ، ۽ جاگيري زمين جي حالت ۾ ڪنهن سَنَد ۾ پيل، ڪنهن بہ ٺهراءُ هوندي بہ، ڪنهن بہ جاگيري يا رعيتي زمين جو هاري، ونڊ وقت اُن گڏيل ڍِڳ (پيدائش) مان، ڏڙوائي، لاباري ۽ چونڊي جو دستوري خرچ ڪاٽي، باقي پيدائش مان هيٺين حصي وٺڻ جو حقدار ٿيندو يعني تہ:

(الف) واهه مان ريج ڏنل (موڪي، بوسي،دوباري) زمين تي، ۽ ٻوڙ رستي پاڻي ورتل (سيلابي) زمين تي، برسات جي پاڻيءَ تي آباد ٿيندڙ (باراني) زمين تي، اڌ حصو.

(ب) چرخي (نار) رستي پيچ ورتل زمين تي، جتي نار وغيره جو سمورو خرچ ۽ سنڀال هاريءَ تي آهي، اُتي 2/3 حصو.

(ج) چرخي مدد موڪي وارين زمينن تي جتي نار وغيره جو سمورو خرچ ۽ سنڀال هاريءَ تي آهي اُتي، 3/5 حصو. پر شرط هيءَ آهي، تہ ائڪٽ جي عمل اچڻ وقت، جيڪڏهن ڪنهن هاري کي پئداڻش مان وڌيڪ حصو ملندڙ هجي، تہ هن قدم جي نهرائن جي باوجود بہ کيس اُهو حصو ملندو رهندو.

قلم 18: ڪنهن قبوليت، دستور، رواج هوندي بہ هاريءَ کي سندس زمين تي جيڪو ڪک ڪانو ڪڙبي، بهہ، پلال يا سائو گاهہ پيدا ٿيندو تنهن مان کيس 1/3 حصو ملندو يعني بہ حصا هاري هڪ حصو زميندار کڻندو.

قلم 21: ڪنهن بہ قبوليت، دستور، رواج هوندي بہ زميندار لاءِ اِهو جائز نہ ٿيندو تہ هو پنهنجي هارين مان ڪنهن بہ هاريءَ کان ابواب وصول ڪري:

قلم 22: (1) ڪنهن بہ قبوليت، دستور يا رواج هوندي بہ، زميندار لاءِ جائز نہ ٿيندو تہ هو پنهنجي هارين مان، ڪنهن کان بہ مفت پورهيو ڪنهن بہ صورت ۾ يا نموني ۾، جو عام طرح، "چيڙ" ڪوٺڻ ۾ ايندو آهي، وٺي.

(2) زميندار کي گهرجي تہ کيس هاريءَ وٽان مليل پورهئي لاءِ، جنهن کي عام طرح "بيگر" ڪوٺيندا آهن، تنهن لاءِ هاريءَ کي هر روز ڪم جي پوري ٿيڻ تي، ساڳئي ڏينهن اُن وقت جي پسگردائيءَ ۾ هلندڙ اگهن موجب مزدوري ڏي، پر شرط هيءَ آهي تہ گپ چيڙ، يعني پوک جي موسم جي دوران ۾ ڪنهن واٽر ڪورس جي کاٽيءَ جي حالت ۾، زميندار کي پنهنجي خرچ تي هارين کي کاڌو کارائڻو آهي، ۽ اُن ڪم لاءِ کيس ڪوبہ نقد عيوضو نہ وٺڻو آهي، ٻين سڀني حالتن ۾ زميندار کي، سندس ڪم تي رکيل هاريءَ کي کاڌي کارائڻ تي ڪيل خرچ ڪاٽڻ بعد مجرائي ڪرڻي پوندي:

قلم 23: هارپ بنسبت هاريءَ جا هيٺيان فرض ٿيندا، يعني تہ:

(الف) فصل کي پنهنجي هٿان چڱي ۽ اثرائتي نموني ۾ پوکڻ لاءِ گهربيل جانورن جو پورهيو هٿ جو پورهيو ۽ هارپ جا سڀ اوزار ميسر ڪرڻ لاءِ هاري جوابدار رهندو.

(ب) سندس هٿان پوکيل سيني فصلن جي چڱي طرح گڏ ڪرڻ لاءِ ۽ اُن جي خرچ لاءِ هو جوابدار رهندو.

(ج) ڪيس مليل زمين ۾ پيچ جي ضروري بندن ۽ واٽر ڪورسن جي نهرائڻ ۽ اُنهن جي پوري سنڀال لاءِ ۽ انهن جي نهرائڻ ۽ سنڀال جي خرچ لاءِ هو جوابدار رهندو.

(د) جيڪڏهين ڪيس ڪنهن قبضيداري مليل هجي تہ هو ٻئي ڪنهن زميندار وٽ آبادي نہ ڪندو.

(ه) پوک لاءِ گهربل ٻج لاءِ هو جوابدار رهندو ۽ جيڪڏهن ڪو زميندار پنهنجي هاريءَ کي ٻج ڏيندو تڏهين ڪيس هاريءَ کان فقط ايترو انداز ٻج وصول ڪرڻ جو حق رهندو جيترو هن درحقيقت ڏنو هجي، پر جيڪڏهن ڪنهن سروي نمبر ۾ زميندار کي ڍل ۾ معافي ملي هجي، تڏهين هاريءَ هٿان موٽائي ڏيڻ جوڳو ٻج جو انداز ايترو ٿيندو جو انهيءَ سروي نمبر ۾ زميندار کي ڍل ۾ مليل معافي سان مناسبت ۾ هجي.

قلم 24: زميندار جا فرض هيٺيان ٿيندا, يعني تہ:

(الف) واهن جي ماٿرن مان جيڪي مکيہ واٽر ڪورس زمين ڏانهن اچن، تن جي پوري سنڀال ۽ ان جي خرچ لاءِ هو جوابدار رهندو پر شرط هيءَ آهي تہ ربيع جي موسم ۾ انهن واٽر ڪورسن مان لٽ ڪڍڻ لاءِ هاري پنهنجي پورهئي ڏيڻ لاءِ ٻڌل رهندو ۽ انهيءَ جي عيوض زميندار پنهنجي خرچ تي هن کي ڪاڏو ڪارائيندو.

(ب) سندس هاريءَ کي جيڪا زمين مليل آهي، تنهن جي ربيع لاءِ هو موجوده پاڻيءَ مان پوري حصي جي رَسَد وٺي ڏيڻ جي خاطري ڏيڻ لاءِ هو جوابدار رهندو.

(ج) قلم 22 جي فقره (ه) جي پابنديءَ سان جيڪڏهن هاري گهر ڪري تہ هو اُن کي پوک لاءِ ٻج اُڌارو ڏيڻ واسطي جوابدار رهندو:

قلم 25: (1) هاريءَ جي پيدائش مان اهڙو حصو جو ايندڙ فصل جي لاباري تائين زمين جي پوک ۽ هاريءَ ۽ سندس ڪٽنب جي گذران کان

ضروري هجي، سو ڪاڻڻ کان پوءِ سندس پيدائش مان باقي بچت زميندار جي قرض ۾ لاهي سگهي ٿو.

سمجهاڻي: هاريءَ جي پيدائش جو نقد ملهه انهيءَ هنڌ لاءِ سرڪار جي هتان مقرر ڪيل ڪنٽرول جي بدي اگهه موجب ٺهرائڻ گهرجي، پر جيڪڏهن اهڙو سرڪاري اگهه مقرر ٿيل نه هوندو ته اُن حالت ۾ اُن جو ملهه مڪاني بزار جي اُن وقت جي بدي اگهه موجب ٺهرائڻ گهرجي.

(2) پيٽي قلم (1) ۾ ذڪر ڪيل وصولين ڪرڻ کان پوءِ قرض جي بقايا، جيڪڏهن ڪا هجي ته، اُن کي چالو قرض ڪري سمجهڻ گهرجي، جو بين فصلن ۾ هاريءَ جي حصي مان وصول ٿيڻ جوڳو ٿيندو.

(3) جيڪڏهن هاري پنهنجي زميندار جو قرضدار آهي، ته اُن حالت ۾ هن جو فرض ٿيندو ته هو پنهنجي ڦٽين جو حصو زميندار جي ڪري ۾ رکي. اُهي ڦٽيون جيستائين ورهاڱي هيٺ نه آيون آهن، يا خريدار انجي ڊليوري نه ورتي آهي تيستائين زميندار ۽ هاري جي گڏيل قبضي ۾ رهنديون.

(4) جيڪڏهن ڪو هاري پنهنجي زميندار جو قرضدار آهي ته سندس هارپ جي ختم ٿيڻ تي پنهنجي لڏي وڃڻ کان اڳ پنهنجو قرض ادا ڪرڻ لاءِ بدل رهندو.

# الاهي بخش قريشي

## قائم مقام صدر سنڌ هاري ڪاميٽي

هيءَ ماهوار رپورٽ پايونيئر پريس رسالا روڊ، حيدرآباد ۾ ڇپي آفيس سيڪريٽري سنڌ هاري ڪاميٽي، هاري آفيس حيدرآباد مان ڇپائي شايع ڪئي.

## زبان بندي ۽ گرفتاري

حيدرآباد جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ويسٽ پاڪستان مينٽنس آف پبلڪ آرڊر آرڊيننس 1960 هيٺ 2 فيبروري 1968ع کان ٽيهن ڏينهن تائين رفيق غلام حسين سومرو جنرل سيڪريٽري سنڌ هاري ڪاميٽي جي زبان بنديءَ جو حڪم ڪيو آهي.

مقامي پوليس اُهو آرڊر 8 فيبروري 1960ع سادي ٻارهن بجي منجهند جو هاري آفيس ۾ رفيق سومري تي تعميل ڪيو:

❋

هاري ليڊر محترم نذر حسين حيدري ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد تي 6 فيبروري 1968ع رات جو 11 بجي حيدرآباد ۾ پوليس ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ حيدرآباد جو حڪم تعميل ڪيو جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ويسٽ پاڪستان مينٽينس آف پبلڪ آرڊر آرڊيننس 1960 هيٺ 6 فيبروري 1968ع کان ٽيهن ڏينهن لاءِ محترم حيدري صاحب جي زبان بندي وغيره جو حڪم ڪيو آهي:

❋

ٿرپارڪر ضلع هاري ڪاميٽيءَ جي صدر هاري آفيس حيدرآباد کي اطلاع ڏنو آهي تہ ميرپورخاص جي مقامي پوليس 15 فيبروري 1968ع جي

رات جو هاري رهنما رفيق غلام محمد کي گرفتار ڪيو. اطلاع ۾ وڏيڪ جاڻايل آهي تہ رفيق لغاري جي گرفتاري ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ٿرپارڪر جي حڪم سان ڪئي ويئي آهي. ڪيس هڪ مهيني لاءِ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ نظربند رکيو ويو آهي.



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ڪامريڊ چُو اين لائي سان
المنظر ڄامشورو ۾ يادگار ملاقات.



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، شيخ مجيب الرحمن ۽ ٻين سان گڏ



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو
حيدر منزل حيدرآباد ۾ ملاقات ڪندي، سال 1961



مصطفيٰ حيدر جتوئي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد نواب اڪبر بگٽي،
محمود خان اڇڪزي سان تعزيت ڪندي نظر اچي رهيا آهن.



شهيد نواب اڪبر بگٽي، ساڄي پاسي کان شهيد ڪامريڊ مظهر جتوئي،
ڊاڪٽر حاتم جتوئي، دادن خان جتوئي ۽ مرتضيٰ حيدر جتوئي




باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 28 هين ورسي جي موقعي
تي ويٺل عزيز الله ٻوهيو. ڊاڪٽر قادر مگسي. رسول بخش پليجو.
شهيد ڪامريڊ مظهر جتوئي ۽ قمر ڀٽي ويٺل آهن.



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي گرفتاري جو وارنٽ پڙهندي 1960ع



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، محمد ابراهيم جويو ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي
۽ ٻيا حيدر منزل حيدر چوڪ ۾ 1969



محمود خان اچڪزئي، ڪامريڊ اظهر جتوئي، امداد محمد شاهہ ۽
اڪرم شاهہ سان پونم اتحاد جي گڏجاڻي ڪانپوءِ



ڪامريڊ اظهر جتوئي ۽ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي پاڻ ۾ ڳالهائيندي



ڪامريڊ اظهر جتوئي ۽ معراج محمد خان باباءِ سنڌ هائوس حيدرآباد ۾ 2012



باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئي جي ڪتاب جي مهورت
ڪندي ڪامريڊ ڄام ساقي، ڪامريڊ اظهر جتوئي،
محمد ابراهيم جويو جي.اين مغل ۽ خليل قاضي



سنڌي ادب جو ڏاهو مولانا غلام محمد گرامي سنڌ هاري ڪاميٽي جي
گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي جڏهن ته باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽
ٻيا موجود نظر اچي رهيا آهن.



باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي مقبري تي ڪامريڊ اظهر جتوئي،
محمد ابراهيم جويو، ثمر جتوئي ۽ محسن جويو گلن جي چادر چاڙهيندي



ڪامريڊ غلام محمد لغاري سنڌ هاري ڪاميٽي جي گڏجاڻي ۾ ڳالهائيندي
جڏهن تہ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ٻيا موجود نظر اچي رهيا آهن




پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ٽرين مارچ
باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيَ ٽرين مارچ کي خطاب ڪندي.

هاري انقلاب
باباءِ سنڌ
ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

# حيدر بخش جتوئي
# ري ڀيا...!
# حيدر بخش جتوئي



انقلابي اڳواڻ سنڌ هاري ڪاميٽي
**حبيب جالب**

حیدر بخش جتوئی رے بھیا حیدر بخش جتوئی
ہاری کا غم کھانے والا اور نہ دُوجا کوئی حیدر بخش جتوئی
ہم لاکھوں کی پُونجی لُوٹے جاگیر وار اکیلا
اچھا پہنے، کار میں گھومے، ٹھاٹھ کرے البیلا
ہم تو روئیں بھوک کے مارے اور اس کے گھر میلا
آپ تو اوڑھے شال دوشالہ ہمیں ملے نہ لوئی
حیدر بخش جتوئی رے بھیا حیدر بخش جتوئی

(حبیب جالب)

مرتب
**ڪامريڊ اظهر علي جتوئي**
صدر
سنڌ هاري ڪاميٽي



# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي سيکاري تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چـوءِ چـالاءِ ۽ ڪـيـنـئـن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)